
# فهمِ دين



مرتب

سڪندر علي چنا

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

Collection of Prof. Muhammad Iqbal Mujaddidi
Preserved in Punjab University Library.

پروفیسر محمد اقبال مجددی کا مجموعہ
پنجاب یونیورسٹی لائبریری میں محفوظ شدہ

Marfat.com

# فهمِ دين

مرتب

**سڪندر علي چنا**

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

Marfat.com

Marfat.com

# فهمِ دين

مرتب

سڪندر علي چنا

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

Marfat.com

137009

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ آهن


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | فهمِ دين |
| مرتب: | سڪندر علي چنا |
| ڇاپو پهريون: | 2011ع |
| ٽائيٽل: | فضل الرحمٰن ميمڻ |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | امتياز علي انصاري |
| ڇاپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي |
| مُلهه: | -/300 روپيا |


ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

پي او باڪس 40, لاڙڪاڻو

فون: 4080091_074, فيڪس: 4080460

اي ميل: larkanians@yahoo.com

Marfat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پبلشر پاران | | 5 |
| مرتب پاران | | 6 |
| تلاش حق | سڪندر علي چنا | 8 |
| حقوق قرآن | حافظ عبدالوهاب مگريو | 19 |
| قرآن بابت ڄاڻ | ڪيڊٽ محمد ابراهيم انصاري | 28 |
| انسان جي حيثيت قرآن جي نظر ۾ | حافظ عبدالوهاب مگريو | 38 |
| قرآن پاڪ جا سنڌي منظوم ترجما | سڪندر علي چنا | 48 |
| قرآن ڪريم جا ٽي نفسياتي اصطلاح | سڪندر علي چنا | 59 |
| تزڪيہ نفس: قرآن ۽ احاديث جي روشنيءَ ۾ | حافظ عبدالوهاب مگريو | 66 |
| جنّ: قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ | سڪندر علي چنا | 81 |
| آخرت، قرآن ۽ سائنس جي نظر ۾ | ڪيڊٽ جان شير سهرياڻي | 95 |
| حضرت عبدالله (والد محمد ﷺ) | سڪندر علي چنا | 99 |
| سيد الشهداءِ امير حمزه ؓ | مصباح الدين شڪيل، بشير احمد لنجواڻي | 105 |
| حضرت عمر فاروق ؓ، حياتي ۽ ڪارناما | محمد وسيم اختر مفتي عمرالدين پيلار | 117 |
| عمر بن خطاب ؓ (خليفہ ثاني فاروق اعظم) | ڪيڊٽ سلطان بليدي | 138 |
| آڳرين جا نشان قرآن ۽ سائنس جي نظر ۾ | ڪيڊٽ عبدالحفيظ سومرو | 141 |
| امير المؤمنين حضرت علي المرتضيٰ ؓ | ڪيڊٽ منصور علي سومرو | 143 |
| عربن جي دور جا ڪجھ سنڌي عالم | ڪيڊٽ نور مصطفيٰ کهڙو | 146 |
| حجة الله البالغہ تي هڪ نظر | سڪندر علي چنا | 150 |
| شاھ ولي الله ؒ جا معاشي نظريا | فرمان علي ملاح | 156 |
| تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا | سڪندر علي چنا | 163 |
| عبادت جي تقاضا | حافظ عبدالوهاب مگريو | 177 |
| اسلام ۾ عورت جي حيثيت | حافظ عبدالوهاب مگريو | 182 |
| اسلام ۾ وقت جي اهميت | حافظ عبدالوهاب مگريو | 190 |
| عيد الفطر ڪيئن ملهائجي؟ | حافظ عبدالوهاب مگريو | 193 |
| عيدالاضحيٰ ۽ قرباني | حافظ عبدالوهاب مگريو | 198 |
| ڪلمي پاڪ جو مفهوم | ڪيڊٽ ديدار علي ابڙو | 206 |
| رمضان، اسان جو دوست | ڪيڊٽ سعيد احمد کهڙو | 209 |


Marfat.com

| | | |
|---|---|---|
| خوابن جي حقيقت ۽ نظريءِ تعبير | ڪيڊٽ زوهيب علي گوپانگ | 212 |
| تصوف رومي، لطيفءِ اقبال جي نظر ۾ | ڪيڊٽ فدا جتوئي | 216 |
| تبليغي جماعت | سڪندر علي چنا | 223 |
| عيسائيت جي علمبردارن جي علم دشمني تاريخ جي آئيني ۾ | عبدالرزاق مليح آبادي/ اياز لاڪير | 236 |
| مسلمانن جي زوال جا اسباب | ڪيڊٽ الطاف حسين | 245 |
| اسلامي رياست جي نوعيت | عشرت علي ميراڻي | 249 |
| اسلام ڏارين جي نظر ۾ | ڪيڊٽ مهراڻ خان شيخ | 254 |
| منافقت | ڪيڊٽ ياسين سانگي | 256 |
| اصلاحِ اعمال | ڪيڊٽ غلام عباس جوڻيجو | 262 |
| علم جي روشني | ڪيڊٽ سنجي ڪمار | 264 |
| اخلاق حسنہ | ڪيڊٽ محراب علي مهر | 266 |
| مذهبي انتها پسنديءَ جا هاڃيڪار اثر | ڪيڊٽ امداد علي سومرو | 268 |
| عزمِ صميم | آيت الله استاد جعفر سبحاني / نذير احمد لنجواڻي | 270 |

Marfat.com

# پبلشر پاران

اسلام ڪائنات جو دين آهي، اسلام جي لفظي معنيٰ ئي ڪامل اطاعت آهي. الله جي ڪامل اطاعت ئي ڪائنات جو دين آهي ۽ الله جي ڪامل اطاعت ئي انسان جو دين آهي. پر انسان ۽ ڪائنات ۾ هڪ واضح فرق آهي. ڪائنات الله جي پيدا ڪيل قانونِ فطرت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل ۽ مجبور آهي. ڪائنات جي اطاعت مجبوريءَ واري اطاعت آهي. جڏهن ته انسان خودمختيار آهي. انسان کي اِها اطاعت اختياري طور تي ڪرڻي آهي، جنهن کي ڪائنات قانونِ فطرت طور ڪري رهي آهي.

انسان کي اختياري اطاعت سيکارڻ لاءِ آدم عليہ السّلام کان وٺي آخري نبي محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم تائين نبي ۽ رسول موڪليا ويا. جن انسان کي الله جي اطاعت جو درس ڏنو. ان درس جو آخري ۽ مستند ايڊيشن دينِ اسلام آهي.

هن ڪتاب ۾ استادن ۽ شاگردن جا اُهي مضمون سهيڙي ڏنا ويا آهن. جيڪي ڪاليج جي ساليانى مخزن "انڊس" ۾ شايع ٿي چڪا آهن. سواءِ سيرت جي مضمونن جي جيڪي اڳ ئي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

هن ڪتاب ۾ شامل مضمون دينِ اسلام جي مختلف ۽ متنوع پهلوئن کي اجاگر ڪن ٿا. جن ۾ علمي ۽ عملي يا نظرياتي ۽ اعتقادي پهلو ۽ روزمره زندگيءَ جا عملي طريقا اچي وڃن ٿا.

هن کان اڳ ساڳي سلسلي جا ٻہ ڪتاب (1) دين و دانش اڙدوءَ ۾ ۽ Islam in Focus انگريزيءَ ۾ اچي چڪا آهن ۽ هي ان سلسلي جو ٽيون ڪتاب آهي. جيڪو محترم سڪندر علي چنا ايسوسي ايٽ پروفيسر اسلاميات ترتيب ڏنو آهي، جنهن لاءِ هو جس لهڻي. اميد تہ هي ڪتاب مفيد ۽ ڪارائتو ثابت ٿيندو

پرنسپل

**محمد يوسف شيخ**

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

۲۰ جولائي ۲۰۱۱ع

Marfat.com

# مرتب پاران

ڪو دور هو جو مسلمان تقريباً پوري دنيا تي حڪومت ڪري رهيا هئا. اِها حڪومت نہ صرف سياست جي ميدان ۾ هئي پر سائنس ۽ صنعت و حرفت ۾ بہ سندن ستارو عروج تي هو. مشرق ۽ مغرب جي ليکڪن جا ڪتاب گواهہ آهن تہ يورپ ۾ سائنسي ترقي مسلمان سائنسدانن جي ڪتابن ذريعي ئي ٿي. انگريزيءَ وانگر ايران کان وٺي اسپين تائين عربي علمي زبان هئي. دنيا جي هر موضوع تي مسلمانن شاندار ڪتاب لکيا. طب جي ميدان ۾ تہ هو يورپ جا 19هين صدي عيسويءَ جي شروعات تائين امام رهيا. يوناني مفڪرن ۽ ڏاهن جو علم ۽ فڪر، يورپ وٽ واپس عربيءَ ذريعي ئي پهتو. ان سلسلي ۾ رڳو پروفيسر فلپ ڪي هِتيءَ جو ڪتاب History of th Arabs پڙهڻ ئي ڪافي ٿيندو. طب، جاگرافي، تاريخ، جهاز راني، حڪمت، فلسفو ۽ سياست وغيره تي مسلمانن جيڪو ڪم ڪيو اهو يورپ جي ترقيءَ لاءِ سونهون ثابت ٿيو. مسلمانن دنيا مان مذهبي ڏاڍ ۽ جبر کي ختم ڪري انسانن کي مذهبي ۽ فڪري آزادي عطا ڪئي.

پر افسوس جو مختلف سببن ڪري مسلمان زوال پذير ٿي ويا ۽ باوجود ان جي جو اڄ بہ دنيا ۾ دولت جي لحاظ کان مسلمان سيني کان وڌيڪ شاهوڪار آهن پر علمي، فڪري، سائنسي، صنعتي ۽ حرفت جي ميدان ۾ سندن ڪائي حيثيت ڪونهي.

اڄ دنيا ۾ چين ۽ جاپان جهڙا تباهہ ۽ برباد ٿيل ملڪ جيڪي ٻي جنگ عظيم جي تباهيءَ جي رک مان اڀريا، اڄ دنيا جا اقتصادي ۽ صنعتي سپرپاور آهن. آمريڪا، سوويت يونين جي تباهي کان پوءِ دنيا جو اڪيلي سر عسڪري ۽ فوجي ميدان ۾ سپر پاور بڻيل آهي. مسلمان ملڪ تہ اڃا تائين صنعتي دور ۾ بہ داخل ڪونہ ٿيا آهن ۽ هر ميدان ۾ باوجود دولتمند هجڻ جي غيرمسلم ملڪن جا غلام بڻيل آهن.

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا ڪجي؟ بيشڪ ماضيءَ ۾ مسلمان دنيا تي ڇانيل هئا پر اڄ تہ هو پوري دنيا کان پوئتي پيل آهن. اهڙين حالتن ۾ صرف

Marfat.com

هڪڙو ئي رستو وڃي بچيو آهي تہ مسلمان جنهن نعمت جا مالڪ آهن، ان نعمت جو پاڻ بہ قدر ڪن ۽ ان ۾ دنيا کي بہ شريڪ ڪن. اها نعمت آهي دينِ اسلام جي اشاعت ۽ اطاعت اڄ دنيا فڪري مونجهارن ۾ ڦاٿل آهي ۽ ان کي ڪيڍڻ جو رستو صرف ۽ صرف اسلام وٽ آهي. مسلمان ٻين علمن ۾ ٻين قومن کان پوئتي پيل آهن پر عقيدي (اسلام) جي معاملي ۾ ٻين کان وڌيڪ خوشقسمت آهن جو انهن وٽ قرآن ۽ اسلامي تعليم، بنا ڪنهن ملاوٽ ۽ تحريف جي پنهنجي اصل صورت ۾ موجود آهن. جيڪي هو دنيا کي پيش ڪري سگهن ٿا.

پر ان سلسلي ۾ پهريون شرط اهو آهي تہ هو پاڻ دين بہ جو فهم حاصل ڪري ان تي عمل پيرا ٿين ۽ پوءِ ان کي ٻين تائين پهچائي دنيا کي ذهني پريشانين ۽ روحاني اضطراب کان نجات ڏيارين.

ان فڪر تحت هي ڪتابي سلسلو شروع ڪيو ويو آهي ۽ اڙدو انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ انڊس ۾ شايع ٿيل مضمون الڳ الڳ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا آهن.

آءٌ ڪاليج جي پرنسپل محترم پروفيسر محمد يوسف شيخ صاحب جو نهايت ئي شڪر گذار آهيان، جنهن ان سلسلي جي اسڪيم ڏني ۽ ڪاليج طرفان شايع ڪرائڻ ۾ مدد ڪئي.

**سڪندر علي چنا**

ايسوسي ايٽ پروفيسر اسلاميات

٢٠ جولائي ٢٠١١ ع

Marfat.com

# تلاشِ حق

سڪندر جي چنا/ ليڪچرار اسلاميات

جرمن فلسفي هيگل جو چوڻ آهي تہ "تاريخ جون واڳون نظرين جي هٿن ۾ هونديون آهن." جنهن جي تفسير مارڪس جي هن قول مان ملي ٿي تہ "نظريا ئي هن مادي دنيا جا خالق آهن." نظريا يا عقيدا نہ صرف نگاهہ ۾ تبديلي پيدا ڪندا آهن بلڪ زندگيءَ ۾ هڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏيندا آهن. نظريا/ عقيدا هڪ عظيم قوت آهن. نظرياتي طاقتن جا ڪئين مثال اسان کي هن مادي دنيا ۾ پڪڙيل ملندا. جهڙوڪ: ظلم ۽ استبداد تي مُبني هزار سالہ روسي زار شاهيءَ جو خاتمو ڪندڙ اشتراڪيت جو نظريو جيڪو سراسر ماديت تي مبني هو يا وري ايران جي بدترين بادشاهي نظام جو انت آڻيندڙ اسلامي انقلاب. الغرض اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ نظريا يا عقيدا هڪ عظيم طاقت آهن. انهن آڏو دنيا جي ڪا بہ طاقت ديوار نٿي بڻجي سگهي.

هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ دنيا ۾ جيڪي هزارين نظريا/ عقيدا موجود آهن، انهن منجهان صحيح ڪهڙو آهي؟ ان لاءِ ظاهر آهي ڪو بہ هڪ رايو نٿو ڏئي سگهي. جيترا ذهن اوتريون سوچون پر تنهن هوندي بہ اجتماعي طور تي هر مڪتبہء فڪر جا دانشور هن ڳالهہ تي متفق آهن تہ نظريو/عقيدو پرڪشش، ابدي، لچڪدار، پرامن ۽ زندگيءَ لاءِ فلاح ۽ بهبود جو ضامن هجي. جيڪڏهن نيڪ نيتيءَ سان ڏسبو تہ اهي تمام مٿا ۽ اصول اسلامي نظريہء حيات ۾ موجود آهن اسلام سچائي ۽ صداقت جو حامي آهي. هن جو نعرو Might is right (طاقت حق آهي) نہ بلڪ Right is might (حق طاقت آهي) آهي. هن کي هر دور ۾ اپنائڻ جي لچڪ موجود آهي، سندس هدايتون عالمي امن لاءِ ڪافي آهن. هن ۾ زندگيءَ جي مڙني شعبن ۽ طريقن کي ڪارائتي، خوبصورتيءَ ۽ امداد باهميءَ جي اصولن مطابق هلائڻ جي صلاحيت موجود آهي.

Marfat.com

اسلام جتي سراسر نيڪي، ڀلائي ۽ سنن عملن ڪرڻ ۽ برن ڪمن کان روڪڻ جي تعليم ڏئي ٿو اتي ان کي مڃيندڙن لاءِ ڪجهه نظريا/ عقيدا بہ تجويز ڪري ٿو تہ جيئن نظرياتي وحدت جي تصور سان هڪ اهڙي ملت پيدا ٿئي جيڪا ذهني ۽ جسماني، علمي ۽ عملي طور تي هڪ هجي. انهن سڀني نظرين/ عقيدن مان بنيادي نظريو/ عقيدو الله جي ذات تي اڻ ڏٺي ايمان آڻڻ آهي. جيئن تہ قرآن ۾ ارشاد رباني آهي تہ:

الٓمٓ ۚ ۝ ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ ۛ فِيْهِ ۛ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ۙ ۝ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ

ترجمو: هي اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ ڪو بہ شڪ ۽ شبهو ڪونهي، هدايت آهي پرهيزگارن لاءِ جيڪي اڻ ڏٺي تي ايمان آڻين ٿا.

جيڪڏهن الله تي ايمان ناهي تہ اسلامي تعليمات جو سڄو نظام درهم برهم ٿيو وڃي. ڇو جو الله جي رسولن، ملائڪن، ڪتابن، حيات بعد الممات ۽ يوم آخرت وغيره تي انهيءَ ڪري ايمان آهي جو اهي سڀ ڳالهيون الله تي ايمان سان واسطو رکن ٿيون. انهن سڀني ڳالهين تي ايمان ان ڪري آهي جو اهي سڀ الله جي طرفان آهن. الغرض اسلام تہ ڇا سڀني الهامي مذهبن يا مصنوعي مذهبن، نظرين، عقيدن جو بنياد ئي ايمان بالله تي قائم ٿيل آهي پوءِ ڀلي ڪٿي ڪنهن بہ مذهب ۾ الله جو تصور ڪهڙو بہ هجي پر هڪ مابعدالطبيعياتي Meta physical (ماورائي هستيءَ) جو وجود ضرور تسليم ڪيل آهي ۽ اهو آهي اسلامي اصطلاح موجب "الله"

لفظ "الله" جي لغوي معني: بذات خود لفظ "الله" سُرياني زبان جي لفظ "الاه" ۽ عربي زبان جي لفظ "الہ" جو مرڪب آهي. عربي زبان ۾ لفظ "الله" جون ڪيئي معنائون آهن مثلا:

1_ اها ذات جيڪا عبادت جي لائق هجي.

2_ اها ذات جيڪا ڪنهن جي محتاج نہ هجي.

3_ اها ذات جيڪا پراسرار طاقتن جي مالڪ هجي.

4_ اها ذات جيڪا انساني ذهن جي فهم و ادراڪ کان مٿي هجي.

ان ڳالهہ تي اعتراض ٿي سگهي ٿو تہ جيڪا ذات انساني فهم ۽ ادراڪ، پروڙ کان مٿي هجي ڇا ان جو وجود تي سگهي ٿو؟ ڇو جو هيءَ هڪ ڪليل حقيقت آهي تہ جنهن شيءِ جي پروڙ انسان پنهنجن طبعي حواسن

Marfat.com

(Physical Senses) ذريعي ڪري سگهي ٿو ان جي موجود هجڻ ۾ ڪيس ڪو به شڪ يا شبهو ڪو نه هوندو آهي پر جيڪا شيءِ فهم و ادراڪ، پروڙ کان مٿي هجي يا حواسن ذريعي محسوس ئي نه ڪري سگهجي ان جو وجود ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ان اعتراض جو جواب هي آهي ته ضروري ناهي ته انساني حواسن ذريعي حاصل ڪيل سيئي مشاهدا حقيقي هجن. مثلا: وارياسي رڻ ۾ سفر ڪندڙ هر اڃايل مسافر کي پري کان واري چوليون هڻندڙ پاڻيءَ جو وهڪرو نظر ايندي آهي پر در حقيقت اُهو پاڻي نه هوندو آهي اها ته صرف رُڃ Mirage هوندي آهي. ان مان ثابت ٿيو ته انسان پنهنجن طبعي حواسن ذريعي ڪنهن به مشاهدي ماڻڻ ۾ غلطي ڪري سگهي ٿو. هن مادي دنيا ۾ به ڪافي شيون اهڙيون آهن جن جي مشاهدي ڪرڻ ۾ غلطي ته ڇا پر انهن جي پروڙ به انسان پنهنجن طبعي حواسن ذريعي نٿو ڪري سگهي.

ڪنهن به شيءِ جو نظر نه اچڻ، انهيءَ شيءِ جي نه هئڻ جو دليل نٿو ٿي سگهي. مثلا اسان کي ڪشش ثقل نظر نٿي اچي، حرارت نظر نٿي اچي، پوءِ اسين انهن حقيقتن جي وجود کي ڪيئن تسليم ٿا ڪريون؟ صرف انهيءَ ڪري جو سائنسي کوجنائن کان پوءِ سائنسدانن اسان کي ٻڌايو آهي؟ جن جي ٿيوري Theory تبدل پذير آهي. ان جي ڀيٽ ۾ اسان کي ان شخص جي زبان تي آخر ڇو يقين نٿو اچي جيڪو سڄي عمر سچ ڳالهائڻ ڪري دوست و دشمن وٽ صادق ۽ امين جي لقب سان سڏبو رهيو؟

ان جو سبب سواءِ ضد، هٺ ڌرمي ۽ جهالت جي ٻيو ڪجهه به ڪونهي. اها انساني فطرت آهي ته جڏهن ان کي شر کان منع ڪبي آهي ته هو بجاءِ ڇيو ميڇڻ جي ضد ڪندو آهي. مطلب ته ضروري ناهي ته ڪنهن شيءِ جو نظر نه اچڻ ان جي عدم وجود جو باعث هجي ڇو ته انسان پنهنجي طبعي حواسن ذريعي سيني موجود شين جو ادراڪ يا پروڙ نٿو ڪري سگهي. هن ڪائنات ۾ ڪئين اهڙيون شيون موجود آهن جيڪي انساني حواسن جي گرفت کان ٻاهر آهن. ڇا ان جي نتيجي ۾ اسان کي اهو حق حاصل ٿي ويو ته جيئن ته اهي شيون جن جو اسين طبعي حواسن ذريعي ادراڪ نٿا ڪري سگهون، اُهي آهن ئي ڪو نه، اسين انهن جو انڪار ٿا ڪريون. اها ته ڇريائپ چئبي. ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه نوان حواس دريافت ٿين جن جي اڄ اسان کي خبر ناهي ۽ انهن نون دريافت ڪيل حواسن ذريعي اسين انهن جو ادراڪ ڪري سگهون. جيڪڏهن غور سان ڏسجي ته اسان کي هڪ دلچسپ حقيقت نظر ايندي ته جن شين جي وجود تي يقين رکون ٿا انهن ۾ ڏٺل شين جي تعداد کان، اڻ ڏٺل

Marfat.com

شين جو تعداد وڏيڪ آهي، مثلا نظريہ ارتقا.

سر آرٿر ڪيٿ جيڪو پاڻ بہ انهيءَ نظريي جو حامي هو ان نظريہ ارتقا کي مشاهداتي يا تجرباتي حقيقتن بجاءِ هڪ منقولاتي نظريو/عقيدو قرار ڏنو آهي. هو چوي ٿو تہ Evolution is a basic dogma of rationalism (نظريہ ارتقا، مذهبِ عقليت جو هڪ بنيادي عقيدو آهي). انهيءَ ڪري سائنٽيفڪ انسائيڪلو پيڊيا ۾ ڊارونزم (Darwinism) کي هڪ اهڙو نظريو/عقيدو ڪوٺيو ويو آهي جنهن جو بنياد Explanation without demonstration يعني تشريح بلا ثبوت تي قائم هجي. پوءِ حيرت آهي تہ هڪ اڻ ڏٺل ۽ ناقابل تجربہ شيءِ کي علمي حقيقت ڇو ٿو سمجهيو وڃي! جڻ سائنسدان هڪ غائب شيءِ جي موجودگيءَ تي، ان جي نتيجن ۽ اثرن جي ڪري يقين رکي ٿو. هر اها حقيقت جنهن تي اسين يقين ڪريون ٿا شروع ۾ هڪ ڏند ڪٿا Hypothesis/myth هوندي آهي پوءِ جيئن جيئن نيون حقيقتون ظاهر ٿي ان ڏند ڪٿا جي تائيد ڪنديون وينديون آهن تيئن تيئن ڏند ڪٿا جي سچائي نمايان ٿيندي ويندي آهي ايتري قدر جو ان تي اسان جو يقين حق اليقين جي درجي تي وڃي پهچندو آهي. جيڪڏهن ظاهر ٿيندڙ حقيقتون هن ڏند ڪٿاجي تائيد نہ ڪن تہ اسين ڏند ڪٿا کي غلط سمجهي ترڪ ڪري ڇڏيون ٿا. اهڙي ئي قسم جي هڪ ٻي ناقابل انڪار حقيقت جو مثال، جنهن تي سائنس ايمان بالغيب رکي ٿي، پرماڻو (Atom) آهي. ائٽم کي اڄ ڏينهن تائين معروف معنيٰ ۾ نہ ڏٺو ويو آهي. پر ان جي باوجود اهو ائٽم جديد سائنس جي هڪ تسليم شده حقيقت آهي. ان جي برعڪس سائنسدان هڪ ڏند ڪٿا کي جيڪو سندن مشاهداتي حقيقتن جي معقول تشريح ڪندو هجي، مشاهداتي حقيقت کان گهٽ علمي حقيقت نٿا سمجهن. هو نٿا چئي سگهن تہ هي مشاهداتي حقيقتون تہ سائنس آهن پر اهو عقيدو/ نظريو جيڪو ان جي تشريح ڪندو هجي اهو سائنس ڪونهي. انهيءَ کي ئي ايمان بالغيب چئجي ٿو.

ايمان بالغيب مشهود حقيقتن کانسواءِ ڪنهن ٻي شيءِ جو نالو ڪونهي. اهو محض انڌو عقيدو (Blind faith) ڪونهي بلڪ اهو ڏٺل حقيقتن جي صحيح تشريح آهي. جهڙيءَ طرح نيوٽن جي نظريہ روشني کي 20 صديءَ عيسويءَ جي سائنسدانن انهيءَ ڪري رد ڪري ڇڏيو جو هو

Marfat.com

پنهون تيس پاٺهين، ويو سسئيءَ جو سينگار،
من عرف نفسه فقد عرف ربه اهو ئي اُچار،
جو وندر ۾ واپار، سو سودو سريس هتهين.

متئين بيت ۾ مشهور صوفيانہ قول جو حوالو ڏنل آهي. قرآن بہ انهيءَ حقيقت پاڻ سڃاڻڻ ڏانهن اشارو ڪري ٿو جنهن کي لاکيڻي لطيف پنهنجي سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو آهي:

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوه پئي،
وفي انفسڪم افلا تبصرون، سوجهي ڪر سهي،
ڪڏهن ڪا نہ وئي، هوت ڳولڻ هٿ تي.

اڄ دنيا تباهيءَ جي ڪناري تي بيٺي آهي. ٽين جنگ عظيم جي خطري جا ڪڪر پيدا ٿي رهيا آهن حاڪم ۽ ظالم قومون پنهنجن خوشنما ۽ پر خطر نظرين سان دنيا تي پنهنجا خوني چنبا ڄمائي، انسانيت جو خون ڪري رهيون آهن. پوري دنيا تي اداسي ۽ بي چيني ڇانئجي وئي آهي. ڇا اها ئي ترقي آهي جو بمن ۽ ميزائيلن سان دنيا تي خوف ۽ هراس پيدا ڪجي؟ ڇا اها ترقي ڪئي آهي اڄ جي انسان، جو انسان مان انسانيت جو احترام ختم ٿي ويو آهي. ڇا اها ترقي ٿي آهي جو تعليمي ادارن مان بجائي علم و دانش جي مڪر و فريب ۽ غنده گردي جنم وٺي رهي آهي. طرحين طرحين جا نشا ۽ اُهي اُهي غليظ ۽ بي حيائيءَ جا ڪم ڪيا وڃن ٿا جن جو ذڪر ڪرڻ بہ غلاظت ۽ بي حيائي چئجي. آخر اهو ڇا جي ڪري؟ محض پنهنجي اندروني اضطراب ۽ روحاني باهہ کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ. جيڪڏهن انهيءَ مان بہ سڪون نہ مليو تہ پوءِ آخري نتيجو خودڪشي. آخر اهو سڀ انساني ڪمزوريءَ ۽ ڪج فهميءَ جو دليل ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ ڇا اهو ان ڳالهہ جو اڻ سڌيءَ طرح اعتراف ڪونهي تہ انسان باوجود مادي سهولتن جي، روحاني ۽ذهني سڪون کان وانجهيل آهي. فرعونِ مصر ڪياپس Cheopus سچي عمر انا ربڪم الاعليٰ (نازعات. 24) "آءٌ توهان جو وڏو رب آهيان" جي غرقابيءَ ۾ غرق رهيو پر جڏهن بحرِ قلزم ۾ ٻڏڻ لڳو تہ پڪارڻ لڳو.

Marfat.com

امنت انه لا اله الا الذی امنت به بنو اسرائیل وانا من المسلمین

ترجمو: مون ايمان آندو بني اسرائيل جي رب تي ۽ آءُ مسلمانن منجهان آهيان."

پر افسوس جو ان وقت كيس اهو منافقانه ايمان كم نه آيو. هن آيت كي جيكڏهن دل جي گهراين سان پڙهجي ۽ غور ٿو ڪجي ته اسان كي انساني فطرت جي كمزوريءَ ۽ الله جي وجود جي ثابتي ڏسڻ ۾ تي اچي. انسان پنهنجي كنهن نه كنهن ظاهري سبب جي، باوجود كائنات جي فطري مشاهدي جي، الله كان منكر تي ويندو آهي. اها انساني فطرت جي سڀ كان وڏي غلطي ۽ اقرار آهي. غلطي ان كري جو هن كي دل جي گهراين ۾ الله نظر اچي ٿو پر دنياوي اسباب جي انڌ ۾ الله كي نظر انداز كيو ڇڏي ۽ اقرار ان كري جو جڏهن كيس كا به تكليف پهچي تي ته پوءِ هو الله كي ئي پكاري ٿو.

انهيءَ فطري غلطيءَ جي كري جيكا گهڻو كري تقليدي هوندي آهي، انهيءَ انڌي پوئواريءَ تي هلي كري كجهه اسان جا دوست چون ٿا ته الله به قديم مذهبي روايتن ۽ ڏند كٿائن وانگر هك ڏند كٿا آهي ۽ انساني ذهن جي پيداوار آهي، احساس كمتريءَ جو ثبوت آهي، جيكو كمزور انسانن پنهنجين دلين كي ڏڍ ڏيڻ لاءِ پئدا كيو آهي جنهن جو حقيقت سان كو به واسطو كونهي.

جيكڏهن انهن مغرب زده دوستن جي راءِ كي وزن ڏجي ۽ الله كي انساني ذهن جي پيداوار ڇئجي ته پوءِ ذهن ۾ كئين سوال پيدا ٿيندا ته:

1_ هن كائنات جو خالق كير آهي؟ ۽ ٻيا اهڙي ئي نوعيت جا سوال تي سگهن ٿا پر اسان انهيءَ سوال تي اكتفا كيون ٿا، ڇو جو هي مختصر پر جامع سوال آهي.

ان لاءِ اسان جا دوست مغربي مفكرن جون تخليق كيل اصطلاحون، قوت (Force) توانائي (Energy) قدرت (Nature) ۽ قانون قدرت ( Law of Nature) وغيره استعمال كرڻ لڳندا آهن. پر كو به دوست اهو ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ جي زحمت گوارا نه كندو آهي ته آخر اها قوت يا قدرت آهي ڇا؟ سواءِ ان جي، جو كجهه ڇاتل سڃاتل واقعن ۽ مظاهر جي نامعلوم ۽ ناقابلِ اشاعت علت لاءِ، كجهه مختلف تعبيري الفاظ جوڙيا ويا آهن. جن جي حقيقتِ معنويءَ جي تشريح ۽ سمجهاڻيءَ كان هو اهڙيءَ طرح عاجز

Marfat.com

آهن جهڙيءَ طرح اهلِ مذاهب روح ۽ الله جي مڪمل ۽ حتمي تشريح ۽ توضيح ڪان، ٻئي پنهنجي جاءِ تي هڪ نامعلوم علتِ ڪائنات تي غيبي اعتقاد رکن ٿا.

عام طور تي اهي دوست فطرت يا قدرت کي ،تفاقي ۽ حادثاتي طور تي پئدا ٿيل جي معنيٰ ۾ استعمال ڪندا آهن. جيئن ته توهان ڪنهن به فطرت پرست ۽ منڪرِ خدا ناستڪ کان پڇندا ته سندس ذهن ۾ انهن اصطلاحن جي ڪهڙي معنيٰ آهي ته هو هڪدم جواب ڏيندو ته اهو محض اتفاق آهي، ڪائنات پنهنجو پاڻ پيدا ٿي آهي، جنهن جو ڪو به خالق ڪونهي.

پڙهيو ته پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاڻان ڏوهه چڙهن، جئن ورق ورائن وترا
(شاهه)

هلو! اسين سندن انهيءَ مستعار راءِ کي ڪٿي وزن ئي ڏيون پر وري سوال پيدا ٿو ٿئي ته جيڪڏهن ڪائنات پنهنجو پاڻ پيدا ٿي آهي ته ان جو مطلب ٿيو ته هي ڪائنات پنهنجي اندر ۾ پيدا ڪندڙ جي وصف رکي ٿي.

سندن انهيءَ مفروضي مان ته ثابت ٿو ٿئي ته ڪائنات پنهنجو هڪ آغاز رکي ٿي ۽ اهو خدا جي وجود کي ثابت ٿ. ڪري، ڇو جو جنهن شيءِ جو آغاز هجي، اها پنهنجو پاڻ شروع نه ٿي ٿي سگهي، يقيناً اها هڪ محرڪِ اول، هڪ خالق ۽ مذهبي اصطلاح ۾ هڪ الله جي محتاج آهي يا ٻي صورت ۾ اسين اهو مڃڻ تي مجبور ٿينداسين ته ڪائنات خود خدا آهي.

اهڙيءَ طرح جيتوڻيڪ اسين الله جي وجود کي ته تسليم ڪري وٺنداسين پر اهو هڪ نرالي قسم جو خدا هوندو، جيڪو هم وقت خالق به هوندو ته مخلوق به، مافوق الفطرت به هوندو ته مادي به. ڀٽائي اهڙن ئي مت جي موڙهيلن لاءِ چيو آهي ته:

مُئي هاٿيءَ سين مامرواڇي پيو انڌن،
مناڙين هٿن سين اڪيئين ڪين پسن،
في الحقيقت فيل کي، سچا سڃاڻن
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري
(شاهه)

Marfat.com

قرآن اهڙن مورکن کان جيڪي ڪائنات کي اتفاقي يا حادثاتي چون ٿا، انهن کان سوال ٿو ڪري تہ:

أَمْ خُلِقُوا مِنْ غَيْرِ شَيْءٍ أَمْ هُمُ الْخَالِقُونَ ﴿٣٥﴾

ترجمو: ڇا اهي پنهنجو پاڻ پيدا ٿيا آهن يا سواءِ ڪنهن خالق جي.

ڪيمبرج يونيورسٽيءَ جي پروفيسر مارٽن رائل اهو نظريو ڏنو تہ ڪائنات هڪ ڌماڪي سان وجود ۾ آئي آهي. جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ ڇا اهو ممڪن آهي تہ ڪنهن پريس ۾ هڪ ڌماڪي سان ڪا تصنيف تيار ٿي ٻاهر نڪري؟ جيڪڏهن اهو ممڪن ناهي ۽ يقيناً اهو ممڪن ناهي تہ پوءِ هڪ ڌماڪي سان هي ڪتابِ ڪائنات ڪيئن تيار ٿيو؟ ڪائنات ۾ حيرت انگيز طور تي رياضياتي قطعيت ملي ٿي. هي بظاهر جامد ۽ بي شعور مادو جيڪو اسان جي سامهون آهي ان جو عمل غير منظم ۽ بي ترتيب ڪونهي. سندس خاصيت تبدل پذير آهي، ڇو جو اهو سائنسي اصول آهي تہ تيستائين ڪا بہ ساڪن يا جامد شيءِ حرڪت نٿي ڪري سگهي، جيستائين ان جو ڪو بہ محرڪ نہ هجي. دراصل مادو يا هر شيءِ هڪ متعين قانون جي پابند آهي.

پاڻي جو لفظ خواهہ ڪنهن بہ زبان ۾ ۽ جنهن وقت بہ چيو وڃي تہ ان جو مطلب اهو ٿي هوندو تہ هڪ اهڙو مرڪب جنهن ۾ 11.1 سيڪڙو هائيڊروجن ۽ 8.9 سيڪڙو آڪسيجن هجي. سائنسدان جڏهن تجربيگاهہ ۾ داخل ٿي پاڻيءَ کي گرم ڪندو آهي تہ هو ٿرما ميٽر ڪانسواءِ ٿي ٻڌائي سگهندو آهي تہ پاڻيءَ جو درجہ حرارت 100 درجہ سينٽي گريڊ آهي، جيستائين فضائي دٻاءُ 760 (Atmospheric pressure) ايم ايم هوندو. جڏهن فضائي دٻاءُ هن کان گهٽ هوندو تہ هن مقرره حرارت کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ گهٽ طاقت جي ضرورت پوندي جيڪا پاڻيءَ جي اڻي، سالمي، ماليڪيول، (Malecule) کي ٽوڙي ٻاڦ جي شڪل ۾ آڻيندي آهي، اهڙيءَ طرح درجہ حرارت 100 درجہ سينٽي گريڊ کان گهٽ ٿي ويندو. پر ان جي برعڪس جيڪڏهن فضائي دٻاءُ 760 ايم ايم کان وڌيڪ هجي تہ درجہ حرارت انهيءَ حساب سان وڌي ويندو. هي تجربو ايترا دفعا تہ آزمايل آهي جو هن کي يقيني طور تي شروع ۾ ٿي ٻڌائي سگهجي ٿو تہ پاڻيءَ جو درجہ حرارت ڇا آهي. جيڪڏهن مادو قانونِ قدرت مطابق نظم ۽ ضبط جو حامل نہ هجي ها تہ سائنسي تحقيق ۽ ايجادن لاءِ ڪو بہ بنياد نہ هجي ها ڇو تہ پوءِ هن دنيا ۾ صرف اتفاق جي ئي حڪمراني هجي ها ۽

Marfat.com

سائنسدانن لاءِ اهو ٻڌائڻ ممڪن ئي نہ رهي ها تہ هن حالت ۾ هن طريقہ عمل جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو.

ڊاڪٽر ايبر سولڊ جو چوڻ آهي تہ "هن ڪائنات ۾ نظم ۽ ضبط (Discipline) ترتيب ۽ حڪمت تي مبني بناوت جا منظر، ڪنهن حادثي يا اتفاق جو نتيجو ناهن، بلڪ هڪ بي مثال خالق ۽ عظيم مدبر جي تحقيق آهن. جڏهن مون سائنس جو مطالعو شروع ڪيو هو تہ شروع شروع ۾ منهنجو هي خيال هو تہ تمام جلد سائنس، زندگي ۽ عقل و شعور جي سرچشمن بابت مڪمل علم حاصل ڪري وٺندي پر جيئن جيئن منهنجي علم ۾ واڌارو ايندو ويو تہ اها حقيقت مون تي واضح ٿيندي وئي تہ انساني علم انهن ماورائي علمن جي الف بي کان بہ واقف ڪونهي جن بابت مذهب تعليم ڏئي ٿو".

قرآن انهيءَ انساني تذبذب ۽ پاڻي ۾ لڙهڻ واري ڪيفيت ۽ انهيءَ تي يقين ڪري ويهڻ وارن جاهلن کان سوال ٿو ڪري تہ:

اَمَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَاَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَنْۢبَتْنَا بِهٖ حَدَآئِقَ ذَاتَ بَهْجَةٍ ۚ مَا كَانَ لَكُمْ اَنْ تُنْۢبِتُوْا شَجَرَهَا ۗ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ يَّعْدِلُوْنَ ۝ اَمَّنْ جَعَلَ الْاَرْضَ قَرَارًا وَّجَعَلَ خِلٰلَهَآ اَنْهٰرًا وَّجَعَلَ لَهَا رَوَاسِيَ وَجَعَلَ بَيْنَ الْبَحْرَيْنِ حَاجِزًا ۗ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ۚ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ

ترجمو: ٻڌايو تہ زمين ۽ آسمان ڪي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟ اسان آسمان مان مينهن وسائي ان مان حسين باغ پيدا ڪيا. انهن وڻن کي پيدا ڪرڻ توهان جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. ڇا الله جو ٻيو بہ ڪو شريڪ آهي؟ اهي ماڻهو سچائيءَ کان اجايو پري پڄي رهيا آهن. ڀلا اهو ڪير آهي جنهن زمين کي رهڻ جي جاءِ بنايو ۽ ان ۾ پاڻيءَ جو نهرون ۽ شاخون هلايائين ۽ جبل کوڙيائين ۽ ٻن سمنڊن جي وچ ۾ خشڪيءَ کي حائل ڪيائين. ڇا الله سان گڏ ٻيو بہ ڪو شريڪ آهي، جيڪو انهيءَ انتظام ۾ ساڻس شريڪ هجي؟ بيشڪ اڪثر انسان اڻڄاڻ آهن."

(سورت النمل آيت 60، 61)

لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا ۚ فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ الْعَرْشِ عَمَّا يَصِفُوْنَ

ترجمو: جيڪڏهن الله کانسواءِ ٻيو بہ ڪو خدا هجي ها تہ ڪائنات ۾ فساد پيدا ٿي پوي ها . پوءِ ڪافر جيڪي بيان ڪن ٿا تنهن کان عرش جي مالڪ الله جي ذات پاڪ آهي.

(سورت الانبياء، آيت 22)

Marfat.com

اسين هن مفصل بحث ۾ عقلي ۽ قرآني دليل ڏئي ثابت ڪري چڪا آهيون تہ هن ڪائنات تي ڪنهن مافوق الفطرت هستي جو ڪنٽرول آهي. سر اوليور لاج جو چوڻ آهي تہ:

"The universe is ruled by a mind it be the mind of a mathematician or of an artist or of a poet or all of them. It is the one reality which gives meaning to existence, enriches our daily tasks, energises us with faith where ever knowledge fails."

”هن ڪائنات تي هڪ ذهن جي حڪومت آهي ان سان بحث ڪونهي تہ اهو ذهن رياضي دان جو آهي يا آرٽسٽ جو شاعر جو آهي يا انهن سيني جو. اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جيڪا زندگيءَ کي معنيٰ خيز بنائي ٿي ۽ اسان جي عملن کي سنواري ٿي ۽ جتي اسان جو علم ناڪام ٿي وڃي، اتي اسان جي ايمان کي مستحڪم ڪري ٿي.“

خدا تي ايمان صرف عقلي ۽ سائنسي دليلن سان پيدا ڪونہ ٿيندو بلڪ هي روحاني واردات ۽ مشاهدن جي اشتراڪ سان پيدا ٿيندو آهي. اڄ جو سائنسدان هڪ عجيب دوراهي تي بيٺو آهي، هو نہ ئي وجودِ ڪائنات جي ڪا معقول تشريح ٿو پيش ڪري سگهي ۽ نہ ئي هو پنهنجي دل جي گهراين ۾ هڪ اهڙي شعور، احساس ۽ فڪر جي سر چشمي کي ضروري محسوس ٿو ڪري جنهن کي الله چئجي ٿو. هڪ اهڙي اعليٰ ۽ برتر هستي جنهن سان رابطو قائم ڪرڻ کان پوءِ هن کي عظمت، عزت، مسرت ۽ سڪون قلب حاصل ٿئي. الله جي ڳولا، انساني روح جي جستجو جو ازل کان محرڪ رهي آهي ۽ انساني روح انهي الله کي پڪاريندو اچي جنهن سان بقول ڀٽائي جي هن وچن ڪيو هو:

الست بربڪم جڏهن ڪن پيوم،
قالو ابليٰ قلب سين تڏهن تت چيوم،
تنهن وير ڪيوم وچن ويڙهيچن سان
(شاهہ)

***

Marfat.com

# حقوق قرآن

عبدالوهاب مگريو/ ليڪچرار اسلاميات

قرآن مجيد هڪ مقدس ۽ عظيم ڪتاب آهي جيڪو الله تعاليٰ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي وسيلي انسانيت جي هدايت ۽ رهنمائي واسطي موڪليو. ان جي عظمت ۽ فضيلت اها ئي ڪافي آهي تہ هي خالق ڪائنات جو ڪلام آهي ۽ سڀني عيبن کان پاڪ آهي. فصاحت ۽ بلاغت ۾ ڪوبہ اديب، دانشور، مفڪر، فلسفي ۽ صاحبِ لسان هن جي پيٽ ۾ ڪونہ آهي ۽ اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ دنيا جي سڀ کان وڏي نعمت قرآن پاڪ ئي آهي. هي ۽ هڪ اهڙي نعمت آهي جو سارو جهان، آسمان ۽ زمين ۾ سموري مخلوق ان جو مٽ نہ آهي. هڪ هزار چار سو ورهيہ گذري چڪا آهن. ان عرصي ۾ انسان جي سوچ ۽ فڪر تبديل ٿيا. سندس نظريات ۾ انقلاب آيا. معاشرا تبديل ٿيا. دنيا جا ڪتاب متجي ويا ايستائين جو ٻيا الهامي ڪتاب بہ پنهنجي اصلي حالت ۾ نہ رهيا پر قرآن مجيد هڪ اهڙو زنده ڪتاب آهي جيڪو اڄ تائين پنهنجي اصلي ۽ حقيقي شان سان ساڳين لفظن ۽ ساڳي ٻولي ۾ هوبهو محفوظ آهي. جنهن حالت ۾ اسان جي آقا حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم دنيا آڏو پيش ڪيو ۽ اهوئي ان جو سڀ کان وڏو معجزو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن جي حفاظت جو ذمو خود الله تعاليٰ ڪنيو فرمايائين

" اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ (الحجر 9)

ترجمو: بيشڪ ذڪر (قرآن) کي اسان ئي لاٿو آهي ۽ اسان ئي ان جي حفاظت ڪندڙ آهيون.

اسان رڳو مسلمان ئي ان صداقت ۽ حقيقت کي نہ ٿا مڃون پر اسان جي مذهبي دشمنن ۽ مخالفن کي بہ هڪ وڏي تجربي ۽ حقيقت کان پوءِ

Marfat.com

مجبوراً ان عظيم الشان حقيقت جو اعتراف ڪرڻو پيو تہ قرآن ڪريم ۾ ڪا بہ تبديلي، مٽ سٽ، تحريف، ترميم ۽ تنسيخ بنهہ نہ ٿي آهي. ميونخ يونيورسٽي جرمنيءَ ۾ "قرآن مجيد جي تحقيق جو ادارو " قائم ڪيو ويو جنهن جو مقصد اهو هو تہ ساري دنيا مان قرآن پاڪ جا تمام قديم نسخا هٿ ڪري انهن جي ڀيٽ ڪئي وڃي. سن 1933ع ۾ پيرس يونيورسٽي جي ٽئين ڊائريڪٽر پريٽزل (PRETZL) ٻڌايو تہ سندس اداري ۾ 42000 (ٻائيتاليهہ هزار) قرآن جا نسخا موجود آهن. مقابلي ۽ مطالعي جو ڪم جاري آهي. ٻي عظيم جنگ ۾ ان عمارت تي آمريڪي بم ڪريو ۽ عمارت، انجو ڪتب خانو ۽ عملو سڀ تباهہ ٿي ويا پر جنگ شروع ٿيڻ کان پهرين هڪ رپورٽ شائع ٿي تہ قرآن جي نسخن ۾ ڪٿي ڪٿي ڪتابت جي غلطي تہ ملي ٿي پر آيتن جو ڪو بہ اختلاف ناهي. الله تعاليٰ جو انسانن تي هڪ اهو بہ احسان آهي تہ هن قرآن مجيد جهڙو مقدس ۽ عظيم ڪتاب سندس هدايت ۽ رهنمائيءَ لاءِ موڪليو. هاڻي انسان جي سڀ کان وڏي سعادت ۽ خوش نصيبي اها آهي تہ هو قرآن ڪريم سان چاهہ رکي، ان جي حقن جو خيال رکي ۽ ان کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائي ۽ سڀ کان وڏي شقاوت ۽ بد نصيبي اها چئبي تہ ان کان پري ٿئي، انکي ڇڏي ڏئي. قرآن مجيد جا بنيادي حق پنج آهن:

## 1 _ ايمان و ايقان (ايمان آڻڻ ۽ يقين ڪرڻ)

قرآن مجيد تي ايمان آڻڻ اسلام جي بنيادي ۽ مکيہ عقيدن مان هڪ عقيدو آهي جيڪو ايمان مفصل منجهان آهي. قرآن پاڪ ۾ پڻ انهيءَ عقيدي جي اهميت بيان ڪئي وئي آهي. جيئن ارشاد آهي:

اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ (البقره 285)

ترجمو : رسول ﷺ ان تي ايمان آندو جيڪو سندس رب پاران ڏانهس لاٿو ويو آهي ۽ مومن بہ.

هن آيت مان معلوم ٿيو تہ نہ رڳو مومنن کي قرآن مجيد تي ايمان آڻڻ ضروري آهي بلڪ خود پاڻ سڳورن ﷺ کي بہ ان تي ايمان آڻڻ ضروري ۽ لازمي آهي. اهو ايمان شعوري، يقيني ۽ نجات جي اميد سان هجي رسمي ۽ رواجي نہ هجي.

Marfat.com

## 2_تلاوت.

قرآن پاڪ جو ٻيو حق ان جي تلاوت آهي. سڀ علماءِ ڪرام ان ڳالهه تي متفق آهن تہ ڪو بہ ذڪر، تلاوت ۽ قرآن مجيد کان وڌيڪ ثواب ۽ اجر نہ ٿو رکي. الله تعاليٰ ان جي تلاوت ڪندڙن جي اهميت ٻڌائيندي فرمايو:

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ ؕ (البقرہ 121)

ترجمو: جن کي اسان ڪتاب ڏنو اهي ان جي تلاوت ان جي حق مطابق ڪن ٿا.

پر اها تلاوت ترتيل ۽ تجويد سان هجي ڇو تہ علم تجويد سکڻ فرضِ عين آهي جيئن الله تعاليٰ فرمايو:

وَ رَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ؕ ۝ (المزمل 4)

ترجمو : ۽ قرآن ترتيل (هوريان هوريان) سان پڙهو. حديث شريف ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو.

جودوا القرآن تجويدا

ترجمو: قرآن کي تجويد سان پڙهو ۽ فرمايائون

زينو القرآن باصواتكم

ترجمو: قرآن کي پنهنجي آوازن سان سهڻو بڻايو.

قرآن مجيد ضرورت مطابق حفظ ڪرڻ فرض ۽ وڌيڪ حفظ ڪرڻ سنت ۽ مستحب آهي. جنهن کي قرآن ياد نہ آهي تنهن کي پاڻ سڳورن ويران گهر وانگر سڏيو آهي. فرمايائون:

ان الذين ليس فيه شي من القرآن كالبيت الخرب.

ترجمو: بيشڪ جنهن (ماڻهو جي دل) ۾ قرآن مان ڪجهہ بہ نہ آهي سو ويران گهر وانگر آهي.

اهڙي ريت قرآن مجيد جي ٻين کي بہ تعليم ڏيڻ گهرجي. پاڻ سڳورن فرمايو:

خيركم من تعلم القرآن وعلمه.

ترجمو: اوهان مان ڀلو اهو آهي جيڪو قرآن سکي ۽ ٻين کي سيکاري.

Marfat.com

پاڻ سڳورا ﷺ صحابہ ڪرام جي آڏو قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا ۽ انهن کان بہ ٻڌندا هئا. پوءِ جنهنجي تلاوت کان مطمئن هوندا هئا تہ کيس فرمائيدا هئا تہ هاڻي تون صحيح ۽ نيڪ پڙهڻ جي قابل آهين. اها حقيقت ۾ سند ( سرٽيفڪيٽ) هئي. اهڙي ريت اڄ بہ جڏهن ڪو شاگرد استاد وٽ قرآن جي تعليم وٺندو آهي تہ سندس استاد سرٽيفڪيٽ ڏيندو آهي تہ مان پنهنجي فلاڻي شاگرد کي قرآن جي الفاظ، قرائت، اصولن ۽ قانونن جو خيال رکندي اها تعليم ڏني آهي. قرآن مجيد جي تلاوت روزاني جي عادت بنائڻ کپي ڇو تہ ان جي تلاوت سان دلين تي چڙهيل گناهن جي ڪٽ لهندي آهي ۽ دلين کي سڪون ۽ اطمينان ملندو آهي. جيئن پاڻ ڪريمن فرمايو :

ان هذه القلوب تصدع كما يصدع الحديد.

ترجمو. بيشڪ دلين تي ڪٽ چڙهي ويندي آهي جيئن لوهہ تي چڙهندي آهي.

بهر حال قرآن مجيد جي تلاوت ضرور ڪئي وڃي پر سيني آداب جو خيال رکيو وڃي، تلاوت، تجويد ۽ قرائت سان ڪجي. تلاوت هر روز ڪجي، سهڻي آواز ۾ ڪجي، آهستي ۽ هوريان ڪجي، ضرورت مطابق حفظ ڪجي، وضو هجي، قبلي ڏانهن منهن هجي، تعوذ ۽ تسميہ پڙهجي، ۽ خشوع ۽ خضوع هجي، ثواب ۽ اجر جي نيت هجي، هدايت ۽ اصلاح جي اميد هجي، قرآن جي عظمت ۽ احترام جو پورو پورو خيال رکجي.

### 3۔ فهم القرآن .

قرآن ڪريم کي سمجهڻ انجو ٽيون حق آهي ڇو تہ قرآن مجيد جي نزول جو مقصد ئي ان کي سمجهڻ ، غور ۽ فڪر ڪرڻ ۽ عمل ڪرڻ آهي. دنيا ۾ قرآن مجيد کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو سلسلو ان جي نازل ٿيڻ کان وٺي جاري آهي ۽ جاري رهندو. واقعن مان معلوم ٿئي ٿو تہ قرآن حڪيم ئي هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن کي سمجهڻ لاءِ ڪيترن ئي ماڻهن ڪيئي مقصد ڪٺي رجوع ڪيو. ان ڪري هر زماني ۾ ان جي مختلف طريقن سان حفاظت ڪئي وئي. هڪ پاسي عالمن ان جي علوم و مطالب، ڪاتبن رسم الخط ۽ ڪتابت، قارين، تلاوت ۽ قرأت، حافظن لفظن ۽ عبارت جي اهڙي تہ حفاظت ڪئي جو اڄ تائين ان ۾ ڪا معمولي تبديلي نہ ٿي سگهي آهي.

137009

Marfat.com

ٻئي پاسي وري ڪنهن قرآن مجيد جا رڪوع ڳڻيا ، ڪنهن آيتون شمار ڪيون، ڪنهن اکرن ۽ حرفن جو ڳاڻاٽو ڪيو ته ڪنهن اعراب ڳڻيا. ڪنهن نقطا ڳڻيا ته ڪنهن ترجمو ڪيو ڪنهن وري تفسير ڪيو ۽ ڪنهن مختلف مضمونن ۽ عنوانن جي صورت ۾ ڪتاب لکيا. اهو ڪم هر ٻولي ۾ ايترو ته ڪيو ويو آهي جو هر ٻولي ڳالهائيندڙ آساني سان قرآن سمجهي سگهي ٿو.

قرآن پاڪ کي سمجهڻ لاءِ قرآن ۾ ڇهه الفاظ ۽ اصطلاحون آيون آهن:

**(الف) علم (ڄاڻڻ):**

حٰمٓ ۚ ○ تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۚ ○ كِتٰبٌ فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۙ ○ (حمٓ ۳ـ)

ترجمو: حم هن ڪتاب جو لهڻ رحمان ۽ رحيم پاران آهي. اهڙو ڪتاب جنهن جون آيتون چٽيون آهن. قرآن عربيءَ ۾ آهي اهڙن ماڻهن لاءِ جيڪي ڄاڻين.

**(ب) عقل (سوچڻ)**

حٰمٓ ○ وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ○ اِنَّا جَعَلْنٰهُ قُرْءٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ○ (زخرف.3)

ترجمو: حم هن چٽي ڪتاب جو قسم! بيشڪ اسان اهو عربي ٻوليءَ ۾ موڪليو تا نته اوهان سوچيو-

**(ج) فڪر (غور ڪرڻ):**

كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ○ (يونس. 24)

ترجمو. اهڙيءَ طرح اسان آيتون ماڻهن لاءِ پڌريون ڪندا آهيون جيڪي غور ڪن.

**(د) فقه (سمجهڻ)**

اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّهُمْ يَفْقَهُوْنَ ○ (انعام.98)

ترجمو. ڏسو اسان ڪيئن نه آيتون وري وري آڻيون ٿا تانته هو سمجهن.

**(ه) ذڪر تذڪر (ياد ڪرڻ ـ نصيحت وٺڻ)**

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ○ (القمر.17)

ترجمو: ۽ بيشڪ اسان قرآن ياد ڪرڻ لاءِ سولو ڪيو آهي، پوءِ ڇا ڪو نصيحت وٺندڙ آهي؟

Marfat.com

وَيَضْرِبُ اللهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ﴿۲۵﴾ (ابراهيم.25)

ترجمو: ۽ الله تعاليٰ ماڻهن کي مثال ڏئي ٿو تانته هو نصيحت وٺن.

(و) تدبر(ويچار ڪرڻ):

كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْۤا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ﴿۲۹﴾(ص_29)

ترجمو: اهي اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو اسان توهان ڏانهن نازل ڪيو آهي، برڪت وارو آهي تانته هو انجي آيتن تي ويچار ڪن ۽ عقلمندن کي نصيحت وٺڻ گهرجي.

سيد رشيد رضا مصري لکي ٿو ته " عمر ۾ هڪ ڀيرو قرآن سمجهي پڙهڻ فرض آهي "

## 4_ عمل و اقامت (عمل ڪرڻ ۽ قانون نافذ ڪرڻ)

قرآن مجيد جو چوٿون حق ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان جي قانون کي نافذ ڪرڻ آهي،جيئن ته هي سراسر هدايت آهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان انسان سنئين واٽ وٺي سگهي ٿو ۽ انسان جي اصلاح به ان تي عمل ڪرڻ سان ئي ٿي سگهي ٿي. جن قرآن کي سيني سان سانديو تن دنيا ۾ ترقي ڪئي ۽ آخرت ۾ به ڪامياب ٿيا. ڇاڪاڻ ته مسلمانن جي روحاني، اخلاقي، معاشي، معاشرتي، سياسي، سماجي، ديني ۽ دنيوي فلاح و ترقي رڳو قرآن تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي نافذ ڪرڻ سان ئي ٿي سگهي ٿي. حضور اڪرم ﷺ پاڻ قرآن پاڪ تي عمل ڪري ڏيکاريو ۽ هڪ سچي مسلمان جي حيثيت سان زندگي گذاري عملي نمونو پيش ڪيو. تاريخ ۾ جيڪا به مسلمانن ترقي ڪئي آهي، سا قرآن جي ئي بدولت آهي.قرآن پاڪ ۾عمل ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو ويو آهي، ارشاد آهي.

وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ (انعام 155)

ترجمو. هي اهڙو ڪتاب آهي جنهن کي اسان لاٿو آهي سو ان جي تابعداري ڪريو. هڪ ٻي جاءِ تي فرماياٿين:

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِیْۤ اُنْزِلَ فِیْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَبَیِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَالْفُرْقَانِ ۚ
(البقره 158)

ترجمو: "رمضان جو مهينو اهو (ڀلارو مهينو) آهي جنهن ۾ قرآن لاٿو ويو انسانن لاءِ هدايت آهي ۽ هدايت لاءِ چٽا دليل آهن ۽

Marfat.com

حق ۽ باطل ۾ فرق ڪندڙ آهي.“ قرآن ۾ اقامت لاءِ بہ تاڪيد ڪيو ويو ۽ فرمايو ويو تہ قرآن ڪريم جي حڪم مطابق فيصلا ڪيا وڃن، جيئن حڪم آهي:

وَمَنْ لَّمْ يَحْكُمْ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ۝ (المائده 47)

ترجمو: ۽ جيڪي الله تعاليٰ جي نازل ڪيل ڪتاب مطابق فيصلو نہ ٿا ڪن سي فاسق آهن.

قرآن تي عمل ڪرڻ بابت پاڻ ڪريم سڳورن ﷺ فرمايو.

القرآن حجته لك او عليك

ترجمو: ”قرآن تنهنجي لاءِ حجت (دليل) آهي يا تنهنجي خلاف “

مطلب اهو آهي تہ جيڪو ماڻهو قرآن مجيد تي عمل ڪندو قرآن ان جي حق ۾ سفارش ڪندو ۽ سندس حق ۾ حجت ۽ دليل بڻبو پر جيڪو ان جي خلاف هلندو تہ ان جي خلاف بہ حجت ۽ دليل بڻبو.

پاڻ ڪريم فرمايو: ڪجهہ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي قرآن پڙهندا آهن پر قرآن مٿن لعنت وجهندو آهي ڇو تہ قرآن رڳو پڙهڻ جي شئي نہ آهي بلڪ اصل تہ ان تي عمل ڪرڻ آهي ۽ جيڪو ماڻهو قرآن پڙهي ٿو پر ان تي عمل نہ ٿو ڪري تہ ڄڻ اهو قرآن جي توهين ڪري ٿو. تنهن ڪري قرآن پڙهڻ ۽ ان تي عمل نہ ڪرڻ سندس حق جي نقصان ۽ خساري جو دليل بڻجي ٿو. صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم جو اهو عمل هوندو هو تہ قرآن جو جيڪو بہ حصو تلاوت ڪندا هئا تہ پهرين ان تي عمل ڪندا هئا پوءِ اڳتي وڌندا هئا.

## 5_ دعوت ۽ تبليغ:

قرآن مجيد جو پنجون حق دعوت ۽ تبليغ يعني ٻين تائين پهچائڻ آهي. حضور اڪرم ﷺ کي خود ان ڳالهہ جو حڪم ڪيو ويو:

وَاُوْحِيَ اِلَيَّ هٰذَا الْقُرْاٰنُ لِاُنْذِرَكُمْ بِهٖ وَمَنْۢ بَلَغَ (انعام 19)

ترجمو: ۽ مون تي هي قرآن وحي ڪيو ويو آهي تاڪ مان اوهان کي ان جي ذريعي ڊيڄاريان ۽ جنهنکي پهچي.

هڪ ٻي آيت آهي:

يٰٓاَيُّهَا الرَّسُوْلُ بَلِّغْ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ وَاِنْ لَّمْ تَفْعَلْ فَمَا بَلَّغْتَ رِسَالَتَهٗ (مائده 67)

Marfat.com

ترجمو: اي رسول تنهنجي رب پاران جيڪو توڏانهن نازل ڪيو ويو آهي انکي بين تائين پهچاءِ ۽ جيڪڏهنن تو ائين نہ ڪيو تہ ڄڻ تو ان جي رسالت نہ پهچائي.

قرآن مجيد جي تبليغ ۽ اشاعت بابت قديم ترين ذڪر ابنِ اسحاق جي ڪتاب المغازي ۾ ملي ٿو جنهن جا الفاظ هي آهن "جڏهن رسول الله تي قرآن مجيد جي ڪا بہ عبارت لهندي هئي تہ پاڻ سڀ کان پهرين اها مردن جي جماعت ۾ تلاوت فرمائيندا هئا. ان کان پوءِ ساڳي عبارت عورتن جي مجلس ۾ بہ ٻڌائيندا هئا"

اسلامي تاريخ جو اهو اهم واقعو آهي تہ رسول الله ﷺ کي عورتن جي تعليم سان بہ ايتروئي شوق ۽ دلچسپي هئي جيتري مردن جي تعليم سان اهو قديم ترين اشارو آهي جيڪو قرآن مجيد جي تبليغ جي متعلق ملي ٿو ان کان پوءِ قرآن مجيد جو لکرائڻ ۽ حفظ ڪرائڻ بہ بلڪل ابتدائي زماني جو معاملو آهي.

قرآن مجيد جي تبليغ ۽ اشاعت جو ڪم پاڻ سڳورن ﷺ هر لحاظ سان ڪيو پاڻ ان جو تاڪيد ڪيائون:

بلغوا عني ولو اكان آية

ترجمو: "منهنجي طرفان پهچايو توڙي جو هڪ آيت ئي هجي" معلوم ٿيو تہ قرآن مجيد جا اهي بنيادي ۽ مکيہ حق پورا ڪرڻ وڏي اهميت رکن ٿا ۽ انهن مان ڪنهن بہ هڪ کي ڇڏڻ قرآن جي حقوق جي خلاف ورزي آهي.

## 6_ حقوق ادا نہ ڪرڻ تي وعيد:

قيامت ڏهاڙي جڏهن هر امت پنهنجي پنهنجي پيغمبر آڏو بيهندي تہ پاڻ سڳورا بہ پنهنجي امت آڏو بيهي قرآن جي حقوق ادا نہ ڪندڙن جي خلاف دانهن ڏيندي فرمائيندا تہ:

"وَقَالَ الرَّسُوْلُ يٰرَبِّ اِنَّ قَوْمِي اتَّخَذُوْا هٰذَا الْقُرْاٰنَ مَهْجُوْرًا" *(الفرقان 30)*

ترجمو: ۽ رسول چوندو تہ اي ربَ بيشڪ منهنجي قوم هن قرآن کي ڇڏي ڏنو هو.

۽ حديث شريف ۾ آهي.

Marfat.com

ان الله يرفع بهذا الكتاب قوما ويضع به آخرين

ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ هن ڪتاب جي ڪري ڪڪڙن ماڻهن کي بلند ڪري ٿو ۽ ٻين کي هيٺاهون ڪري ٿو.

## 7_ قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ جو حقيقي مقصد:

قرآن مجيد جي نازل ٿيڻ جو مقصد هي آهي ته انکي پڙهجي، سمجهجي، ان تي عمل ڪجي، ان مان هدايت ۽ رهنمائي ونجي ۽ ان جي تعليم ٻين تائين پهچائجي جيئن قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو آهي:

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ (الحشر 21)

ترجمو "جيڪڏهن اسان هن قرآن کي ڪنهن جبل تي نازل ڪيون ها ته تون ان کي الله جي ڊپ کان ڊجندي ۽ ڦاٽندي ڏسين ها." معلوم ٿيو ته قرآن جو ڪيڏو نه وڏو اثر آهي تنهن ڪري انسان کي انجي اصلي حيثيت سڃاڻندي، ان جي حقوق جو مڪمل احترام ڪرڻ گهرجي.

Marfat.com

# قرآن بابت چاڙ

ڪيڊٽ محمد ابراهيم انصاري/ ڪلاس ڏهون

| نمبر | سورت جو نالو | لفظي معنيٰ | رڪوع | آيتون | مڪي/ مدني |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | الفاتحه | مهاڳ / ديباچو | 1 | 7 | مڪي |
| 2 | البقره | ڳئون | 40 | 286 | مدني |
| 3 | آل عمران | حضرت موسيٰ جي والد جو نالو | 20 | 200 | مدني |
| 4 | النساءِ | عورتون | 24 | 170 | مدني |
| 5 | المائده | خونچو | 16 | 120 | مدني |
| 6 | الانعام | چوپايو مال ء | 20 | 165 | مڪي |
| 7 | الاعراف | مينار/ آڙ | 24 | 206 | مڪي |
| 8 | الانفال | واڌارو نفل، مال غنيمت | 10 | 75 | مدني |
| 9 | التوبه | ڏوهن جي معافي | 16 | 129 | مدني |
| 10 | يونس | نبيءَ جو نالو | 11 | 109 | مڪي |
| 11 | هود | نبيءَ جو نالو | 10 | 123 | مڪي |
| 12 | يوسف | نبيءَ جو نالو | 12 | 111 | مڪي |
| 13 | الرعد | گجگوڙ | 6 | 43 | مڪي |
| 14 | الابراهيم | نبيءَ جو نالو | 7 | 52 | مڪي |
| 15 | الحجر | شهر جو نالو | 6 | 99 | مڪي |
| 16 | النحل | ماکيءَ جي مک | 16 | 128 | مڪي |
| 17 | بني اسرائيل | قوم جو نالو | 12 | 111 | مڪي |
| 18 | الڪهف | غار | 12 | 110 | مڪي |
| 19 | مريم | حضرت عيسيٰ جي والده | 6 | 98 | مڪي |
| 20 | طٰه | نبيءَ جو نالو | 8 | 135 | مڪي |
| 21 | الانبياءِ | نبيءَ جو جمع | 7 | 112 | مڪي |

Marfat.com

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 22 | الحج | حج | 10 | 78 | مدني |
| 23 | المومنون | مومن جو جمع | 6 | 118 | مڪي |
| 24 | النور | روشني | 9 | 64 | مدني |
| 25 | الفرقان | حق ۽ باطل ۾ فرق رکڻ وارو | 6 | 77 | مڪي |
| 26 | الشعراءِ | شاعر جو جمع | 11 | 227 | مڪي |
| 27 | النمل | ڪِولِ | 7 | 93 | مڪي |
| 28 | القصص | قصہ جو جمع | 9 | 88 | مڪي |
| 29 | العنكبوت | ڪوريئڙو | 7 | 69 | مڪي |
| 30 | الروم | روم (ملڪ جو نالو) | 6 | 60 | مڪي |
| 31 | لقمان | ڏاهي شخص جو نالو | 4 | 34 | مڪي |
| 32 | السجده | سجدو | 3 | 30 | مڪي |
| 33 | الاحزاب | ٽولا | 9 | 73 | مدني |
| 34 | سبا | يمن جي علائقي جو ماڳ | 6 | 54 | مڪي |
| 35 | فاطر | جوڙيندڙ | 5 | 45 | مڪي |
| 36 | يٰس | حروف مقطعات | 5 | 83 | مڪي |
| 37 | الصافات | صفون | 5 | 182 | مڪي |
| 38 | ص | حروف مقطعات | 5 | 88 | مڪي |
| 39 | الزمر | ٽولا. گروهه | 8 | 85 | مڪي |
| 40 | المومن | مومن | 9 | 75 | مڪي |
| 41 | حمٰ السجده | حروف مقطعات | 6 | 54 | مڪي |
| 42 | الشوري | صلاح. مشورو | 5 | 53 | مڪي |
| 43 | الزخرف | سون | 7 | 98 | مڪي |
| 44 | الدخان | دونهون | 3 | 59 | مڪي |
| 45 | الجاثيہ | گوڏن ڀر | 4 | 37 | مڪي |
| 46 | الاحقاف | واريءَ جو ڍڳ | 4 | 35 | مڪي |
| 47 | محمد | ساراهيل | 4 | 38 | مدني |
| 48 | الفتح | سوڀ | 4 | 29 | مدني |
| 49 | الحجرات | حجره جو جمع (ڪمرا) | 2 | 18 | مڪي |
| 50 | ق | حروف مقعطات | 3 | 45 | مڪي |
| 51 | الذاريات | ڌوڙ اڏيارڻيندڙ | 3 | 60 | مڪي |
| 52 | الطور | جبل. پهاڙ | 2 | 49 | مڪي |

Marfat.com

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 53 | النجم | ستارو | 3 | 62 | مڪي |
| 54 | القمر | چنڊ | 3 | 55 | مڪي |
| 55 | الرحمن | الله جو نالو | 3 | 78 | مڪي |
| 56 | الواقعہ | واقعو | 3 | 96 | مڪي |
| 57 | الحديد | لوهہ | 4 | 29 | مدني |
| 58 | المجادلتہ | بحث | 3 | 22 | مدني |
| 59 | الحشر | ڇڙوڇڙ | 3 | 24 | مدني |
| 60 | الممتحنتہ | امتحان وٺندڙ | 2 | 13 | مڪي |
| 61 | الصف | قطار | 2 | 14 | مدني |
| 62 | الجمه | جمعو ڏينهن | 2 | 11 | مدني |
| 63 | المنافقون | منافق جو جمع | 2 | 11 | مدني |
| 64 | التغابن | ٺڳي، دوکو غبن | 2 | 18 | مدني |
| 65 | الطلاق | ڇڏڻ | 2 | 12 | مدني |
| 66 | التحريم | حرام ڪرڻ | 2 | 12 | مدني |
| 67 | الملڪ | بادشاهہ | 2 | 30 | مڪي |
| 68 | القلم | القلم | 2 | 52 | مڪي |
| 69 | الحاقة | ثابت ٿيندڙ | 2 | 52 | مڪي |
| 70 | المعارج | ڏاڪڻ چاڙهي | 2 | 44 | مڪي |
| 71 | نوح | نبيءَ جو نالو | 2 | 28 | مڪي |
| 72 | الجن | جن | 2 | 28 | مڪي |
| 73 | المزمل | ويڙهي سمهندڙ | 2 | 20 | مڪي |
| 74 | المدثر | چادر ويڙهيندڙ | 2 | 56 | مڪي |
| 75 | القيامة | قيامت | 2 | 40 | مڪي |
| 76 | الدهر | دور | 2 | 31 | مڪي |
| 77 | المرسلات | موڪليو ويندڙ | 2 | 50 | مڪي |
| 78 | الانباء | آخرت جي خبر | 2 | 40 | مڪي |
| 79 | النازعات | ڇڪي ڪڍيندڙ | 2 | 46 | مڪي |
| 80 | عبس | (منهن ۾) گهنڊ وجهڻ | 1 | 42 | مڪي |
| 81 | التڪوير | ويڙهڻ | 1 | 29 | مڪي |
| 82 | الانفطار | ڦاٽي پوڻ | 1 | 19 | مڪي |
| 83 | المطففين | گهٽ توري ماپ ڪندڙ | 1 | 36 | مڪي |

Marfat.com

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 84 | الانشقاق | ڦاٽي پوڻ | 1 | 25 | مڪي |
| 85 | البروج | برج | 1 | 22 | مڪي |
| 86 | الطارق | ستارو | 1 | 17 | مڪي |
| 87 | الاعليٰ | مٿانهون | 1 | 19 | مڪي |
| 88 | الغاشيہ | ڇانئجي ويڻ واري | 1 | 26 | مڪي |
| 89 | الفجر | پرھ ڦٽي | 1 | 30 | مڪي |
| 90 | البلد | شهر | 1 | 20 | مڪي |
| 91 | الشمس | سج | 1 | 15 | مڪي |
| 92 | الّيل | رات | 1 | 21 | مڪي |
| 93 | الضحيٰ | روشن ڏينهن | 1 | 11 | مڪي |
| 94 | المر نشرح | ڇا نہ کولي ڇڏيو سون | 1 | 8 | مڪي |
| 95 | التين | انجير | 1 | 8 | مڪي |
| 96 | العلق | رت جو ڏڳ | 1 | 19 | مڪي |
| 97 | القدر | عزت، شرف، پيمانو | 1 | 5 | مڪي |
| 98 | البينہ | دليل | 1 | 8 | مدني |
| 99 | الزلزال | زلزلو | 1 | 8 | مدني |
| 100 | العاديات | ڊوڙندڙ | 1 | 11 | مڪي |
| 101 | القارعہ | قيامت | 1 | 11 | مڪي |
| 102 | التكاثر | گهڻائي | 1 | 8 | مڪي |
| 103 | العصر | زمانو | 1 | 3 | مڪي |
| 104 | الهمزه | گلا غيبت | 1 | 9 | مڪي |
| 105 | الفيل | هاٿي | 1 | 5 | مڪي |
| 106 | قريش | قوم جو نالو | 1 | 4 | مڪي |
| 107 | الماعون | عام استعمال جون شيون | 1 | 7 | مڪي |
| 108 | الكوثر | ڪوثر | 1 | 3 | مڪي |
| 109 | الكافرون | ڪافرن جو جمع | 1 | 6 | مڪي |
| 110 | النصر | مدد | 1 | 3 | مدني |
| 111 | اللهب | باھ | 1 | 5 | مڪي |
| 112 | الاخلاص | خالص | 1 | 4 | مڪي |
| 113 | الفلق | صبح ٿيڻ | 1 | 5 | مڪي |
| 114 | الناس | انسان | 1 | 6 | مدني |

Marfat.com

# دفعا استعمال ٿيل

| | | | |
|---|---|---|---|
| ا | 48872 | ط | 1274 |
| ب | 11228 | ظ | 842 |
| ت | 1199 | ع | 9220 |
| ث | 1276 | غ | 2208 |
| ج | 3273 | ف | 8499 |
| ح | 973 | ق | 6813 |
| خ | 2416 | ڪ | 9522 |
| د | 5642 | ل | 3432 |
| ذ | 4697 | م | 36535 |
| ر | 11973 | ن | 40190 |
| ز | 1590 | و | 25536 |
| س | 5891 | هه | 19070 |
| ش | 1215 | لا | 3720 |
| ص | 2013 | ء | 4115 |
| ض | 1307 | ي | 45919 |

❊ قرآن پاڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ حرف ”الف“ استعمال ٿيل آهي جنهن جو تعداد 48872 آهي.

❊ قرآن پاڪ ۾ سڀ کان گهٽ حرف ”ظ“ استعمال ٿيل آهي جنهن جو تعداد 842 آهي.

# سي پارن جا نالا

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | الر | 16 | قال الم اقل |
| 2 | سيقول | 17 | اقترب للناس |
| 3 | تلڪ الرسل | 18 | قد افلح |
| 4 | لن تنالوا | 19 | وقال الذين |

Marfat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 5 | والمحصنت | 20 | امن خلق |
| 6 | لايحب الله | 21 | اتل مآ اوحي |
| 7 | واذا سمعوا | 22 | ومن يقنت |
| 8 | ولو اننا | 23 | ومالي |
| 9 | قال الملا | 24 | فمن اظلم |
| 10 | واعلموا | 25 | اليه يرد |
| 11 | يعتذرون | 26 | حمر |
| 12 | وما من دآبة | 27 | قال فما خطبکم |
| 13 | وما ابريءُ | 28 | قد سمع الله |
| 14 | ربما | 29 | تبارک الذي |
| 15 | سبحن الذي | 30 | عم |

# قرآن پاڪ ۾

| | |
|---|---|
| زبرن جو تعداد | 53223 |
| زيرن جو تعداد | 39582 |
| پيشن جو تعداد | 8804 |
| مدن جو تعداد | 1771 |
| شدن جو تعداد | 1274 |
| نقطن جو تعداد | 105684 |
| لفظن جو تعداد | 86430 |
| اکرن جو تعداد | 106584<br>321184 |
| سورتن جو تعداد | 114 |
| پارن جو تعداد | 30 |
| سجدن جو تعداد | 14 |
| رڪوعن جو تعداد | 558 |
| آيتن جو تعداد | 6666 |

Marfat.com

# قرآن پاڪ جا صفاتي نالا

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1 | القرآن | 29 | العلم |
| 2 | الڪتاب | 30 | الحق |
| 3 | المبين | 31 | الهادي |
| 4 | الڪريم | 32 | العجب |
| 5 | ڪلام الله | 33 | التذڪره |
| 6 | النور | 34 | العروة الوثقيٰ |
| 7 | الهدي | 35 | الصدق |
| 8 | الرحمة | 36 | العدل |
| 9 | الفرقان الشفا | 37 | الامر |
| 10 | الموعظة | 38 | الضادي |
| 11 | الذڪر | 39 | البشري |
| 12 | المبارڪ | 40 | المجيد |
| 13 | العلي | 41 | الزبر |
| 14 | الحڪمة | 42 | النذير |
| 15 | الحڪيم | 43 | البشير |
| 16 | حبل الله | 44 | العزيز |
| 17 | الصراط المستقيم | 45 | البلاغ |
| 18 | القيم | 46 | القصص |
| 19 | | 47 | المعف |
| 20 | القول الفصل | 48 | المڪرم |
| 21 | احسن الحديث | 49 | المرفوع |
| 22 | المثاني | 50 | المطهرة |
| 23 | المتشابہ | 51 | الحڪم |
| 24 | الروح | 52 | البيان |
| 25 | الوحي | 53 | المصدق |

Marfat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 26 | العربي | 54 | النعمة |
| 27 | التنزيل | 55 | التنزيل |
| 28 | البصير | | |

# قرآن شريف جا خاص نالا

1 القرآن
2 الفرقان
3 الڪتاب
4 الذڪر
5 التنزيل

- قرآن پاڪ جي لفظي معنيٰ آهي " بار بار پڙهڻ "
- قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ جو عرصو 22 سال 5 مهينا ۽ 14 ڏينهن آهي.
- مڪي سورتن جو تعداد 86 آهي ۽ انهن جو موضوع توحيد، رسالت، آخرت ۽ اخلاق جي تعليم آهي.
- مدني سورتن جو تعداد 28 آهي جن ۾ اڪثر عبادات ۽ معاملات جي تعليم ڏنل آهي.
- سورت المجادلة اها سورت آهي جنهنجي هر آيت ۾ لفظ الله آهي.

1 قرآن مجيد ۾ ٻه جملا اهڙا آهن جن کي سڌو پڙهجي يا ابتو پڙهجي انهن ۾ ڪا بہ تبديلي نہ ايندي

(1) ربڪ فڪبر (سورت المدثر)

(2) ڪل في فلڪ (سورت يس)

# قرآن پاڪ ۾:

پاڻ سڳورن جو اسم مبارڪ "محمد " چار دفعا آيو آهي پاڻ سڳورن جو اسم مبارڪ "احمد " هڪ دفعو آيو آهي.

26 پيغمبرن جو ذڪر ٿيل آهي جنهن ۾ :

1۔ آدم ع 2۔ نوح ع 3۔ ادريس ع 4۔ هود ع 5۔ صالح ع
6۔ ابراهيم ع 7۔ اسماعيل ع 8۔ اسحاق ع 9۔ لوط ع 10 يعقوب ع

Marfat.com

11ـ يوسف عہ 12ـ شعيب عہ 13ـ موسيٰ عہ 14ـ هارون عہ 15ـ يونس عہ 16ـ دائود عہ 17ـ سليمان عہ 18ـ ايوب عہ 19ـ الياس عہ 20ـ اليسع عہ 21ـ عزير عہ 22ـ ذوالڪفل 23ـ زڪريا عہ 24ـ يحيٰ عہ 25ـ عيسيٰ عہ 26ـ محمد ﷺ.

- آدم عہ جو اسم مبارڪ 25 ڀيرا آيو آهي.
- نوح عہ جو ذڪر 43 ڀيرا آيو آهي.
- ابراهيم عہ جو ذڪر 25 سورت ۾ آيو آهي.
- هود عہ جو ذڪر 7 ڀيرا آيو آهي.
- صالح عہ جو ذڪر 8 ڀيرا آيو آهي.
- لوط عہ جو ذڪر 10 سورتن ۾ آيو آهي.
- اسماعيل عہ جو ذڪر 12 ڀيرا آيو آهي.
- يعقوب عہ جو ذڪر 16 دفعا آيل آهي.
- يوسف عہ جو ذڪر 3 سورتن ۾ آيو آهي.
- شعيب عہ جو ذڪر 11 ڀيرا آيل آهي.
- موسيٰ عہ جو ذڪر 136 آيتن ۾ آيل آهي.
- هارون عہ جو اسم 20 جاين تي آيل آهي.
- الياس عہ جو ذڪر 2 سورتن ۾ آهي.
- دائود عہ جو ذڪر ڏهن سورتن ۾ آهي.
- سليمان عہ جو ذڪر 7 سورتن ۾ آهي.
- ايوب عہ جو ذڪر 4 سورتن ۾ آهي.
- يونس عہ جو ذڪر 5 سورتن ۾ آهي.
- زڪريا عہ جو ذڪر 4 سورتن ۾ آهي.
- عيسيٰ عہ جو ذڪر 13 سورتن ۾ آهي.
- بيبي مريم جو واحد (عورت) جو نالو آهي.
- لفظ ملڪ (فرشتو) 10 ڀيرا آيو آهي.
- لفظ ملائڪته (فرشتا) 68 ڀيرا آيو آهي.
- جبرائيل جو ذڪر 17 آيتن ۾ آهي.

Marfat.com

- لفظ الله 2697 ڀيرا آيو آهي.
- لفظ قل 232 ڀيرا آيل آهي.
- لفظ امام 12 ڀيرا آيل آهي.
- جمعي ۽ چنڇر جو بيان آهي.

**شهر ۽ ملڪن ۾:** مڪو، مدينو، روم، مدين ۽ مصر جو ذڪر ٿيل آهي.

**جيتن ۾:** ماکي جي مک، مڇر، ڪِوِل، ڪوريئڙو، جُوءِ ۽ اڏوهي جو ذڪر ڪيل آهي.

**پکين ۾:** هد هد، ابابيل، ڪانو ۽ ٻٽير جو ذڪر آيل آهي.

**جانورن ۾:** رڍ، ٻڪري، ڳئون، ڍانڊ، گابي، گهوڙي، گڏهه، خچر، اٺ، ڍاڇي، ڀولي، سوئر، ڪتي، هاٿي، ڏنبي، بگهڙ ۽ شينهن جو ذڪر آيو آهي.

- جبرائيل کي رسول سڏيو ويو آهي.
- قوم تبع جو ذڪر سورت ق ۾ آهي.
- اصحاب الاخدود جو ذڪر سورة البروج ۾ آهي.
- اصحاب الحجر جو ذڪر سورة الحجر ۾ آهي.
- اصحاب الرس جو ذڪر سورة الفرقان ۽ ق ۾ آهي.
- اصحاب السبت جو ذڪر سورة البقره ۾ آهي.
- اصحاب الفيل جو ذڪر سورة الفيل ۾ آهي.
- اصحاب القريہ جو ذڪر سورة يس ۾ آهي.
- اصحاب الڪهف جو ذڪر سورة الڪهف ۾ آهي.

❊❊❊

Marfat.com

# انسان جي حيثيت قرآن جي نظر ۾

حافظ عبدالوهاب مگريو/ليڪچرار اسلاميات

دنيا ۾ انسان جي متعلق مختلف ادوار ۾ مختلف نظريا رهيا آهن، جيڪي هر دور ۾ پنهنجون شڪليون تبديل ڪندا رهيا آهن. اهي نظريا چئن قسمن ۾ ورهائي سگهجن ٿا:

## 1 ـ جاهليت خالص جو نظريو

خالص جاهليت جي نظريي ۾ خدا تعاليٰ جو انڪار ملي ٿو ۽ انسان کي مڪمل طور تي حيوان ۽ جانور سمجهيو وڃي ٿو سندس پيدائش اتفاقي سمجهي وڃي ٿي، زندگي جو ڪو مقصد نہ ٿو سمجهيو وڃي بلڪ ڪيس غير ذمہ دار ۽ بيڪار تصور ڪيو وڃي ٿو.

## 2ـ ماده پرستانہ نظريو

هي نظريو مشرڪانہ جاهليت جو نظريو آهي جنهن ۾ خدا تعاليٰ جو اقرار ملي ٿو پر شڪ سان، انسان جي زندگي جو ڪو واضح مقصد ناپيد سمجهيو وڃي ٿو اوهام پرستي بہ عروج تي ملي ٿي ۽ انسان جي زندگي بغير ڪنهن قانون ۽ قاعدي جي سمجهي وڃي ٿي.

## 3ـ راهبانہ نظريہء حيات

هن نظريي ۾ خدا تعاليٰ جو اقرار تہ ملي ٿو پر آخرت جو تصور ناپيد آهي، دنيا دارالعذاب سمجهي وڃي ٿي ان ڪري دنيا کان پري رهڻ ۽ اجماعيت کان فرار زندگي گذارڻ جو بنيادي مقصد سمجهيو وڃي ٿو.

## 4ـ اسلامي نظريہء حيات

هي اهڙو نظريو آهي جيڪو انبيا عليهم السلام پيش ڪيو. ان نظريي مطابق انسان جي اصلي حيثيت اها آهي جيڪا قرآن پاڪ مان ثابت ٿئي

Marfat.com

تي. الله تعاليٰ انسان کي اشرف المخلوقات بڻائي عبادت جي لاءِ خليفہ الله جي حيثيت سان علم و فضل جي سمورين خوبين سان ذمہ دار ۽ مخدوم پيدا ڪيو آهي ۽ ڪيس هدايت رباني مطابق زندگي گذارڻي آهي.

## 1 _ اشرف المخلوقات :

اها حقيقت واضح آهي تہ الله انسان کي سموري مخلوق کان اعليٰ ۽ افضل ڪري پيدا ڪيو آهي جيئن فرمايائين:

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيٓ اٰدَمَ وَحَمَلْنٰهُمْ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ عَلٰى كَثِيْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِيْلًا (بني اسرائيل)

ترجمو: "۽ بي شڪ اسان آدم جي اولاد کي عزت بخشي ۽ کين خشڪي ۽ تري ۾ سواريون ڏنيون ۽ کين پاڪ شين مان رزق ڏنوسين ۽ کين پنهنجي ڪيتري فضيلت واري مخلوق تي فضيلت ڏني سون."

ٻي آيت ۾ فرمايائين:

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ (التغابن)

ترجمو: "الله تعاليٰ اها ذات آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي برحق ناهيو ۽ اوهان جي صورت ناهي پوءِ ڪيڏيون نہ سهڻيون صورتون ناهيائين."

وري فرمايائين:

يٰٓاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ۙ الَّذِيْ خَلَقَكَ فَسَوّٰىكَ فَعَدَلَكَ ۙ فِيْٓ اَيِّ صُوْرَةٍ مَّا شَاۤءَ رَكَّبَكَ ۙ (الانفطار)

ترجمو: "اي انسان! ڪنهن توکي پنهنجي رب سڳوري جي طرف کان ڏوکي ۾ وڌو جنهن توکي پيدا ڪيو توکي نئين لڳين بڻايائين پوءِ توکي برابر ڪيائين ۽ جهڙي صورت ۾ گهريائين توکي جوڙي تيار ڪيائين."

انهن آيتن مان معلوم ٿو ٿئي تہ اسان کي الله تعاليٰ سڀني مخلوقات کان اشرف ۽ افضل پيدا ڪيو آهي. ڪيس حسن، صورت، نطق، عقل و فهم ، اعليٰ حواس، ظاهري وباطني ، نيڪي، بديءَ جي سڃاڻپ نفعي ۽ نقصان جي

Marfat.com

تميز ڏيئي اعليٰ ۽ اتم بڻايو آهي. ملائڪن جهڙي نوري ۽ پاڪ مخلوق کان سجدو ڪرائي سندس اهميت ظاهر ڪئي وئي. دنيا جي زندگي گذاريندي هر قسم جون آرائشون ۽ سهولتون جهڙوڪ سواريون، گهر ۽ مڪان، کائڻ، پيئڻ ۽ پهرڻ جون شيون ڏيئي کيس معزز ۽ مشرف بڻايو ويو.

مجموعي طور تي انسان کي الله تعاليٰ اشرف الملخلوقات بڻايو آهي پر گناهن ۽ جرمن جي ڪري هن پنهنجو وقار ختم ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري جيڪي انسان متقي ۽ پرهيزگار آهن سي ته سموري مخلوق کان افضل ۽ اعليٰ آهن پر جن پنهنجون دليون گناهن ۽ خطائن جي ذريعي ڪاريون ڪري ڇڏيون آهن سي پنهنجو وقار ۽ مان وڃائي ويٺا آهن.

## 2۔ مخدوم الخلائق:

يعني انسان ڪائنات جي سموري مخلوقات جو مخدوم آهي ۽ هوسندس خادم آهن. هو عملي طور تي سيني کان فائدو وٺي ٿو انسان الله تعاليٰ جي حڪم کان سواءِ ڪنهنجي بہ امر جو پابند نہ آهي بلڪ هي مخدوم آهي. قرآن پاڪ ان جي هن طرح وضاحت ڪري ٿو:

هُوَالَّذِیْ خَلَقَ لَکُمْ مَّافِی الْاَرْضِ جَمِیْعًا *(البقره)*

ترجمو: ”۽ الله تعاليٰ اها ذات آهي جنهن اوهان لاءِ زمين ۾ سڀ ڪجهه پيدا ڪيو.“

ٻي آيت ۾ فرمايائين:

وَالَّذِیْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ کُلَّهَا وَجَعَلَ لَکُمْ مِّنَ الْفُلْکِ وَالْاَنْعَامِ مَاتَرْکَبُوْنَ *(الزخرف)*

ترجمو: ”۽جنهن هر شي جا جوڙا پيدا ڪيا ۽ اوهان جي لاءِ ٻيڙيون ناهيون ۽ جانور جن تي اوهان سواري ڪريو ٿا.“

هڪ ٻئي جاءِ تي فرمايائين:

کَذٰلِکَ سَخَّرَهَا لَکُمْ لِتُکَبِّرُوا اللهَ عَلٰی مَاهَدٰکُمْ *(الحج)*

ترجمو: ”۽ اهڙيءَ طرح اوهان جي لاءِ سموريون شيون تابع ڪيائين تان تہ اوهان الله جي وڏائي بيان ڪريو جنهنجي اوهان کي هدايت ڏنائين.“

هنن آيتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ انسان هن ڪائنات ۾ مخدوم آهي ۽ ڪائنات جي هر شي الله تعاليٰ سندس فائدي لاءِ بڻائي آهي. کيس رڳو الله

Marfat.com

تعاليٰ جي رضا ۽ مرضي حاصل ڪرڻي آهي. اهو ڪائنات ۾ انسان جو بيو مرتبو آهي.

### 3_خليفة الله في الارض:

هن مان مراد هي آهي ته انسان الله جو هن زمين تي خليفو ۽ نائب آهي جنهن کي ڪجهه عرصي لاءِ دنيا ۾ ڪجهه اختيارات ڏنا ويا آهن جن جي تحت ڪيس خليفي هجڻ جي حيثيت سان ذميداري پوري ڪرڻي آهي.

خليفي جا ٻه مطلب آهن 1_ جانشين هجڻ 2_ نائب هجڻ.

محمد علي صابوني فرمائي ٿو ته: سمي خليفته لانه مستخلف عن الله عزوجل في اجراءِ الاحڪام وتنفيذ الاوامر الربانيه يعني خليفو ان ڪري چيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته هو الله تعاليٰ جي خلافت چاهي ٿو احڪام جاري ڪرڻ ۾ ۽ الله تعاليٰ جا حڪم نافذ ڪرڻ ۾ ٻه حضرت آدم عليه السلام جي سڀ اولاد باالقوه خليفه آهي پر بالفعل جيڪو ٿيڻ چاهي جيئن قرآن ڪريم ۾ فرمايائين:

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسْتَخْلِفَنَّهُمْ فِي الْاَرْضِ (النور)

ترجمو: "۽ الله تعاليٰ انهن ماڻهن سان وعدو ڪيو آهي جن اوهان مان ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيائون ته اوهان کي زمين ۾ خليفو ضرور ناهيندو."

هڪ ٻي آيت ۾ فرمايائين:

وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ (الانعام)

ترجمو: "۽ الله تعاليٰ اها ذات آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ خليفو بڻايو." اها خلافت واپس به کسجي سگهجي ٿي.

جيئن ارشاد آهي:

اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَسْتَخْلِفْ مِنْۢ بَعْدِكُمْ مَّا يَشَآءُ (الانعام)

ترجمو: "جيڪڏهن هو چاهي ته اوهان کي ختم ڪري ڇڏي ۽ اوهان کان پوءِ جنهن کي وڻيس خليفو ناهي."

انهن آيتن مان معلوم ٿيو ته انسان جيسيتائين خلافت جا صحيح فرائض بجا آڻيندو تيستائين سندس خلافت به برقرار رهندي ورنه هن جي حيثيت خليفي جي نه هوندي بلڪ هڪ عام مخلوق جيان. بهرحال خليفي هجڻ جي حيثيت ۾ ڪيس هي ڪم ۽ فرائض پورا ڪرڻ ضروري آهن:

Marfat.com

1 تفويض ڪيل اختيارات نائب جي حيثيت سان استعمال ڪري
2 نائب مالڪ نہ هوندو آهي ان ڪري هو پنهنجي مرضي نہ ٿو هلائي سگهي.
3 اختيارات ذاتي نہ سمجهي بلڪ وقتي طور استعال ڪري.
4 پاڻ کي تفويض ڪيل اختيارات جي لاءِ جوابده سمجهي.
5 ڪيس اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ فرائض پورا نہ ڪرڻ جي صورت ۾ هو سزا جو مستحق نہ ٿيندو.

## 4۔ مڪلف (پابند):

جيئن تہ الله تعاليٰ انسان کي دنيا ۾ هڪ خاص مقصد لاءِ پيدا ڪيو آهي ان ڪري هو پنهنجي مرضيءَ سان زندگي نہ ٿو گذاري سگهي بلڪ حڪم، قانونن ۽ اصولن جي پابندي ڪرڻ سندس لاءِ ضروري آهي. ان ڪري هو دنيا ۾ مڪلف يعني پابند آهي جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي:

إِنَّا عَرَضْنَا الْأَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَالْجِبَالِ فَأَبَيْنَ أَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَأَشْفَقْنَ مِنْهَا وَحَمَلَهَا الْإِنْسَانُ (الاحزاب)

ترجمو: ”بي شڪ اسان آسمانن ، زمين ۽ جبلن تي امانت پيش ڪئي پوءِ ان بار کڻڻ کان سيني انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ان کان ڊڄي ويا ۽ ان کي انسان کنيو“ هن آيت مان امانت مان مراد خلافت آهي يعني دنيا جون ايڏيون طاقتور شيون جهڙوڪ آسمان، زمين ۽ جبل بہ ان جي بار کڻڻ کان قاصر هئا پر الله تعاليٰ اهو بار انسان تي وڌو جيڪو سندس خليفو بڻيو. ان ڪري هو پابند آهي تہ انهي امانت کي سنڀالي ۽ ان جو صحيح حق ادا ڪري.

ٻي آيت ۾ فرمايائين:

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ (الاتڪاثر)

ترجمو: ”پوءِ اوهان کان ان ڏينهن نعمتن بابت ضرور پڇاڻو ڪيو ويندو.“

زندگي جو مقصد واضح ڪندي فرمايائين:

الَّذِىْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ أَيُّكُمْ أَحْسَنُ عَمَلًا (الملڪ)

ترجمو: ”الله تعاليٰ اها اذات آهي جنهن موت ۽ زندگي ان ڪري پيدا ڪيا تہ جيئن ڏسي تہ اوهان مان ڪير سهڻا عمل ٿو ڪري“

Marfat.com

انهن آيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته انسان کي دنيا جي زندگي رڳو بيڪار گذارڻ لاءِ نه ڏني وئي آهي بلڪ هتي ڪن اصولن تحت ڪيس زندگي گذارڻي آهي. آخرت ۾ ڪيس ان جو پورو پورو حساب ڏيڻو آهي ان ڪري هو دنيا ۾ مڪلف ۽ پابند آهي ان ڪري اها تڪليف يعني پابندي اصولي ۽ عمومي آهي جڏهن ته شرعي تڪليف اسلام آڻڻ کان بعد ئي لازم ٿئي ٿي هو ذمه دار ۽ جوابده آهي آزاد ۽ خود مختيار نه آهي ان ڪري پنهنجي مرضي نه ٿو هلائي سگهي سندس مڪلف هجڻ جو نتيجو توحيد. رسالت ۽ آخرت جو عقيدو آهي.

**5_عابد (عبادت سندس مقصدِ حيات)**

جيئن ته اسان جي زندگي جو مقصد الله تعاليٰ جي عبادت آهي تنهن ڪري ڪيس عابد جي حيثيت سان دنيا ۾ رهڻو آهي. قرآن پاڪ ۾ عبادت جو لفظ مختلف شڪلين ۾ استعمال ٿيو آهي جهڙوڪ عبد. عبديت. عبادت. ۽ عابد وغيره. عبادت جي لفظي معنيٰ آهي خضوع. تذلل . اتباع. اصطلاحي مطلب غلامي. اطاعت. پوڄا. ملازمت. قيد. رڪاوٽ ۽ بانهپ وغيره آهي. عبادت جو مفهوم هن طرح به اد ڪري سگهجي ٿو ته ڪنهن جي بالادستي ۽ برتري تسليم ڪري پنهنجي آزادي ۽ خود مختياري کان دست بردار ٿيڻ ۽ مزاحمت ڇڏي ڏيڻ.

مجموعي طور تي عبادت جو لفظ ٽن معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو جيڪي قرآن مجيد مان ثابت آهن.

**الف ـ غلامي:** انسان الله تعاليٰ جو غلام آهي. ظاهري ۽ عارضي غلام هڪ ٻئي جو به ٿئي سگهي ٿو پر حقيقي غلام الله تعاليٰ جو آهي جيئن فرمايائين:

وَالَّذِيْنَ اجْتَنَبُوا الطَّاغُوْتَ اَنْ يَّعْبُدُوْهَا وَ اَنَابُوْآ اِلَى اللّٰهِ لَهُمُ الْبُشْرٰى (الزمر)

ترجمو: "۽ جن طاغوت کان پاسو ڪيو جنهن جا هو غلام هئا ۽ الله ڏانهن موٽيا انهن لاءِ خوشخبري آهي." انهي آيت مان حقيقي غلامي پڌري ٿئي ٿي ته اسان کي الله تعاليٰ جو ئي حقيقي غلام رهڻ گهرجي.

**ب ـ اطاعت:** ( فرمانبرداري ) عبادت جو لفظ اطاعت ۽ فرمانبرداري لاءِ به استعمال ٿيو آهي جيئن فرمايائين:

Marfat.com

اَلَمۡ اَعۡهَدۡ اِلَيۡكُمۡ يٰبَنِيۡۤ اٰدَمَ اَنۡ لَّا تَعۡبُدُوا الشَّيۡطٰنَ ۚ اِنَّهٗ لَكُمۡ عَدُوٌّ مُّبِيۡنٌ (يس)

ترجمو: "اي آدم جا اولادا ڇا مان اوهان کان عهد (وعدو) نہ ورتو هو تہ شيطان جي اطاعت نہ ڪجو. بيشڪ هو اوهان جو پڌرو دشمن آهي."

ج ـ بندگي (ٻانهپ) انسان الله تعاليٰ جو بندو ۽ ٻانهو آهي ۽ اهو ئي سندس مقصدِ حيات آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ فرمايائين:

وَمَا خَلَقۡتُ الۡجِنَّ وَالۡاِنۡسَ اِلَّا لِيَعۡبُدُوۡنِ (الذاريات)

ترجمو: "۽ مون جن ۽ انسان کي نہ پيدا ڪيو آهي پر ان لاءِ تہ هو منهنجي بندگي ڪن."

ٻي آيت ۾ فرمايائين:

قُلۡ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنۡ كُنۡتُمۡ فِيۡ شَكٍّ مِّنۡ دِيۡنِيۡ فَلَاۤ اَعۡبُدُ الَّذِيۡنَ تَعۡبُدُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَلٰكِنۡ اَعۡبُدُ اللّٰهَ الَّذِيۡ يَتَوَفّٰىكُمۡ ۖۚ وَاُمِرۡتُ اَنۡ اَكُوۡنَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ (يونس)

ترجمو: "(اي نبي صلي الله عليہ والہ وسلم) چوءِ تہ اي انسانو! جيڪڏهن اوهان منهنجي دين بابت شڪ ۾ آهيو تہ پوءِ مان الله کان سواءِ انهن جي بندگي نہ ڪندس جن جي اوهان ڪريو ٿا پر مان الله جي عبادت ڪندس جيڪو اوهان کي ماريندو ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ مان مومنن مان ٿيان."

انهن آيتن مان نہ رڳو عبادت جي معنيٰ پڌري ٿئي ٿي بلڪ اهو بہ واضح ٿيو تہ حقيقي عبادت، بندگي ۽ ٻانهپ رڳو الله تعاليٰ کي ئي جڳائي ٿي. قرآن جي تصورِ عبادت مطابق غلامي، اطاعت ۽ بندگي جو حق صرف الله تعاليٰ جو آهي انڪري ساڻس ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪرڻ وڏو جرم آهي. عبادت کي هڪ معنيٰ يا جزو ۾ محدود ڪرڻ بہ قرآن مجيد جي دعوت کي محدود ڪرڻ آهي پر جيڪڏهن محدود ڪبو تہ دين حق جي ناقص ۽ اڌوري پيروي ٿيندي.

6ـ محتاج هدايتِ رباني:

انسان الله تعاليٰ جي هدايت جو محتاج آهي. هدايت جي ذريعي ئي هو نيڪ زندگي گذاري سگهي ٿو. هدايت جو مفهوم آهي الارشاد والتوفيق الحق يعني ايصال الي المطلوب.

Marfat.com

**(حق ڏانهن پهچڻ جي توفيق ۽ هدايت يعني مطلوب ڏانهن پهچڻ)**

**قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو:**

قَالَ اهْبِطَا مِنْهَا جَمِيعًا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ فَإِمَّا يَأْتِيَنَّكُم مِّنِّي هُدًى فَمَنِ اتَّبَعَ هُدَايَ فَلَا يَضِلُّ وَلَا يَشْقَىٰ ﴿١٢٣﴾ وَمَنْ أَعْرَضَ عَن ذِكْرِي فَإِنَّ لَهُ مَعِيشَةً ضَنكًا وَنَحْشُرُهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ أَعْمَىٰ ﴿١٢٤﴾

(سورة طٰهٰ: آيت 124 _123)

ترجمو: "الله فرمايو اوهان ٻئي (انسان ۽ شيطان) گڏ ان (جنت) مان لهي وڃو اوهان مان بعض، بعض جا دشمن ٿيندا پوءِ جيڪڏهن اوهان وٽ منهنجي طرفان هدايت ايندي پوءِ جنهن منهنجي هدايت جي تابعداري ڪئي پوءِ اهو نہ گمراه ٿيندو ۽ نہ بد بخت ۽ جنهن منهنجي ياد کان منهن موڙيو پوءِ بيشڪ سندس معيشت (زندگي ) تنگ ٿيندي ۽ قيامت جي ڏينهن کيس انڌو ڪري اٿاريندا سون."

هنن آيتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ الله تعاليٰ انسان کي دنيا ۾ موڪلڻ کان پهريائين ٻڌائي ڇڏيو هو تہ کيس هدايت جي ضرورت پوندي پوءِ هدايت مطابق زندگي گذارڻ ضروري هوندي، هدايت مطابق زندگي نہ گذارڻ جي صورت ۾ دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ سزا ملندي

هدايت جا ٽي قسم آهن جيڪي قرآن پاڪ مان ثابت آهن:

**الف ـ هدايتِ فطري و طبعي:** يعني الله تعاليٰ فطري طور تي سڀ مخلوق جي فطري ۽ طبعي هدايت ڪري ڇڏي آهي جو هو پنهنجون ضرورتون خود بخود پوريون ڪن ٿا. جهڙوڪ مڇين جو ترڻ، پکين جو اڏرڻ ۽ آکيرو ناهڻ وغيره. قرآن شريف ان جو ثبوت هن ريت پيش ڪري ٿو:

الَّذِي أَعْطَىٰ كُلَّ شَيْءٍ خَلْقَهُ ثُمَّ هَدَىٰ ﴿٥٠﴾ (سورة طٰه: آيت 124 _123)

ترجمو: "الله تعاليٰ اها ذات آهي جنهن هر شي کي ان جي مناسب بناوت ڏني پوءِ هدايت ڏنائين."

ٻي آيت ۾ فرمايائين:

وَالَّذِي قَدَّرَ فَهَدَىٰ ﴿٣﴾ (سورة الاعلىٰ: آيت 2)

ترجمو: "۽ جنهن نيڪ ڪري پوءِ هدايت ڏنائين."

**ب ـ هدايتِ عمومي:** هيءَ هدايت انبياءِ ڪرام عليهم السلام آسماني ڪتاب، علماءِ، صلحا ۽ مبلغين جي ذريعي ملندي آهي. قرآن مجيد انهيءَ هدايت بابت هن ريت فرمايو آهي:

Marfat.com

اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ (سورة بني اسرائيل)

ترجمو: "بيشڪ هي قرآن سنئين واٽ ڏانهن ٿي هدايت ڪري ٿو."

حضرت ابراهيم عليہ السلام جو واقعو بيان ڪيو ويو آهي جنهن پنهنجي پيءُ کي عام هدايت ڏانهن سڏيو:

يٰاَبَتِ اِنِّيْ قَدْ جَآءَنِيْ مِنَ الْعِلْمِ مَا لَمْ يَاْتِكَ فَاتَّبِعْنِيْٓ اَهْدِكَ صِرَاطًا سَوِيًّا (مريم)

ترجمو: "اي منهنجا پيءُ! بيشڪ مون وٽ اهڙو عمل آيو آهي جيڪو تون وٽ نہ آيو آهي پوءِ منهنجي پيروي ڪر مان تو کي سنئين واٽ جي هدايت ڏيکاريندس."

ج۔ هدايتِ ڪامل: هي حقيقي هدايت آهي جنهن تائين پهچڻ ضروري آهي. اها هدايت صرف الله تعاليٰ جي هٿ آهي ۽ اهائي مطلوب و مقصود آهي. جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي: اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ "اسان کي سنئين واٽ ڏيکار." ٻي جاءِ تي فرمايائين اِنَّكَ لَا تَهْدِيْ مَنْ اَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ (القصص) "بيشڪ تون ان کي هدايت نہ ٿو ڏيئي سگهين جنهن کي تون چاهين ۽ هوئي هدايت وارن کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو." قرآن مجيد ۾ هدايت جي لاءِ ڪئين لفظ استعمال ٿيل آهن جهڙوڪ صراط مستقيم، نور، سبل، سواءِ السبيل ۽ سبل السلام وغيره. اهي ٿي حقائق آهن جي الله تعاليٰ هدايت ڪندو آهي.

7۔ صاحب العلم۔

علم جو مطلب آهي ڄاڻڻ، سکڻ، دريافت ڪرڻ ۽ يقين و معرفت حاصل ڪرڻ. قرآن مجيد ۾ علم جي لاءِ ڪئين لفظ استعمال ٿيل آهن جهڙوڪ قراءَت، ذڪر، تفقہ، تدبر، سطر، قلم، تعقل، حڪمت، الهام ۽ هدايت وغيره.

علم جا ٻہ قسم آهن: (الف) علمِ شرعيہ جهڙوڪ قرآن، حديث ۽ فقہ اهي ضرورت مطابق حاصل ڪرڻ فرضِ عين آهن (ب) علومِ محموده عقليہ. هن جا وري ٽي قسم آهن:

1 علومِ محموده جهڙوڪ طب، حساب ۽ ڪتاب غيره. اهي سکڻ فرضِ ڪفايہ آهن.

2 علومِ مباحہ جهڙوڪ ادب، لغت، جغرافيہ سائنسي علوم وغيره. اهي حاصل ڪرڻ جائز آهن.

Marfat.com

3 علومِ مذمومہ جهڙوڪ سحر (جادو) ٽوٽا وغيره اهي سکڻ ناجائز آهن.

علم عام آهي پر العلم خاص آهي ۽ انهي علم حاصل ڪرڻ لاءِ ئي اسلام زور ڏنو آهي.

**العلم جي تعريف:**

اهو علم جيڪو حقائقِ ڪائنات، حقيقتِ نفس الامري جي حيثيت سان ڪائنات ۾ انسان جو مقام ۽ مقصدِ حيات ٻڌائي. انسان جي فضيلت ۽ برتري جو باعث " العلم " آهي، ڪيس ڪامل بنائڻ ۽ خلافت جي بار کڻڻ جي اهل بنائڻ جو ذريعو بہ العلم آهي. مخلوقات کان خدمت وٺڻ ۽ فائدي حاصل ڪرڻ جي لاءِ بہ العلم ضروري آهي ۽ هدايت ڪاملہ لاءِ بہ علم حاصل ڪرڻ بي حد ضروري آهي.

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ صاحب العلم جي وڏي اهميت بيان ڪئي آهي فرمايائين: عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ۝ *(العلق)* "انسان کي اهو ڪجهہ سيکاريائين جيڪي هو نہ ڄاڻندو هو." ٻي جاءِ تي فرمايائين: قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ *(الزمر)* "(اي نبي ﷺ) چئو تہ ڇا اهي ماڻهو برابر ٿي سگهن ٿا جيڪي علم رکن ٿا ۽ جيڪي علم نہ ٿا رکن؟" وري فرمايائين يَرْفَعِ اللهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۙ وَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ ؕ *(المجادلة)* "الله تعاليٰ اوهان مان علم وارن جا درجا بلند ڪري ٿو." وڌيڪ فرمايائين فَلَوْلَا نَفَرَ مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِي الدِّيْنِ *(التوبه)* "پوءِ انهن ٽولن مان هر هڪ اهڙو گروهہ ڇو نہ ٿو نڪري جيڪي دين جي سمجهہ حاصل ڪن." انهن آيتن مان معلوم ٿيو تہ انسان جي اصلي حيثيت بہ علم جي ذريعي ئي ٿهي اهي. سموريون اهي حيثيتون آهن جيڪي قرآن ڪريم وضاحت سان انسان جي مرتبي لاءِ پڌريون ڪيون آهن.

***

Marfat.com

# قرآن پاڪ جا سنڌي منظوم ترجما

سڪندر علي چنا/اسسٽنٽ پروفيسر اسلاميات

تاريخ هن ڳالهہ جي شاهد آهي تہ سنڌي ادب جا سرموڙ ۽ اولين ريج ڏيندڙ مدرسن جا عالم ٿي هئا. مولانا دين محمد وفائي ﷫ تذڪره مشاهير سنڌ جلد اول ۾ مولانا عبيدالله سنڌي نورالله مرقده جي حوالي سان لکي ٿو تہ:

"اوهان سنڌ جي مُلن ۽ مسجدن ۾ پڙهائيندڙ امامن کي حقارت جي نظر سان نہ ڏسو اهي ٿوري علم وارا سنڌي، ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ فقہ ۾ اهڙو تہ هوشيار قابل، ماهر ۽ نڪتہ سنج آهن جو انهن سان هندستان جو ڪو وڏو مفتي، فقيهہ ۽ صدر مدرس بہ فقہ جي مسئلن ۾ مقابلو نٿو ڪري سگهي" ساڳيءَ طرح مولانا غلام محمد گرامي ﷫ اهل مدارس جي علمي ۽ ادبي خدمتن بابت ٽماهي مهراڻ جلد بہ 1975 ع صفحي 206 تي لکي ٿو تہ " انهن عالمن، تيل جي ڏيئن تي نور نچوئي، مطالعو ڪري فقر و فاقہ جي زندگي گذاربندي ۽ تڏن تي ويهي ، ڪلڪن سان تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪيو ۽ اهڙا فصيح ۽ دقيق ڪتاب لکيا جن عرب ۽ عجم ۾ سنڌ جي هاڪ ۽ ڌاڪ پيدا ڪئي. سنڌن قلم هلندو رهيو ورق گرداني ٿيندي رهي حوالا چونڊبا رهيا، عميق ۽ دقيق مسئلن جو تخمينو ٿيندو رهيو ۽ علم جي جوت جلندي رهي" ماهنامہ نئين زندگي، فروري 1982 ع جي صفحي نمبر 35 تي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب چوي ٿو تہ "دراصل مذهبي تعليم ۽ تدريس ۽ مدرسن، سنڌي علم ادب جي ترقي ۽ سنڌي زبان جي واڌاري ۾ اهم ڪم ڪيو وڏا وڏا عالم سنڌي ٻوليءَ جا شاعر هئا."

Marfat.com

پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ سنڌي ادب جي جديد تاريخ ۾ انهن کي جائز جڳهہ نہ ڏني وئي آهي. اجائي لباڙ نعري بازي ۽ بازاري شاعريءَ کي تہ سنڌي ادب جو سرمايو ڪوٺيو ٿو وڃي جنهن ۾ نہ فن آهي ۽ نہ وري فڪر. ان جي برعڪس مثبت فڪر ۽ فن سان ڀرپور شاعريءَ کي مذهبي شاعري جي خاني ۾ بند ڪري هڪ پاسي رکيو ويو آهي. نام نهاد سنڌي ادب جي ڏراڻن، سنڌي عالمن جي انهن خدمتن کي ميسارڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي. اڄ ضرورت آهي تہ سنڌي ادب جي انهن املهہ ماڻڪن کي انهن جو جائز مقام ڏياريو وڃي ۽ انهن جي خدمتن جو اعتراف ڪيو وڃي. جيئن تہ هن مقالي جو موضوع "قرآن پاڪ جا سنڌي منظوم ترجما" آهي لهذا ٻين ادبي ۽ علمي شعبن کي ڇڏيندي اسين پاڻ کي صرف ان موضوع تائين محدود رکندا سين.

## قرآن پاڪ جو سڀ کان پهريون ترجمو

قرآن پاڪ جو سڀ کان پهرين سنڌي ۾ نثري ترجمو ڪرڻ جي دعوي اڪثر سنڌ جا مورخ ڪندا رهيا آهن پر افسوس جو ان ترجمي جي ڪنهن نسخي جو دنيا جي ڪنهن بہ ڪتب خاني ۾ نہ ڪو ڏس پتو ملي ٿو ۽ نہ ئي وري مترجم جي نالي جي خبر پوي ٿي تنهنڪري دعوي مشڪوڪ ٿيو پوي.

رحيم داد خان مولائي شيدائيءَ پنهنجي ڪتاب " جنت السنڌ" جي صفحي 140 تي بزرگ بن شهريار جي ڪتاب "عجائب الهند " صفحي 3 جي حوالي سان لکي ٿو تہ "الور جي راجا مهروگ جي گذارش تي منصوره جي حاڪم عبدالله بن عمر هڪ سنڌي عالم ڏانهنس موڪليو جنهن سندس دربار ۾ ڪيترا سال رهي، قرآن پاڪ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو جنهن کي پڙهي راجا مسلمان ٿيو." جڏهن تہ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي رحمة الله عليه رسالي الرحيم - سنڌي جون 1972ع جي صفحي 22 جي حاشيي تي لکن ٿا تہ " اهو قرآن شريف جو ترجمو سن ١٧٠ _هجري ۾ عراق جي هڪ عالم ڪشمير جي راجا راءِ بن مهروق جي چوڻ تي ڪيو هو" قاسمي صاحب جن تفسير هاشمي جي پيش لفظ صفحي 8 جي آخري پيرا ۾ لکن ٿا تہ " اسان وٽ جيڪي بہ آڳاٽا ديني ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت موجود آهن سي اٽڪل ٽي سو سال اڳ جا ڇپيا وڃن ٿا. انهن جو سلسلو ميون ابو الحسن ٺٽوي رح جي سنڌي رسم الخط مقرر ڪرڻ کان پوءِ شروع ٿئي ٿو ۽ پهريون ڪتاب ميون ابو الحسن رح جو جوڙيل " مقدمه الصلوت " يا "ابوالحسن جي سنڌي" آهي جيڪو جهوني نظم ۾ لکيل آهي."

Marfat.com

مٿين تاريخي دلائل مان ثابت ٿئي ٿو تہ قرآن پاڪ جو پهريون ترجمو سنڌيءَ ۾ نہ ٿيو هوندو ڇو جو سنڌي رسم الخط سڀ کان پهرين ابوالحسن رح جوڙيو جيڪو ١٠-١١ صدي هجري ۾ ٿي گذريو آهي ۽ جڏهن تہ دعويٰ مطابق پهريون قرآن پاڪ جو نثر ۾ سنڌي ترجمو ١٧٠ هجري يا ٻي صدي هجري ۾ ڇپيو وڃي ٿو. البتہ اها دعويٰ ثابت ٿي چڪي آهي تہ برصغير ۾ قرآن پاڪ جو مڪمل فارسي ٻوليءَ ۾ پهريون ترجمو مخدوم لطف الله هالائي المعروف مخدوم نوح رح جن ڪيو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ سن ١٤٠١ هجري ۾ پندرهين صدي هجري جي جشن جي موقعي تي شآيع ڪيو. ان قرآن پاڪ جي نثري فارسي ترجمي کي حضرت غلام مصطفيٰ قاسمي رحمة الله عليه زيد مجده نور نچوئي، صاف ڪري ايڊٽ ڪيو ورنہ هن کان اڳ حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلويؒ رح جي فارسي نثري ترجمي کي اوليت جو شرف حاصل هو.

حضرت غلام مصطفيٰ قاسمي رحمة الله عليه " تفسير هاشمي" جي پيش لفظ ۾ ١٤ قرآن پاڪ جا منظوم ۽ منثور ترجما ۽ تفسير بيان ڪيا آهن جيڪي شايع ٿي چڪا آهن. حالؒ ۾ ئي ، مشهور ڪهاڻيڪار جمال ابڙي صاحب جن جي والد محترم علي خان ابڙي جن جو ڪيل ترجمو ۽ مختصر تفسير سنڌيڪا وارن شايع ڪيو آهي. خبر آهي تہ جناب مولانا عبدالڪريم قريشيؒ ٻير شريف وارا پڻ قرآن پاڪ جو تفسير لکي رهيا آهن. *(ترجمو شايع ٿي چڪو آهي)*

سنڌ جي ادبي تاريخ مان اهو نظر اچي ٿو تہ مذهبي تبليغ لاءِ نظم جو استعمال سڀ کان پهرين اسماعيلي مذهب جي مبلغن ۽ داعين، سومرن جي دور کان شروع ڪيو. انهن مان هڪ مبلغ سيّد نور الدين جنهنکي ست گرنور سڏيو ويندو هو هڪ ڪلام متعارف ڪرايو جنهن کي گنان سڏيو ويو. اصل ۾ لفظ گنان، لفظ گيان جي بگڙيل صورت آهي جنهن جي معنيٰ آهي سمجهہ ۽ پروڙ. اسماعيلي مبلغ انهي صنف ۾ تبليغي ڪلام چوندا هئا. گنان جي ساخت مسلسل نظم جيان آهي جنهن ۾ هربند دوهي جي سٽاءَ جهڙو آهي. وائيءَ جي صنف بہ هن سان ملي ٿي، ڇو جو وائيءَ ۾ بہ شروع ۾ وراڻي ٿئي ٿي جيڪا هر بند کان پوءِ دهرائجي ٿي جنهن سان مرڪزي خيال تي زور ڏنو وڃي ٿو.

سيّد نورالدين ست گرنور کان پوءِ پير شمس سبزواري، جنهن جا دس

Marfat.com

اوتار مشهور آهن. پير شهاب الدين ۽ سندس پٽ پير صدرالدين جا گنان اڄ ٻہ اسماعيلي پنهنجي جماعت خانن يا گهرن ۾ عبادت طور پڙهندا آهن. پير صدر الدين جو گنان جنهن کي ننڍو دس اوتار چوندا آهن. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ڪتاب " سنڌي ثقافت تي اسلامي اثرات" جي صفحي ٢٠١ تان ڏجي ٿو:

شاهہ جو ميجيئڙو تن کي- جيڪي صبوحڙي جاڳن
اتي الله نہ گُهرين- تون سُتين سڄي رات
نڪا جهوري جيءَ جي- ٻانها، نڪو ثمر ساٿ
شاهہ جو جو ميجيئڙو تن کي- جيڪي صبوحڙي جاڳن

گنان جي صنف کي وائي سان مشابهہ ڪوٺيو ويو آهي. گنان تي وڌيڪ معلومات لاءِ ڪتاب "سنڌ صدين کان " ۾ صفحي 244 کان 256 تائين ڊاڪٽر گلشن خاڪيءَ جو مضمون " پير شمس جو دس اوتار " ڏسڻ گهرجي.

گنان جي صنف کان پوءِ " الف اشباع" وارو منظوم طريقو مذهبي تبليغ لاءِ استعمال ڪيو ويو. پروفيسر غلام حسين جلباڻي رحمة الله عليه جن عربي . سنڌي ڊڪشنري جلد اول صفحي 614 تي شبع جي معنيٰ لکن ٿا تہ "اشباعُ= عربي لفظ شبع جو جمع آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڍءُ اشبع معنيٰ ڪنهن کي ڍءُ ڪرائڻ. اشبع الڪلام معنيٰ جهجهي تقرير ڪرڻ اشبع الحرڪت معنيٰ حرڪت يعني زير زبر ۽ پيش کي ڊگهو ڪرڻ" ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات جلد پهرين جي صفحي 200 تي اشباع جي ساڳي معنيٰ لکندي چون ٿا تہ شعر ۾ زير، زبر ۽ پيش وڌي "و" ٿئي، ان کي الف اشباع چئجي ٿو."

الف اشباع واري نظمي سٽاءَ ۾ مصرع جي آخري لفظ ۾ "الف" وڌائي قافيو بنايو ويندو آهي. ان جو مدار ماترائن جي هڪ خاص الحان تي آهي. هن نظمي سٽاءَ ۾ هڪ خاص تاثر آهي جنهن کي هڪ خاص لئي سان پڙهي ۽ ڳائي سگهجي ٿو. الف اشباع ۾ جيڪڏهن آخري لفظ ۾ وڌايل الف ڪيرائي ڇڏبو يا هڪ لفظ گهٽائبو يا وڌائبو تہ .شعر پنهنجو مزو وڃائي ويهندو.

الف اشباع واري اسلوب ۾ لکيل طويل بيتن کي ڪبت يعني داستاني بيت چيو ويندو آهي ۽ اهڙي سٽاءَ ۾ لکيل تبليغي ۽ مذهبي ڪتابن کي " سنڌيون " چيو ويو آهي.

Marfat.com

جنهن کي اصل خط ۾ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي رحمة الله عليه سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو پاران 1987ع ۾ شايع ڪرايو. ان کي موجوده خط ۾ ميمڻ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌيءَ مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي طرفان 1991ع ۾ پڌرو ڪيو جنهن جو ٻيو ڇاپو 1994ع ۾ شايع ٿيو.

تفسير هاشميءَ کان پوءِ ڪجهه بزرگن ۽ شاعرن پڻ قرآن پاڪ جي ڪجهه سورتن ۽ آيتن جا صحيح قافين سان منظوم ترجما ڪيا پر قرآن پاڪ جي مڪمل منظوم ترجمو صحيح قافين سان ڪرڻ جو شرف مخدوم مولوي احمد ملاح رح کي حاصل ٿيو.

## قرآن پاڪ جي منظوم ترجمي لاءِ ادبي معيار

محترم عبدالغفار سومري مولوي احمد ملاح رح جي قرآن جي منظوم ترجمي تي تبصري ۾ هينيان چار ادبي اصول مد نظر رکيا آهن جيڪي الرحيم. سنڌي جون 1972ع جي صفحي 22 تي بيان ڪيا آهن:

1 مترجم ڪيتري حد تائين ترجمي ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي يعني ڪيتري قدر ترجمي جي اصليت برقرار رکي اٿس جنهن ۾ ان ڳالهه کي به نظر انداز نه ڪبو ته آيا شعر جي عام ناهه نوهه ترجمي کي اصليت تان ڪيرائي ته نه وڌو آهي.

2 آيتون ٻن قسمن جون آهن هڪ محڪمات ۽ ٻيون متشابهات. مترجم متشابهه آيتن جي ترجمي کي ڪيئن نڀايو آهي

3 مترجم جي ٻولي ڪيتري قدر عام فهم آهي. ان جو ادبي ملهه ڇا آهي؟ جڏهن ڪيس پنهنجي ٻوليءَ جا لفظ هٿ نٿا اچن ته اصلوڪي عربي ٻوليءَ جا لفظ ڪيترا استعمال ڪيا اٿس؟

4 شعري صنعتون ڪيتري قدر استعمال ڪيون ويون آهن؟

## رسالي "اديب سنڌ" لاڙڪاڻي ۾ شايع ٿيل قرآن پاڪ جا منظوم ترجما

احمد خان "آصف" مصراڻي صاحب ماهوار "الرحيم سنڌي" نومبر 1972ع جي صفحي 14 کان 22 تائين قرآن پاڪ جي ڪجهه آيتن ۽ سورتن جا منظوم ترجما ڏنا آهن جيڪي سال 1944ع کان لاڙڪاڻي جي سنڌي سڌار سوسائٽي ۽ پوءِ "جمعيت الشعراءِ" سنڌ جي سرپرستيءَ ۾ نڪرندڙ رسالي "اديب سنڌ" ۾ هڪ عنوان "مناظمہ اديب" تحت ڪيا ويا يعني ان عنوان تحت قرآن پاڪ جي ڪا آيت يا ننڍي سورت ڏئي جدا جدا شاعرن

Marfat.com

## 6 ـ حاجي احمد ملاح:

بسم الله جا مختلف ترجما ڪيا آهن، مثلا:

سورة فاتحہ: اوّل نام الله جو ڏيندڙ ڏيهہ ساري
ڏيئي نہ پچاري مڙنيان مهربان گهڻو.

سورة بقره: اوّل نام الله جو جو ڏيهن جو ڏاتار
ڏيئي نہ پچاري پار. مڙنيان مهربان گهڻو.

سورة العمران: اوّل نام الله جو برڪت بي شمار
ڏيهن جو ڏاتار. سڀاجهو سيين پرين

انهن ترجمن مان سڀ کان وڌيڪ اصل کي ويجهو بشير جو ترجمو آهي.

## مولانا محمد عثمان نورنگزادي رح جو تفسير

"تنوير الايمان في تفسير القرآن" نثر ۾ آهي پر مولانا ڪجهہ سورتن جا منظوم ترجما پڻ ڪيا آهن جن منجهان سورت "والضحيٰ" جو ترجمو پيش آهي الرحيم سنڌي 1967/2 صفحو 96.

تنهنجي عارضِ پر ضيا جو قسم
سنڌءِ گيسوءِ مشڪ سا جو قسم.
وساريم نہ توکي نہ ناخوش آهيان
غلط آهي دشمن جو ڪوڙو گمان.
دنيا کان ڀلي تنهنجي لاءِ آخرت
جتي توکي ملندا فضل فاخرت.
جنهن وقت تون هئين يتيم و غريب
وساريم نہ توکي تڏهن اي حبيب.
هوئين تون نہ واقف هدايت ڪيم
اهو خاص احسان عنايت ڪيم.
ڏيڻ تو گهران توکي انعام سي
پنهنجي رحم سان عز و اڪرام سي.
گذاريندين جنهن کان تو سرهو سدا

Marfat.com

۽ پوءِ ماڻي مقصد مام سرهو ٿيندين سپرين
چا تو نہ لڌائين چورڙو پوءِ بخشئين راج ڀاڳ
۽ موڙهل لڌائين مُورهين موڙي آندائين ماڳ
۽ لکين ڏنائين لاڳ جڏهن ڏنئين توکي ڏيرو
تڏهن تون نہ يتيم تي ڏرو زور هلاءِ
تڏهن تون نہ تڙي ڏي کنهن آسائو کي ڪا
پوءِ ڳايو پيو ڳڻ ڳاءِ پنهنجي پرور پاڪ جا

مٿين ترجمي ۾ (و) قسم جو ترجمو ساڪ، رب لاءِ ڏٽي، بخشش ۽ عطا لاءِ اوتون، يتيم لاءِ چورڙو ضال لاءِ موڙهل، فاغني لاءِ لکين ڏنائين لاڳ، عائل لاءِ ڏيرو بلڪل نج ۽ تز سنڌي لفظ آهن.

## سورة النصر جو ترجمو مولوي احمد ملاح رحمة الله عليه

جڏهن اچي مدد الله جي۔ ۽ پڻ سوپ ستار
ڏسين تہ ماڻهو ملڪ جا۔ قطارون قطار
گهڙن ڏٽيءَ جي دين ۾۔ ڇڏي ڪفر جي ڪار
پوءِ پنهنجي پرور پاڪ جا۔ ڳاءِ ڳڻ هزار
پوءِ منگ معافي تنهن ڪنان۔ هنجون تنهن وٽ هار
بيشڪ بخشڻهار۔ سو آهي واهر واهہ جي

مولانا احمد ملاح نوان لفظ پڻ استعمال ڪيا آهن:

مثلاً: حورن لاءِ جيڏيون نوجوان ۔ رسول لاءِ ڪيانتو -- خُابرو۔ وِيڙ۔ وريام ۽ الله لاءِ آڳو --ڪلتار ۔ سائين ۽ پرور.

ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهري ڪتاب " قرآن مجيد جا سنڌي ترجما ۽ تفسير" جي صفحي 225۔26 تي لکيو آهي تہ " سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام ۾ تجنيس حرفي جو مثال گهٽ ملي ٿو. مولانا صاحب پنهنجي هن منظوم ترجمي ۾ انهي صنعت کي نهايت سهڻي انداز ۾ نباهيو آهي. مولانا صاحب جو هي ترجمو اعليٰ درجي جو ترجمو آهي ۽ فصاحت بلاغت سان ڀريل آهي. مولانا حاجي احمد ملاح رحہ جيئن تہ لاڙ واري علائقي جو رهاڪو هوان ڪري سندس تلفظ. لب ۽ لهجو لاڙي آهي" اهوئي سبب آهي جو مولانا جي منظوم ترجمي " نور القرآن " ۾ استعمال ڪيل ٻولي گهڻي قدر شاهہ عبداللطيف رح جي ٻولي سان ڪلهو پئي هڻي. شاهہ جي رسالي ۾

Marfat.com

# قرآن ڪريم جا ٽي نفسياتي اصطلاح

سڪندر علي چنا/اسسٽنٽ پروفيسر اسلاميات

فيلسوفن، سائنسدانن ۽ صوفي دانشورن هميشہ کان انساني نفس جي گهراين جي جاچ حاصل ڪرڻ ۽ ان کي پروڙڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي. سقراط چيو تہ Know Thy_self تہ وري صوفياءَ اصول مرتب ڪيو تہ مَن عَرَفَ نفسہٗ فَقَدۡ عَرَفَ رَبَّهٗ.

اهو سلسلو جديد رنگ ۾ باقاعده هڪ سائنس جي حيثيت سان علم النفسيات سڏجي ٿو جنهن جو سرموڙ ڊاڪٽر سگمنڊ فرائڊ کي مڃيو وڃي ٿو چو تہ هُن، نفسيات کي باقاعده عملي ۽ تجرباتي بنيادن تي منظم ڪيو. ڊاڪٽر سگمنڊ فرائڊ ٽي انساني ذهن کي ٽن درجن (1) شعور Consciousness (2) تحت الشعور Sub_Consicousness ۽ (3) لاشعور Un_Consicousness ۾ ورهايو. جن کي وري آخر ۾ نين اصطلاحن ID (3) ۽ Ego (1) (2) Super_Ego ۾ تبديل ڪيائين.

حقيقت ۾ قرآن ڪريم ئي اهو پهريون ڪتاب آهي جنهن انساني نفس جي حقيقت ۽ گهرائي، ان جي محرڪات، عوارض ۽ ان جي عوامل بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ اُن جي اصلاح جا طريقا ۽ مڪمل نشو و نما جو منصوبو عطا ڪيو جنهن کان جديد نفسيات جو علم وانجهيل آهي.

قرآنِ ڪريم جو بنيادي موضوع ئي انسان ۽ ان جو ڪردار ۽ جلبِ منفعت ۽ دفع مضرت آهي.

قرآنِ ڪريم انساني نفس جا ٽي اوصاف بيان ڪيا آهن:

(1) **نفسِ اماره:** مبالغي جو صيغو آهي. گهڻو حڪم ڪندڙ ۽ برائيءَ ڏانهن مائل ڪندڙ نفس، هيءُ نفس، ڏوهاري، سرڪش، ضدي ۽ خود سر ماڻهن جو هوندو آهي.

قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد آهي تہ:

Marfat.com

وَمَآ اُبَرِّئُ نَفْسِیْ ۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّیْ ؕ اِنَّ رَبِّیْ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ۝

*(سوره يوسف آيت53)*

"۽ (آءٌ) پنهنجي نفس کي پاڪ نٿو ڀانيان، تحقيق نفس بڇڙائيءَ ڏانهن ڇڪيندو آهي، پر جنهن تي منهنجو رب رحم ڪري، بيشڪ منهنجو پالڻهار بخشڻهار مهربان آهي."

*(ترجمو تاج محمود امروٽي ﷫)*

(2) **نفسِ لوامة**: ملامت ڪندڙ نفس:

قرآنِ مجيد ۾ ارشاد آهي تہ:

وَلَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ ؕ۝ *(القيامت آيت 02)*

"۽ نہ ملامت ڪرڻ وارو نفس گواهہ آهي تہ"

بري ڪم ڪرڻ تي شرمساري ۽ ندامت محسوس ڪندڙن جو هي نفس آهي. يعني دلي طور اعمالِ صالحہ ڪرڻ چاهن ٿا پر ان ڪم تي پوريءَ طرح غالب نہ آهن ۽ وري نہ چاهيندي بہ لاشعوري طور تي گناهہ جو ڪم سرانجام ڏيڻ کان پوءِ ان تي ڪين ملامت ۽ شرمساري محسوس ٿئي ٿي ۽ پنهنجي غلطيءَ کي Realize ڪن ٿا. هي توبہ جي توفيق جا حامل آهن.

(3) **نفسِ مُطمئنه**: اِطمينان وارو نفس:

ارشاد ربي آهي تہ:

يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ۝ ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً۝

*(سوره فجر_27_28)*

ترجمو:" اي آرام وٺڻ وارا جيءَ! تون پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽي هل (هو توکان) راضي ٿيل آهي. تنهنڪري (تون) منهنجي (خاص) ٻانهن (جي ٽوليءَ) ۾ داخل ٿيءُ ۽ منهنجي بهشت ۾ گهڙ."

هاڻ اچو تہ ڏسون تہ لفظ نفس آهي ڇا؟

Dictionary of Islam جي مصنف P.T. Hughes مطابق عربيءَ جو لفظ نفس اصل ۾ عبراني ٻوليءَ جو لفظ "نيفش" آهي جيڪو عربيءَ ۾ معرب ٿي "نفس" ٿيو آهي. نيفش لفظ جي معنيٰ آهي حياتي، روح حيواني ۽ ساهہ. انگريزيءَ ۾ ان جو ترجمو Soul ڪيو ويندو آهي. يوناني ٻوليءَ ۾ ان کي Psyche ۽ هنديءَ ۾ پران وايو يا استتو ۽ اصطلاحي طور تي من سڏجي ٿو.

نفس لفظ کي قرآن ڪريم حياتي، روح حيواني، ساهہ ۽ جان جي

Marfat.com

معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. بقول حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه:

انساني روح، انسانِ اڪبر (The Great Man) جي تجليءَ جو عڪس آهي جيڪا حظيرة القدس (Higher Center) ۾ موجود آهي. اهو عڪس سڀ کان پهرين عالمِ مثال ۾ پيدا ٿيندو آهي. جتي انساني روح تي ملڪوتي ۽ فلڪياتي اثرات مرتب ٿيندا آهن. ان روح کي روح ملڪوتي Angelic Soul سڏبو آهي. پوءِ جڏهن ان ملڪوتي روح کي انساني بدن ۾ وڌو ويندو آهي تہ ان لاءِ لطيف هوا مان هڪ ٻيو روح پيدا ڪبو آهي جنهن کي روح حيواني Animal Soul سڏبو آهي. ان کي "نسمہ" بہ چئبو آهي. جنهن جي سواري وري انساني جسم آهي. مرڻ وقت "نسمہ" انساني جسم کي ڇڏي ٿو ڏئي پر سندس تعلق روح ملڪوتي يا انساني روح، جنهن کي "نفس ناطقہ" بہ چئجي ٿو ان سان پنهنجي هستيءَ کي محفوظ رکي ٿي. اهو ئي روح حيواني يا نسمہ نفس آهي. جنهن کي جزا ۽ سزا ملندي ڇو تہ روح ملڪوتي، اُلوهياتي توانائي Divine Energy آهي ۽ ان جو خاتمو نٿو ٿئي.

ٻين لفظن ۾ روح ۽ نفس ٻئي لازم ۽ ملزوم ۽ مترادف آهن. قرآنِ ڪريم ۾ اچي ٿو تہ:

كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ۗ (آل عمران 185).

ترجمو: "سڀڪو جيءُ موت جو مزو چکندڙ آهي."

لفظ موت جي لغوي معني آهي وقفو. غرض تہ نفس اُها توانائي آهي جيڪا شخصيت جي ٽنهي بنيادي نظامن يعني اماره، لوامہ ۽ مطمئنه کي متحرڪ رکي ٿي.

قرآنِ پاڪ ۾ نفس کي مختلف معنائن ۾ استعمال ڪبو ويو آهي: مثلاً

(1) ڪو شخص يا ساهہ وارو انسان:

وَاِذْ قَتَلْتُمْ نَفْسًا فَادّٰرَءْتُمْ فِيْهَا ۭ (بقره 72)

"۽ جڏهن توهان هڪ شخص کي ڪُٺو."

(2) پاڻ يا پنهنجو پاڻ. جيئن اَتَاْمُرُوْنَ النَّاسَ بِالْبِرِّ وَتَنْسَوْنَ اَنْفُسَكُمْ "ماڻهن کي چڱائيءَ جو حڪم ڪريو ٿا ۽ پاڻ کي وساريو ٿا." (بقره 44)

(3) همر جنس: وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا "۽ الله توهان منجهان ئي توهان جا جوڙا ناهيا." (النحل 72)

Marfat.com

(4) Life Cell يا جرثومۂ حيات. جنهن سان زندگي جي ارتقا جو سلسلو هليو:

خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ ترجمو:

"هن توهان کي هڪ جيءَ مان پيدا ڪيو." *(النساءِ 01)*

پر اسان پنهنجي مضمون ۾ لفظ نفس کي انساني ذات، انا، خودي يعني Self ۽ I_am_ness يا وڌيڪ واضح لفظن ۾ تہ Human Personality جي متعين ڪيو آهي ۽ ان جي خصوصيات ۽ ڳڻن ۽ اوڳڻن تي بحث ڪرڻ چاهيون ٿا. نفس يا انساني ذات جي ماهيت ڇا آهي؟ اهو بيان کان ٻاهر آهي. ڇو جو قرآن ۾ آهي تہ:

وَيَسْئَلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ ۖ قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ وَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا قَلِيْلًا ۞

*(سوره بني اسرائيل 85)*

ترجمو: "۽ توکان روح بابت پڇن ٿا چئو تہ روح منهنجي پالڻهار جي امر مان آهي ۽ اوهان کي ڪي ٿورڙي علم ڪانسواءِ نہ ڏنو ويو آهي."

نفس، روح جي سواري آهي. نفس غير مادي شيءِ آهي. جيڪا اختيار ۽ ارادي جي مالڪ آهي. لهذا انساني نفس کي ان جي ذات جي مظاهر يا ٻين لفظن ۾ عملن ذريعي سڃاتو ويندو.

انسان جيئن تہ روح خداونديءَ جي تجليءَ جو عڪس آهي. جنهن تجليءَ جي عڪس کي الله تعالي *(سورت ص_ آيت: 71 ۽ 72)* ۾ چيو آهي تہ :

اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ طِيْنٍ ۞ فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ ۞

"جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي چيو تہ بي شڪ آءٌ مٽيءَ مان هڪ ماڻهو ٺاهڻ وارو آهيان. پوءِ جڏهن کيس پورو ٺاهي چڏيان ۽ منجهس پنهنجي روح منجهان ڦوڪيان تڏهن کيس سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پئجو"

يعني مِن روحي يعني الوهياتي توانائي. جيڪڏهن انسان، وحيءَ الاهي جي پيروي ڪري تہ حدِ بشريت جي دائري ۾ منجهس صفاتِ خداوندي جو عڪس، منعڪس ٿي پوندو. جنهن ڏانهن حديث ۾ اشارو آهي تہ تخلقوا باخلاق الله. سچل سرمست بہ اشارو ڪيو آهي تہ:

ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ بڻيجي.

Marfat.com

انسان جي انهن ٽنهي وصفن کي اسين طبعي، اخلاقي ۽ روحاني حالتون بہ چئي سگهون ٿا. قرآنِ ڪريم جو بنيادي مقصد بہ انسان جي انهيءَ ٽنهي درجن جي بتدريج اصلاح ڪرڻ آهي. ٻيا سمورا احڪامات، انهن لاءِ مددي حيثيت جا حامل آهن.

## نفسِ اماره جي اصلاح لاءِ قرآني احڪامات:

انهيءَ حالت جي اصلاح ڪري مٿي ترقي وٺرائڻ لاءِ پهرين نفس اماره جي حالت وارن کي ادب ۽ تهذيب جو درس ڏنو ويو ۽ ڪي سماجي ريتون ۽ رسمون ۽ رواج نافذ ڪيا ويا جن کي ٻين لفظن ۾ شريعت چئجي ٿو ۽ پوءِ انهن شرعي رسوم و رواج جي ڀڃڪڙيءَ لاءِ سزائون مقرر ڪيون ويون. رسومات قبيحہ کي ختم ڪيو ويو. محرمات ۽ حلال و حرام جو تعين، عدل ۽ انصاف، معاشرتي طور طريقا جهڙوڪ لين دين، ماپ ۽ تور ۾ ايمانداري، شاهدي نہ لڪائڻ، وياج نہ وٺڻ، ڪائڻ پيئڻ، عبادات جا طريقا، محتاجن ۽ مسڪين لاءِ مدد ۽ زڪوات جو نظام، صدقات، شادي نڪاح جا قاعدا ۽ طلاق جا قوانين ۽ طريقا، منشيات جي ممانعت، ناحق قتل جي ممانعت، نياڻين ۽ اولاد جي تربيت، رزق حلال جي ڳولا، لٽ مار ۽ چوريءَ کان منع، ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ تهمت جي ممانعت، شرڪيہ ڪمن، جوا ۽ بت پرستي کان ممانعت، آداب نشست و برخاست ۽ آداب طعام جي تربيت ملاوٽ ۽ ذخيره اندوزيءَ کان ممانعت، اسراف ۽ فضو ل خرچيءَ کان ممانعت، جسماني پاڪائي ۽ ڪپڙن، جاءِ جڳهن جي پاڪائيءَ جي تلقين، زنا ۽ مباديات زنا کان روڪ، جسماني اصلاح ۽ اعتدال لاءِ روزن جي فرضيت، گداگري ۽ پنڻ کان پرهيز، پاڙيسرين ۽ اعزا و اقربا جي حقن جي ادائيگيءَ جي هدايت، والدين ۽ وڏن جو ادب، ننڍن تي شفقت ۽ جانورن لاءِ رحم، يتيم جي پرگهور ۽ جنسي قاعدا ۽ قانون.

اهي سڀ قاعدا ۽ قوانين انسان جي نفس اماره جي وحشيانہ حالت کي سڌارڻ لاءِ لاڳو ڪيا ويا. قرآنِ ڪريم جو ٻيو طريقہ اصلاح اهو آهي تہ نفس اماره يعني طبعي حالت کي اخلاقي حالت يعني نفس لوامہ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ عملي اخلاقيات لاڳو ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ مختلف احڪامات نازل ڪيا ويا جهڙوڪ: پاڪدامني، احصان ۽ عفت کي قائم رکڻ جي فضيلت، پردي جا احڪام، نامحرمات کان اجتناب، نڪاح جي

Marfat.com

طاقت نہ هجڻ جي صورت ۾ روزا رکڻ. اهڙين مجلسن ۽ محفلن کان پاسو ڪرڻ جن ۾ انساني شخصيت يا ذات خساري ۾ پوي. صبر، حق، استقامت ۽ جهاد جا فضائل، صدقات ۽ نيڪيءَ جي ڪمن ۾ تعاون جي فضيلت، عبادات ۾ خشوع ۽ خضوع جي فضيلت، ذڪر الاهيءَ جي فضيلت، هڪ ٻئي لاءِ نيڪ جذبات رکڻ. باهمي مودت لاءِ تحفا ڏيڻ. سلام ڪرڻ ۾ پهل ڪرڻ، ڪاڏو ڪارائڻ، معذورن ۽ محتاجن جي مدد ڪرڻ جي فضيلت، حسنِ معاشرت يا سهڻو سلوڪ يا منو ڳالهائڻ، وڏائي ۽ تڪبر ۽ بخل کان پاسو ڪرڻ، هڪ ٻئي جو مال ناجائز طريقن سان کائڻ جي ممانعت، فتني ۽ فساد کان بچڻ، فرقي بازيءَ کان منع ۽ باهمي اتحاد جي تعليم، نهنائي ۽ نوڙت ڪرڻ، جاهلن کان پاسو ڪرڻ، هڪ ٻئي تي برن نالن رکڻ کان اجتناب، غصي تي ضابطو عفو ۽ درگذر کان ڪم وٺڻ، قريبن ۽ عزيزن سان سنو سلوڪ ڪرڻ، فحش گفتگو ۽ ڪمن کان پاسو ڪرڻ، طيب ۽ پاڪيزه شيون واپرائڻ، ڏيکاءَ ۽ منافقت کان بچڻ، ميانہ روي اختيار ڪرڻ ۽ جيڪڏهن ان وچ ۾ ڪا غلطي ٿي وڃي تہ ان تي ندامت ۽ ملامت جو احساس ڪرڻ ۽ الله تعاليٰ کان معافي طلب ڪرڻ ۽ استغفار پڙهڻ، شجاعت، سخاوت، صداقت ۽ همدرديءَ ڪرڻ، غرض تہ خيرُ الامور او سطها تي عمل پيرا ٿيڻ.

تنهن کان پوءِ انساني نفس جي ٽين حالت نفس مطمئنہ جي ڪيفيت جو بيان تہ جڏهن مڪمل طور تي رسول اڪرمﷺ جي پيروي ڪندو تہ دنيا ۾ اطمينان قلب ۽ آخرت ۾ جنت جو نصيب ٿيڻ. ان لاءِ ان آيت جو مصداق بڻجڻ تہ:

قُلْ اِنَّ صَلَاتِیْ وَنُسُکِیْ وَ مَحْیَایَ وَ مَمَاتِیْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ﴿ (الانعام_163)

وحده لاشريڪ لہ، چئہ چوندو آءٌ
فرض، واجب، سنتون، تنئون ترڪ مَ پاءٌ
توبہ سندي تسبيح، پڙهي سا پچاءِ
نانگا پنهنجي نفس کي، سنئين راهہ سونهاءِ
سپيريان جي ڳالهڙي، هيءَ هينئين سين لاءِ
تہ سندي دوزخ باهہ، تو اوڏيائي نہ اچي.

Marfat.com

انهن تنهي نفسياتي ڪيفيتن جي حامل افراد جو تعلق امتِ مسلمه سان بيان ڪندي قرآني ڪريم سوره فاطر جي آيت 32 ۾ فرمائي ٿو ته:

ثُمَّ اَوْرَثْنَا الْكِتٰبَ الَّذِيْنَ اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا ۚ

(1) فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ — نفس اماره

(2) وَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ۚ - نفسِ لوامه ميانه رو/معتدل.

وَمِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ۝

(3) نفس مطمئنه

*(22_35_32)*

***

Marfat.com

# تزڪيہ نفس: قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾

*حافظ عبدالوهاب مگريو*/ليڪچرار اسلاميات

**تزڪيہ جي لفظي معنيٰ:** ڪنهن شي کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ.

تزڪيہ نفس جو اصطلاحي مفهوم: نفس کي هر ناپسند رجحان ۽ توجہ کان پاڪ ڪري نيڪي، خدا ترسي ۽ فضائل اخلاق سان سنوارڻ ۽ خدا ترسي ۾ ڪمال جي رتبي تي پهچڻ.

**تزڪيہ نفس جي ورهاست:** (1) پنهنجي جو محاسبو ڪري منجهائنس برايون ختم ڪرڻ (2) پنهنجي نفس جو محاسبو ڪري منجهس چڱايون پيدا ڪرڻ.

نفس جا قسم: قرآن مجيد ۾ نفس جا ٽي قسم بيان ڪيا ويا آهن:

(1) **نفس اماره:** هي نفس جو اهو قسم آهي جيڪو انسان کي براين ڏانهن اياريندو آهي. جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي . وَمَآ اُبَرِّئُ نَفۡسِىۡ‌ ۚ اِنَّ النَّفۡسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوۡٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّىۡ *(سورت يوسف35)* ترجمو: "۽ مان پنهنجي نفس کي بي قصور نہ ٿو چوان، بيشڪ نفس برائي جو حڪم ڪندو آهي مگر جنهن تي منهنجو رب رحم ڪري"

(2) **نفس لوامہ:** هي نفس جو اهو قسم آهي جيڪو انسان کي براين تي ٽوڪيندو آهي ۽ ان کي چڱاين تي اياريندو آهي. جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي: وَلَآ اُقۡسِمُ بِالنَّفۡسِ اللَّوَّامَةِ *(سورت القيامتہ 2)* ترجمو "۽ نہ بلڪ مان نفس لوامہ جو قسم کڻان ٿو." نفس جي هن قسم کي ضمير بہ چئبو آهي (3) نفس مطمئنۃ۔ هي نفس جو اهو قسم آهي جيڪو نيڪي ڪرڻ کان پوءِ انسان کي اطمينان ڏياريندو آهي، جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي: يٰۤاَيَّتُهَا النَّفۡسُ الۡمُطۡمَئِنَّةُ ﴿۲۷﴾ ارۡجِعِىۡۤ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرۡضِيَّةً

Marfat.com

﴿فَادْخُلِىْ فِىْ عِبٰدِىْ ۙ﴿۲۹﴾ وَادْخُلِىْ جَنَّتِىْ ﴿۳۰﴾﴾ (سورة الفجر 27 ـ 30) ترجمو "اي اطمينان وارا نفس! پنهنجي رب ڏانهن موٽ تون. بہ ڪائنس راضي هج ۽ هو بہ توکان راضي هجي پوءِ منهنجي. خاص ٻانهن ۾ داخل ٿي منهنجي جنت ۾ داخل ٿي."

**نفس ۾ پيدا ٿيندڙ خرابيون (1) غفلت.** انسان جڏهن الله تعالى جي ياد کان غافل ٿي ويندو آهي تہ هن ۾ هر قسم جون برايون پيدا ٿي وينديون آهن جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي: وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ (سورت ڪهف 28) ترجمو" ۽ ان شخص جي اطاعت نہ ڪر جنهنجي دل اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪري ڇڏي ۽ هو پنهنجي خواهشات جو تابعدار بڻجي ويو."

**(2) حب دنيا (حب خواهشات)**

دنيا جي محبت ۽ خواهشات جي محبت بہ گهڻين براين جو سبب بڻجي ٿي. جيئن قرآن ڪريم ۾ آهي (الف) زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوٰتِ مِنَ النِّسَآءِ وَالْبَنِيْنَ وَالْقَنَاطِيْرِ الْمُقَنْطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَالْاَنْعَامِ وَالْحَرْثِ ؕ ذٰلِكَ مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ (سورت آل عمران 14) ترجمو " ماڻهن جي لاءِ شهوتن جي محبت خوبصورت بڻائي ويئي آهي، عورتن منجهان، اولاد، گڏ ٿيل خزانا، سون جا ۽ چاندي جا ۽ نشان لڳايل گهوڙا ۽ جانور ۽ کيتي. اهو دنيا جي زندگي جو فائدو آهي" (ب) اَلْهٰكُمُ التَّكَاثُرُ ۙ ○ حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ ؕ ﴿۲﴾ (سورت ڪوثر 1 2) ترجمو "اوهان کي مال جي گهڻائي غافل ڪري ڇڏيو ايستائين جو اوهان قبرن کي ڏٺو (ج) فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَاتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ يَلْقَوْنَ غَيًّا ۙ﴿۵۹﴾ (سورت مريم 59) ترجمو "پوءِ پوين انهن کان بعد نماز کي ضايع ڪري ڇڏيو ۽ شهوتن جي پويان لڳي پيا پوءِ جلدي گهمراهي ۾ ڪرندا."

**(3) عبرت وٺڻ جو فقدان:**

ڪئين قومون براين ۽ خرابين جي ڪري تباهہ ۽ ويران ٿيون. انهن جي تباهيءَ ۽ ويرانيءَ مان عبرت نہ وٺڻ جي ڪري انسان وڌيڪ برو ۽ خراب ٿي ويندو آهي. جڏهن تہ اهڙين قومن جي انجام مان عبرت ۽ سبق وٺڻ لاءِ قرآن حڪم ڪيو آهي. جيئن فرمايائين (۱) فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۸۴﴾ (سورة اعراف ۸۴) " پوءِ ڏسو تہ ڏوهارين جو انجام ڪيئن ٿيو؟"

Marfat.com

(٢)فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٣٩﴾ (سورة يونس ٣٩) ترجمو: "پوءِ ڏس تہ ظالمن جو انجام ڪيئن ٿيو؟" (ج) فَاعْتَبِرُوْا يٰٓاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿٢﴾ (سورة الحشر 2) "پوءِ عبرت وٺو اي ڏسندڙو!"

(4) **برو ماحول**

ماحول جا قسم:

(الف) جيڪي عادتون طريقا سڄي دنيا ۾ هجن

(ب) جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ هجن

(ج) خاندان ۾ هجن

(د) ملڻ جلڻ وارن جوحلقو

انسان آخري قسم ۾ با اختيار آهي تہ هو چڱي صحبت اختيار ڪري، ان سلسلي ۾ هڪ حديث شريف ۾ پڻ رهنمائي ملي ٿي. عن ابي هريرة قال رسول الله كل مولود يولد على فطرته فابواه يهودانه اوينصرانه اويمجسانه ترجمو "هر ٻار پنهنجي (اسلام) جي فطرت تي پيدا ڪيو ويندو آهي پوءِ سندس پيءُ ماءُ کيس يهودي يا نصراني يا مجوسيؑ ٺاهي ڇڏيندا آهن." ان ڏس ۾ عربيءَ ۾ هڪ شعر آهي: اذاانت اكرمت الكريم ملكته و ان وانت اكرمت اللئيم تمردا. ترجمو "جيڪڏهن تون شريف جي عزت ڪندين تہ سندس مالڪ بڻجي ويندين ۽ جيڪڏهن تون ڪميڻي جي عزت ڪندين تہ هو آڪڙجي ويندو." ان سلسلي ۾ فارسي ۾ پڻ هڪ شعر تصديق ڪري ٿو.

صحبت طالح ترا طالح كنند صحبت صالح ترا صالح كنند

يعني بد ڪردار جي دوستي بد ڪردار ئي بڻائيندي نيڪ ڪردار جي دوستي نيڪ ڪردار وارو ئي بڻائيندي.انهن پڌراين مان ڄاڻ ملي ٿي تہ انسان تي ماحول جي ڪري ڪيترو اثر پوي ٿو. والدين، شريف يا ڪميڻو ماڻهو ۽ نيڪ يا بد جو ماحول، هڪ سٺي انسان کي برو ۽ بري انسان کي چڱو بڻائي سگهي ٿو.

**معاشرتي برايون ۽ علامتون**

انسان تي سماج ۽ معاشري جو وڏو اثر پوي ٿو جڏهن کيس خراب ۽ برو معاشرو ملي ٿو تہ منجهس ڪئين برايون پيدا ٿي وڃن ٿيون جهڙوڪ:

Marfat.com

بدگماني، تڪبر، غرور ۽ حسد، ڪينو ڏيکاءُ غيبت، ڪنجوسي، حرص، نعمت طلبي، آرام و سڪون، تجسس نجوي (سرگوشي)، پاڻ کي تنقيد کان مٿانهون سمجهڻ ۽ ٻئي کي حقير سمجهڻ ۽ ڍگهيون ڊگهيون اميدون رکڻ وغيره پڻ خراب ماڻهوءَ جون علامتون آهن.

اسباب: (خواهشون ۽ شيطاني وسوسا)

انهن براين جا سبب خواهشون ۽ شيطاني وسوسا آهن جن جي ڪري انسان قاسي وڃي ٿو ۽ سندس نفس خراب ٿي وڃي ٿو ان سلسلي ۾ قرآن ۽ حديث مان مڪمل ثابتي ملي ٿي:

(الف) اِسۡتَحۡوَذَ عَلَيۡهِمُ الشَّيۡطٰنُ فَاَنۡسٰهُمۡ ذِكۡرَ اللّٰهِ (سورة مجادلہ 19) ترجمو "انهن تي شيطان مسلط ٿي ويو آهي پوءِ هن الله جي ياد ڪانئن وساري ڇڏي آهي."

(ب) قَالَ فَبِمَاۤ اَغۡوَيۡتَنِيۡ لَاَقۡعُدَنَّ لَهُمۡ صِرَاطَكَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ۙ ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمۡ مِّنۡۢ بَيۡنِ اَيۡدِيۡهِمۡ وَمِنۡ خَلۡفِهِمۡ وَعَنۡ اَيۡمَانِهِمۡ وَعَنۡ شَمَآئِلِهِمۡ (سورت اعراف 16 .17) ترجمو " هن (شيطان) چيو جيئن تہ تو مون کي گمراه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي تہ مان ضرور ويهندس انهن لاءِ (گمراه ڪرڻ خاطر) تنهنجي سڌي واٽ تي. پوءِ مان ضرور ايندس سندن آڏو ۽ سندن پٺيان کان ۽ سندن ساڄي کان ۽ سندن کاٻي کان."

(ج) كَمَثَلِ الشَّيۡطٰنِ اِذۡ قَالَ لِلۡاِنۡسَانِ اكۡفُرۡ‌ۚ فَلَمَّا كَفَرَ قَالَ اِنِّىۡ بَرِىۡٓءٌ مِّنۡكَ اِنِّىۡۤ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الۡعٰلَمِيۡنَ (سورة الحشر 16) ترجمو" جيئن شيطان جو مثال. جڏهن انسان کي چيائين تون ڪفر ڪر، پوءِ جيئن ئي هن ڪفر ڪيو تہ چيائين مان تہ توکان بيزار آهيان "بيشڪ مان تہ الله کان ڊڄان ٿو جيڪو بنهي جهانن جو پالڻهار آهي."

(د) اَرَءَيۡتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰٮهُ (سورت الجاثية 18) ترجمو" ڇا تو ان کي ڏٺو جنهن پنهنجي خواهشن کي معبود بڻائي ڇڏيو"

(ه) وَلَا تَتَّبِعِ الۡهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ (سورة ص 26) ترجمو" ۽ نفس جي خواهش جي پيروي نہ ڪر ڇو تہ اها توکي الله جي واٽ کان ڀٽڪائيندي"

(و) وَمَنۡ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰٮهُ بِغَيۡرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ (سورت القصص 50) ترجمو " ۽ ان ماڻهوءَ کان وڌيڪ گمراه ڪير هوندو جيڪو الله جي هدايت کان بنا بس پنهنجي خواهش جي پيروي ڪري"

Marfat.com

(ز) حديث: ماتحت ظل السماءِ من الاٰه يعبد من دون الله اعظم عندالله من هوىٰ متبع " ترجمو" جيڪي معبود پوڄيا وڃن ٿا انهن مان الله وٽ بدترين معبود خواهش (نفس) آهي جنهن جي پيروي ڪئي وڃي. "(طبراني)

(ح) حديث: لايؤمن احدكم حتىٰ يكون تبعالما جئت به. ترجمو " اوهان مان ڪو به (مڪمل) مومن نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين سندس خواهشون ان جي تابع ٿي نہ وڃن جيڪي مون آندو آهي."

(ط) فَلَا تَتَّبِعُوا الْهَوٰٓى اَنْ تَعْدِلُوْا ۚ (سورت نساء135) ترجمو " پوءِ نفس جي پيروي ۾ عدل کان نہ هٽجو "

(ي) وَلَوِ اتَّبَعَ الْحَقُّ اَهْوَآءَهُمْ لَفَسَدَتِ السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ وَ مَنْ فِيْهِنَّ ؕ (سورت مومن 17) ترجمو " ۽ جيڪڏهن حق انهن جي خواهش جي پويان هلي ها تہ آسمانن ۽ زمين جو نظام بيڪار ٿي وڃي ها."

(ڪ) فَلَا يَصُدَّنَّكَ عَنْهَا مَنْ لَّا يُؤْمِنُ بِهَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ فَتَرْدٰى ۝ (سورت طٰہٰ) ترجمو "ڪو اهڙو شخص جيڪو ان تي ايمان نہ ٿو آڻي ۽ پنهنجي نفس جي خواهش جو بندو بڻجي ويو آهي تو کي ان (قيامت جي فڪر) کان نہ روڪي".

<u>نفس جو تاريخي ڪردار</u> (الف) نفس جي خواهش جي ڪري قابيل پنهنجي ڀاءُ هابيل کي قتل ڪيو. تاريخ جو اهو پهريون قتل هو (ب) ابو جهل رسول الله صلي عليہ وسلم جي هر ڳالهہ صحيح سمجهندو هو رڳو نفس جي خواهش جي ڪري ايمان نہ آندائين (ج) عبدالله بن ابي بن ابي سلول جنهن کي رئيس المنافقين ڪوٺيو ويو نفس جي خواهش جي ڪري منافقت اختيار ڪيائين. تاريخ جي حوالي کان اهي مکيہ ۽ اهم مثال موجود آهن.

## بعثت رسول ﷺ جو مقصد تزڪيہ نفس

الله تعاليٰ انسان کي دنيا ۾ خليفو بڻائي موڪليو ۽ دنيا ۾ پهچندي ئي هو پاڪ آهي پر بعد ۾ مختلف خراب ڪرتوتن جي ڪري هو پاڻ کي خراب ڪري ڇڏي ٿو. ان ڪري الله تعاليٰ انسان جي انهي خرابي دور ڪرڻ لاءِ پنهنجا پيغمبر بہ موڪليا تان تہ انسان کي نيڪ واٽ ڏيکارين. انهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي پاڻ سڳورن ﷺ جي بعثت بہ هئي جنهن متعلق

Marfat.com

قرآن شاهد آهي فرمايو ويو. " (الف) لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۱۶۴﴾ (سورة آل عمران 124) ترجمو " بيشڪ الله مومنن تي احسان ڪيو جڏهن منجهن هڪ رسول موڪليائين انهن منجهان ئي. هو متن سندس آيتون پڙهي ٿو ۽ کين پاڪ ڪري ٿو ۽ کين ڪتاب ۽ حڪممت سيکاري ٿو: توڻيجو اهي ان کان اڳ پڌري گمراهيءَ ۾ هيا."

انهيءَ آيتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ سڳورن جي بعثت جي مقصدن مان هڪ مُقصد تزڪيہ ( پاڪ ڪرڻ) پڻ هيو. انهي بعثت ۽ ساڳي مقصد لاءِ حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام پڻ دعا گهري هئي عرض ڪيائون:

(ب). رَبَّنَا وَابْعَثْ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيْهِمْ ۭ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۱۲۹﴾ (سورة البقره 129)

ترجمو " اسان جا پالڻهارا ۽ انهن منجهہ هڪ رسول موڪل. انهن منجهان ئي، جيڪو هو متن تنهنجون آيتون پڙهي ۽ کين ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏي ۽ کين پاڪ ڪري. بيشڪ تون غالب حڪمت وارو آهين."

## تزڪيہ نفس جا طريقا ۽ ذريعا:

انسان کي هڪ خاص مقصد جي لاءِ پيدا ڪيو ويوآهي. انهي مقصد جي پيش نظر کيس مثبت و منفي صفتون عطا ڪيون ويون آهن. جهڙوڪ محبت ۽ نفرت جو جذبو ڏک ۽ سک جو احساس، غيض و غضب وغيره. انهن منجهان هر هڪ ۾ اعتدال ضروري آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن اهي صفتون اعتدال کان هٽي بہ وينديون آهن ۽ عقل کي ڦاسائي وجهنديون آهن پوءِ انسان بغاوت ۽ سرڪشيءَ تي لهي ايندو آهي. اهڙي ڪيفيت کي نفس پرستي يا خواهش چئبو آهي.

توڙي جو نفس خراب ٿي وڃي پر ان کي پاڪ ڪرڻ جا ڪئين طريقا ۽ ذريعا آهن جن جي وسيلي هو پنهنجي اصلي حالت ۽ ڪيفيت ۾ اچي سگهي ٿو.

1 . **مجاهده:** مان مراد نفس سان جهاد ڪرڻ آهي ۽ پڻ ان کي برائين کان

Marfat.com

بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي. قرآن ۾ ارشاد آهي (الف) وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا ۝ فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا ۝ قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۝ وَقَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ۝ (سورة الشمس ٧-١٠) ترجمو" ۽ انساني نفس ۽ ان ذات جو قسم جنهن ان کي برابر ڪيو. پوءِ ان جي بدي ۽ ان جي پرهيزگاري ان تي الهام ڪيائين. بيشڪ اهو ڪامياب ٿيو جنهن نفس کي پاڪ ڪيو ۽ بيشڪ اهو ناڪام ٿيو جنهن ان کي خراب ڪيو."

(ب) وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ۝ (سورت النزعت 40) ترجمو "۽ باقي جيڪو پنهنجي پالڻهار جي آڏو بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي خواهش کان روڪيائين پوءِ بيشڪ جنت ان جو مقام آهي. قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى ۝ (سورة الاعلىٰ 14) ترجمو" پوءِ بيشڪ اهو ڪامياب ٿيو جنهن پاڻ کي پاڪ ڪيو."

(د) حديث: المجاهد من جاهد نفسه في طاعته الله ترجمو: "مجاهد اهو آهي جيڪو الله جي فرمانبرداريءَ ۾ پنهنجي نفس سان جهاد ڪري."

(هـ) رسول الله صلي عليہ وسلم کان پڇا ڪرڻ خاطر عرض ڪيو ويو: "ماالهجرته افضل يا رسول الله۔ قال اَن تهجرما کرہ ربك" ترجمو " الله جا رسول! سڀ کان فضيلت واري هجرت ڪهڙي آهي؟ فرمايائين: اها تہ تون انهن ڪمن کي ڇڏي ڏين جن کي تنهنجو پالڻهار ناپسند ڪري ٿو"

(و) حديث: " الكيس من دان نفسه " ترجمو" ڏاهو اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس جو محاسبو ڪري."

2. <u>ندامت، توبہ ۽ استغفار</u>: نفس کي خرابين کان پاڪ ڪرڻ جو ٻيو طريقو ۽ ذريعو ندامت ۽ استغفار آهي يعني ڪيس پنهنجي ڪرتوتن تي پشيمان ٿيڻ گهرجي. غلطي جو اعتراف ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ الله تعاليٰ ڏانهن موٽي ڪائنس بخشش گهرڻ کپي. ان سلسلي ۾ حضرت آدم عليہ السلام ۽ حضرت حوا عليها السلام جو مثال غلطيءَ جو اعتراف ڪرڻ، ان تي پشيمان ٿيڻ ۽ الله تعاليٰ کان معافي وٺڻ تاريخي مثال آهي ۽ انهن جي مقابلي ۾ ابليس بہ غلطي ڪئي پر هو نادم ٿيڻ، غلطي جي اعتراف ڪرڻ ۽ معافي گهرڻ بجاءِ تڪبر ۽ غرور وچان آڪڙجي پيو جنهن جي ڪري تڙيو ويو.

ان ڪري انسان کي گهرجي تہ گناهہ کان پوءِ الله تعاليٰ ڏانهن موٽي ۽ بخشش جي واٽ وٺي، قرآن ۾ آهي (الف) وَالَّذِيْنَ اِذَا فَعَلُوْا فَاحِشَةً اَوْ ظَلَمُوْٓا

Marfat.com

اَنْفُسَهُمْ ذَكَرُوا اللهَ فَاسْتَغْفَرُوْا لِذُنُوْبِهِمْ (سورة آل عمران 135) ترجمو " ۽ جن بي حيائي ڪئي يا پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو اهي الله کي ياد ڪن، پوءِ پنهنجي گناهن جي بخشش گهرن." (ب) وَ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ (سورة هود 90) ترجمو: "۽ هي تہ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو پوءِ ڏانهس ئي موٽو" (ج) حديث كل ابن آدم خطا وخير الخطائين التوابون(احمد وترمذي) ترجمو: "هر انسان خطا ڪار آهي ۽ خطا ڪارن مان سٺا ماڻهو توبہ ڪندڙ آهن." (د) حديث: يا ايها الناس توبوا الى الله وستغفروه فاني اتوب في اليوم مائه مرته ترجمو " اي انسانو توهان الله ڏانهن موٽو (توبہ ڪريو) ۽ کائنس بخشش گهرو ڇو تہ مان ڏينهن ۾ هڪ سو ڀيرا توبہ ڪندو آهيان (هہ) حضرت مجدد الف ثاني رح فرمائي ٿو " جنهن گناهہ کان پوءِ ندامت نہ آهي، انديشو آهي تہ اها اسلام کان ٻاهر نہ ڪري ڇڏي "

3. ذڪر ۽ فڪر: نفس کي پاڪ ڪرڻ جو ٽيون طريقو ۽ ذريعو ذڪر ۽ فڪر آهي. يعني الله تعالىٰ کي ياد ڪجي ۽ سندس تخليقات ۾ غور و فڪر ڪجي. ان سان هڪ تہ انسان جي دل تي گناهن جي چڙهيل ڪٽ لهي ويندي ۽ ٻيو تہ کيس اطمينان حاصل ٿيندو ۽ پڻ شيطان کان محفوظ رهندو. قرآن ۾ ارشاد آهي(الف) اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَطْمَئِنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ (سورة اولرعد 284) ترجمو: "جن ايمان آندو انهن جون دليون الله جي ذڪر سان مطمئن ٿي وڃن ٿيون. خبردار الله جي ذڪر سان ئي دليون مطمئن ٿين ٿيون." (ب) اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ (سورة الانفال 2) ترجمو: "جڏهن الله جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو تہ مومنن جون دليون ڏڪي وڃن ٿيون"

(ج) حديث: ان الشيطان واضع خرطومه على قلب ابن آدم فان هو ذكر الله خنس وان نسى الله تعالى التقم قلبه (اخرجه ابن ابي الدنيا) ترجمو: "بيشڪ شيطان پنهنجي سونڊ آدم جي اولاد جي دل تي رکندو آهي. پوءِ جيڪڏهن هو الله جو ذڪر ڪندو آهي تہ هو پٺتي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن هو الله کي وساري ڇڏيندو آهي تہ سندس دل کي ڦٻائي ويندو آهي. (د) پاڻ سڳورن ﷺ علي رضہ کي فرمايو "اذا تقرب الناس الى الله تعالى بانواع البر فتقرب انت بعقلك" ترجمو: "جيڪڏهن ماڻهو نيڪي جي مختلف قسمن سان الله جي ويجها ٿيندا آهن تہ تون پنهنجي عقل سان الله جي ويجهو ٿي."

Marfat.com

چڱائي ڪرڻ ۽ برائي کان بچڻ وقت الله کي ياد ڪرڻ اصل ذڪر آهي. پڻ الله تعاليٰ کي مختلف لفظن ۽ جملن جي وسيلي ياد ڪرڻ ۽ انهن جو ورد ڪرڻ ذڪر آهي.

(4)**تلاوتِ قرآن**: قرآن ڪريم جي تلاوت سان انسان جي دل تي چڙهيل گناهن جي ڪٽ لهي ويندي آهي ۽ پڻ دل کي اطمينان ٿيندو آهي. نفس ۾ پيدا ٿيندڙ سموريون خرابيون دور ٿي وينديون آهن ۽ تلاوت جي ڪثرت سان دل پاڪ ۽ صاف ٿي ويندي آهي. قرآن ۾ ارشاد آهي. وَاِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا *(سورت انفال 2)* ترجمو: "۽ جڏهن انهن (ايمان وارن) جي مٿان سندس (الله جون) آيتون تلاوت ڪيو وڃن ٿيون تہ سندن ايمان وڌائي ڇڏين ٿيون." نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي بعثت جو پڻ هڪ اهم مقصد تلاوت ڪلام پاڪ ٻڌايو ويو: يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ *(سورة الجمعۃ 2)* ترجمو: "هو مٿن سندس آيتون تلاوت ڪري ٿو"

(5) تقويٰ (پرهيزگاري) نفس کي پاڪ ڪرڻ جو پنجون طريقو ۽ ذريعو تقويٰ آهي. جنهن جو مطلب آهي هر مُعاملي ۽ هر حالت ۾ الله تعاليٰ کان ڊڄڻ ۽ سندس منع ٿيل ڪمن کان پرهيز ڪرڻ. قرآنِ مجيد ۾ ارشاد آهي (الف) اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّيُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ *(سورة الانفال 29)* ترجمو: "جيڪڏهن الله کان ڊڄندا رهندو تہ اوهان لاءِ (اوهان جي دلين ۾حق ۽ باطل کي) نکيڙيندڙ (نور) پيدا ڪندو ۽ اوهان جا گناه اوهان کان ٽاريندو."

(ب) وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ۝ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ *(سورت الطلاق 2، 3)* ترجمو: "۽ جيڪو الله کان ڊڄندو آهي تہ هو سندس لاءِ ڪا واٽ ڪڍندو آهي ۽ ڪيس اهڙي جاءِ تان رزق ڏيندو آهي جتان ڪيس گمان بہ نہ هوندو آهي."

(ج) اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰكُمْ *(سورة الحجرات 13)* ترجمو: " بيشڪ الله وٽ اوهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو اوهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي."

(د) لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَلَا دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ *(سورة الحج 37)* ترجمو: "الله تعاليٰ کي ان (جانور) جو گوشت ۽ ان (جانورا) جو رت هرگز نہ ٿو پهچي پر ان ماڻهو جي تقويٰ پهچي ٿي." انهن دليلن مان

Marfat.com

معلوم ٿئي ٿو تہ تقويٰ سان انسان پاڪ ٿئي ٿو ۽ الله وٽ قريب ٿيندي عزت ماڻي ٿو.“

(6) **عمل صالح ( نيڪ عمل ):** نفس کي پاڪ ڪرڻ جو ڇهون ذريعو نيڪ ۽ چڱا عمل آهن انهن جا ٽي قسم آهن:

(الف) عبادتون. جيئن نماز روزو زڪوت ، حج، جهاد وغيره

(ب) اخلاقيات: ان جا بہ ٻہ پاڱا آهن: سٺا اخلاق ۽ برا اخلاق. سٺن اخلاقن ۾ اخلاص، زهد، قرب الاهي، شڪر، توڪل، تقويٰ ، دانائي، محنت، حلال ڪمائي، خودداري، قناعت، اعتدال، وقت جي پابندي، تزڪيہ نفس، طهارت، دعا، چڱي صحبت، نصيحت وٺڻ، عفو و درگزر صبر ۽ تحمل، اخوت، اتحاد ۽ اتفاق، صلہ رحمي، صلح، عدل ۽ انصاف، مساوات، رواداري، نيڪي ۾ مدد، مشورو حسن ظن، خوش اخلاقي، حفاظت نظر، انفاق ، سخاوت، ايثار ۽ قرباني ، احسان، انجام پاڙڻ، سچ، امانت ۽ ديانت وغيره. انهن جي ابتڙ هلڻ برا اخلاق چئبا.

(ج) **معاملات:** انهن ۾ معاشرتي آداب ۽ حقوق و فرائض شامل آهن. جيئن سفر جا آداب، رستي جا آداب، ميت جا آداب، ميزباني ۽ مهمان نوازيءَ جا آداب، مجلس جا آداب، سلام جا آداب، عيادت جا آداب، ملاقات ۽ گفتگوءَ جا آداب، ڪاروبار جا آداب ۽ خط و ڪتابت جا آداب وغيره. اهڙي ريت حقوق و فرائض ۾ والدين جا آداب ۽ اولاد جا حق، دوستي جا حق، پاڙيسري جا حق وڏن ۽ ننڍن جا حق وغيره. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي. (الف) وَ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَ هُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ يُرْزَقُوْنَ فِيْهَا بِغَيْرِ حِسَابٍ۝ (سورة المومن 40) ترجمو: ”۽ جنهن نيڪ عمل ڪيو مرد هجي يا عورت ۽ اهو مومن بہ هجي تہ پوءِ اهڙا ماڻهو جنت ۾ ويندا، اتي کين بي حساب رزق ملندو.“ (ب) فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ وَيَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ (سورة نساء 173) ترجمو: ”پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا تہ هو سندن اجر کين پورو ڏيندو ۽ اجا وڌيڪ پنهنجي فضل سان نوازيندو.“

(7) **زبان جي حفاظت:** نفس کي پاڪ ڪرڻ جو ڇهون ذريعو زبان جي حفاظت آهي. ان جي حفاظت جو مطلب آهي پنهنجي زبان کي انهن

Marfat.com

نيڪ باتوں پر عمل ڪرنا تمهارا ڪام ہے
يہ نہ ديکھو کہنے والا کون ہے کيا نام ہے

انهن دليلن مان معلوم ٿئي ٿو تہ چڱي صحبت ۽ سٺي دوستي دنيا ۾ بہ فائديمند آهي، پر آخرت ۾ پڻ ڪارائتي ۽ سود مند آهي.

(9) **احساس جواب دهي نفس کي پاڪ ڪرڻ جو نائون وسيلو** احساس جواب دهي آهي. ان مان مراد هي آهي تہ آخرت جو فڪر هجي ۽ پنهنجي عملن جي حساب ڪتاب ڏيڻ جو احساس هجي، ان سان انسان دنيا ۾ پاڻ کي براين کان بچائيندو ۽ چڱاين ڪرڻ ۾ اڳ اڳرو ٿي ويندو بلڪ منجهس جوابدهي جو احساس پيدا ٿيندو. قرآن ۾ آهي (الف) اَيَحۡسَبُ الۡاِنۡسَانُ اَنۡ يُّتۡرَكَ سُدًى ؕ﴿۳۶﴾ *(سورة القيامہ 36)* ترجمو: "ڇا انسان سمجهي ٿو تہ هو بي مهار ڇڏيو ويو آهي." (ب) اَفَحَسِبۡتُمۡ اَنَّمَا خَلَقۡنٰكُمۡ عَبَثًا وَّ اَنَّكُمۡ اِلَيۡنَا لَا تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۱۱۵﴾ *(سورة المومنون 115)* ترجمو: "ڇا پوءِ اوهان سمجهو آهي تہ رڳو اسان کي بي ڪار پيدا ڪيو آهي ۽ اهو تہ اوهان اسان ڏانهن ڪين موٽندا؟" (ج) اِنَّ اللّٰهَ لَا يَخۡفٰى عَلَيۡهِ شَىۡءٌ فِى الۡاَرۡضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ ؕ﴿۵﴾ *(سورة آل عمران 5)* ترجمو: "بيشڪ الله کان ڪا بہ شي زمين ۾ ۽ نہ آسمان ۾ لڪي ٿي." (د) سَاَلَهُمۡ خَزَنَتُهَاۤ اَلَمۡ يَاۡتِكُمۡ نَذِيۡرٌ ﴿۸﴾ قَالُوۡا بَلٰى قَدۡ جَآءَنَا نَذِيۡرٌ ۙ فَكَذَّبۡنَا وَ قُلۡنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنۡ شَىۡءٍ ۚ *(سورة الملڪ 9)* ترجمو: "ان (دوزخ) جا داروغا ڪائن پڇندا ڇا اوهان وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ آيوهو. چوندا، ها (چو نہ) بلڪ پڪ اسان ڏانهن ڊيڄاريندڙ آيو هو پر اسان کيس ڪوڙو ڀانيو ۽ چيوسين (تہ) الله ڪا بہ شي نازل نہ ڪئي آهي."

انهن دليلن مان خبر پوي ٿي تہ انسان کي دنيا ۾ هڪ ضابطي تحت زندگي گذارڻي آهي ۽ زندگي جو بنيادي مقصد آڏو رکندي ان وقت کي قيمتي سمجهي پڻ آخرت جي لاءِ پاڻ کي جواب دهي لاءِ تيار ڪندي پنهنجي اندر احساس پيدا ڪرڻو آهي.

(10) **امر بالمعروف ونهي عن المنڪر:** (نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ) نفس کي پاڪ ڪرڻ جو ڏهون ذريعو امر بالمعروف ونهي عن المنڪر آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن انسان ٻئي کي نيڪي جو حڪم ڪندو ۽ برائي کان روڪيندو تہ پاڻ کي بہ احساس ٿيندس تہ آءُ پاڻ بہ اهڙي عمل تي عمل ڪريان. انهيءَ طريقي سان سندس نفس پاڪ ٿيندو رهندو. نبي پاڪ ﷺ جي امت جي اها خاص خوبي بيان ڪئي وئي آهي. فرمان

Marfat.com

آهي (الف) كُنتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ (سورة آل عمران 110) ترجمو: "اوهان بهتر امت آهيو ماڻهن لاءِ ڪڍيا ويا آهيو نيڪيءَ جو حڪم ڪريو ٿا ۽ برائي کان روڪيو ٿا." (ب) حديث: من راى منكم منكرا فليغيره بيده فان لم يستطع فبلسانه فان لم يستطع فقلبه و ذالك اضعف الايمان ترجمو: "اوهان مان جيڪو برائي ڏسي ته پوءِ ڪيس گهرجي ته ان کي پنهنجي هٿ سان متائي پوءِ جيڪڏهن ان جي سگهه نه ٿو رکي ته پنهنجي زبان سان روڪي جيڪڏهن (اها به) سگهه نه ٿو رکي ته پنهنجي دل سان ۽ اهو ايمان جو سڀ کان ڪمزور (درجو) آهي".

انهن دليلن مان ڄاڻ ملي ٿي ته نيڪي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ هر حال ۾ ضروري آهي. جنهن انسان کي جيترو وس پڄي سگهي اهو پنهنجي وس آهر ضرور ڪوشش ڪري.

(11) **گهٽ کائڻ** انسان جي نفس تي ڪنترول ڪرڻ وارو شيطان تي هوندو آهي. لهذا ان کان بچڻ جو هڪ طريقو گهٽ کائڻ به آهي. چو ته گهڻي کائڻ سان انسان سست ٿي ويندو آهي. قرآن ۾ آهي: (الف) كُلُوا وَ اشْرَبُوا وَلَا تُسْرِفُوا (سورة اعراف 31) ترجمو: "کائو ۽ پيئو پر اسراف نه ڪريو." (ب) حديث: ان الشيطان ليجرى من ابن آدم مجرى الدماءِ فضيقوا عليه المجارى بالجوع (مسند احمد) ترجمو: "بيشڪ شيطان انسان جي اندر اهڙيءَ طرح گردش ڪندو آهي جيئن رت دورو ڪندو آهي پوءِ ان جي نالين کي بک سان سوڙهو ڪريو."

(12) **جلد بازي کان بچڻ** جيئن چوڻي آهي ته تڪڙ ڪم شيطان جو آهي تنهن ڪري شيطاني ڪم کان بچڻ انتهائي ضروري آهي. انسان ڪڏهن ڪڏهن جذبات ۾ اچي ڪري جذباتي فيصلو يا ڪم ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن اهم ڪم يا فيصلو غلط هوندو آهي ته پوءِ ڪيس پڇتائڻو پوندو آهي. ان ڪري ڪم تسلي ۽ مڪمل تحقيق کان پوءِ ڪيو وڃي. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: "العجلت من الشيطان والتانى من الله تعالىٰ: ترجمو: "تڪڙ شيطان طرفان هوندي آهي ۽ سوچي سمجهي ڪم ڪرڻ الله تعاليٰ پاران." اسلام انسان کي شيطان کان بچڻ جو تاڪيد ڪيو آهي ڇا ڪاڻ ته هوسندس روز اول کان دشمن آهي. هڪ بزرگ شيطان جي حملي کان بچڻ جا ڏهه دروازا ٻڌايا آهن.

Marfat.com

1. بد گماني: مقابلو پروسي ۽ قناعت سان.
2. زندگي سان محبت ۽ ڊگهيون اميدون: مقابلو موت جي اوچتي خوف سان.
3. آرام ۽ نعمت طلبي: مقابلو نعمتون وينڊڙ آهن ۽ حساب ڏيڻو آهي.
4. غرور: مقابلو الله جو شڪر ۽ عاقبت جو خوف.
5. ٻين کي حقير سمجهڻ: مقابلو ٻين جي حقن ۽ فرضن سڃاڻڻ سان.
6. حسد (ساڙ): مقابلو قناعت ۽ الله تعاليٰ جي ورهاست تي راضي رهڻ سان
7. رياڪاري ۽ تعريف: مقابلو اخلاص سان.
8. ڪنجوسي: مقابلو مخلوق وٽ موجود هر شي فاني آهي.
9. تڪبر: مقابلو تواضع ۽ انڪساريءَ سان.
10. لالچ (حرص): مقابلو الله تعاليٰ تي توڪل ۽ ماڻهن کان بي نيازي سان.
11. يوميہ معمولات جو جائزو (روزاني جوحسا ب ڪتاب). هر روز سمهڻ کان اڳ پنهنجي روزاني جي ڪمن ڪارين جو حساب ڪتاب ۽ جائزو وٺڻ گهرجي. نيڪ ڪمن تي شڪر ڪجي ۽ استقامت ۽ ثابت قدميءَ جي دعا گهرجي ۽ برن ڪمن تي ندامت ۽ پيشماني ٿيڻ گهرجي ۽ ڇڏڻ جو پڪو پهه ڪجي. پاڻ سڳورن فرمايو " حاسبوا قبل ان تحاسبوا ترجمو: "محاسبو ڪريو ان کان اڳ جو اوهان جو محاسبو ڪيو وڃي."

ان عمل ڪرڻ سان انسان مان برايون ختم ٿي وينديون ۽ نيڪيون وڌنديون رهنديون ۽ هوريان هوريان سندس نفس پاڪ ٿي ويندو.

14 . دعا: پنهنجي نفس کي براين ۽ خرابين کان بچائڻ ۽ پاڪ ڪرڻ جو آخري ذريعو ۽ وسيلو الله تعاليٰ کان دعا گهرڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ ان ڏس ۾ مڪمل مدد اهوئي ڪري سگهي ٿو. قرآن ۾ آهي: (الف) وَ اِذَا سَاَلَكَ عِبَادِيْ عَنِّيْ فَاِنِّيْ قَرِيْبٌ (سورة البقره 186) ترجمو: "۽ جڏهن منهنجا ٻانها توکان مون بابت پڇن تہ بيشڪ مان ويجهو آهيان." (ب) اُجِيْبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ اِذَا دَعَانِ فَلْيَسْتَجِيْبُوْالِيْ (سورة البقره 186) ترجمو: "مان سڏيندڙ جو سڏ قبول ڪندو آهيان پوءِ انهي کي گهرجي تہ مون کان ئي قبول ڪرائين." (ج) لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللهِ (سورة الزمر 53) ترجمو: "الله جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو" (د) وَ قَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ (سورة المومن 60) ترجمو: "۽ اوهان جي پالڻهار فرمايو: مون کي سڏيو مان اوهان جون دعائون قبول ڪندس." (هہ) حديث: ان ربکم حی

Marfat.com

ڪريم يستحي من عبده اذا رفع يديه ان يرد هما صفرا *(ابو دائود)* ترجمو: "بيشڪ اوهان جو پالڻهار حيادار ۽ ڪرم وارو آهي جڏهن سندس ٻانهو (دعا جي لاءِ) پنهنجا هٿ کڻندو آهي تہ ڪيس حياءُ ٿيندو آهي تہ اهي خالي موٽائي" (و) حديث: الدعاءُ مخ العبادته *(ترمذي)* ترجمو: " دعا عبادت جو مغز آهي" ( ز) اذا سالت فاسئل الله واذا استعنت بالله *(ترمذي)* ترجمو: "جڏهن تون گهرين تہ الله کان گهر ۽ جڏهن تون مدد چاهين تہ الله کان مدد طلب ڪر." (ح) انه من لم يسال الله يغضب عليه *(ترمذي)* ترجمو: "بيشڪ جيڪو الله کان نہ گهرندو آهي تنهن کان الله ناراض ٿي ويندو آهي." (ط) ليس شِيء اڪرم على الله من الدعاءِ *(ترمذي)* ترجمو: "الله وٽ دعا کان وڌيڪ ڪا بہ شِي وڌيڪ عزت واري نہ آهي." (ي) حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ فرمايو: "ان الله تعالىٰ فى ارض انيه فى القلوب فاحبها اليه تعالىٰ ارقها و اصفاها و اصلبها ثم فرها فقال اصلبها فى الدين واصفاها فى اليقين وارقها الاخون" *(احمد وطبراني)* ترجمو: "دل الله جي زمين ۾ پيالي وانگر آهي، الله کي ان ۾ محبوب اها دل آهي جيڪا وڌيڪ نازڪ، وڌيڪ صاف ۽ وڌيڪ مضبوط آهي. وري وضاحت ڪيائون: مضبوطي دين ۾ صفائي يقين ۾ ۽ نرم و نازڪ ڀائرن جي لاءِ" ان ڏس ۾ اقبالؒ پنهنجي شاعري ۾ نصيحت ڪري ٿو تہ: تارن جون واٽون ڳوليندڙ پنهنجي فڪر جي دنيا جو تہ سفر ڪري ئي نہ سگهيو آهي. توڙي جو هن سج جي ڪرڻن کي بہ قابو ڪري ورتو آهي پر زندگي جي اونداهي رات ۾ سوجهرو پيدا ڪري نہ سگهيو آهي." ان ڪري فرمائي ٿو تہ "ماڻهوءَ کي گهرجي تہ پنهنجي اندر کي اجاري لاءِ پنهنجي اندر ۾ ٻڏي وڃي ۽ زندگي جي ڪاميابيءَ جو حقيقي راز ڳولي وٺي، انسان ٻئي جو ٿي نہ ٻڻجي پر پنهنجو تہ ٻڻجي."

ان ڏس ۾ حديث بہ آهي (ل) من عرف نفسه فقد عرف ربه ترجمو: "جنهن پنهنجو پاڻ سڃاتو پوءِ پڪ ان پنهنجو رب سڃاتو." (م) اللّهم الهمنى رشدى وعزنى من شرنفسى *(ترمذي)* ترجمو: "ياالله! منهنجي هدايت مون ۾ وجهي ڇڏ ۽ مون کي عزت سان محفوظ رک منهنجي نفس جي شر کان."

***

Marfat.com

# جنّ: قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾

سڪندر علي چنا/ اسسٽنٽ پروفيسر اسلاميات

**تعارف:** دنيا جو شايد ئي ڪو اهڙو ملڪ يا قوم هجي، جيڪا جنن جي قصن ۽ ڪهاڻين کان واقف نہ هجي. قديم دور جي قومن جون ڏند ڪٿائون هجن يا جديد دور جي مابعد النفسيات (Parapsychology)، انهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ جنن، ڀوتن، روحن، ديون، پرين، ڏائڻن ۽ غيبات جو ذڪر موجود آهي. تنهن ڪانسواءِ دنيا جي هر مذهب ۾ ڪنهن نہ ڪنهن نالي سان جنن جو ذڪر ملي ٿو. يورپ، آمريڪا، آفريڪا، انڊيا، عربستان ۽ ايشيا جي لوڪ ادب ۽ جديد ادب ۾ پڻ غير مُرئي مخلوق جو ذڪر ملي ٿو. مغربي ملڪن ۾ تہ باقاعده غير مرئي مخلوق تي تحقيقي ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ انهن کي مختلف شعبن ۾ ورهائي، انهن شعبن تي نالا پڻ رکيا ويا آهن، جهڙوڪ: شيطانيات (Demonology)، جهاڙ يا جنن ڪيڏڻ جو علم يا جاڳر جو علم (Exorcism) وغيره. انهن علمن کي هاڻ ٻين مخفي علمن جهڙوڪ دست شناسي، علم النجوم، علم الاعداد، رمل، سِرّيت (Mysticism) ۽ جادوءَ وانگر، علم غيب يا مخفي علمن (Occults sciences) جي شاخ قرار ڏنو ويو آهي.

جنن جي وجود کان سواءِ چند ماڻهن جي ڪنهن انڪار ڪرڻ جي جرئت نہ ڪئي آهي. قرآن ۽ حديث مان جنن جو وجود، انهن جي قسمن ۽ طبقن، جنن جو انسان کي وچڙڻ ۽ نقصان پهچائڻ قطعي طور تي ثابت آهي ۽ انهن کان بچاءَ جا اپاءَ ۽ علاج پڻ بيان ڪيل آهن.

ملڪ جو شايد ئي ڪو اهڙو ڳوٺ يا شهر هجي جتي جنن کي ڪيڏڻ عام ٿيندا نہ هجن. بلڪ هر مذهب جا خاص ماڻهو موجود آهن

Marfat.com

مرض بڑھتا گیا جوں جوں دوا کی

مريض ويتر نستو ۽ نبل ٿيو پوي ۽ مائٽن جي لاءِ آزار بڻجيو وڃي. ڇو ته ان سان مريض جي يادداشت ختم ٿي سگهي ٿي، اعصاب خراب ٿي سگهن ٿا ۽ رعشي جي بيماريءَ جو مستقل مريض ٿي سگهي ٿو.

## لفظ ”جن“ جي لغوي تحقيق:

پروفيسر غلام حسين جلباڻي صاحب پنهنجي عربي-سنڌي لغت ياڱي پهرين جي صفحي نمبر 174_175 تي لفظ ”جن“ جي مادي (Root) هيٺ هينيون لغوي معنائون لکيون آهن:

1_ جن-جَنا-جُنونا= (رات جو) اونداهي ٿيڻ.

2_ جَنا و جنونا اوعلى= ڍڪڻ، ويڙهڻ، لڪائڻ.

3_ جُن- جنا و جنونا = ديوانو چريو ٿيڻ، شيطان کان ونجڻ، (زمين جو) ٻوٽن واري ٿيڻ ۽ گل ڦل ڦُٽائڻ، پون پون ڪرڻ (جيت)، جوش ۾ اچي وڃڻ ڪاوڙيا خوشيءَ کان پاڳل ٿيڻ.

4_ جن اجن عن= ڪنهن کان لڪجي وڃڻ- ڇپي وڃڻ.

5_ جَنّ= ڪنهن کي گهڻو جوش ڏيارڻ.

6_ اجن= ديوانو بنائڻ

7_ أجنَ= ڪنهن کي لڪائڻ، ڇپائڻ، مردي کي دفن ڪرڻ.

8_ تجنن و تجان= چريائيءَ جون نشانيون ڏيکارڻ

9_ تجنن و تجان على= بتڪلف ديوانو بڻجڻ.

10_ ما اءَ جنه= هو ڪيترو نه چريو آهي (فعل تعجب آهي).

11_ اجتن و استجن عن = لڪجي وڃڻ، پاڻ کي ڪنهن کان لڪائڻ

12_ جن و جان و جنة = جن (ضد: انسان) پريه ديو.

13_ الجنة و الجن من الشباب = جوانيءَ جو آغاز.

14_ الجنة من النبت = ٻوٽي جو گل، ڦل.

15_ جن الناس = ماڻهن جي وڏي جماعت.

16_ لا جن بها الامر= هن ڳالهه ۾ پوشيدگي ڪانهي.

17_ جنی- جنية = هڪڙو جن.

Marfat.com

18_ جنة_جنات و جنان = باغ، بهشت.

19_ جنت_جنن = ڍڪ، بچاءُ.

20_ جنت—مجن_مجنة_مجان = ڍال، بچاءُ جو اوزار

21_ جان_جوان = هڪ قسم جو اڇو نانگ، ضرر نه رسائيندڙ نانگ.

22_ جنن = قبر_ لاش.

23_ اجنان = ڪفن.

24_ جنان و جنون = پردو رات جي اونداهي.

25_ جُنان و جنانت = ڍال.

26_جنان_اجنان = دل.

27_ جُنن و جنون = چريائي، ديوانگي، شيطاني جوش.

28_ جُنون = چريائي، جن جو لڳجڻ، جوش ۽ ڪاوڙ جو لهرو.

29_ جنين = ڪا به لڪل شئي، ٻار جو اڃا ماءُ جي رحم (پيٽ) ۾ آهي.

30_ جنينة = ننڍو باغ، باغيچو.

31_ جُنينانی و جنانی = مالهي.

32_ مجنة = جنن وارو ملڪ، چريائي، لڪڻ جي جاءِ.

33_ مجنون_مجانين = ديوانو جن جو ورتل، گهاتو پوتو.

علامہ راغب اصفهاني پنهنجي ڪتاب " المفردات في غريب القرآن" ۾ لفظ "جن" جي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

"اصل الجن ستر الشيء عن الحاسة"

"جن جي معنيٰ آهي حواسن کان پوشيده يا لڪل هجڻ". دل کي جنانِ ان ڪري چيو ويو آهي جو اُها سيني ۾ پوشيده آهي، لاش کي جنن ان ڪري چيو ويو آهي جو اهو قبر ۾ اندر لڪيل آهي، ماءُ جي پيٽ ۾ ڪچي ٻار کي جنين ان ڪري چيو ويو آهي جو هو ماءُ جي پيٽ اندر آهي ۽ ظاهري نگاهن کان لڪيل آهي، اونداهيءَ کي جناً ان ڪري چيو ويو آهي جو اها هر شئي کي لڪائي ڇڏيندي آهي، چريائپ، جوش، ڪاوڙ ۽ جوانيءَ کي صفاتي طور تي جُنون ۽ جن ان ڪري چيو ويو آهي جو اهي تجريدي آهن ۽ ظاهري نگاهن کان مخفي وصفون آهن." *(بحواله ضيا القرآن_ص384)*

جيتوڻيڪ ظاهري طور تي اسان کي نظر ايندو آهي ته فلاڻو شخص چرين

Marfat.com

جهڙا ڪم ڪري ٿو يا ڪاوڙ ۾ آهي. جيتوڻيڪ اسان کي طبي طور تي اها به ڄاڻ آهي تہ فلاڻي ۽ فلاڻي ڪيميائي جزن جي رد عمل جي ڪري اهي صورتون جنم وٺن ٿيون پر اسين اهو نٿا ٻڌائي سگهون تہ اهو ڪيميائي رد عمل جسم جي ڪهڙن عضون/ حصن ۽ ڪيمياوي اجزاءَ جي خالص جزن جي ۽ ڪهڙين حالتن تحت جنم وٺي ٿو. ڇو جو هڪ شخص جلد ڪاوڙ ۾ اچي ٿو ۽ ٻيو ساڳين حالتن تحت هئڻ جي باوجود پرسڪون رهي ٿو. ان ڪري اسين ڪن خاص حالتن لاءِ خاص قاعدا ۽ قانون مقرر ڪري نٿا سگهون.

اهڙي طرح باغ کي جنت ان ڪري چئجي ٿو جو وڻن جي ڇانوَ زمين تي ڇاپو ڪري ان کي لڪايو ڇڏي ڍال کي بہ جُنة ان ڪري ٿو چئجي جو اها انسان کي دشمن جي وار کان لڪائي ٿي/ بچائي ٿي.

علامہ ابن منظور پنهنجي مشهور لغت. لسان العرب جلد ٻئي جي صفحي نمبر 386_385 تي لکي ٿو تہ:

1_ جَنَن(ج ن ن)= جَنَ الشيء يجُ جنا= ستره. وكل شيء سُترعنك فقد

يعني جن جي معنيٰ آهي ڍڪ يا ستر ۽ جيڪا بہ شئي لڪل هجي اُها.

2_ وفي الحديث: جن عليه الليل اى ستره، وبه سى الجن لا سنتتار هم واختفائهم عن الابصار و منه سمى الجنن اسنتتارة فى بطن امه

يعني حديث ۾ آهي تہ رات جي اونداهي ڇانئجي وئي يعني ڍڪجي وئي ۽ جن کي جن ان ڪري سڏيو ويو آهي جو اهي اسان کان لڪل آهن ۽ ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار کي جنين ان ڪري چيو ويو آهي جو اهو ماءُ جي پيٽ ۾ آهي.

اهڙيءَ طرح قبر کي بہ جنن ان ڪري چئبو آهي جو اها ميت کي لڪائي ٿي. والجنن، بالفتح: هو القبر لستره الميت. وربما سمى الروح جنانا لان الجسم يُجنه ۽ روح کي بہ جنانا ان ڪري چئبو آهي جو جسم ان جو ڍڪ آهي. ايستائين جو ابن منظور چوي ٿو تہ "جيڪا بہ شئي لڪل آهي اها جنين آهي" كل مستور جنين. (ص 387) وڌيڪ لکي ٿو تہ: والجن: ولد الجان جن معنيٰ جان جو اولاد.

ابن سيد جو قول نقل ڪندي لکي ٿو:

الجن نوع من العالم سموا بذالك لا جنتانهم عن الاءبصار والانهم استجنودا من الناس فلا درون، والجمع جنانُ وهم الجنة(ص 387)

Marfat.com

"جن، ڪائنات جي اها مخلوق، (نوع Species) آهن جن تي اهو نالو ان ڪري پيو آهي جو اُهي انساني اکين کان اوجهل ۾ انسان انهن کي نٽا ڏسي سگهن ۾ جن جو جمع جنان ۾ جنة آهي." صفحي 38 تي لکي ٿو تہ "جن جو ضد انس آهي. جنهن جو واحد جني ۾ انهن تي ان ڪري اهو نالو پيو آهي جو لڪيل رهن ٿا ۾ نظر نٽا اچن."

"الجن خلاف الانس، والواحد جنی، سمیت بذالك لانها تخفی ولاتُری": الجوهری".

جلباٹي صاحب والجان جي معنيٰ اڇي رنگ جو بي ضرر نانگ ٻڌايو آهي. پر ابن منظور ان جي معنيٰ زرد رنگ جو نانگ ٿو ٻڌائي. ٿي سگهي ٿو تہ ان جا ٻيا رنگ بہ هجن.

"والجان= ضرب من الحیات اکحل العینین یضرب الی الصُفرة لایوذی، وهو کثیر فی بیوت الناس." (ص_389).

"الجان = ڪارين اکين واري زرد نانگ کي چوندا آهن. جيڪو اڪثر ماڻهن جي گهرن ۾ رهندو آهي ۾ ڪنهن کي ايذاءُ نہ ڏيندو آهي."

جان= شيطان کي بہ چئبو آهي (ص_390) "والجان: الشیطانُ ایضاً."

دور جاهليت ۾ ملائڪن کي بہ جِنَا سڏيندا هٿا ڇو جو اهي بہ اکين کان اوجهل هٿا.

وکان اهلُ الجاهلیت یسمون الملائکة علیهم السلام. جنا لا سنتنارهم عن العیون. (ص_390).

"تفسيرن ۾ اڪثر چيو ويو آهي تہ ابليس ملائڪن مان نہ بلڪ جنن مان هو."

و اکثر ما جاءَ فی التفسیر ان ابلیس من غیر الملائکته و قد ذکر الله تعالیٰ ذالك فقال: کان من الجن: و قیل ایضاً: ان ابلیس من الجن بمنزلة آدم من الانس." (ص_390).

"۾ جيئن الله تعاليٰ ابليس لاءِ فرمايو آهي تہ اهو جنن مان هو ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ جيئن آدم انسانن مان هو تيئن ابليس جنن مان هو." ابو علي جي حوالي سان لکي ٿو تہ عربن جي ڪلام ۾ جنة يعني بهشت ان باغ کي چوندا آهن جنهن ۾ کجين ۾ انگورن جا وڻ هجن. جيڪڏهن ڪنهن باغ ۾ کجيون ۾ انگور نہ هجن ۾ صرف ٻيا وڻ هجن تہ ان باغ کي جنة نہ بلڪ حديقه چوندا آهن." (ص_391).

Marfat.com

## جنن جي گمراهه ڪن معنيٰ:

اردو دائرة معارف الاسلامية۔ جلد ستون طبع اول 1971ع جي صفحي نمبر 466 تي "هندستان ۾ جنن جو تصور" جو مقاله نگار K.A. Nizami لکي ٿو تہ: "سيد احمد خان نے جنوں کے تصور کو عقل کے مطابق کرنے کیلیے انہیں تمام فوق العادۃ عناصر اور توہمات سے پاک صاف کیا ہے۔ ان کی رائے ہے کہ قرآن میں جن کا جو لفظ آیا ہے اس سے بدوی اور غیر متمدن اور غیر تربیت یافتہ لوگ مراد ہیں۔ ان کے نزدیک الجن والانس سے، جو قرآن میں چودہ جگہ آیا ہے، مراد غیر متمدن اور متمدن اقوام ہیں۔ ان متفرق مواقع کی، جن میں لفظ جن قرآن میں ذکر آیا ہے، تشریح انہوں نے اس طرح کی ہے کہ ہر موقع پر ان غیر متمدن لوگوں کو کسی نئی صفت اور خاصیت کی طرف اشارہ کیا گیا ہے۔ (تفسیر القرآن: 3، علی گڑھ 1858ع: 79تا89)؛ یہ نقطہء نظر علما کے نقد و اعتراض کا ہدف بنا رہا ہے۔"

سر سيد احمد خان جي ساڳي تفسير جيڪا ڇهريون دفعو الڳ الڳ ڇهن جلدن ۾ شايع ٿي هئي سا وري ٻيهر هڪ ئي جلد ۾ شايع ڪئي وئي آهي. ان جي ٽئين حصي ۾ سورة انعام ۽ سورة حجر جي تفسير ۾ سر سيد احمد خان پنهنجن انهن خيالن جو اظهار ڪيو آهي جيڪي مٿي اردو حوالي ۾ نظامي صاحب پيش ڪيا آهن.

حقيقت ۾ سر سيد احمد خان 19 صدي عيسويءَ جو برصغير هندستان ۾ معتزلي خيالن جو حامل شخص هو. جيڪي ڪانئس پوءِ مولوي چراغ علي ۽ امرتسر جي خواجہ احمد دين وٽ پهتا ۽ اتان ٿيندي ٿيندي غلام احمد پرويز انهن کي جديد رنگ ۾ اڳتي وڌايو. انهن خيالن جو اختصار مولانا عرشي پنهنجي ڪتاب قرآن سے قرآن تک ۾ ڏنو آهي. مذڪوره بزرگن جا خيال صرف انهن جي ذاتي راءِ تي مشتمل آهن. جن لاءِ انهن وٽ نہ ڪا قرآن جي تصريف آيات جي اصولي سند آهي ۽ نہ ئي ڪا لغات عرب يا ڪلام عرب مان ڪي سندون وٽن آهن. حديثن جي باري ۾ انهن بزرگن جي راءِ انحرافي، واري آهي جيتوڻيڪ غلام احمد پرويز سيرت تي سندس لکيل ڪتاب "معراج انسانيت" ۾ حديثن ۽ روايتن جي مدد ورتي آهي. پر اهي حديثون سوانحي روايتون آهن نہ ڪي تشريعي. حديثن جي انهن بزرگن وٽ تشريعي/قانوني حيثيت يا اسلامي قوانين جي هڪ اهم ماخذ واري حيثيت نہ آهي. تنهن ڪري مٿين بزرگن پنهنجين لکڻين ۾ قرآني آيتن جي تشريح ۾ حد کان وڌيڪ آزادي

Marfat.com

ورتي آهي، جيڪي اسلاف جي عقيدن خلاف ۽ مستند روايت جي برعڪس آهن. جنهن جي ڪري انهن بزرگن جي تصانيف عام مسلمانن ۾ ڪا اسلامي جاڳرتا ۽ بيداري پيدا ڪرڻ جي بجاءِ انهن ۾ اشتعال کي ڀڙڪايو ۽ نتيجي ۾ علماءِ سلف طرفان سندن گرفت بلڪ شديد گرفت ڪئي وئي.

معلوم ٿو ٿئي ته برِ صغير هندستان ۾ سيني آزاد پسند قرآني تشريح ڪندڙن جو پيشوا سر سيد احمد خان آهي. سر سيد احمد خان بحيثيت هڪ تعليم دان جي ته مسلم قوم جو رهنما آهي جو جديد تعليم جي بانين ۾ ڪيس شمار ڪيو وڃي ٿو پر سندس مذهبي تشريحون عقل لاءِ ناقابل قبول ۽ جذبات لاءِ ناقابل برداشت آهن. جيئن اسان اڳتي هلي ثابت ڪنداسون ته قرآن ۽ حديث ۾ جنن جو انسانن کان الڳ هڪ نوع/مخلوق طور ذڪر آهي. حيرت آهي ته نصِ قطعيءَ جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي من پسند تشريح ڪرڻ جو جواز ڪيس ڪٿان مليو. اهو ئي مسئلو غلام احمد پرويز سان آهي. پرويز پنهنجي لغات القرآن جي جلد اول جي صفحي 444 کان صفحي 447 تائين لفظ جن جون لغوي ترڪيبون ۽ معنائون لغت جي مشهور ڪتابن تاج العروس ۽ المفردات في غريب القرآن ۽ مقاييس اللغة مان لکي ٿو:

''جن کے معنی ہیں چھپالینا- یہی اس مادے کے بنیادی معنی ہیں۔(ابن فارس) '' راغب نے کہاہے کہ جن کے معنی صرف نگاہوں سے پوشیدہ کرنے کے نہیں بلکہ حواس سے اوجھل کر دینے کے بھی ہیں۔(ص-444)

پر راغب جا اصل الفاظ نقل ڪو نه ڪيا اٿس جيڪي هي آهن:

"اصل الجن سترالشيءِ عن الحاسة"

"يعني جن جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ جو حواسن کان پوشيده / لڪيل هجڻ."

اڳتي لکي ٿو ته " ویسے بھی ہر اُس چیز کے لیے جو تم سے چھپ جائے قد جن عنک کہتے ہیں۔ جنن قبر کو کہتے ہیں، کیونکہ وہ مردہ کو چھپالیتی ہے۔ اور خود میت اور اس کے کفن کو بھی۔ جنین اُس بچہ کو کہتے ہیں جو ہنوز ماں کے پیٹ میں ہو۔ جنۃ اس ہتھیار کو کہتے ہیں جس سے آدمی اپنا بچاؤ کرے۔ ہر پردہ اور آڑ۔ جنۃ اور مجنۃ ڈھال کو بھی کہتے ہیں۔ لا جن بہذ الامر کے کے معنی ہیں اس بات میں کوئی راز (پوشیدہ) نہیں۔ جنۃ جنون کو کہتے ہیں۔ دراصل عربوں کے ہاں مجنون کے متعلق یہ سمجھا جاتا تھا کہ اسے جن چمٹ گیا ہے۔ دورِ توہم پرستی میں تمام وہ قوتیں جو انسانوں کی نگاہوں سے پوشیدہ

Marfat.com

ہوتیں اور جن کے متعلق اُس زمانے کے انسان کی سمجھ میں کچھ نہ آتا، دیوی دیوتا بن جاتی تھیں۔ انہی کو عرب (اُن کی نگاہوں سے پوشیدہ ہونے کی بنا پر) جِنّ کہتے تھے۔" (ص-445)

ايستائين پرويز پنهنجن لفظن ۾ عربي مشهور لغتن جي حوالي سان جيڪي معنائون ڪيون آهن بلڪل صحيح آهن. هاڻ اڳتي ڏسو ته ڪيئن بنا ڪنهن لغوي حوالي جي جِنّ جي خود ساخته تعريف ٿو بيان ڪري.
"قرآنِ کریم میں جِنّ و اِنسُ کے الفاظ متعدد مقامات پر اکٹھے آئے ہیں۔ ہم (ا-ن-س) کے عنوان میں بتا چکے ہیں کہ عربوں میں الانس اُن قبیلوں کو کہتے تھے جو ایک مقام پر مستقل طور پر سکونت پذیر ہو جائیں۔ لیکن جِن وہ قبائل تھے جو جنگلوں اور صحراؤں میں جگہ بہ جگہ پھرتے رہتے تھے اور اس طرح شہر والوں کی نگاہوں سے اوجھل رہتے تھے۔ انہیں خانہ بدوش قبائل (Nomadic Tribes) کہا جاتا ہے۔۔۔۔ عربوں میں یہ صحرا نشیں قبائل بہت زیادہ تھے (انہیں بدو یا اَعراب کہا جاتا تھا)۔۔۔۔۔ ص-446۔

اهڙي موقعي جي لاءِ چئبو آهي ته:
"ناطقہ سر بگریباں ہے کہ اسے کیا کہیے۔"

پرويز صاحب کي لغات العرب ۽ ڪلام العرب مان ته سندس هٿ ٺوڪي معنيٰ نه ملي، ان ڪري پنهنجي انحرافي طبيعت مطابق جِنَ جي اهڙي تعريف ڪيائين جنهن جو ثبوت ۾ سندس پنهنجي مقرر ڪيل اصول يعني دور جاهليت جي عربن جي شاعري مان به ڪو مثال پيش نه ڪري سگهيو آهي ته جن جي معنيٰ عربن جي دور جاهليت جي شاعريءَ ۾ وحشي ۽ جهنگلي ماڻهو آهي. (پرويز صاحب پنهنجي لغات القرآن جي جد اول ص 11 تي پاڻ ئي سوال ٿو ڪري ته: " آج اس کی کونسی صورت باقی ہے کہ قرآنی الفاظ کا وہ مفہوم متعین کیا جا سکے جو ان سے نزول قرآن کے زمانے میں سمجھا جاتا تھا۔"

ان سوال جو جواب ڏيندي چوي ٿو ته: "سب سے پہلے یہ کہ (جیسا کہ پہلے بھی کہا جا چکا ہے (نزول قرآن سے پہلے عربی زبان کا تمام تر ذخیرہ ان کے شعراء کے کلام میں محفوظ تھا۔۔۔۔ زمانہ قبل از اسلام کے شعراء کا کلام بلفظہ اور بجنسہ تحریر میں آگیا۔۔۔ یعنی عربی زبان کے وہ الفاظ جو زمانہ نزول قرآن میں مروج تھے، عربی ادب کی کتابوں میں موجود ہیں اور چونکہ وہ اشعار بھی موجود ہیں جن میں وہ الفاظ استعمال ہوئے ہیں اس لیے (ان اشعار کی مدد سے) ان الفاظ کا وہ مفہوم بھی متعین کیا جا سکتا ہے جو ان سے زمانہ نزول قرآن میں لیا جاتا تھا۔" ص 12۔

پرويز صاحب پنهنجي ئي دعوي مطابق ڪو دور جاهليت جي شاعر جو

Marfat.com

اهڙو هڪ شعر ئي پيش ڪري ها جنهن ۾ جن جي معنيٰ وحشي ۽ جهنگلي ورتي وئي هجي ها تہ ڪيس مڃجي ها. ان کان بہ وڌيڪ حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ پرويز صاحب لغات القرآن جي صفحي نمبر 14 تي حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ جو اهو قول ڏنو آهي تہ:

''قرآن سمجھنا چاہتے ہو تو صحرا کے بدوؤں میں جاکر کچھ دن گذارو، کیونکہ جس زبان میں قرآن نازل ہوا ہے وہ زبان اُن کے ہاں اپنی اصل شکل میں موجود ہے۔''

حيرت آهي تہ پرويز صاحب جي خيال مطابق تہ جن ئي اصل ۾ بدو ۽ اعرابي آهن، جيڪي وحشي ۽ غير متمدن آهن ان ڪري اُهي مهذب ۽ شهري ماڻهن سان تمدن ۽ معاشرت، عادت ۽ اطوار، خصائص ۽ خصائل ۽ ذهني ۽ نفسياتي طور تي فرق جي، جهنگلن ۽ بيابانن ۾ رهندا آهن. انهن جي ٻوليءَ لاءِ حضرت عمر جو قول ٿو پيش ڪري تہ انهن وٽان اصل ۽ نج ٻولي سکو.

جنن جي لغوي تحقيق مان ثابت ٿيو تہ جن هڪ اهڙي مخلوق آهن جيڪي انساني اکين کان اوجهل آهن. هاڻ اچو ڏسون تہ قرآن ۽ حديث مان جنن جي تخليق لاءِ ڇا چيل آهي ۽ هو اهڙي ڪهڙي عنصر مان خلقيل آهن جو اسان کي نظر نٿا اچن. علامہ ابن تيمية رح چوي ٿو تہ، "جاهل فلسفين جي معمولي جماعت کانسواءِ جنن جي وجود جو ڪو بہ انڪار نٿو ڪري" (تاریخ جنات و شیاطین ص: 52)

## جنن جو تخليقي عنصر يا مادو:

وَالْجَآنَّ خَلَقْنٰهُ مِنْ قَبْلُ مِنْ نَّارِ السَّمُوْمِ

"۽ جنن کي پيدا ڪيو سون ان کان اڳ ۾ باهہ ڇر واريءَ مان." *(سورۃ حجر: آیت: 27)*

وَ خَلَقَ الْجَآنَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ ۝

"۽ پيدا ڪيائين جن کي باهہ جي ڇپيءَ مان." *(سورت رحمن: آیت: 15)*

امام نووي رح صحيح مسلم جي شرح ۾ چئي ٿو تہ "مارج" ان شعلي يا ڇپيءَ کي چئبو آهي جنهن ۾ باهہ جي ڪاراڻ شامل هجي.

اُمّ المومنين حضرت عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها جن کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو:

"خلقت الملائكة من نور و خلق الجان من النار وخلق آدم مما وصف لكم."

Marfat.com

"ملائڪن کي نور مان خلقيو ويو ۽ جنن کي باهه مان ۽ انسانن کي (آدم کي) ان شيءِ (مٽيءَ) مان جنهن جي صفت توهان ۾ آهي." (صحيح مسلم)

جن، انسان کان اڳ پيدا ڪيا ويا:

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ مِنْ حَمَإٍ مَسْنُونٍ ۝ وَالْجَانَّ خَلَقْنَاهُ مِنْ قَبْلُ مِنْ نَارِ السَّمُومِ ۝

"۽ اسان خلقيو آهي انسان کي کڙ ڪندڙ چيڪي مٽي ڦري ويل مان ۽ جنن کي پيدا ڪيو سون ان کان اڳ ۾ باهه جر واريءَ مان." (سورت الحجر: آيت: 27_26)

## جنن جا قسم

حضور ﷺ جن جو فرمان آهي:

"الجن ثلاثة اصناف صنف يطيرُ فی الهواءِ وصنف حياتٌ وكلابٌ وصنف يحلون ويظعنون."

**جنن جا ٽي قسم آهن:**

1_ هڪڙو قسم هوا ۾ اڏامندو رهي ٿو.

2_ ۽ ٻيو قسم نانگن ۽ ڪتن جي شڪل ۾ رهي ٿو.

3_ ۽ ٽيون قسم پتڪندا رهن ٿا.

(تاريخ جنات وشياطين۔ص65)

### جن ۽ انسان وانگر مڪلف آهن:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ ۝

"۽ نه پيدا ڪيو مون جنن ۽ انسانن کي مگر هن لاءِ ته عبادت ڪن منهنجي" (سورة الذاريات: آيت 56)

### جن مختلف صورتن ۾ اچي سگهن ٿا:

جنن کي الله تعاليٰ اها صلاحيت عطا ڪئي آهي ته هو مختلف شڪليون اختيار ڪري سگهن ٿا. جهڙوڪ نانگ، ڪتا، وڇون، زميني ڪيڙا، اٺ، ٻڪر ۽ انسان، خاص طور تي ڪاري ڪتي لاءِ ته حضور ﷺ جن فرمايو آهي ته جيڪڏهن نماز پڙهندي اڳيان ڪارو ڪتو گذري ته نماز ٽٽي پوندي ڇوجو ڪارو ڪتو شيطان آهي. (صحيح مسلم۔ ڪتاب الصلاة سترہ)

Marfat.com

## جنن جي خوراڪ:

هڏا، لڏ ۽ ڇيڻا جنن جي خوراڪ آهن.

*(صحيح بخاري، ڪتاب مناقب الانصار)*

## عائلي نظام

انسانن وانگر جنن جون به پاڻ ۾ شاديون ٿينديون آهن ۽ ڪين اولاد به ٿيندو آهي.

وَ اِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ كَانَ مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ عَنْ اَمْرِ رَبِّهٖ ؕ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَ ذُرِّيَّتَهٗٓ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِيْ وَهُمْ لَكُمْ عَدُوٌّ ؕ بِئْسَ لِلظّٰلِمِيْنَ بَدَلًا۝

" ۽ جڏهن ڇيو سون ملائڪن کي ته سجدو ڪريو آدم کي پوءِ سجدو ڪيائون سواءِ ابليس جي ۽ اهو هئو جنن مان. پوءِ نڪري ويو الله جي حڪم کان. ڇا پوءِ توهان وٺو ٿا ان کي ۽ ان جي اولاد کي دوست ڪري مونکان سواءِ ۽ جڏهن ته اهي آهن توهان جا دشمن. بڇڙو آهي ظالمن لاءِ بدلو." *(سورت الڪهف: آيت 50)*

## اولاد کي شيطان جنن کان بچائڻ جو طريقو:

عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو ته "جڏهن توهان مان ڪو پنهنجي زال (Wife) سان مباشرت ڪري ته ان وقت هيءَ دعا گهري، جيڪڏهن نصيب ۾ اولاد ٿيس ته ان کي الله جي حڪم سان شيطان ڪو به نقصان نه پهچائي سگهندو:

"بسم الله اللهم جنبنا الشيطان و جنب الشيطان ما رزقتنا"

"الله جي نالي سان، اي الله! اسان کي (زال ۽ مڙس کي) شيطان کان بچاءَ ۽ اسان جي اولاد کي به شيطان کان بچاءِ"

*(تاريخ شياطين-ص 85)*

## ڇا جن ۽ انسان پاڻ ۾ شادي ڪري سگهن ٿا؟

شيخ جمال الدين سجستاني، پنهنجي ڪتاب "منية المفتى" ۾ فتويٰ ڏني ٿو ته:

"لاتجوز المناكحة بين الانس والجن وانسان الماءِ لاختلاف الجنس."

"جنس جي اختلاف ڪري، انسانن، جنن ۽ پاڻيءَ جي

Marfat.com

انسانن ۾ باهمي مناڪحت/ شادي يا وهانءُ نٿو ٿي سگهي.“

(تاريخ جنات وشياطين ص92).

## جنن جا گهر ڪٿي آهن؟

حديثن مان ثابت ٿئي ٿو تہ جنن جي رهائش گهڻو ڪري انهن جاين تي هوندي آهي، جتي گندگي ۽ غلاظت هجي. مثلاً غسل خانہ، پاخانہ يا بيت الخلاءَ، ٻرَ (حُجر)، ٻنيون، اُٺن ۽ ٻڪرين جا واڙا، گند جا ڍير، گندا نالا، غار، وڏيون ڪڏون، سامونڊي ٻيٽ، جبل، پاڻيءَ جون ڍنڍون ۽ تلاءَ. اهو ئي سبب آهي جو حضور ﷺ جن فرمايو:

ان هذه الحشوش محتضرة، فاذا اتى احد كم الخلاءَ فليقل: اللهم انى اعوذبك من الخبث والخبائث.“

”جيڪي پاخاني ڪرڻ جون جايون آهن، اُتي جن رهندا آهن. تنهن ڪري جنهن وقت توهان مان ڪو شخص بيت الخلاءَ وڃي تہ چوي

”اللهم انى اعوذبك من الخبث اولخبائث“

” اي الله! آءٌ تنهنجي پناهہ گهران ٿو جن مردن ۽ جن عورتن کان. “(ابوداؤد“ ڪتاب الطهارة).

هڪ ٻي حديث ۾ فرمايائون تہ جڏهن ڪپڙا لاهيو تہ هي پڙهندا ڪريو. ان سان جنن جي اکين ۽ انسان جي اوگهڙ وچ ۾ پردو حائل ٿي ويندو:

”بسم الله الذى لا اله الاهو.“

”شروع الله جي نالي سان، جنهن کانسواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ڪونهي. “(مشڪوات)

## جنن ۾ بہ مسلمان ۽ ڪافر آهن

قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي تہ جنن ۾ بہ انسانن وانگر ڪي مومن آهن تہ ڪي ڪافر، ڪي يهودي آهن تہ ڪي عيسائي. هر مذهب ۽ فرقي جا جن موجود آهن. جيئن انسانن مان ڪي ڪمزور ايمان وارا ۽ گناهگار آهن، تيئن ئي جنن ۾ بہ آهي. قرآن مجيد ۾ آهي تہ هڪ جنن جي ٽولي قرآن ٻڌو ۽ انهن ايمان آندو ۽ پوءِ انهن جنن پنهنجو حال بيان ڪندي چيو تہ:

وَّ اَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ وَ مِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ ؕ كُنَّا طَرَآئِقَ قِدَدًا (١١)

”۽ اِهو تہ اسان مان ڪي ڀلارا آهن ۽ ڪي ٻي طرح، هئاسون ٽولا

Marfat.com

جدا خيالن وارا." (سورت الجن: آيت 11)

ساڳي سورت جي آيت: 14 ۾ وڌيڪ جن چون ٿا ته.

وَّ اَنَّا مِنَّا الْمُسْلِمُوْنَ وَ مِنَّا الْقٰسِطُوْنَ ۭ ۝

" ۽ اسان مان ڪجهه فرمانبردار (مسلمان) آهن ۽ ڪجهه بي انصاف" (سورت الجن: آيت: 14)

اهڙي طرح مومن جنن لاءِ جنت آهي ۽ جنت ۾ انهن لاءِ حورون آهن.
امام ابنِ ڪثير پنهنجي تفسير جي جلد چوٿين ۾ چوي ٿو:

"حق اهو آهي ته مومن جن مومن انسانن وانگر جنت ۾ داخل ٿيندا ۽ اها ئي اسان جي اسلاف جي راءِ آهي هن پنهنجي راءِ جي دليل ۾ قرآن جي هيءَ آيت پيش ڪئي آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ جنت جي نعمتن جو ذڪر ڪندي جڏهن حورن جو ذڪر ٿو ڪري ته فرمائي ٿو:

حُوْرٌ مَّقْصُوْرٰتٌ فِي الْخِيَامِ ۝ فَبِاَيِّ اٰلَاۗءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَاۗنٌّ ۝

"حورون پردي واريون، تنبن ۾ هونديون. پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو (اي جن ۽ انسانو) توهان ٻئي انڪار ڪندو. نه هٿ لاتو تن کي ڪنهن ماڻهوءَ ان کان اڳ ۾ ۽ نه ڪي جنن." (سورت رحمان: آيت 74_72)

## جن ۽ شيطان ۾ فرق

شيطان به اصل ۾ جن آهي. پر اهي ڪافر ۽ بدڪار جن آهن. انهيءَ ڪري انهن کي شيطان يعني تڙيل سڏيو ٿو وڃي ۽ جنهن شيطان جنت ۾ آدم ۽ حوا عليهما السلام کي ٿيڙيو هو ان جو نالو ابليس آهي. اهو به جنن مان آهي پر نافرمان آهي ان ڪري مٿس ابليس نالو پيو يعني الله جي رحمت کان مايوس ۽ ڏٺيءَ طرفان ڌڪاريل.

❋❋

Marfat.com

# آخرت، قرآن ۽ سائنس جي نظر ۾

ڪيڊٽ جان شير سهرياڻي/ ڪلاس ٻارهون

إِذَا رُجَّتِ الْأَرْضُ رَجًّا ۝ وَبُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا ۝ فَكَانَتْ هَبَاءً مُنْبَثًّا ۝

(سوره واقعه 4 _ 6)

"جڏهن زمين سخت ڏوڏبي ۽ جبل پوريءَ طرح ڀڃي ڀُري ڪيا ويندا. پوءِ اڏاريل دز وانگر ٿيندا."

آخرت لفظ "آخِرُ" مان ورتل آهي جنهن جو ضد آهي اَوّلُ. آخرت جي معنيٰ آهي بعد ۾ اچڻ يا پوءِ اچڻ. يعني اهڙي شيءِ جيڪا پهريائين اچڻ واري شيءِ کان پوءِ اچي. پر ان کان پوءِ ان جهڙي ڪائي شيءِ نه اچي. آخرت مان مراد ڪنهن سلسلي جي آخري ڪڙي آهي.

قدرت جو اهوئي قانون آهي ته هر شيءِ جو ضد يا جوڙو هوندو آهي، جيئن عروج جو زوال ۽ شروعات جو اختتام، ڏينهن جو رات، مرد جو عورت وغيره. جڏهن شروعات ٿي ته يقينا ان جي آخرت لازماً آهي. پوءِ اها اڄ اچي يا سڀاڻي، ان جي ڪا به خبر نه آهي. اڄ جي سائنس سموري ان قرآن پاڪ جي Theory تي مشتمل آهي. جيئن مٿي بيان ٿيل آهي ته هر شروعات جو آخر آهي، ائين هن دنيا جي به آخرت آهي جنهن کي قرآن پاڪ يوم الدين، يوم الحشر، عدل وارو ڏينهن ۽ انصاف وارو ڏينهن سڏيو آهي. ان ڏينهن عدالت لڳندي ۽ اسين سڀ پنهنجي خلقيندڙ جي آڏو پيش ڪيا ويندا سين.

پاڪ ڪتاب ۾ خالق اڪبر فرمائي ٿو ته اسين ڀڳل، ٽٽل ۽ سڙيل هڏين کي ملائي وري پيدا ڪرڻ وارا آهيون. سائنس پڻ ٻڌائي ٿي ته:

"Energy can neither be created nor be destroyed but it can be transfered to an other form"

Marfat.com

”توانائيءَ کي نہ اسين ختم ڪري سگهون ٿا نہ ئي پيدا ڪري سگهون ٿا. پر اها هڪ شڪل مان ٻيءَ ۾ تبديل ڪري ٿا سگهون.“ يعني اسان جي مرڻ کان پوءِ اسان جو جسم اتي ئي هوندو آهي اها ڳالهہ اڄ کان چوڏهن سؤ سال اڳ پاڪ قرآن ۾ بيان ڪئي وئي آهي.

جيئن سورت واقعہ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ:

”جڏهن زمين سخت ڏوڏبي، ۽ جبل پوريءَ طرح پيجي، پٽي ڪيا ويندا ۽ پوءِ اڏاريل دز وانگر ٿيندا.“

انهن آيتن مان اهو واضح ٿو ٿئي تہ ان آخرت واري ڏينهن هن ڪائنات کي هڪ زوردار جهٽڪو ڏنو ويندو جنهن جي شدت ايتري تہ هوندي جو هن ڪائنات ۾ رکيل هر شيءِ فنا ٿي ويندي ۽ جبل پڃيل ڪپهہ وانگر ٿي اڏرڻ لڳندا. جيڪڏهن ان آيت جي نڪتي کي اسين پنهنجي سماجي دائري ۾ ڳوليون تہ هڪ شيءَ ملي ٿي. اها اها آهي تہ اسين سڀ ڄاڻون ٿا. هن وقت دنيا جا ست ائٽمي طاقت وارا هٿيار رکندڙ ملڪ آهن. ان کان سواءِ ڪيترن ملڪن وٽ ڪيميائي ۽ هائيڊروجن بم پڻ موجود آهن. شايد عام انسان انهن هٿيارن جي تباهيءَ، ان مان پيدا ٿيندڙ شدت ۽ گرمي پد ۽ طاقت کان واقف نہ آهن. صرف ايٽم بم جيڪو 1945ع ۾ پهريون دفعو هڪ ننڍڙي تجربي طور جاپان مٿان ڪيرايو ويو هيو تہ جاپان جا اهي شهر ائين ٻري اٿيا جو نہ رهيو ڪو گهر ۽ نہ ڪا جاندار شيءِ، هر شيءِ دونهين ۽ ڇار ۾ تبديل ٿي وئي. ائين اتان هڪ دونهون اٿيو ۽ ڦهلجندو ٿي ويو ڄڻ ڪا وڏي بلا آهي ۽ ان اونداهيءَ ۽ آواز ۾ سڄو شهر تباهہ ٿي ويو.

ائين ئي قرآن مجيد ۾ چوڏهن سؤ سال پهرئين فرمايو ويو تہ:

”پوءِ جڏهن آسمان پڌرو دونهون آڻيندو (تنهن ڏينهن جو) تون انتظار ڪر. جو ماڻهن کي ويڙهي ويندو، اهو ڏکوئيندڙ عذاب آهي.“ (سورت الدخان_ 11_10)

ناگاساڪي ۽ هيروشيما جي مٿان جڏهن ڪارو دونهون ڇانيو ۽ زوردار ڌماڪو ٿيو تہ اهو دونهون هر شيءِ کي ختم ڪندو ويو ۽ اڄ تائين اتان جي سر زمين تي ڪوبہ ٻار صحيح سلامت پيدا نہ ٿيندو آهي.

ٻيءَ جڳهہ تي فرمايو ويو آهي:

Marfat.com

"۽ ياد ڪريو جنهن ڏينهن صور ڦوڪبو تنهن ڏينهن جيڪي
آسمان ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهن سي گهٻرائيندا پر جن لاءِ
الله گهريو سي نہ گهٻرائيندا ۽ سڀ ڪو وٽس خوار ٿيل ايندو ۽
تون جبلن کي ڏسين ٿو انهن کي زمين ۾ محڪم پائنين ٿو؟
حالانڪ اهي ڪڪرن جان هلندا." (سورت نمل 88_87)

مٿين آيتن تي جيڪر غور ۽ فڪر ڪريون تہ زمين ۽ آسمان جو ذڪر ڪيل آهي، جيئن تہ اڄ ڪلھ جا سائنسدان هن زمين جي خطي کان علاوه بہ ٻين گرهن کي جانچڻ لڳا آهن تہ اتي رهڻ لاءِ ڪالونيون ناهيون وڃن. پر قرآن ۾ اهو اڳ ئي واضح ڪيو ويو آهي، تہ ڀلي اهي زمين ۾ هجن يا خلا ۾، اهي سڀ تباھ ڪيا ويندا ۽ جيئن تہ صُور ڦوڪڻ جو پڻ قرآن پاڪ ۾ ڪافي جڳهن تي بيان ڪيل آهي ۽ ان لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو آواز ايترو تہ زوردار هوندو جو ٻڌڻ وارن جا هيانوَ ڦاٽي ۽ ڏري پوندا ۽ پوءِ وري ساري ڪائنات فنا تي ويندي، پوءِ وري جيئرا ڪيا ويندا.

جيڪڏهن ان نظريي کي سائنس جي نظر سان ڏسون تہ جيڪڏهن هن دنيا ۾ ڪنهن خطي تي ڪا وڏي جنگ شروع ٿي پوي تہ هيڏا سارا اهي نهيل ائٽمي هٿيار ڪاڏي ويندا؟ ضرور اهي استعمال بہ ڪيا ويندا ۽ انهن جي ڪارڻ اهي ڪيميائي هٿيار ۽ بم پڻ حرڪت ۾ اچي ويندا ۽ انهن سڀني جي جڏهن هيڪاندي تباهي منظر عام تي ايندي تہ هن ساري ڪائنات جو نظام تباھ ڪري ڇڏيندي ۽ اسان جي ڌرتي، نظام شمسيءَ جي دائري مان کسڪي ويندي ۽ ان کي سج پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندو ۽ پوءِ هن ڪائنات جو انت لازمي طور تي ويندو ۽ اهو ئي محشر جو منظر هوندو.

قرآن پاڪ جي سورت نمل ۾ ٻيءَ جاءِ تي فرمايو ويو آهي تہ:

"۽ جڏهن مٿن عذاب جو انجام لازم ٿيندو، تڏهن انهن لاءِ
هڪ جانور زمين مان ڪيندا سون جو ساڻن ڳالهائيندو انهيءَ
ڪري جو ماڻهو اسان جي آيتن تي يقين نہ رکندا هئا."

(نمل آيت 82)

جڏهن سائنس جا اهي مشاهدا ۽ تجربا ۽ تحقيقات انهن تائين پهتا آهن تہ هي آيت پڻ پنهنجي منزل تي ورندي، يعني ان آيت جي حقيقتاً

Marfat.com

ظهور ۾ اچڻ ۾ بہ دير نہ آهي. الله تعاليٰ هن دنيا ۾ پنهنجون ٻڌايل سڀ نشانيون ظاهر ڪري ڏيکاريندو ته وچي. الله تعاليٰ جو ارشاد مبارڪ آهي:

"الله تعاليٰ آخرت جي ڏينهن جو مالڪ آهي."

يعني انهن نظرين، مشاهدن ۽ تجربن ۽ تحقيقاتن مان واضح ٿو ٿئي تہ هن دنيا جو انت جلد اچڻ وارو آهي ۽ اسان جي مذهب مطابق اهي سڀ نشانيون جلدي جلدي ثابت ٿينديون پيون وڃن. جيڪي آخرت جي باري ۾ ٻڌايون ويون آهن. اسان کي ان آخرت واري ڏينهن تي يقين رکڻ گهرجي، ڇو جو ان يقين کان سواءِ اسان جي زندگي نامڪمل آهي ۽ ان عقيدي کان سواءِ اسان ڀلائي نٿا ڪري سگهون. انهيءَ ڪري مسلمان موت کان ڪڏهن بہ نہ ڊڄندو آهي ۽ هميشہ سٺو عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ هڪ مالڪ ۽ خالق جي عبادت ۽ خوشنوديءَ لاءِ پنهنجي عمر وقف ڪري ڇڏيندو آهي. "تنهنجي پالڻهار عزت واري ۽ نعمت واري جو نالو وڏي برڪت وارو آهي."

***

Marfat.com

# حضرت عبدالله (والدِ محمد ﷺ)

سڪندر علي چنا/اسسٽنٽ پروفيسر اسلاميات

سندن اسم مبارڪ عبدالله بن عبدالمطلب (شيبتہ الحمد) بن هاشم (عمرو) بن عبدمناف (المغيرة) بن قصي (زيد) بن ڪلاب بن مرة بن ڪعب بن لوي بن غالب بن فهر (قريش) بن مالڪ بن النضر (قيس) بن ڪنانه بن خزيمه بن مدرڪه (عامر) بن الياس بن مضَر بن نِزار بن مَعَد بن عدنان (عمرو يا عامر مدرڪه جو نالو بہ ڏنل آهي) ان نسب ۾ مورخين جو اختلاف آهي.

**عبدالله جي قرباني:**

عبدالمطلب باس (مَنت) باسي هئي تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ کيس ڏهہ پٽ عطا ڪيا ۽ اهي بلوغت کي پهتا تہ انهن ڏهن پٽن مان هڪ پٽ کي بيت الله ۾ الله خاطر قربان ڪندو. جڏهن ڏهہ ئي پٽ بالغ ٿيا تہ حضرت عبدالمطلب باس پوري ڪرڻ لاءِ ڪُڻا (قرعہ) وجهي قربانيءَ لاءِ پٽ جي چونڊ ڪئي تہ اهو حضرت عبدالله جي نالي نڪتو جنهن تي مائٽن ۽ دوستن سمجهايس تہ ائين ڪرڻ سان هڪ نئين رسم جاري ٿي ويندي. جيڪا صحيح ناهي ۽ پوءِ انهن صلاح ڏنس تہ ان لاءِ يثرب (مديني جو قديم نالو) جي ڪنهن ڪاهنہ يا عَرافه کان ان جو حل معلوم ڪجي.

عبدالمطلب ان لاءِ مديني (يثرب) روانو ٿيو تہ اتي ڪاهنہ جنهن جو نالو قطبه يا سِجاح هو سان مليو. اها ڪاهنہ ان وقت مديني (يثرب) جي ڳوٺ خيبر ۾ هئي. (خيبر، يثرب (مديني) ۽ تيماءِ جي درميان يهودين جي هڪ وسندي هئي، جتي يهودي قبيلا بنو نضير ۽ بني قينقاعُ رهندا هئا).

اُن ڪاهنه عبدالمطلب کي مشورو ڏنو تہ پٽ جو فديو (اجورو) ڏيو. بيت الله وٽ 10 اُٺن ۽ عبدالله جي وچ ۾ ڪُڻا وجهو. جيڪڏهن ڪُڻي ۾ عبدالله جو نالو نڪري تہ 10 اُٺ ٻيا وڌائي 20 ڪريو ۽ عبدالله يا اُٺ تي ڪُڻو

Marfat.com

ڪيو. ائين 10ـ 10 اُٺن جو واڌارو ڪندا ويجو ۽ ڪُڻا ڪيڻندا ويجو تان جو ڪُڻي ۾ عبدالله جي جاءِ تي اُٺن تي ڪُڻو نڪري. پوءِ اهي سب اُٺ الله جي راهه ۾ قربان ڪريو.

آخرڪار هڪ سئو اُٺن تي خون بها جي فدئي جو ڪڻو اُٺن تي نڪتو ۽ اُٺ ذبح ڪري انهن جو گوشت مڪي ۾ ورهايو ويو.

حضرت عبدالمطلب ڪثير الاولاد هو. کيس ڇهه زالون هيون.

(1) فاطمه بنت عَمرِو بن عائذ بن عمران بن مخزوم- هيءَ نبي ڪريم ﷺ جن جي سڳي ڏاڏي هئي، ۽ بني مخزوم قبيلي مان هئي.

(2) بنوعامر بن صعصعه قبيلي جي، صفيہ بنت جنيدب بن حجير.

(3) هاله. بنت وهيبِ بن عبدمناف بن زهره بن ڪلاب.

(4) نُتَيله بنت خباب يا خُبابُ بن ڪليب

(5) لُنبيٰ بنت الهاجِر.

(6) مُمَنعه بنتِ عمرو بن مالڪ.

## اولاد

(1)عبدالله- والد محمد ﷺ (2) زبير (3) ابوطالب- والد حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ اصل نالو عَبدِمنافُ هو. (4) عبدالڪعبہ (5) اُمّ حڪيم البيضاءِ (6) عاتڪه (7) بَرّه (8) اُميمه (9) آرويٰ. عبدالله ۽ سندس ڀيڻ اُم حڪيم جاڙا ڄاوا هئا. هن مان صرف هڪ پٽ الحارث هو.

(1)حمزه رضي الله عنه (2) صفيه رضی الله تعالیٰ عنها (3) المُقوِمُ (4) حَجَل.

(1)عباس رضي الله عنه (2) ضَرَارُ (3) قُثَم.

ابولهب هڪ ئي پٽ هو

(1) الغَيدَاقِ (مصعَب)

## عبدالله جي شادي:

عبدالله جيئن تہ سڀني پٽن مان ننڍو هو تنهن ڪري پنهنجي پيءُ عبدالمطلب کي تمام گهڻو پيارو هو. عبدالله نہ صرف حُسنِ صورت ۾ لاثاني هو بلڪ هو حُسنِ سيرت ۾ بہ مثالي هو. سندس اخلاقِ حميده، اوصاف جميلہ ۽ پاڪيزگيءَ جي شهرت ڦهليل هئي.

عبدالله جڏهن ارڙنهن سالن، يا ڪن روايتن مطابق پنجويهن سالن جو

Marfat.com

تيو تہ سندس والد عبدالمطلب، عبدالله جي شادي، بنو زهره قبيلي جي هڪ نيڪ، پاڪيزه، بلند اقبال، سڀاڄهي ۽ ڀاڄهاري خاتون، سائڻ آمنه سان ڪرائي. آمنه جو پورو نالو آمنه بنت وَهب بن عبدمناف بن زهره بن ڪلاب بن مُره آمنه جو ڏاڏو عبدمناف ۽ عبدالمطلب جو ڏاڏو عبدمناف الڳ الڳ شخصيتون آهن. آمنه جو ڏاڏو عبدمناف بن زهره هو ۽ عبدالمطلب جو ڏاڏو عبدمناف بن قصي هو. قُصَيّ ۽ زهره ٻئي ڀائر هئا ۽ ڪلابُ بن مُره بن ڪعب بن لُوِي بن غالب جا پٽ هئا. محمد ﷺ جن جو ڏاڏنگ ۽ نانگ ٻئي ڪلابُ بن مُره تي ملي وڃن ٿا.

حضور ڪريم ﷺ جي ڏاڏيءَ جونالو فاطمه. بنت عمرو بن عائذ ۽ نانيءَ جو نالو برّه بنت عبدالعزي بن عثمان هو. پاڻ سڳورن ﷺ جي ناني جو نالو وهب بن عبدمناف هو. وهب جي والده جو نالو هند بنت ابي قيله (وجز) بن غالب هو. (انساب الاشراف 91:1)

پاڻ سڳورن ﷺ جو نانو وهب، بنو زهره قبيلي جو نامور ۽ معزز سردار هو. پاڻ ڪريمن ﷺ جي والده ماجده سيده آمنه، طهارتِ نفس، شرافتِ نسب، عزت و وجاهت، عفّت و عصمت ۽ پاڪيزگيءَ ۾ بي مثال هئي ۽ پنهنجي قوم ۾ "سيدة النّساء" (عورتن جي سردار) جي لقب سان مشهور هئي.

ابن ڪثير رح پنهنجي ڪتاب: السيرة النبويه: 177:1 ۾ لکيو آهي تہ: "وَهي يومئذ سيدة النساءِ قومها" (آمنہ) پنهنجي قوم ۾ انهن ڏينهن ۾ "عورتن جي سردار" طور مشهور هئي ۽ اِبن جرير طبري رح پنهنجي ڪتاب "التاريخ" 174:2 ۾ لکيو آهي تہ: "وَهي يومئذ افضل امراةٍ من قريش" (آمنہ) پنهنجي زماني ۾ قريش جي سڀ کان وڌيڪ افضل خاتون هئي"

پاڻ سڳورن ﷺ جو ڏاڏنگ ۽ نانگ، عربن جي سڀ کان افضل ۽ سڀ کان بهترين قبيلي ۽ قوم مان هئا. نڪاح کان پوءِ، عربن جي دستور مطابق ڪجھ ڏينهن پنهنجي ساهرن ۾ رهڻ کان بعد پنهنجي زوجه محترمه سيده آمنه کي وٺي، حضرت عبدالله پنهنجي گهر آيو.

## وفات:

شاديءَ کان پوءِ حضرت عبدالله واپار سانگي شام ويو. واپسيءَ ۾ فلسطين۔ (فلسطين ڪنهن زماني ۾ ملڪ شام جو هڪ صوبو هو پر اڄ ڪلھ هڪ الڳ ملڪ آهي. فلسطين جو گهڻو حصو اسرائيل جي قبضي

Marfat.com

هيٺ آهي، جنهن ۾ غزه بہ شامل آهي.) جي هڪ شهر غزه کان گهر واپس اچي رهيو هئو تہ رستي تي سخت بيمار ٿي پيو. غزه، فلسطين جو هڪ اهم ساحلي شهر آهي، جيڪو صحراءِ سينا جي اُتر- اوڀر ڪُنڊ تي واقع آهي. ڏاکڻي ساحل واري پاسي کان هي اسرائيل جو سڀ کان وڏو شهر آهي.

حضور ڪريم ﷺ جن جو پڙ ڏاڏو هاشم (اصل نالو عَمرو) بہ اهڙي ئي هڪ واپاري سفر ۾ غزه ۾ بيمار ٿيو هو ۽ اتي ئي وفات ڪئي هئائين ۽ غزه ۾ ئي دفن ٿيل آهي. امام شافعي رح بہ غزه ۾ ئي ڄائو هو.

حضرت عبدالله جڏهن شام ۽ غزه کان مديني ڏانهن ايندڙ رستي تي سخت بيمار ٿي پيو تہ پڙڏاڏي هاشم جي زال، جيڪا مديني جي قبيلي خزرج جي هڪ شاخ بنوعَدي بن النجار منجهان هئي ۽ جنهن جو نالو سلميٰ بنت عمرو بن زيد هو حضرت عبدالله انهن وٽ ترسي پيو ۽ پنهنجي پيءُ عبدالمطلب ڏانهن قافلي وارن هٿان نياپو موڪليائين. قافلي وارن جڏهن مڪي اچي حضرت عبدالله جي علالت ۽ مديني ۾ ترسڻ جو اطلاع عبدالمطلب کي ڏنو تہ هن پنهنجي وڏي پٽ حارث کي عبدالله ڏانهن مديني موڪليو. پر سندس پهچڻ کان اڳ ئي عبدالله وفات ڪري ويو ۽ کيس مديني ۾ ئي نابغہ جعديءَ جي جاءِ ۾ دفن ڪيو ويو.

جناب عبدالله جي وفات، حضرت محمد ﷺ جن جي پيدائش کان اٽڪل ست مهينا اڳ ٿي. ان وقت عبدالله جي عُمر پنجويهہ سال هئي. ڪي ڪتاب ارڙهن سال بہ لکن ٿا ۽ ڪن جي مطابق حضرت عبدالله جي وفات حضرت محمد ﷺ جن جي ڄمڻ کان ٻہ مهينا پوءِ ٿي. پر سيرت نگارن جي اڪثريت ان تي متفق آهي تہ حضرت عبدالله جي عمر وفات وقت پنجويهہ سال هئي ۽ سندن وفات حضرت محمد ﷺ جن جي پيدائش کان اڳ ٿي هئي.

حضرت عبدالله جي وفات تي سيده آمنہ هينئون درد انگيز مرثيو چيو:

عَفا جانب البطحاء من ابن هاشم
وجاور لحدا خارجا في الغمائم
دعته المنايا دعوته واجابها
وما تركت في الناس مثل ابن هاشم
عشية راحوا يحملون سريره
تعاوره اصحابه في التراحم

Marfat.com

فـــان تـــک غالتـــه المنايـــا و ريبهـــا
فقـــد كـــان معطـــاءً كثيـــرا التـــراحمِ

*(طبقات ابن سعد جلد اول)*

ترجمو:"بطحا (مڪي جي ماٿري) جي آغوش هاشم جي صاحبزادي کان خالي ٿي وئي، ۽ هو (مڪي) کان ٻاهر قبر جو وچي ساٿي/ ڀاڙيسري ٿيو موت کيس اوچتو سڏيو ۽ هن اُنَ سڏ کي ورايو/ جواب ڏنو ۽ (موت) ماڻهن ۾ هاشم جي صاحبزادي جهڙو باقي ڪوبہ نہ ڇڏيو. آه! رات جي وقت جڏهن اُن جي (ميت) کَٽ کڻي هليا تہ اُهي سندس دوست، سندس جنازي کي واري واري سان ڪُلهو ڏئي رهيا هئا. پوءِ جيڪڏهن ان جي موت ۽ تڪليفن گهيرو ڪيو آهي تہ ڇا ٿيو ڇو جو هو (عبدالله) هڪ انتهائي سخي ۽ عطا ڪندڙ ۽ رحمدل انسان هو".

## حضرت عبدالله پنهنجي پويان هي شيون ڇڏيون:

(1)پنج اُٺ (2) ٻڪرين جو هڪ ڌڻ (3) هڪ حبشي/ شيدياڻي ٻانهي، جنهن جو نالو برڪه هو ۽ سندس ڪنيت ام اَيمن هئي، جنهن رسول الله ﷺ جن کي هنج کڻي کيڏايو هو. اُم ايمن جو نڪاح پهرين عبيد بن الحارث الخُزرَ جيءَ سان ٿيل هو جنهن مان کيس هڪ پٽ اَيمن نالي هو انهيءَ ڪري کيس اُم ايمن يعني ايمن ماءُ ڪري سڏيندا هئا.

اُم اَيمن کي حضور ڪريم ﷺ آمان ڪري سڏيندا هئا. جڏهن پاڻ ڪريمن ﷺ جي شادي ام المؤمنين سيده خديجة الڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها سان ٿي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن اُم ايمن کي آزاد ڪري ڇڏيو هو.

عبيد جي وفات کان پوءِ بعثتِ نبويءَ جي آغاز ۾ اُم ايمن جو نڪاح پاڻ ڪريمن ﷺ حضرت زيد ﷛ بن حارثہ سان ڪرايو جنهن مان اُسامه بن زيد رضي الله تعاليٰ عنه پيدا ٿيو. اُم ايمن وڏي ڄمار ۾ حضرت عثمان غني ﷛ جي عهد خلافت ۾ وفات ڪئي.

## سيده آمنہ جو پنهنجي مڙس حضرت عبدالله جي قبر جي زيارت لاءِ مڪي کان مديني جو سفر:

جڏهن حضور ڪريم ﷺ جن ڇهن سالن جا ٿيا تہ سيده آمنه پنهنجي پياري پٽ محمد مصطفيٰ ﷺ . پنهنجي سهري حضرت عبدالمطلب ۽

Marfat.com

پنهنجي ٻانهي اُمِ ايمن رضي الله تعاليٰ عنها سان گڏ مڪي کان مديني رواني ٿي تہ جيئن پنهنجي مڙس حضرت عبدالله جي قبر جي زيارت ڪري ۽ حضرت عبدالمطلب جو نانڪ بہ گهمي اچي. مديني ۾ سيده آمنه مڙس جي قبر جي زيارت بہ ڪئي ۽ اٽڪل هڪ مهينو عبدالمطلب جي نانڪ يعني عبدالمطلب جي ماءُ سلميٰ بنت عمرو بن زيد (جيڪا قبيلي خُزرج جي شاخ بنوعَدي بن النجّارَ منجهان هئي) جي خاندان بنوعدي نابغه جَعدي جي گهر رهيا. عبدالمطلب بنوعدي ۾ جمڻ کان پوءِ اٺن سالن تائين رهيو هو.

سيده آمنه بنوعديءَ ۾ هڪ مهينو رهڻ کان پوءِ جڏهن مديني کان مڪي واپس اچي رهي هئي تہ رستي ۾ "اَبوَاءِ" ۾ سخت بيمار ٿي پئي ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين ۽ اُتي ئي کيس دفن ڪيو ويو.

❊❊❊

Marfat.com

# سيّد الشّهداء امير حمزه رضي الله عنه

*مصباح الدين شڪيل/ بشير احمد لنجوائي*

ڪفر جي مجسمي تي حق جي حمايت ۾ پيل پهرين ضرب فڪر و نظر جي دنيا کي هيٺ مٿي ڪري ويئي. انڌوڪار جي ڪڪري لهي ويئي. حق، ماءُ جي ٿڃ وانگر رڳن ۾ پهچڻ لڳو. بدلي وٺڻ جي جذبي ۾ سرشار ۽ حمايت جي جوش ۾ ڀرپور چاچو حق جي دعويدار جي روبرو ٿيو. سندس زبان مان نڪتو:

"ڀائيٽا خوش ٿي وڃ. مون توسان زيادتي جو بدلو ابو جهل کان وٺي ڇڏيو آهي." داد جي خواهش رکندڙ نظرون مبارڪ منهن تي پيون، ته اتي منظر ئي ٻيو هو.

ارشاد ٿيو: "مون کي ان سان ڪائي خوشي حاصل نه ٿي. مون کي حقيقي خوشي ان وقت ٿيندي جڏهن اوهان دين حق جي تبليغ ۾ منهنجا هٿ ٻڌجي پوندا" اندر جي اثر واري در مان الفاظ نڪتا ته دل تي اثر ڪري ويا ۽ بي اختيار زبان تي حق جو ڪلمو جاري ٿيو:

"لااله الاّ الله محمد رسول الله"

حضرت امير حمزه رضي الله تعاليٰ عنه رسول الله ﷺ سان ٽن قسمن جون قربتون رکندڙ هئا.

حضور ﷺ جي ڏاڏي حضرت عبدالمطلب بني زهره ۾ پنهنجي لاڏلي نور نظر عبدالله جو سڱ قبيلي جي سردار وهب جي نياڻي حضرت آمنه رضي الله تعاليٰ عنها سان طئه ڪيو ۽ وهب جي ڀاءُ يا اهيب جي نياڻي، "هاله" کي پنهنجي زوجيت ۾ ورتو جيڪا حضرت آمنه جي سئوٽ هئي. ان مان حضرت حمزه رضي الله عنه ۽ حضرت صفيه رضي الله تعاليٰ عنها پيدا ٿيا. ان طرح نبي ڪريم ﷺ جو حضرت حمزه رضي الله عنه سان چاچي جو رشتو به ٿيو ته

Marfat.com

ماسات جو بہ تاريخ دانن لکيو آهي تہ عمر ۾ حضرت حمزه رضي الله عنه حضور اکرم رضي الله عنه کان بہ سال وڏا هئا.

رسول الله ﷺ سڀ کان پهريان ست ڏينهن پنهنجي والده ماجده جي ٿڃ پيتي. پوءِ اها سعادت سندن چاچي عبدالعزي جو اڳتي هلي گمراهيءَ جي نشاني "ابو لهب" جي نالي سان تاريخ ۾ ايريو. جي ڪنيز ثويبه جي حصي ۾ آئي. حضرت ثويبه ڪين اٺ ڏينهن کير پيئاريو. ان وقت مسروح، سندس پٽ پاڻ ڪريمن ﷺ جو رضاعي ڀاءُ هو. ان ئي حضرت ثويبه حضرت حمزه رضي الله عنه کي پڻ ٿڃ پيئارڻ جو شرف حاصل ڪيو. ان طرح حمزه رضي الله عنه جو رسول الله ﷺ سان ٽيون رشتو رضاعت جو آهي. حضرت ثويبه عبدالله بن عبدالاسد کي بہ ٿڃ پيئاريو جيڪو ابو سلمہ رضي الله عنه جي نالي سان مشهور آهي ۽ ام المومنين حضرت ام سلمہ رضي الله عنه جو پهريون مڙس هو.

ابن اثير جي روايت مطابق رسول الله ﷺ جا 12 چاچا هئا ۽ ڇهہ پڦيون هيون. انهن مان ٻن چاچن ۽ هڪ پڦيءَ جي حصي ۾ ايمان جي دولت آئي. چاچن مان حضرت امير حمزه رضي الله عنه ۽ حضرت عباس رضي الله عنه ۽ پڦين مان حضرت صفيہ رضي الله عنها، جيڪا رسول الله ﷺ جي صحابي زبير رضي الله عنه بن عوام جي والده هئي.

حضرت امير حمزه رضي الله عنه آزاد منش، سيروشڪار جو شوقين ۽ سپاهہ گريءَ جي فن جو شوقين هو. باڪ ٿڻندي ئي ڪعبي جي حرم جو طواف ڪري، پوءِ ڪلهي ۾ ترڪش (تيردان) لڙڪائي هٿن ۾ ڪمان ڪٽي، تازي شڪار جي تلاش ۾ جهرجهنگ جهاڳيندو هو. سج لهڻ وقت موٽندي، سڌو الله جي گهر جو رخ ڪندو هو ۽ طواف ڪرڻ بعد ڪجهہ وقت ڪعبي جي اڱڻ ۾ گڏ ٿيل ماڻهن سان ڳالهيون ڪري پوءِ گهر ويندو هو. شڪار سان گڏوگڏ تير اندازي، تلوار بازي ۽ نيزي بازي بہ سندن پسند جا شغل هئا ۽ پهلوانيءَ ۾ بہ ماهر هئا. سپاهگريءَ جي فن ۾ مهارت، مردانگي وجاهت ۽ فطري شجاعت عرب ۾ پري پري تائين سندس نالي جو ڏونڪو وڄايو هو. حج جي مند ۾ جڏهن ڪعبي جي اڱڻ تي بهادريءَ جا مقابلا ٿيندا هئا تہ اڪثر ميدان سندن ئي هٿن ۾ رهندو هو. بي فڪري ۽ بي پرواهيءَ جي زندگي سندن حيات جو حاصل هو.

Marfat.com

بني هاشم جي خاندان ۾ رشد و هدايت جي آفتاب نبوت کي روشني ڦهلائيندي ڇهون سال هو مگر امير حمزه ؓ کي ان ۾ ڪائي دلچسپي نه هئي. سندس دنيا جا ڏينهن ۽ راتيون نراليون هيون. هڪ شام شڪار کان واپسيءَ تي صفا جي ٽڪريءَ تان بيت الله طرف وڃي رهيا هئا ته عبدالله ابن جدعان تيمي جي هڪ ڪنيز کين راهه ۾ روڪيندي چيو: "اي ابو عماره! ڪاش تون ڪجهه دير پهريان هتي هجين ها ۽ اهو نظارو ڏسين ها، جيڪو منهنجي گنهگار اکين ڏٺو. ابو الحِڪَم (يعني ابوجهل) تنهنجي ڀائٽي ﷺ کي هتي اڪيلو ڏٺو ۽ بنا سبب ساڻن اهو سلوڪ ڪيو جنهن کي مون برداشت نه ڪري سگهيس. پر هڪ ڪنيز آهيان زبان تي تالو لڳائي بي وسيءَ مان سڀ ڪجهه ڏسندي رهيس. هن نامناسب ڳالهايو گاريون ڏنيون ۽ بي حد گستاخ رهيو ليڪن هو خاموشيءَ سان سڀ ٻڌي ويا ۽ برداشت ڪيائون."

اهو ٻڌي امير حمزه جي حميت جاڳي پئي، رت جي رشتي ۾ جوش آيو. غضب جي عالم ۾ وڏا قدم وڌيڪ تيز کڄڻ لڳا. ڪعبي جي ويجهو پهتا ته دستور مطابق طواف نه ڪيائون ۽ نه وري ڪنهن سان ڳالهايائون. سڌا بني مخزوم جي ٽولي ۾ پهتا، جتي ابو جهل پنهنجي خاندان وارن ۾ وينو تازي واردات مان لطف اندوز ٿي رهيو هو. سندن عقابي نظرون تازي شڪار جي تلاش ۾ هيون. جيئن ئي ابو جهل تي نظر پين ته ڪلهي مان تيردان لاهي سندس منهن ۾ هنيائون. خون جو ڦوهارو زخمي نرڙ مان ڦاٽي نڪتو. سچي هاديءَ جي محبت ۾ جهالت جي بت تي، صراط مستقيم واري پهرين قدم جو ڀرپور وار هو. رت ڀريل نظرن سان، غضبناڪ آواز ۾ چيائون: "ڇا تو سمجهيو آهي ته محمد ﷺ جن لاوارث آهن؟ سندن ڪو به مددگار ڪو نهي؟ هاڻي تنهنجون جرئتون ايتريون وڌي ويون آهن. جو قريش جون ڪنيزون به انهن کي ڏسي برداشت نه ڪري سگهيون."

ابو جهل جا حمايتي اٿي بيٺا پر بني هاشم جي بهادر جا تيور ڏسي اڳتي وڌڻ جي جرات نه ڪري سگهيا. ڇو ته هاشمين جو ڌهڙو حضرت حمزه ؓ جي ٻانهن جي ٻل تي قائم هو. البته چيائون ته: "اي حمزه! لڳي ٿو ته تون به بي دين ٿي ويو آهين؟"

Marfat.com

چيائون: "هائو مون سندن دين قبول ڪيو آهي. ڪنهن ۾ بہ همت آهي تہ منهنجي مقابلي ۾ اچي" اهو بڌي سيني کي نانگ ڪکي ويو.

ابوجهل جا حمايتي ڪاوڙ ۾ اٿيا. ابو جهل خود همت ۾ گهٽ نہ هو پر هيو وڏو چالباز ۽ موقعي شناس. پنهنجي ساٿين کي چوڻ لڳو. "ابو عماره کي ڇڏي ڏيو. مون ئي سندس ڀائٽي تي زيادتي ڪئي هئي."

جنگ جي ميدان ۾ سپاهي جيئن قتل عام (بزن) جو فيصلو گهڙيءَ پل ۾ ڪندو آهي، تيئن ئي حمزه ﷛ ابوجهل جي حمايتين ۾ پنهنجو صاف مقصد ظاهر ڪري ڇڏيو. اتان هليا تہ سڄي راهہ گهري سوچ ۾ ٻڏل رهيا. حضور اڪرم ﷺ وٽ پهتا تہ چيائون. "اي ڀائيٽا! خوش ٿي وڃ جو مون ابوجهل کان اوهان جو بدلو وٺي ڇڏيو آهي."

فرمايائون: "چاچا آءٌ ان وقت خوش ٿيان ها، جڏهن اوهان دين اسلام جا ٿنيا ٻڌجي وڃو ها."

ان تي هاشمي حميت حق جي تائيد ۾ بدلجي وئي. بي اختيار شهادت جو ڪلمو زبان تي اچي ويو.

بي روايت آهي تہ حضرت حمزه ﷛ بني مخزوم کي ڪريون ڪريون ڳالهيون ٻڌائي، پنهنجي گهر موٽيا. رات بيچيني ۽ بيقراريءَ ۾ گذاريائون. دين کي ترڪ ڪرڻ جي خيال وسوسن جي شڪل اختيار ڪري ورتي ۽ صبح جو دارالارقم ۾ رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. واقعو ٻڌائي رهنمائي طلب ڪيائون. رسول الله ﷺ کين آخرت جو خوف ڏياريو ۽ ايمان جي بشارت ڏني. دل جي سرزمين مان وسوسن جو ڪنڊو نڪري ويو ۽ ايمان جو ٻج سلي جي صورت ۾ نمودار ٿيو. اها ڳالهہ قريش جي سمجهہ ۾ نہ آئي تہ حقيقي چاچو جو عمر ۾ مرتبي ۾ وڏو ۽ بهادر آهي، ڪهڙيءَ ريت پنهنجي ڀائٽي جي آڏو سر جهڪائي ٿو سگهي؟ حضرت حمزه رضي الله تعاليٰ عنہ جي ايمان، ان وقت طاقت ۽ توازن جو پاسو اسلام جي حق ۾ ڪري ڇڏيو. ان ڏينهن کان قريش وارن رسول الله ﷺ کي تنگ ڪرڻ ۾ احتياط کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو.

ابن سعد جي روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت حمزه ﷛ رسول الله ﷺ سان خواهش ظاهر ڪئي تہ اوهان مون کي جبرئيل عليہ السلام کي، ان

Marfat.com

جي اصلي صورت ۾ ڏيکاريو. فرمايائون: ”توهان کي ڪين ڏسڻ جو تاب نه تيندو.“ عرض ڪيائون: ”آءٌ بهادر ۽ جري آهيان. ضرور ان جي طاقت رکان تو.“ ايتري ۾ جبرئيل عليہ السلام ان ڪانيءَ تي لٿو جنهن تي مشرڪ طواف ڪرڻ وقت پنهنجا ڪپڙا لاهي رکندا هئا. فرمايائون: ”پنهنجون نظرون کڻو ۽ ان ڪانيءَ کي ڏسو.“ هنن ڏٺو ته جبرئيل عليہ السلام جا ٻئي قدم زمود جهڙا سبز آهن. انهن جي روشني اکين کي خيرو ڪري ڇڏيو ۽ امير حمزه رضي الله عنه بيهوش ٿي ڪري پيا.

هجرت جو حڪم ٿيو ته سڀ ڪجهه ڇڏي، خدا جي راهه ۾ ڪجين واري شهر يثرب ۾ پناهه ورتائون. جنهن جي قسمت ۾ مدينة النبي بڻجڻو هو.

عام طور تي تاريخ نويس سندن حيات طيبہ جي مڪي دور کي آزمائشن ۽ مصيبتن سان ڀرپور ٻڌائن ٿا. ان دور ۾ ڪفار جي ظلم و ستم جو نشانو ذات اقدس ﷺ ۽ اصحابي سڳورا رضي الله تعاليٰ عنهم هئا. مديني منوره ۾ هڪ محاذ ٽن مورچن ۾ ورهائجي ويو. هڪ طرف مڪي جا قريش هئا، جيڪي زخمي نانگ وانگر ڦوڪون ڏئي رهيا هئا. ٻئي طرف يهودي هئا جي اوس ۽ خزرج کي ڪير ڪنڌ تيندي ڏسي، پنهنجي معيشت لاءِ خطرو محسوس ڪري رهيا هئا. ٽئين طرف سڀ کان خطرناڪ گروهه منافقن جو هو.

انهن حالات ۾ خود اختياريءَ جي حفاظت تي عمل ضروري هو. عظيم سياستدان ۽ تاجدار مدينه ﷺ جن مڪي وارن کي احساس ڏيارڻ لاءِ قريش جي تجارتي قافلن جي ناڪابندي شروع ڪئي. ان مقصد سان سڀ کان پهريون دستو حضرت امير حمزه رضي الله عنه جي قيادت ۾ هجرت جي ستين مهيني رمضان هڪ هجريءَ تي روانو ڪيو جيئن دشمن جي نقل و حرڪت تي نظر رکي وڃي. اڄ ڪلهه جي اصطلاح ۾ اهو انٽيليجنس جو ڪم هو. انهن اقدام جو هڪ اهم فوجي مقصد به هو ۽ اُهو اِهو ته مديني جي ويجهڙائيءَ جي جاگرافيائي حالت کان مهاجر واقف ٿي سگهن.

ٽن مهاجر اٺ سوارن کي، جهنيہ جي مقام عيص تي وڃڻ جو حڪم ٿيو. مجاهد سفر تي روانه ٿيڻ لڳا ته رسول الله ﷺ پنهنجي مبارڪ هٿن سان هڪ نيزي تي اڇو ڪپڙو ٻڌو ۽ اهو ابو عماره حضرت حمزه رضي الله عنه کي لشڪر جو امير بڻائي عطا فرمايو. اهو تمام وڏو اعزاز ۽ تمام وڏي سعادت هئي. بي اختيار رجز جا شعر زبان تي جاري ٿي ويا:

Marfat.com

"رسول الله ﷺ جي حڪم تي سڀ کان اول سرفروشي جي لاءِ جيڪو شخص نڪتو اهو آءٌ آهيان. ان جو پرچم ڪشا الله جو رسول آهي ۽ اهڙو پرچم (جهنڊو) مون کان اڳ ڪنهن تي ظاهر نہ ٿيو هو. هي پرچم اهڙو آهي جو وڏي عزت ۽ شان واري معبود جي مدد سان گڏ جنهن جو هر ڪم بهترين آهي."

عيص جي ويجهو سِيف البحر ۾ ابو جهل جي تجارتي قافلي سان سندن ٽڪراءُ ٿيو. علائقي جي قبائلي سردار مجدي بن عمرو جهنيءَ وچ ۾ پئي ڇڏ ڇڏاءُ ڪرايو ۽ چيو:

"مون لاءِ قريش ۽ مسلمان ٻئي برابر آهن." اهو اڄ جي اصطلاح ۾ غير جانبداريءَ جو معاهدو هو. حضرت حمزه ؓ لشڪر جي امير مجديءَ جي ڳالهہ مڃي. اهو مسلمانن جو پهريون سياسي معاهدو هو ۽ قبيلي جهنيہ جو سردار پهريون حڪمران، جنهن مديني جي مملڪت جي آزاد ۽ خودمختيار حيثيت مڃي.

سن ٻہ هجري ۾ صفر جي 12 تاريخ هئي، جو رسول الله ﷺ جي طرفان قتال جي اجازت ملي. سورت الحجّ جي آيت 39 ۾ حڪم آيو:

"هاڻي وڙهڻ جي انهن کي اجازت ڏجي ٿي، جن سان ڪافرن جي طرفان ويڙهہ ڪئي ٿي وڃي. ان سبب کان تہ انهن تي ظلم ڪيو ويو ۽ الله تعاليٰ کين غالب ڪرڻ جي پوري سگهہ رکي ٿو."

تفسير ابن جرير مطابق قتال جي متعلق نازل ٿيڻ واري پهرين آيت سورت البقره جي 190 نمبر آيت آهي:

"۽ جيڪي ماڻهو توهان سان وڙهن ٿا، توهان بہ ان جي راهہ ۾ا نهن سان وڙهو مگر زيادتي نہ ڪجو."

جهاد جي اجازت کان پوءِ اسلام جي تاريخ جو پهريون غزوه، ابواءِ يا ودان آهي. رسول الله ﷺ پهريون ٻيرو سٺ مهاجرن سان گڏ مديني کان ٻاهر نڪتا. ان موقعي تي بہ نبوي جهنڊو جنهن جي ٻيرڪ سفيد هئي، حضرت امير حمزه ؓ کنيو بيٺو هو. غزوه ذي عشره ۾ جمادي الآخر سن ٻہ هجري ۾ نبوي جهنڊي کي بلند ڪرڻ جو شرف بہ حضرت امير حمزه ؓ جي حصي ۾ آيو.

Marfat.com

آخركار اسلامي تاريخ جو اهو يادگار ڏينهن بہ آيو جڏهن بدر جي ميدان ۾ حق ۽ باطل جو فيصلا ڪن معرڪو پيش آيو جنهن کي قرآن مجيد ۾ يوم الفرقان ۽ يوم التقي الجمعان سڏيو ويو آهي. ان موقعي تي حضرت امير حمزه رضي الله عنه جي خود (فولادي ٽوپ) تي شتر مرغ (اٺ پکيءَ) جا پر لڳل هئا. مسلمانن هڪ حوض کي پاڻيءَ سان پري ڇڏيو. بنو مخزوم جي اسود بن عبدالاسد انهيءَ تي قبضو ڪرڻ چاهيو تہ حضرت امير حمزه رضي الله عنه کيس اتي ئي ڍير ڪري ڇڏيو. بدر جي ميدان ۾ ان مجاهد جو هي پهريون نذرانو هو. اسود جي قتل سان مشرڪين جي غيظ ۽ غضب جي ڪا انتها نہ رهي، سپهہ سالار عتبہ تلوار لهرائيندو اڳتي آيو ان جي پٺيان سندس ڀاءُ شيبہ ۽ پٽ وليد هو. مقابلي جي دعوت ڏنائين:

"آهي ڪوئي همت وارو جو مونسان وڙهي؟ جنهن کي موت جي آرزو هجي، مقابلي لاءِ اچي."

ان للڪار جي مقابلي ۾ انصار پيش قدمي ڪئي. عتبہ چيو:

"اسان جي توهان سان ڪائي دشمني ناهي. محمد صلي الله عليه وسلم کي چئو تہ پنهنجي گهراڻي وارا موڪلي."

رسول الله صلي الله عليه وسلم جي حڪم تي امير حمزه رضي الله عنه عبيده بن حارث رضي الله عنه ۽ علي بن ابي طالب رضي الله عنه وڌيا تہ عتبہ چيو:

"هاڻي برابر جو مقابلو آهي."

حق ۽ باطل هڪٻئي تي وار ڪيو. دلاور سان دلاور، پهاڙ سان پهاڙ ٽڪرايو. ڏسندي ئي ڏسندي امير حمزه رضي الله عنه، عتبہ جهڙي سورمي کي زمين حوالي ڪري ڇڏيو. حضرت علي رضي الله عنه وليد کي خون ۾ وهنجاري ڇڏيو. اهو ڏسي طعيمہ بن عدي غصي مان تلوار لهرائيندي حضرت امير حمزه رضي الله عنه تي حملو ڪيو. الله جي شير ۽ رسول الله جي شينهن کيس هڪ ئي وار ۾ ڍير ڪري ڇڏيو. شيبہ اجا تائين حضرت عبيده بن حارث رضي الله عنه سان وڙهي رهيو هو بلڪ کين زخمي ڪري چڪو هو. حضرت حمزه رضي الله عنه ۽ حضرت علي رضي الله عنه گڏجي سندس خاتمو آندو.

ڪجهہ روايتن ۾ آهي تہ حضرت عبيده رضي الله عنه جو مقابلو عتبہ سان ۽ حضرت حمزه رضي الله عنه جو شيبہ سان ٿيو.

Marfat.com

حضرت امير حمزه ﷜ چيو: "اي سباع! ڇا تون الله ۽ ان جي رسول الله ﷺ سان وڙهندين؟"

ابن اسحاق جي چوڻي "ان وقت حضرت امير حمزه ﷜ ٻن تلوارن سان وڙهي رهيو هو. ام انمار جي پٽ سباع کي پنهنجي تلوار جي چوٽيءَ تي چاڙهي ڇڏيائين. موٽي رهيو هو ته سندس خون ۾ پير ترڪي پيس ۽ پٺيءَ ڀر ڪري پيو ته زره پيٽ تان هٽي وئي. وحشي هڪ ٽڪريءَ جي اوٽ ۾ تاڙ ۾ بيٺو هو. ان موقعي کي غنيمت ڄاڻي وڏيڪ تيزيءَ سان ننڍو نيزو اڇلايو. سندس نشانو پڪو هو پيٽ مان نيزو آرپار ٿي ويو. ان ڪيفيت ۾ به امير حمزه ﷜ حملي ڪندڙ جو پيڇو ڪرڻ چاهيو پر ٻه قدم مس وڌيا ته چڪرائجي ڪري پيا. پوءِ زمين تان ڪين اٿي سگهيا. وحشيءَ پنهنجي آزادي پڪي ڪري ورتي.

جنگ ختم ٿيڻ تي وحشي، ابو سفيان جي زال هند کي، امير حمزه ﷜ جي لاش تي وٺي آيو ان پنهنجي پيءُ جي قاتل کي بي حس و حرڪت ڏٺو ته بدلي جي باهه ۾ مغلوب ٿي وئي، هڪ طرح جي وحشت ان مٿان طاري ٿي ته لاش جو مثلو ڪرڻ لڳي. نڪ ڪاٽيائين، چپ ڦاڙيائين، ڪن ڪپي، پيٽ چاڪ ڪري، جگر ڪڍيائين، چٻاڙڻ لڳي مگر ڳهي ڪا نه سگهي. سرور ڪائنات ﷺ کي جڏهن اهو معلوم ٿيو ته پڇيائين، ڇا ان ڪجهه کاڌو به هو؟ عرض ڪيو ويو "نه" فرمايائون: "يا الله! حضرت حمزه ﷜ جي ڪنهن به جُز کي جهنم ۾ داخل نه ڪرڻ ڏجانءِ."

رسول الله ﷺ خود لاش ڪٽي آيا. مثلو ٿيل جسم ڏٺائون ته سخت صدمو ٿين، ارشاد ڪيائون: "سڀاڻي اگر ڪفار تي مونکي غلبو حاصل ٿيو ته هن هڪ جي بدلي ستر لاشن جو مثلو ڪندس."

ايتري ۾ آيت نازل ٿي:

"توهان اگر سزا ڏيو ته اهڙي سزا ڏيو جهڙي توهان کي ڏني وئي ۽ اگر صبر ڪيو ته بيشڪ صبر ڪرڻ بهتر آهي."

پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ صبر اختيار ڪيو نه صرف ايترو پر هميشه جي لاءِ مسلمانن کي جنگين ۾ لاشن جو مثلو ڪرڻ کان روڪيائون. پاڻ سڳورا ﷺ شهيدن جي وچ ۾ اچي بيٺا ۽ فرمايائون: "آءٌ انهن سڀني تي گواهه

Marfat.com

آهيان. انهن کي سندن خون ۾ ٻڏل ڪپڙن جوئي ڪفن ڏيو. ڪو بہ مجروح اهڙو ناهي جنهن کي خدا جي راهہ ۾ زخمي ڪيو وڃي ۽ اهو قيامت جي ڏينهن ان حالت ۾ نہ اچي جو سندس خون وهندڙ هجي. خون جو رنگ تہ اهو ئي هوندو البتہ خوشبو مشڪ جهڙي هوندي"

هر قبر ۾ ٻہ ٻہ شهيد دفن ڪيا ويا. جنهن کي قرآن مجيد وڌيڪ حفظ هو تنهن کي اڳيان رکيو ويو. حضرت حمزه رضي الله عنه جي پاسي ۾ سندس ڀاڻيجي حضرت عبدالله رضي الله عنه بن حجش کي دفنايو ويو.

پياري چاچي جي لاش تي بيهي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

"اي چاچا! الله توتي رحم فرمائي. تون وڏو صلہ رحمي ڪرڻ وارو هئين. اگر صفيہ ڏکاري نہ ٿئي ها تہ آءُ توکي ايئن ئي ڇڏي ڏيان هان تہ حشر واري ڏينهن تون پکين ۽ جانورن جي پيٽ مان اتاريو وڃين." ان موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ اهو بہ فرمايو تہ "قيامت جي ڏينهن شهيدن جو سردار حمزه رضي الله عنه هوندو."

حضرت حمزه رضي الله عنه کي هڪ چادر جو ڪفن ڏنو ويو. چادر ايتري تہ ننڍي هئي جو مٿو ڍڪيو تي ويو تہ پير ظاهر ٿي ٿيا ۽ آخر پيرن کي گاهہ سان ڍڪيو ويو.

ان ڏينهن رحمت للعالمين ﷺ سڀ کان پهريان حضرت حمزه رضي الله عنه جي ميت تي چار تڪبيرون چيون. ان کان پوءِ هڪ هڪ شهيد کي آندو ويو ۽ ان جي پاسي ۾ رکيو ٿي ويو. ان طرح ستر ڀيرا جنازي نماز پڙهائي وئي. سندس قبر ۾ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه، حضرت عمر رضي الله عنه، حضرت علي رضي الله عنه ۽ زبير رضي الله عنه لٿا. رسول الله ﷺ جن سندس قبر تي ويهي رهيا ۽ فرمايائون:

"مون ملائڪن کي ڏٺو تہ حمزه رضي الله عنه کي غسل ڏئي رهيا آهن. ان ڪري جو هو جنابت واري حالت ۾ هئا." ان معرڪي جو ٻيو غسيل ملائڪ (ملائڪن جو غسل ڏنل) حضرت حنظلہ انصاري رضي الله عنه هو.

حضرت معاويہ رضي الله عنه جي دور ۾ سن 4 هجريءَ ۾ احد کان هڪ نهر کڍي وئي. رستي ۾ شهيدن جون قبرون آيون. کين ٻئي هنڌ دفن ڪرڻ لاءِ قبرن مان ڪڍيو ويو. ايئن لڳي رهيو هو جيئن اهي ستا پيا آهن. حضرت امير حمزه رضي الله عنه جي پير تي بيلچولڳو تہ ان مان خون نڪري آيو جيئن جيئرن مان نڪرندو آهي. ان لاءِ سورت البقره ۾ ارشاد رباني آهي:

Marfat.com

"جيڪي بہ الله جي راهہ ۾ جان ڏين, انهن کي مئل نہ چئو چو تہ اهي مئا ناهن, بلڪ جيئرا آهن, مگر سندن زندگيءَ جي حقيقت توهان سمجهي نہ سگهندا."

سن 8 هجريءَ ۾ مڪو فتح ٿيو ۽ مسلمان هر طرف کان فاتحانہ انداز ۾ داخل ٿيا. ڏاکڻي طرف کان عڪرمہ رضي الله عنه بن ابو جهل, صفوان رضي الله عنه بن اميہ ۽ سهيل بن عمر رضي الله عنه, خدنمہ جي ماڳ تي مقابلي لاءِ هٿيار کنيا. حضرت خالد رضي الله عنه بن وليد جوابي ڪارروائيءَ تي مجبور ٿيو. ڪنهن عرض ڪيو تہ: يا رسول الله صلي الله عليه وسلم! ڇا الله ۽ ان جي رسول جي حڪم کان خالد رضي الله عنه بن وليد ٽڪل آهي, جو ڪفار کي بي دريغ قتل ڪري رهيو آهي؟ رسول الله صلي الله عليه وسلم قاصد جي ذريعي ڪيس طلب فرمايو. هو آيو تہ پڇيائون:

"ڇا مون تو ڏانهن منع عنهم السيف (قتل کان باز اچڻ) جو حڪم نہ موڪليو؟"

عرض ڪيائين:

"قاصد تہ: "صنع فيهم السيف" (کين قتل ڪري ڇڏيو) جو پيغام ڏنو."

قاصد کي گهرايو ويو. ان جواب ڏنو "جڏهن آءٌ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جو پيغام ٻڌي هليس, تہ هڪ ٻئي شخص جنهن جو مٿو آسمان سان ٽڪرائجي رهيو هو ۽ جنهن جي هٿ ۾ گرز هو منهنجي ڇاتيءَ تي چنبو هڻي حڪم ڏنو: "صنع فيهم السيف" (انهن تي تلوار وهايو) چئجانءِ نہ تہ نوڪي پورو ڪري ڇڏيندس."

اهو ٻڌي وحيءَ جي ترجمان جي زبان مان بي اختيار نڪتو: "صدق الله و صدق رسوله". (الله سچو آهي ۽ ان پنهنجي رسول جي ڳالهہ سچي ڪري ڏيکاري).

غزوه احد واري ڏينهن حضرت امير حمزه رضي الله عنه جو مثلي ٿيل جسم ڏسي حضور صلي الله عليه وسلم جيڪو ڪجهہ بي اختيار فرمايو هو الله پنهنجي رسول جي جوش واري حالت (عالمِ غيظ) ۾ نڪتل الفاظ سچا ڪري ڏيکاريا. طبرانيءَ حضرت عبدالله ابن عباس رضي الله تعالي عنهما کان روايت ڪئي آهي تہ: حضرت خالد رضي الله عنه بن وليد جي هٿان ان ڏينهن قتل ٿيندڙ ڪافرن جو تعداد پورو ستر هو.

مڪي جي فتح کان پوءِ ابو سفيان ۽ سندس زال اسلام قبول ڪيو. وحشي بن حرب ڀڄي طائف هليو ويو. وحشيءَ جو بيان آهي تہ:

Marfat.com

"مون کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ چوڌاري زمين جون وسعتون مون تي تنگ ٿي ويون آهن. ارادو ڪيم تہ شام، يمن يا ٻيو ڪٿي ڀڄي وڃان. مون کي زندگيءَ کان بيزار ڏسي هڪ شخص چيو. ڇا توکي ايترو بہ معلوم ناهي تہ جيڪو شخص اسلام قبول ڪري ڇڏي تہ رسول الله ﷺ کيس معاف ڪري ڇڏيندا آهن."

سن 9 هجري ۾ طائف وارن جو هڪ وفد مديني روانو ٿيو. وحشي بہ انهن سان گڏ هو. حضور ﷺ جي خدمت ۾ خاموشيءَ سان حاضر ٿيو ۽ شهادت جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيڻ جو اعلان ڪيائين.

بخاري شريف ۾ آهي تہ آواز ٻڌي حضور اڪرم ﷺ نظرون کنيون ۽ پڇيائون: "ڇا تون اهو ئي وحشي آهين؟" عرض ڪيائين: "هائو" فرمايائون: "تو ئي حمزه ﷺ کي شهيد ڪيو؟" عرض ڪيائين "هائو! آزاديءَ خاطر، پنهنجي آقا جي حڪم تي." فرمايائون: "ويهہ ۽ حمزه ﷺ جي قتل جو واقعو بيان ڪر." هن سڄو تفصيل ٻڌايو. فرمايائون: "تنهنجو ڀلو نہ ٿئي. آئينده مون کي پنهنجو منهن نہ ڏيکارجانءِ." جان جي امان ملڻ کان بعد رسول الله ﷺ جي وفات تائين، هو ڀاڻ سڳورن ﷺ کان لڪندو وتندو هو ۽ ڪڏهن بہ آڏو اچي نہ ويهندو هو.

رسول الله ﷺ جي خليفي سيدنا ابوبڪر صديق ﷺ يمامہ جي ڪوڙي نبي مسيلمہ الڪذّاب جي مارڻ لاءِ حضرت خالد ﷺ بن وليد جي قيادت ۾ هڪ لشڪر روانو فرمايو تہ وحشي بہ ان ۾ شامل ٿي ويو. جنگ جي ميدان ۾ مسليمہ الڪذّاب کي ڏٺائين تہ تلوار هٿ ۾ کڻي بيٺو آهي. وحشيءَ اهو ساڳيو ننڍو نيزو ڪڍيو جيڪو احد جي ميدان ۾ ڪم آندو هيائين. ان کي اهڙي تہ ڦڙتيءَ سان اڇلايائين جو ساڳيءَ ريت پيٽ مان آرپار ٿي ويس. مسليمہ ڏڪندي زمين تي ڪريو. ان کان پوءِ وحشيءَ کي اڪثر اهو چوندي ٻڌو ويو تہ:

"مون ڪفر واري حالت ۾ خير الناس حضرت امير حمزه ﷺ کي ۽ اسلام جي حالت ۾ شرالناس، نبوت جي ڪوڙي دعويدار مسيلمہ الڪذّاب کي قتل ڪيو آهي."

*(اردو ڊائجسٽ بحوالہ ماهنامہ سوداگر ڪراچي جون 1995ع)*

***

Marfat.com

# حضرت عمر فاروق رضي الله عنه
# حياتي ۽ ڪارناما

محمد وسيم اختر مفتي/ مترجم: عمرالدين پيلار ليڪچرار اردو
نظرثاني: سڪندر علي چنا/ اسسٽنٽ پروفيسر اسلاميات

امام المجتهدين حضرت عمر فاروق رضي الله عنه پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به فرضي اجتهاد نہ ڪيو. هڪ ڏينهن حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه ۽ حضرت ابي بن ڪعب رضي الله عنه ان ڳالهہ تي بحث ڪري رهيا هيا تہ "نماز پڙهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪيترن ڪپڙن جي ضرورت آهي، هڪ يا ٻہ؟" حضرت عمر فاروق رضي الله عنه انهن جي اهڙي گفتگو ٻڌي کين هدايت ڪندي چيو تہ "اڄ کان پوءِ ڪنهن کي بہ اهڙن شرعي مسئلن بابت بحث مباحثو ڪندي نہ ڏسان. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙن مسئلن بابت اجايو بحث ڪندي نظر آيو تہ آءُ کيس سخت سزا ڏيندس." پاڻ هي بہ فرمايائون تہ "پاڻ ۾ اختلاف پيدا نہ ڪريو. توهان جا اختلاف ايندڙ نسلن ۾ اڃان بہ وڌيڪ زور وٺندا ۽ سنگين صورتحال اختيار ڪندا." اسلام جي شروعاتي دور ۾ جڏهن ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ کان اجايا سوال ڪندا هيا، تڏهن بہ حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه اهڙن ماڻهن کي ملامت ڪندو هيو. پاڻ رضي الله عنه ڪابہ راءِ ڏيڻ يا ڪو بہ فيصلو ڪرڻ کان اڳ جليل القدر اصحابن رضي الله تعاليٰ عنهم سان صلاح مشورو ڪندا هيا. ايستائين جو ڪوبہ منجهيل مسئلو ڪلي پوندو هيو. حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي رحمه الله فرمائي ٿو تہ "حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جون اهي ئي خوبيون هيون، جنهن جي ڪري سندس فتويٰ هر جاءِ تي مڃي ۽ قبول ڪئي ويندي آهي." حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جو چوڻ آهي تہ "حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جنهن بہ رستي تان گذرندو هيو

Marfat.com

اسان ان کي آسان ۽ سڌو ڏسندا هياسين." يعني هو جنهن به شرعي مسئلي جو فيصلو ڪندو هيو اهو بلڪل واضح هوندو هيو ۽ اسان کي ان ۾ ڪا به اوڻائي نظر ڪانه ايندي هئي. حضرت فاروق اعظم ﷛ پنهنجو فيصلو ٻڌائڻ کان اڳ ان ڳالهه جو ضرور خيال رکندا هيا ته ڪٿي مجرم يا جوابدار اهو گناهه مجبوريءَ يا لاچاريءَ جي حالت ۾ ته نه ڪيو آهي. هڪ دفعي هڪ عورت سندس دربار ۾ لجالت يا زنا جي گناهه ۾ پيش ٿي. هن اهڙي حالت ۾ گناهه ڪيو هيو جو ڪيس گناهه ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو هيو. هڪ دفعي اها ڏاڍي اڃايل هئي. ان جو گذر هڪ جهنگ مان ٿيو. اتي هڪ ٻڪرار ٻڪريون چاري رهيو هيو. عورت ان ٻڪرار کان پاڻي گهريو. ٻڪرار ڪيس هڪ شرط تي پاڻي ڏيڻ لاءِ راضي ٿيو ته "تون پنهنجو پاڻ منهنجي حوالي ڪر." حضرت فاروق اعظم ﷛ پنهنجو شرعي فيصلو ٻڌائڻ کان اڳ اصحابن سڳورن رضي الله تعاليٰ عنهم سان صلاح ڪئي. حضرت علي ڪرم الله وجهه ڪيس صلاح ڏني ته "ان عورت مجبوريءَ جي حالت ۾ گناهه ڪيو آهي. تنهن ڪري ان تي ڪا به شرعي حد لاڳو نه ٿيندي" ۽ ان جي دليل لاءِ قرآن مجيد جي سورت البقره جي آيت نمبر 173 جي تلاوت ڪئي:

فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ

يعني: "اهو ماڻهو جيڪو مجبور ۽ لاچار ٿيو اهڙي حالت ۾ جو نه ئي نافرماني ڪيائين ۽ نه ئي حد اورانگهيائين ته ان تي ڪو به ڏوهه ڪونه آهي. بيشڪ الله تعاليٰ معاف ڪندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي." اهو ٻڌي حضرت عمرفاروق ﷛ ڪيس بي گناهه قرار ڏنو ۽ آزاد ڪري ڇڏيائينس.

هڪ دفعي حاطب بن ابو بلتعه جي غلامن، ابو مزينه قبيلي جي هڪ شخص جي ڏاچي چوري ڪئي. ڪين حضرت عمرفاروق ﷛ جي دربار ۾ آندو ويو ته انهن چوري باسي. اهو ٻڌي حضرت عمرفاروق ﷛ فرمايو ته "مون کي ذاتي طور خبر آهي ته حاطب پنهنجي غلامن تي ظلم ڪندو آهي. ايستائين جو ڪين ڪاڌو پيتو به ڪونه ڏيندو آهي. تنهن ڪري هنن مجبوريءَ مان گناهه ڪيو آهي." پوءِ مزني کان پڇيائين ته " تنهنجي ڏاچيءَ جي ڪيتري قميت ٿيندي؟" ان وراڻيو ته "چار سؤ درهم". پوءِ پاڻ حاطب جي

Marfat.com

پٽ عبدالرحمان کيٰ حڪم ڏنائين تہ "مزنيءَ کي اٺ سؤ درهم ڏئي ڇڏ." ۽ چورن کي ڇڏي ڏنائين ۽ انهن تي ڪابہ شرعي حد لاڳو نہ ڪيائين.

حضرت عمر فاروق ﷺ فيصلو ڪرڻ وقت فريادي ۽ جوابدار ٻنهي سان هڪ جهڙي رويي سان پيش ايندو هو. هڪ دفعي هڪ يهوديءَ حضرت علي ڪرم الله وجهہ خلاف فرياد ڪيو. پاڻ فيصلو ڪرڻ وقت ٻنهي کي گڏ ويهاري شريعت جي قانون مطابق فيصلو ڪيائين. فيصلي کان پوءِ حضرت علي ڪرم الله وجهہ کان پڇيائين تہ "توهان کي بُرو تہ نہ لڳو" اهو ٻڌي حضرت علي ڪرم الله وجهہ وراڻيو تہ "هرگز نہ پر جڏهن توهان مون کي منهنجي ڪنيت ابوالحسن سان پڪاريو تہ مون کي انديشو ٿيو تہ متان توهان عدل ۽ انصاف نہ ڪيو هجو تہ ڪنيت سان سڏڻ تعظيم ۽ نرم رويي جي نشاني آهي."

حضرت عمر فاروق ﷺ جي فقيهہ هجڻ جو ثبوت انهن مسئلن ۾ سندس اجتهاد مان ظاهر آهي، جنهن جي باري ۾ قرآن مجيد ۾ ظاهري طور ڪوبہ واضح حڪم موجود نہ آهي. هڪ فيصلي ۾ ملڪيت جي ورهاست ان نموني ڪئي وئي جو ماءُ جائي ڀاءُ کي حصو مليو ويو ۽ سڳي ڀاءُ کي ڪجهہ بہ نہ مليو. جڏهن اهو مسئلو حضرت عمر فاروق ﷺ جي عدالت ۾ آندو ويو تہ پاڻ چيائون تہ "اهو فيصلو عدل ۽ انصاف جي خلاف آهي" پوءِ سڳي ڀاءُ کي بہ ميراث مان حصو وٺي ڏنائين. سندس خلافت جي زماني ۾ شام ۾ طاعون جي بيماري وبا بڻجي پکڙجي وئي. ڪيترائي مسلمان موت جو ڪاڄ بڻجي ويا. ان ڪري ميراث جي ورهاست جا ڪيترا ئي مسئلا سامهون آيا. انهن مان ڪجهہ مسئلا تہ اهڙا ڳنڀير هيا، جو انهن جو نبيرڻ ڏاڍو ڏکيو هيو. حضرت فاروق اعظم ﷺ پاڻ شام پهتو ۽ اهي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪيس ڪيترائي هفتا لڳي ويا. ماڻهن سندس عدل انصاف ۽ فقاهت جي تعريف ڪئي ۽ سندس ڪيل فيصلن کي اکين تي رکيو.

سندس ئي خلافت جي زماني ۾ شام ۽ عراق فتح ٿيا. انهن ملڪن مان جيڪو غنيمت جو مال حاصل ٿيندو رهيو ان جو خمس (پنجون حصو) اميرالمؤمنين کي موڪليو ويندو رهيو ۽ باقي چار حصا فاتح فوجن ۾ ورهايا ويندا هيا. ارڙهن لک ڪلو ميٽر ۽ ساڍا ٽي ڪروڙ جريب زمين تي مشتمل

Marfat.com

عراق جو اهو سرسبز ۽ ميداني علائقو جنهن کي سواد عراق چيو ويندو آهي جڏهن مسلمانن فتح ڪيو ته ان کي به ساڳيءَ طرح ورهائڻ جي تجويز آئي، يعني پنجون حصو اميرالمؤمنين کي ۽ باقي چار حصا فاتح فوجن کي. حضرت عمر فاروق ﷺ ان جي مخالفت ڪئي. سندس چوڻ هيو ته جيڪڏهن اها زمين فاتحن ۾ ورهائي ڇڏبي ته پوءِ مسلمانن جي ايندڙ نسلن لاءِ باقي ڇا بچندو؟ حضرت عبدالرحمن ﷺ بن عوف چيو ته زمين به مال ئي آهي ۽ ان تي غانمين يعني فاتحن جو حق آهي. جهاد ۾ حصو وٺندڙ فوجي به اهو سمجهي رهيا هيا ته حضرت عمر ﷺ سندن حق ماري رهيو آهي. پر حضرت عمر ﷺ تڏهن به پنهنجي ڳالهه تي قائم رهيو ۽ مشاورت جو فيصلو ٿيو. حضرت عثمان غني ﷺ، حضرت طلحه ﷺ ۽ حضرت علي ﷺ به حضرت عمر فاروق ﷺ جي راءِ سان اتفاق ڪندي ان کي ترجيح ڏني. بعد ۾ مديني جي انصار قبيلن، اوس ۽ خزرج جي پنج پنج اهلِ راءِ اصحابن کان مشورو ورتو ويو. حضرت عمر ﷺ سمجهيو ٿي ته زمين جي ورهاست سان گهڻا ماڻهو ان کان محروم ٿي ويندا ۽ حڪومت جون گهرجون باقي رهيل 1/5 حصي زمين مان پوريون نه ٿي سگهنديون. جن کي زمين ڏني ويندي انهن ماڻهن جي اتان وڃڻ ۽ فوج جي مختلف علائقن ۾ منتشر / مقرر ٿيڻ جي ڪري اسلامي مملڪت جي سرحدن جي حفاظت ڪرڻ دشوار ٿي پوندي ۽ زمين جي اصل مالڪن کي ڪنهن ٻي جاءِ تي موڪلڻ ڏکيو ٿي پوندو. ان ڪري هن زمين تي خراج لڳائڻ جي تجويز ڏني ۽ زمين اصل مالڪن وٽ ئي رهڻ ڏني. سندس راءِ قرآن ۽ حديث جي ڪنهن واضح حڪم تي مبني نه هئي، بلڪ سندس سامهون عام مسلمانن جي فلاح ۽ بهبود هئي. مجلس شوريٰ جي اڪثريت حضرت عمرفاروق ﷺ جي راءِ جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ حضرت عثمان بن حنيف انصاريءَ کي سواد عراق جو والي (گورنر) مقرر ڪيو ويو. جنهن جي سهڻي انتظام ۽ بندوبست سان صرف ڪوفي جو ساليانو خراج ڏهه ڪروڙ درهمن کان وڌيڪ وصول ٿيو. شام جي فتح جي موقعي تي به ساڳيو سوال پيدا ٿيو. تڏهن حضرت زبيربن عوام ﷺ ۽ حضرت بلال بن رباح ﷺ فتح ڪيل زمين فاتح فوجين ۾ ورهائڻ تي زور ڏنو. ان موقعي تي به حضرت عمر ﷺ ساڳئي دليل جي بنياد

Marfat.com

تي زمين اصل مالڪن وٽ رهڻ ڏني ۽ ان تي خراج لاڳو ڪيو ۽ غير آباد زمين اسلامي حڪومت جي ملڪيت قرار ڏني.

حضرت عمر فاروق ﷛ جي اجتهادن ۾ حڪمت ۽ پختگيءَ سان گڏ غريب عوام لاءِ عنايت ۽ مهرباني به ظاهر ٿئي ٿي. هن مسلمانن جي نفسياتي ڪمزورين کي دور ڪري انهن ۾ خير جي نشونما ڪرڻ ٿي چاهي. هڪ رات هو مديني شهر جي گشت تي هيا ته ڪنهن عورت کي هيٺيون شعر چوندي ٻڌائين.

الا سبيل الى خمر فاشربها

ام هل سبيل الى نصربن حجاج

يعني "ڪو اهڙو رستو آهي جو شراب ملي ۽ مان اهو پيئان. يا اهڙو ڪو رستو آهي جو مان نصربن حجاج تائين پهچي سگهان" جيئن ئي صبح ٿيو ته حضرت عمر ﷛ نصربن حجاج جي ڳولا شروع ڪرائي ۽ کيس پاڻ وٽ گهرايو. هو خوبصورت وارن وارو هڪ حسين نوجوان هيو. پاڻ ان جا وار ڪترائي ڇڏيائين ته ان جو چهرو نکري پيو ۽ هو اڃان به وڌيڪ سهڻو ٿي پيو.ان کي پٽڪو ٻڌو ويو ته ان جو حسن اڃان به وڌيڪ نکري پيو. پوءِ حضرت عمر ﷛ فرمايو ته هاڻي هي اسان سان نٿو رهي سگهي ۽ ان جي ضرورتن جو حساب ڪتاب ڪري، کيس ڪجهه رقم ڏني. بصري موڪلي ڇڏيو. ڇا خوبصورت هجڻ ان جو ڪو ڏوهه هيو. جو ان کي جلاوطن ڪيو ويو. پر حضرت عمر فاروق ﷛ مسلمانن جي خليفي هجڻ سان گڏوگڏ انهن جو سنڀاليندڙ به هيو. مديني جي عورتن کي فتني کان بچائڻ لاءِ هن اهو قدم کنيو. هڪ ٻي رات جي ڳالهه آهي جو حضرت عمر ﷛ ڪجهه عورتن کي پاڻ ۾ ڪچهري ڪندي ٻڌو. هڪڙيءَ پڇيو ته مديني ۾ سيني کان وڌيڪ سهڻو ڪير آهي؟ ٻيءَ جواب ڏنو ته "ابوذئب"_ حضرت عمر فاروق ﷛ ان کي به پاڻ وٽ گهرايو. هو به واقعي ڏاڍو سهڻو هيو. فاروق اعظم ﷛ کيس چيو ته "خدا جو قسم ته تون واقعي ذئب (عورتن جو شڪار ڪندڙ بگهڙ) آهين. ابوذئب سمجهي ويو ۽ هن پاڻ ئي عرض ڪيو ته مون کي به بصري موڪليو وڃي. هڪ رات ڪا عورت پنهنجي ڏيءَ کي کير ۾ پاڻي ملائڻ لاءِ

Marfat.com

چئي رهي هئي. ڌيءُ چيو تہ امان! عمر ﷺ ائين ڪرڻ کان منع ڪيو آهي. ماءُ چيو تہ هن اونداهي رات ۾ حضرت عمر ﷺ هتي ڪٿان ايندو؟ ڌيءُ چيو تہ الله تعاليٰ تہ ڏسي پيو. صبح جو سوير ئي حضرت عمر ﷺ پنهنجي پٽن کي سڏائي چيو تہ "ڇا توهان مان ڪو هن ڇوڪريءَ سان نڪاح ڪري سگهي ٿو؟ عاصم ان سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ ان نڪاح مان اُم عاصم پيدا ٿي، جيڪا حضرت عمر بن عبدالعزيز رح جي ماءُ بڻي. طلحہ بن عبيدالله ﷺ هڪ دفعي حضرت عمر ﷺ کي رات جي وقت ڪنهن گهر ۾ ويندي ڏٺو. هو توهہ لڳائڻ لاءِ ان گهر ۾ اندر ويو تہ معذور بڍڙي عورت کي ڏٺائين. ان ٻڌايس تہ هي شخص (حضرت عمر ﷺ) منهنجيون ضرورتون پوريون ڪرڻ ايندو آهي. طلحہ ﷺ شرمسار ٿيو ۽ پنهنجو پاڻ کي مخاطب ٿيندي چيائين تہ: "مار پوَئي! تون عمر جون غلطيون پيو ٿو ڳولهين."

حضرت عمر فاروق ﷺ جي گهر کي نہ ڪو در هو نہ ڪو دربان. نماز پڙهڻ کان پوءِ ڪجهہ دير مسجد ۾ ويهي رهندو هو تہ جيئن ڪو ضرورتمند اچي تہ ساڻس ملي سگهي. هڪ ڏينهن منجهند جو جڏهن ڪيس ننڊ پئي آئي تہ وڻ جي هيٺان سمهي پيو. اتفاق سان روم جي بادشاهہ جو سفير پيغام کڻي آيو ۽ ڪيس دارالاماره ۾ نہ ڏٺائين تہ پڇا ڳاڇا ڪندو اتي اچي پهتو جتي حضرت فاروق اعظم ﷺ ننڊ پيو هو. ڪيس ڪنهن محافظ کان سواءِ ستل ڏسي، سندس زبان مان بي ساختہ هي لفظ نڪتا تہ "منهنجو آقا تہ ظلم ڪندو آهي تنهن ڪري هو پهريدارن کان سواءِ رهي ڪونہ سگهندو آهي. توهان عدل ۽ انصاف ڪيو ٿا تڏهن ئي آرام جي ننڊ ستا پيا آهيو". سفر جي دوران حضرت عمر ﷺ لاءِ ڪوبہ خيمو نہ کوڙيو ويندو هيو. ڪنهن بہ وڻ تي چادر وجهي ڇانوَ ڪندو هيو. اٺ جي پالاڻ جو بسترو بڻائيندو هيو ۽ سامان جي ٿيلهيءَ جو وهاڻو ڪندو هيو. حج جي سفر ۾ سندس سورهن دينار خرچ ٿيا تہ پٽ کي چيائين اسان ڏاڍي فضول خرچي ڪئي.

حضرت عمر فاروق ﷺ هروقت پنهنجي رعيت جي لاءِ وڏ ۾ وڏ فڪرمند هوندو هيو. جنهن جو سبب هي هيو تہ هو خدا پاڪ کان وڏ ۾ وڏ ڊڄندو هيو. چوندو هيو تہ جيڪڏهن فرات جي ڪناري تي ڪوبہ ڪتو يا اٺ بکيو مري ويو تہ مون کي خوف آهي تہ ان جو حساب ڪتاب عمر کان

Marfat.com

ورتو ويندو. مقرر ڪيل گورنرن جي ڪارڪردگي معلوم ڪرڻ لاءِ سوال ڪندو هيو ته، ”ڇا هو بيمارن جي سارسنڀال ڪندو آهي يا نه؟“ ڇا هو غلامن جي سارسنڀال لهندو آهي يا نه؟“ ڇا هو ڪمزورن سان سهڻو سلوڪ ڪندو آهي يا نه؟ ڇا هو دروازي تي پاڻ ويهندو آهي يا ڪو دربان مقرر ڪيو اٿائين؟ جيڪڏهن انهن سوالن جو جواب ”نه“ ۾ ملندو هيس ته ان گورنر کي هٽائي ڇڏيندو هيو.

حضرت عمر فاروق ﷜ غير مسلمن سان به محبت، شفقت ۽ مهربانيءَ سان پيش ايندو هيو. مديني ۾ هڪ يهوديءَ کي پنندي ڏٺائين ته سورة التوبہ جي آيت نمبر60 پڙهيائين.

اِنَّمَا الصَّدَقٰتُ لِلْفُقَرَآءِ وَالْمَسٰكِيْنِ

”سچ پچ ته خيرات ۽ زڪوات مسڪينن ۽ فقيرن لاءِ آهي“ پوءِ ان مسڪين يهوديءَ جي ڏهاڙي مقرر ڪري ڇڏيائين. جڏهن شام ويو تڏهن به ڪيترن ئي يهودين ۽ نصرانين جا وظيفا مقرر ڪيائين.شام ۾ هڪ يهوديءَ جي زمين تي قبضو ڪري مسجد جوڙائي وئي هئي حضرت عمر فاروق ﷜ اها مسجد ڊهرائي زمين سندس مالڪ کي واپس ڏيارائي. لبنان جي پروفيسر شڪري قرداحي مطابق 1933ع تائين ان يهوديءَ جي گهر جي ماڻهن کي خبر هئي. حضرت عمرفاروق ﷜ غير مسلمن (ذمين) اِهل جزيہ جا ٽي درجا (طبقا) مقرر ڪيا. مالدار، متوسط ۽ غريب_ سال ۾ هڪ دفعو اوڳاڙيندڙ جزيي جو مقدار، هڪ خاندان جي هڪ ڏينهن جي خرچ جي برابر هيو. عورتون، ٻار، پوڙها، معذور، راهب (درويش) ۽ هڪ سال تائين فوجي خدمت ڪندڙ غير مسلمن کان جزيو نه ورتو ويندو هو. حضور اڪرم ﷺ جن جي دور کان وٺي غير مسلمن کان چنگي (ناڪو) پنج سيڪڙو وصول ڪئي ويندي هئي. هڪ دفعي حضرت عمر﷛ جمعي جو خطبو ڏئي رهيو هيو ته هڪ تغلب قبيلي جي نصرانيءَ ڪيس وچ ۾ روڪي چُنگي اوڳاڙيندڙن جي شڪايت ڪئي. حضرت عمر ﷛ ”نا ائين نتو ٿي سگهي“ چئي پنهنجو خطبو جاري رکيو. نصرانيءَ کي حضرت عمر ﷛ جي ڳالھ سمجھ ۾ نه آئي ۽ ڪاوڙ جي سرحد تي واپس پهتو ته حضرت عمر ﷛ جو شڪايت کي دور ڪرڻ وارو حڪم سندس پهچڻ کان اڳ ئي پهچي چڪو هيو.

Marfat.com

حضرت عمر فاروق ﷺ سڪا ناهڻ جو ڪم حڪومت جي ڪنٽرول ۾ وٺي ڇڏيو هيو. جيڪي ملازم اڳ ۾ ئي سڪا ناهڻ جو ڪم ڪندا هئا، انهن مان ڪنهن کي بہ نوڪريءَ تان نہ هٽايائين. اتي عام ماڻهو بہ پنهنجو سون چاندي کڻي ايندا هئا ۽ اجرت ڏئي سڪا نهرائي ويندا هيا. مغربي ملڪن ۾ اهي سڪا اڄ بہ ڪيترن عجائب خانن ۾ موجود آهن. قرآن مجيد جي تعليم عام ڪرڻ لاءِ شاگردن لاءِ وظيفا مقرر ڪيا هيائين. ڪوفي جي مسجد ۾ حضرت عبدالله بن مسعود ﷺ قرآن مجيد جي تعليم ڏيندو هيو. هن کي خاص هدايت ڪئي وئي هئي تہ هو "بنو هزيل" جي لهجي ۾ نہ پر قريش جي فصيح لهجي ۾ قرآن مجيد جي تلاوت ڪري. مسجد نبويءَ ۾ حضرت عقيل ﷺ بن ابي طالب عرب قبيلن جي حسب نسب ۽ عربن جي تاريخ پڙهائيندو هيو. ابوالاسود دؤلي ﷺ کي "صرف ۽ نحوَ" جي ترتيب ڏيڻ ۽ لکڻ جو حڪم ڏنائين. مهاجرين ۽ انصارن جي موجودگيءَ ۾ هر هڪ عملدار کان واعدو وٺندا هئا تہ هو ترڪي گهوڙي تي سواري نہ ڪندو. ڇڻيل اٽي جي ماني نہ کائيندو. سنهون ڪپڙو نہ پائيندو. ماڻهن سان بنا دربان جي ملندو. هو هر فوجي لشڪر سان گڏ طبيب ۽ ايلچي بہ موڪليندو هيو. گهوڙن جي نسل جي واڌاري لاءِ خاص هدايت ڪندو هيو. جانورن کي خصي ڪرڻ، انهن کي منهن تي ڏڪ هڻڻ ۽ انهن تي حد کان وڌيڪ بار کڻڻ کان روڪيندو هيو. جيڪي گهوڙا فوجين ڏانهن موڪليا ويندا هيا انهن کي "نقيع" جي چراگاهن ۾ چاريو ويندو هيو ۽ جيڪي اٺ صدقي ۾ ملندا هئا اهي "ربذه" ۽ "شرق" جي سرسبز ۽ شاداب چراگاهن ۾ چاريا ويندا هئا.

هڪ ڏينهن حضرت عمر فاروق ﷺ گهران وهنجي جمعي جي نماز لاءِ مسجد ڏانهن وڃي رهيو هيو رستي ۾ هڪ گهر جي نيساري مان گندو پاڻي سندس مٿان ڪريو عام ماڻهن کي تڪليف کان بچائڻ لاءِ اهو نيسارو پٽرائي ڇڏيائين. پر جڏهن اها خبر پيس تہ حضرت عباس ﷺ جي گهر تي اهو نيسارو نبي ڪريم ﷺ جن پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان هنيو هيو تہ حضرت عباس ﷺ کي پنهنجي ڪلهن تي چاڙهي اهو نيسارو ٻيهر ان ئي جاءِ تي لڳرايائين.

حضرت عمر فاروق ﷺ عورتن جو حق مهر گهٽ کان گهٽ رکڻ جو

Marfat.com

مشورو ڏنو ۽ عورتن کي قبطي سُٽ جي لباس پائڻ کان روڪيو جيڪو ململ وانگر نرم هوندو هيو. ان مان جسم جيڪڏهن ظاهر نہ بہ ٿيندو هيو تہ بہ جسم جا اڀار ضرور ظاهر ٿيندا هيا. پاڻ غريبن کي قرض حسنہ ڏيڻ لاءِ بيت المال جو هڪ شعبو قائم ڪيائين. جنهن ۾ بغير وياج جي قرض ان شرط تي ڏنو ويندو هيو تہ ڪاروبار جي منافعي مان اڌو اڌ ڪيو ويندو ۽ خساري جي صورت ۾ رڳو ورتل قرض ئي واپس ڪرڻو پوندو. ان سهولت مان پاڻ بہ فائدو وٺندي ڪيترائي ڀيرا قرض ڪنيائين. جڏهن قرض جي ادائگيءَ ۾ دير ٿيندي هئي تہ نگران آفيسر بيت المال جو قرض جلد ادا ڪرڻ تي زور ڀريندو هيو. سندن وفات وقت سرڪاري خزاني جا اسي هزار درهم قرض هين جيڪي پنهنجي اولاد کي جلد ادا ڪرڻ جي وصيت ڪيائين. معاقل (ڏيت ۽ تاوان) ڀري ڏيڻ جو نظام نبي ڪريم ﷺ جن جي دور کان ئي شروع هيو. حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه ان ۾ اجان بہ وڌيڪ اضافو آندو. ڪنهن ماڻهوءَ کان جيڪڏهن اتفاقي قتل ٿيندو هيو ان کي خون جو ڏنڊ ڀري ڏيڻ جي رقم ڪانہ هوندي هئي يا ڪوئي مسلمان ڪنهن دشمن وٽ قيد هوندو هيو ۽ ان کي ڇڏائڻ جي جيڪا رقم ڏيڻي پوندي هئي تہ متعلقہ شخص جي غريب هجڻ جي صورت ۾ اها رقم (هڪ سؤ اٺ) سندس قبيلو ڦوڙي ڪري ڀريندو هيو. سندس دور ۾ متعلقہ چانوٽي يا ديوان (محڪمي/ شعبي) جا ماڻهو وقت تي پهچي ساٿيءَ جي مدد ڪندا هئا.

هڪ دفعي حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي سندس نياڻي مال لاءِ سوال ڪيو تہ پاڻ ان کي دڙڪا ڏنائين. جڏهن ڪائنس پڇيو ويو تہ ان پنهنجي نياڻي کي دڙڪا ڇو ڏنا تہ پاڻ چيائين تہ هو الله تعاليٰ جي مال مان مال گهري رهيو هيو. جنهن ۾ مان خيانت نٿو ڪري سگهان. جيڪڏهن هو مون کان ذاتي ملڪيت مان مال گهري ها تہ کيس ڏيان ها. بعد ۾ پنهنجي ذاتي مال مان پنهنجي نياڻي کي ڏهہ هزار درهم موڪلي ڏنائين. حضرت عثمان غني رضي الله عنه فرمائيندوهيو تہ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه خدا جي رضا لاءِ پنهنجن رشتيدارن کي محروم رکندو هيو ۽ مان خدا جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي رشتيدارن کي عطيات ڏيان ٿو.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ۾ بي حد ايماني غيرت هئي. هڪ منافق جنهن

Marfat.com

جو نالو بشر هو. ان جو ڪنهن يهوديءَ سان جهيڙو ٿي پيو. فيصلو ڪرائڻ لاءِ ٻئي نبي ڪريم ﷺ جن وٽ ويا. پاڻ ڪريم ﷺ جن يهوديءَ جي حق ۾ فيصلو ڪيو. منافق ان فيصلي کي قبول نہ ڪيو ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وٽ اهو فيصلو کڻي آيو. يهوديءَ حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه کي نبي ڪريم ﷺ جي فيصلي کان آگاهہ ڪيو. اهو ٻڌي پاڻ اندران تلوار کڻي آيو ۽ منافق جي سسي لاهي ڇڏيائين ۽ چيائين تہ جيڪو نبي ڪريم ﷺ جو فيصلو نہ مڃيندو مان ان جو اهو ئي فيصلو ڪندس. نبي ڪريم ﷺ سان سندس دلي محبت جو اندازو ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڻ فرمايائون، "توڙي جو مون کي شاديءَ جي ڪا بہ ضرورت ڪانہ آهي پر ام ڪلثوم بنت علي رضي الله تعاليٰ عنهما سان ان ڪري شادي ڪئي اٿم تہ جيئن منهنجو نسبتي رشتو نبي ڪريم ﷺ سان قائم ٿي وڃي ۽ قيامت جي ڏينهن سندن ارشاد مطابق منهنجي ڪم اچي."

سن 13 هجريءَ ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي وفات کان پوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه مسلمانن جو ٻيو خليفو بڻيو تہ ان سال حضرت عبدالرحمن بن عوف رضي الله عنه کي اميرِ حج بڻائي موڪليائين ۽ خلافت جي قافلي جا باقي ڏهہ سال حاجين جي قافلي جو سالار پاڻ ئي ٿيندو رهيو ۽ حج ادا ڪندو رهيو. سن 23 هجريءَ ۾ آخري حج دوران هو امهات المؤمنين کي بہ حج ڪرائڻ لاءِ وٺي ويو. پنهنجي خلافت جي دور ۾ ٽي عمرا بہ ڪيائين. رجب 17هہ، رجب 21هہ ۽ رجب 22هہ ۾. مقام ابراهيم -جيڪو بيت الله جي پير ۾ هيو ان کي بہ پاڻ ئي اتان کان ٿورو پري ڪري لڳايائون. جيڪو اڄ ڏينهن تائين بہ سندس لڳايل جاءِ تي آهي.

سن 23هہ ۾ جڏهن حج ۾ منيٰ کان واپس ٿيا تہ مڪي شريف وٽ واريءَ جي ميدان (بطحاء مڪہ) ۾ اُٺ ٻيهاري مٿيءَ جو ڪوڙو ناهي سمهي پيا ۽ آسمان ڏانهن هٿ کڻي دعا ڪيائون تہ "اي منهنجا الله سائين منهنجي عمر وڏي ٿي وئي آهي. منهنجي جسم جا هڏا بہ ڪمزور ٿي ويا آهن. منهنجي رعيت بہ تمام گهڻي ٿي وئي آهي. ان کان اڳ جو مون کان ڪا گهٽ وڌائي ٿي وڃي، مون کي پاڻ ڏانهن گهراءِ. مان تنهنجي راهہ ۾ شهيد ٿيڻ چاهيان ٿو ۽ تنهنجي نبي ﷺ جي شهر ۾ دفن ٿيڻ چاهيان ٿو."

حضرت مغيره بن شعبہ رضي الله عنه جو عيسائي غلام ابو لُؤلُؤ فيروز فارسي،

Marfat.com

تعصب رکندڙ هيو. مديني ۾ ايرانين کي غلام ڏسي کيس ڏک ٿيندو هيو. هڪ دفعو حضرت فاروق اعظم ﷺ جو اڳ وٺي بيٺو ۽ سندس رستو روڪي چيائين ته، "مغيره کي چؤ ته منهنجو لڳان گهٽ ڪري." پاڻ هن کان پڇيائون ته، "تنهنجو لڳان ڪيترو آهي؟" هن وراڻيو ته، "ٻه يا چار درهم روزانو." پوءِ سوال ڪيائينس ته، "تون ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟" ابو لولو ٻڌايو ته، "رڱو جنڊ ٺي ناهيندو آهيان." (جڏهن ته هو ڏکڻ هو. لوهارڪو ۽ چٽسازيءَ جو ڪم به ڪندو هو. جنهن جي باري ۾ نه ٻڌايائين) جناب فاروق اعظم ﷺ ڪانئس پڇيو ته، "هڪ جنڊ ڪيتري رقم ۾ ناهيندوآهين؟" ان جو جواب ٻڌي فاروق اعظم ﷺ کيس چيو ته، "اهو خراج گهٽو ته ڪونهي." جڏهن ابو لُؤلُؤ وڃڻ لڳو ته حضرت عمر ﷺ کيس چيو ته، "منهنجي لاءِ هوا سان هلندڙ چڪي نه ناهي ڏيندين؟" ابو لولو جواب ڏنو ته، "جيڪڏهن جيئرو رهيس ته توهان جي لاءِ اهڙي ته چڪي ناهيندس جو سڄي دنيا ۾ ان جا مثال ڏنا ويندا." حضرت عمر ﷺ فرمايو ته هن مون کي ڌمڪي ڏني آهي. اتان کان ابو لؤلؤ هرمزان ۽ جفينه وٽ پهتو ۽ انهن کان هڪ خنجر اڌارو ورتائين. عبدالرحمن بن ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهما جو اتان گذر ٿيو ته ان کي ڏسي ابو لولو گهبرائجي ويو ۽ خنجر سندس هٿن مان ڪري پيو پر تنهن هوندي به عبدالرحمن بن ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهما کي سندس ارادن جي خبر نه پئي. ٻئي ڏينهن تي ڪعب احبار حضرت عمر ﷺ وٽ آيو ۽ حضرت فاروق اعظم ﷺ کي چيائين ته توهان ٽن ڏينهن اندر وفات ڪري ويندؤ. ڪانئس پڇيائون ته توکي ڪيئن خبر پئي؟ هن وراڻيو ته مون توريت ۾ پڙهيو آهي. جنهن ۾ توهان جو نالو ته ڪونه آهي پر صفتون ضرور آهن. اهو ٻڌي حضرت فاروق اعظم ﷺ خاموش ٿي ويو. شهادت کان اڳ ۾ پاڻ هڪ خواب ڏٺائون ته هڪ ڳاڙهو ڪُڪڙ آهي جيڪو مون کي ٺونگا هڻي رهيو آهي. ان خواب جو تعبير اهو سمجهيائون ته ڪوئي عجمي کيس قتل ڪندو.

26 ذي الحج، 23 هجريءَ اربع جي ڏينهن، حضرت عمر فاروق ﷺ فجر جي نماز پڙهائڻ لاءِ مسجد نبويءَ ۾ آيو. اجان صفون تيار ٿي مس ٿيون هيون ته ابو لُؤلُؤ مٿس خنجر سان حملو ڪيو. هن ڇهه وار ڪيا. هڪ وار دن جي

Marfat.com

هينان بہ ڪيائين. جيڪو سندس موت جو باعث بڻيو. جڏهن مٿس حملو ٿيو تہ پاڻ هن کي پڪڙڻ لاءِ دانهن ڪندي چيائون تہ "ان ڪتي کي پڪڙيو مون کي قتل ڪيو اٿائين." ان وقت پاڻ سورت احزاب جي 38 آيت جي تلاوت ڪيائين. وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ قَدَرًا مَّقْدُوْرًا ﴿۳۸﴾ جنهن جي معني آهي تہ "الله جو حڪم اها تقدير آهي جيڪا ضرور پوري ٿيندي آهي." ماڻهو ابو لولو کي پڪڙڻ لاءِ ڊوڙيا. هن خنجر سان ٻين بہ 12 ماڻهن کي زخمي ڪيو. جن مان 6 يا 9 انهيءَ مهل ئي مري ويا. ٻيا پوءِ مئا. حضرت عبدالله ؓ بن عوف مٿس قميص اڇلائي کيس قابو ڪيو. پڪڙجڻ کان اڳ ۾ هو پنهنجي خنجر تي پاڻ ئي ڪري پيو ۽ باهہ جو بارڻ بڻجي ويو يعني جهنم جو رستو پڪڙيائين.

جڏهن حضرت عمر ؓ کي خبر پئي تہ سندس قاتل ابو لؤلؤ آهي تہ پاڻ فرمايائون تہ "الله جو شڪر آهي جو مان اهڙي ماڻهوءَ جي هٿان قتل ٿيو آهيان، جنهن الله تعاليٰ کي هڪ بہ سجدو نہ ڪيو آهي. هو ڪلمو پڙهي منهنجي خلاف ڪابہ حجت پيش نہ تو ڪري سگهي." انهيءَ هنگامي ۾ صبح جو سج اڀرڻ وارو هيو تہ حضرت عمر ؓ، حضرت عبدالرحمن ؓ بن عوف کي سڏائي (فجر جي) نماز پڙهائڻ لاءِ چيو. حضرت عبدالرحمن ؓ سوره عصر ۽ سوره ڪوثر يا سوره نصر ۽ عصر جي تلاوت ڪري مختصر نماز پڙهائي. عمر ؓ بي هوش تي ويو. کيس کڻي گهر آندو ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ هوش ايندي ئي اها پڇ ڪيائون تہ مسلمان نماز پڙهي چڪا آهن. فرمايائون تہ "ان شخص جو اسلام سان ڪوبہ تعلق ڪونهي جيڪو نماز نٿو پڙهي." پوءِ پاڻ بہ ان زخمي حالت ۾ رت وهندي نماز ادا ڪيائون. پنهنجي زندگيءَ جون آخري بہ نمازون بہ ان رت سان پريل ڪپڙن سان ادا ڪيائون. سڀ کان پهريائين حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما آيو تہ کيس چيائون تہ پڙهو گهمائي ماڻهن کان پڇو تہ ڇا هي قاتلانہ حملو انهن جي مشوري سان ٿيو آهي؟ سڀني ان بري عمل کان الله جي پناهہ گهري ۽ چيائون تہ اسان تہ دعاگو آهيون تہ اسان جي عمر بہ الله اوهان کي ڏئي. بنو حارث جو هڪ طبيب آيو. ان کيس سندس مشوري سان نبيذ (ڪجين جو شربت) پياريو پر اهو سندس جسم تي لڳل زخمن مان وهي ويو. ان کان پوءِ ٻيو طبيب ابو معاويہ خاندان مان آيو. جنهن کيس کير پياريو پر اهو بہ سندس جسم تي آيل گهڙن

Marfat.com

گهاڙن مان نڪري ويو. ان کان پوءِ ڪيس ٻڌايو ويو تہ توهان جي بچڻ جي اميد ڪانهي، ايستائين جو رات ٽيڻ کان اڳ ئي دم ڏنيءَ حوالي ڪندا. جيڪي ضروري ڪم ڪار آهن انهن جي باري ۾ وصيت ڪريو. سڀ کان اول ماڻهن کي پنهنجي مٿان روئڻ ۽ پٽڻ کان روڪيائون. ان کان پوءِ پنهنجي قرض جي باري ۾ پڇيائون. ڪين ٻڌايو ويو تہ توهان جي مٿان 86 هزار درهم بيت المال جو قرض آهي. ان جي باري ۾ پنهنجي پٽن کي وصيت ڪيائون تہ پنهنجو مال ۽ ملڪيت وڪڻي جلد قرض ادا ڪجو ۽ اهو بہ چيائون تہ جيڪڏهن آل عمر اهو قرض ادا نہ ڪري سگهي تہ اهو بنو عدي بن ڪعب کان وٺجو. پر جيڪڏهن اجان بہ قرض رهي تہ باقي رقم قريش وارن کان وٺجو ۽ ان کان پوءِ ٻئي ڪنهن کان بہ نہ وٺجو. سندس فرزند عبدالله بن عمر رضي الله تعاليٰ عنهما اهو سمورو قرض هڪ هفتي ۾ ئي ادا ڪري ڇڏيو. پاڻ هڪ مجوسي يا نصراني غلام جي هٿان شهيد ٿيا. تنهن ڪري فڪر ٿين تہ مٿان مسلمان غير مسلمن تي ظلم نہ ڪن. تنهن ڪري پاڻ غير مسلمن سان حسن سلوڪ ڪرڻ جو تاڪيد ڪيائون. پنهنجي خلافت جي ابتدائي زماني ۾ حضرت عمر ﷺ مرتد جنگي قيدين کي سندن ڪٽنبن ڏانهن واپس موڪليو هيو ۽ شهادت وقت بہ پنهنجا سمورا غلام آزاد ڪري ڇڏيائين نہ صرف ايترو پر پوري عرب ۾ جيڪي بہ عرب قيدي هيا انهن کي بہ آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنائين ۽ انهن جو عيوضو بيت المال مان ادا ڪرڻ جو چيائين.

حضرت عمر فاروق ﷺ جي شهادت کان پوءِ سڀ کان وڏو مسئلو سندس جانشين مقرر ڪرڻ هو.صلاح ۽ مشورو ڪرڻ لاءِ حضرت عبدالرحمن بن عوف ﷺ کي گهرايائين. ان سمجهيو تہ شايد هو خلافت مون کي ڏيڻ چاهي ٿو. تنهن ڪري عرض ڪيائين تہ "خدا جو قسم مان اها ذميواري نہ ڪندس." پاڻ ڪيترائي دفعا چيو هيائين تہ جيڪڏهن ابو عبيده بن جراح ﷺ يا ابو حذيفہ جو آزاد ڪيل غلام سالم رحمه الله عليہ زنده هجي ها تہ مان ان کي ئي خليفو مقرر ڪيان ها. حضرت علي ڪرم الله وجهہ ابن ابي طالب کي ترجيح ڏيڻ جي باوجود بہ ڪيس ان ڪري خليفو مقرر نہ ڪيو ويو جو هو سندس سهرو هيو. آخرڪار فرمايائون تہ انهن ڇهن صحابين مان زنده ڇهن اصحابين کي گهرايو جن سان رسول خدا ﷺ جن

Marfat.com

وصال جي وقت راضي ۽ خوش هيا. اهي هيا اصحاب عشره مبشره. انهن مان ڇهه زنده اصحاب حضرت علي، حضرت عثمان، حضرت زبير بن عوام، حضرت طلحه بن عبيدالله، حضرت سعد بن ابي وقاص ۽ حضرت عبدالرحمن بن عوف رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين کي گهرايو ويو. جڏهن ته ستين زنده صحابيءَ حضرت سعيدﷺ بن زيد کي ان ڪري نه گهرايو ويو جو اهو سندس قبيلي بنو عدي مان هيو. حضرت سعد بن ابي وقاص ﷺ جو نالو وٺندي فرمايائون ته مان ان کي ڪنهن به ڏوهه يا خيانت جي ڪري ڪونه هٽايو هيو. طلحه ﷺ ان وقت مديني ۾ موجود نه هيو.

پنهنجي پٽ کي ان شرط تي شامل ڪيائين ته کيس خليفو نه چونڊيو وڃي. انهن کي هدايت ڏنائين ته ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾ پنهنجو ووٽ ان کي ڏين جنهن کي عبدالرحمنﷺ منتخب ڪرڻ چاهي. خليفو چونڊجڻ تائين صهيب ﷺ بن سنان کي امام مقرر ڪيائين. جنهن ابو طلحه ﷺ کي پنهنجو نائب بڻائي حڪم ڏنو ته ڪجهه ساٿين سان گڏجي ان گهر جو پهرو ڏيو جتي خليفي جي چونڊ ٿئي. ڪنهن کي به اندر وڃڻ نه ڏجانءِ. چونڊ ڪاميٽيءَ کي ٽن ڏينهن کان وڌيڪ مهلت نه ڏجانءِ جيڪڏهن ڪو به مسلمانن جي مرضيءَ کان سواءِ انهن تي حاڪم ٿيڻ چاهي ته ان جي سسي لاهي ڇڏجانءِ.

حضرت عمر فاروق ﷺ پنهنجي جانشين کي وصيت ڪئي ته مهاجرن جي حقن جو خيال رکجانءِ. انصارن سان نيڪ سلوڪ ڪجانءِ. پنهنجي رشتيدارن کي ٻين جي ڪنڌن تي سوار نه ڪجانءِ. شهرين کان وڌيڪ ٽئڪس نه وٺجانءِ. ڳوٺاڻن سان نيڪ سلوڪ رکجانءِ. انهن وٽان مليل زڪوات انهن جي ئي فقيرن ۾ ورهائي ڇڏجانءِ. ذمين سان ڪيل معاهدا پورا ڪجانءِ. انهن جي حفاظت ڪجانءِ. انهن تي وڌيڪ بار نه وجهجانءِ. پاڻ اها به خواهش ظاهر ڪيائون ته جن کي مان گورنر مقرر ڪيو آهي اهي هڪ سال تائين پنهنجن عهدن تي برقرار رکيا وڃن. بعد ۾ حضرت عثمان غني ﷺ سندس ان هدايت تي عمل ڪيو.

حضرت عمر فاروق ﷺ ڏاڏي ۽ ڪلاله جي وراثت جي باري ۾ پنهنجي راءِ اٽ جي ڪلهن واري هڏيءَ تي لکي رکي هئي، پنهنجي پٽ کي چئي

Marfat.com

گهرايائين ۽ پنهنجي هٿن سان اها تحرير متايائين. پنهنجي پٽ عبدالله رضي الله تعاليٰ عنہ کي بيبي عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها ڏانهن موڪليائين ۽ چيائين تہ کيس عرض ڪجو ۽ اتي وڃي اميرالمؤمنين نہ چئجو چئجو تہ "عمر توهان لاءِ سلام چيو آهي. پوءِ ڪائنس اجازت ونجو تہ توهان مون کي پنهنجن ٻنهي ساٿين، حضرت نبي ڪريم ﷺ ۽ حضرت ابوبڪر صديق ﷛ سان گڏ دفن ڪرڻ جي اجازت ڏيو. بيبي عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها پنهنجي هجري ۾ روئي رهي هئي. حضرت عمر ﷛ جي درخواست ٻڌي فرمايائين تہ اها جاءِ تہ مان پنهنجي لاءِ رکي هئي پر حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ کي پاڻ تي وڏيڪ ترجيح ڏيان ٿي. حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ حضرت عبدالله ﷛ کي اهو بہ چيو تہ جڏهن منهنجي ميت حضرت بيبي عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها جي هجري ۾ پهچي تہ ان کان ٻيهر بہ اجازت گهرجو. جيڪڏهن اها ان وقت بہ منع ڪري تہ مسلمانن جي عام قبرستان ۾ دفن ڪري ڇڏجو. پاڻ پنهنجي ميت کي مشڪ لڳائڻ کان بہ منع ڪيائين.

آخري لمحن ۾ حضرت فاروق اعظم ﷛ تي الله تعاليٰ جو ايترو تہ خوف طاري هيو جو هو هر چوي پيو تہ جيڪڏهن پوري زمين بہ منهنجي ملڪيت هجي ها تہ ان کي بہ ايندڙ هولناڪيءَ جي بدلي فدا ڪري ڇڏيان ها. پوءِ بستري تان هٿ اڳتي وڌائي زمين تان هڪ ڪک کنيائين ۽ چيائين تہ ڪاش مان هي ڪک ئي هجان ها. ڪاش منهنجي ماءُ مون کي ڄڻي ئي نہ ها! حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کيس تسلي ڏئي رهيو هيو تہ توهان الله جي ڪتاب مطابق فيصلا ڪيا ۽ ورهايو آهي. اهو ٻڌي کيس حضرت عمر ﷛ چيو تہ توهان ان ڳالهہ جي شاهدي ڏجو. حاضرين مان ڪنهن چيو تہ توهان کي دوزخ جي باهہ نہ ڇهندي. پنهنجي پٽ عبدالله رضي الله تعاليٰ عنہ کي چيائين تہ منهنجو منهن (رخسار) زمين تي رک. ان ائين ڪرڻ کان لهرايو تہ کيس سختيءَ سان چيائين. جڏهن سندس حڪم مطابق سندس منهن مبارڪ زمين تي رکيو ويو تہ هٿ پير هڻي توبهہ زاري ڪرڻ لڳا ۽ چيو تہ منهنجي ماءُ مُئي جيڪڏهن الله تعاليٰ منهنجي بخشش نہ ڪئي. هر هر ساڳيائي جملا چئي رهيا هيا تہ سندس روح پرواز ڪري ويو ۽ پنهنجي

Marfat.com

مسلمانن کيس پڪڙي قيد ڪري ڇڏيو. سيدنا عثمان غني رضي الله عنه خليفو ٿيندي ئي عبيدالله کي گهرايو. هن کيس قصاص (بدلي) ۾ قتل ڪرڻ تي چاهيو. ڇو جو هن ٻن مسلمانن ۽ هڪ ذميءَ کي ماريو هيو. حضرت علي رضي الله عنه ان جي تائيد ڪئي پر ٻين مسلمانن چيو ته ڪالهه عمر رضي الله عنه شهيد ٿيو آهي ۽ اڄ وري سندس پٽ کي مارجي؟ عمرو رضي الله عنه بن عاص مشورو ڏيندي چيو ته جيئن ته اهي خون ٽئين خليفي (عثمان غني رضي الله عنه) جي عهدي سنڀالڻ کان اڳ تي چڪا آهن تنهنڪري ان تي انهن خونن جي ڪا ذميواري ڪانهي. پر تنهن هوندي به حضرت عثمان غني رضي الله عنه هرمزان جي پٽ کي (عبيدالله بن عمر رضي الله عنه کان) قصاص/ بدلو وٺڻ لاءِ چيو پر هن معاف ڪري ڇڏيو. حضرت عثمان رضي الله عنه جُفينه ۽ ابو لؤلؤءَ جي ڌيءَ جي دِيت (خون بها) پنهنجي کيسي مان ادا ڪئي. محمد حسين هيڪل چوڻ ٿو ته صرف ابو لؤلؤ جي خراج جو وڌيڪ هجڻ ۽ عمر رضي الله عنه جو سندس سفارش نه ڪرڻ، عمر رضي الله عنه جي شهادت جو سبب نٿا ٿي سگهن. هڪ ايراني عمر رضي الله عنه کي مارڻ جي ڌمڪي ڏني، هڪ يهوديءَ کين تنبيهه ڪئي ۽ ان سازش جي پس منظر ۾ هڪ ٻيو ايراني ۽ هڪ عيسائي شريڪ هيا. اهڙيءَ طرح اهو حضرت عمر رضي الله عنه کي منظر تان هٽائي مسلمانن جي ايڪي ۽ اتحاد کي ٽوڙڻ جي ته ڏري سازش ۾ منصوبو هو. جيڪو فوري طور تي ڪامياب نه ٿيو. جڏهن پوءِ مسلمانن ۾ خانه جنگي ٿي ۽ خلافت جو نظام درهم برهم ٿيو تڏهن اها سازش ۽ منصوبو پورو ٿيو.

چونڊ ڪاميٽيءَ جو اجلاس ٿيو ته سڀ کان پهريون هي پڇيو ويو ته ڪير خليفو ٿيڻ جو خواهشمند نه آهي. حضرت عثمان غني رضي الله عنه، حضرت علي رضي الله عنه ابن ابي طالب کان سواءِ ٻين چئني صحابين خليفو نه ٿيڻ جي خواهش ڏيکاري زبير رضي الله عنه حضرت علي رضي الله عنه جي حق ۾ ۽ طلحه رضي الله عنه حضرت عثمان رضي الله عنه جي حق ۾ هٽ ڪنيو. سعد رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجا اختيار عبدالرحمن رضي الله تعاليٰ عنه کي ڏئي ڇڏيا جو پاڻ به هٽ ڪئي چڪو هيو. هاڻي ان جي ذميواري هئي ته حضرت علي رضي الله عنه يا حضرت عثمان رضي الله عنه مان ڪنهن به هڪ کي چونڊي. بنو هاشم خاندان وارا چاهن پيا ته حضرت علي رضي الله عنه خليفو ٿئي. جڏهن ته قريش جا ٻيا قبيلا چاهين پيا ته نبوت ۽ خلافت ٻئي عهدا هڪ ئي خاندان کي نه ملن. عبدالرحمان رضي الله

Marfat.com

تعاليٰ عنه ممڪن حد تائين عوام ۽ خواص سيني سان مشورو ڪيو. ايستائين جو عورتن، ٻارن ۽ مديني ۾ نوواردن سان به صلاح مشورو ڪيائين. اڪثريت اهوئي چيو ته حضرت عثمان رضي الله عنه کي خلافت ملي، ته هن به اهو ئي فيصلو ڪيو. حضرت عبدالرحمان رضي الله عنه اهو اعلان ڪرڻ کان اڳ ۾ حضرت علي رضي الله عنه کان سوال ڪيو ته جيڪڏهن توهان کي خلافت نه ملي ته پوءِ توهان جي خيال ۾ اها ذميواري ڪنهن کي ڏجي. هن جواب ڏنو ته حضرت عثمان رضي الله عنه کي. پوءِ حضرت عثمان غني رضي الله عنه کان به اهو ئي سوال ڪيائين ته ان جواب ڏنو ته حضرت علي رضي الله عنه کي. پوءِ ٻنهي کان واعدو ورتائين ته هو چونڊيل خليفي جي فرمانبرداري ڪندا. پوءِ منبرِ رسول ﷺ تي چڙهي ٻنهي اصحابن سڳورن کان وري به پڇيائين ته. "ڇا هو الله جي ڪتاب (قرآن مجيد)، سنت رسول ﷺ ۽ شيخين (ابوبڪر رضي الله عنه ۽ عمر رضي الله عنه) جي عمل مطابق ڪم ڪندا؟" انهن جي اقرار بعد عبدالرحمان رضي الله عنه بن عوف حضرت عثمان غني رضي الله عنه جو هٿ متي ڪيو. آسمان ڏانهن منهن ڪري چيائين ته. "اي الله تون شاهد رهجان مان هيءَ ذميواري حضرت عثمان رضي الله عنه کي ڏيان ٿو." ان کان پوءِ عام بيعت شروع ٿي.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي عمر 60 سال هئي. ڪن روايتن ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته سندس عمر 53 کان 63 سالن تائين هئي. سندس خلافت جو دور ڏهه سال، پنج مهينا ۽ ايڪويهه ڏينهن رهيو. هڪ ٻي روايت مطابق سندس خلافت جو دور ڏهه سال ڇهه مهينا ۽ چار ڏينهن هيو. پاڻ جاهليت جي زماني ۾ ٽي شاديون ڪيائون. (1) زينب بنت مظعون (2) مليڪه بنت جرول (3) قريبه بنت ابواميه سندس گهرواريون هيون. عبدالله، عبدالرحمن (اڪبر) ۽ حفصه، زينب بنت مظعون مان، عبيدالله ۽ زيد (اصغر)، مليڪه، بنت جرول مان پيدا ٿيا ۽ قريبه بنت ابو اميه مان ڪين ڪوبه اولاد نه ٿيو. مليڪه ۽ قريبه اسلام قبول ڪونه ڪيو. مليڪه حضرت عمر رضي الله عنه سان نڪاح فسخ ٿيڻ (ٽٽڻ) کان پوءِ ابوجهم بن حُذيفه سان شادي ڪئي ۽ ابن سعد طبقات ۾ ان جو نالو ڪلثوم بنت جزول لکيو آهي. قريبه بعد ۾ عبدالرحمان بن ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنهما سان شادي ڪئي. حضرت عمر رضي الله عنه اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ چار شاديون ڪيون. (1) ام حڪيم بنت

Marfat.com

حارث (2) جميلہ بنت ثابت (هن جو نالو نبي ڪريم ﷺ عاصمہ مان مٽائي جميلہ رکيو هيو.) (3) ام ڪلثوم بنت علي رضي الله عنه ۽ (4) عاتڪہ بنت زيد سندس مسلمان گهر واريون هيون. ام حڪيم بنت حارث مان ڪيس صرف هڪ ڌيءَ فاطمہ ڄائي. جميلہ بنت ثابت مان ڪيس عاصم ڄائو ۽ ام ڪلثوم بنت علي رضي الله عنه مان زيد ۽ رقيہ جي ولادت ٿي ۽ عاتڪہ بنت زيد مان صرف عياض جي ولادت ٿي. جميلہ کي بعد ۾ طلاق ڏنائون. عاتڪہ بنت زيد عمر رضي الله عنه سان شادي ڪرڻ کان اڳ عبدالله بن ابوبڪر رضي الله عنه ۽ ان جي شهادت کان پوءِ زبير رضي الله عنه بن عوام سان شادي ڪئي هئي. يمن سان تعلق رکندڙ لهيہ اُمہ ولد هئي، جنهن مان عبدالرحمان (اوسط) ڄائو. عبدالرحمان (اصغر) بہ ام ولد مان ڄائو هو ۽ فڪيہ بہ ام ولد مان هئي. جنهن مان عمر رضي الله عنه جي سڀ کان ننڍي ڌيءَ زينب ڄائي هئي ۽ ان کان علاوه حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي نياڻي ام ڪلثوم کي بہ شاديءَ جي آڇ ڪئي هيائين. ان حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها جي سمجهائڻ باوجود بہ ساڻس شاديءَ کان انڪار ڪيو هو ۽ چيائين تہ توهان ڏاڍي سخت زندگي بسر ڪيو ٿا.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وارن کي مينڌي هڻندا هيا. پاڻ منڊي بہ پائيندا هيا. جنهن تي هي نقش ٽيل هوندو هو. "ڪفيٰ بالموت واعظا يا عمرا" (اي عمر! موت جو نصيحت ڪندڙ هجڻ ڪافي آهي.) ڪپڙن تي اڪثر ڪري چٽن چٽن رنگن جون ليڙون لڳل هونديون هين. سائب بن يزيد جو چوڻ آهي تہ ڏڪار واري سال، مون پاڻ سندس گوڏ کي 16 چتيون لڳل ڏٺيون.

ترمذي شريف (3686_ حديث) ۾ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ "جيڪڏهن مون کان پوءِ نبي اچڻو هجي ها تہ اهو حضرت عمر بن خطاب هجي ها." ڪجھ اصحابن جو خيال هو تہ "علم جا ڏھ درجا آهن. انهن مان نو درجا حضرت عمر فاروق رضي الله عنه وٽ آهن ۽ باقي هڪ درجو ٻين سڀني ماڻهن وٽ آهي." حضرت عائشہ صديقہ رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو تہ "حضرت عمر فاروق رضي الله عنه کي "فاروق" جو لقب نبي ڪريم ﷺ ان ڪري ڏنو هو جو پاڻ فرمايائون تہ "الله تعاليٰ حضرت عمر رضي الله عنه جي زبان ۽ دل تي حق جاري ڪري ڇڏيو آهي." پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت عمر رضي الله عنه کي مخاطب ٿي ڪري چيو تہ "اي عمر! شيطان توکان ڀڄندو آهي." (ترمذي:

Marfat.com

3690) هڪ ڏينهن نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته "منهنجا ٻه وزير آسمان ۾ آهن ۽ ٻه زمين تي. آسمان تي حضرت جبرئيل عليه السلام ۽ حضرت ميڪائيل عليه السلام آهن ۽ زمين تي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ عمر فاروق رضي الله عنه آهن." (ترمذي: 3680 سند ۾ ضعف آهي). پاڻ ڪريم ﷺ جن جو اهو فرمان جيڪو هر مسلمان جمعي جي خطبي ۾ ٻڌندو هوندو اهو هي آهي ته "منهنجي امت ۾ امت تي سڀ کان وڌيڪ ترس ڪندڙ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي ۽ دين جي معاملي ۾ سڀ کان وڌيڪ سخت حضرت عمر فاروق رضي الله عنه آهي." (مسند احمد: 13390). حذيفه رضي الله عنه بن يمان روايت ڪري ٿو ته هڪ ڏينهن اسان نبي ڪريم ﷺ وٽ ويٺا هياسين ته پاڻ فرمايائون, "مون کي خبر نه آهي ته مان توهان سان گڏ ڪيترا ڏينهن رهي سگهندس. مون کان پوءِ توهان انهن ٻنهي يعني حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي پيروي ڪجو." (مسنداحمد: 23276) هي اهو ئي عمر آهي جنهن غزوه تبوڪ وقت پنهنجي اڌ ملڪيت ڏئي ڇڏي هئي. خيبر ۾ آباد زمينون خريد ڪري نبي ڪريم ﷺ جي صلاح سان وقف ڪري ڇڏيون هيون. اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي قبيلي جي ڪنهن به شخص کي نبي ڪريم ﷺ جي قتل جي سازش ۾ شريڪ ٿيڻ نه ڏنو. غزوه بدر ۾ به ان جي قبيلي جو ڪوبه ڪافر مسلمانن خلاف جنگ ۾ شريڪ نه ٿيو. حضرت علي رضي الله عنه فرمايو ته "ڇا مان توهان کي هن امت ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کانپوءِ امت جي بهترين شخص جي باري ۾ نه ٻڌائيان؟ اهو حضرت عمر رضي الله عنه آهي. (مسند احمد: 833). حضور اڪرم ﷺ جن خواب ۾ ڏٺو ته مان جنت ۾ داخل ٿيس. اتي هڪ محل ڏٺم. پڇا ڪيم ته ڪنهن جو آهي؟ فرشتن جواب ڏنو ته حضرت عمر رضي الله عنه جو آهي." (مسلم: 6198)

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي زندگيءَ مان سبق حاصل ڪرڻ لاءِ سندس ڪجهه قول لکجن ٿا: قوت ۽ طاقت جو راز ان ۾ آهي ته اڄ جو ڪم سڀاڻي لاءِ نه رهڻ ڏيو. امانت ان شيءِ جو نالو آهي ته انسان جو باطن ان جي ظاهر جي خلاف نه هجي. الله کان ڊڄو تقويٰ ڪوشش سان حاصل ٿيندي آهي. جيڪو الله کان ڊڄندو آهي, الله ان کي بچائيندو آهي. حضرت

Marfat.com

عمر رضي الله عنه کي خبر پئي تہ قريشن جا ڪجھہ ماڻھو ہين ماڻھن سان ملڻ کان لهرائن ٿا تہ کين چيائون: پاڻ ۾ ملندا ڪريو ۽ پنھنجون اوطاقون کولي ڇڏيو. اھڙيءَ طرح توھان ۾ باھمي الفت برقرار رھندي. ڪنھن شخص جو سندس سامھون ھيئن ذڪر ٿيو: ھو ايترو تہ صاحب فضل (پلو) آھي جو برائيءَ کي ڄاڻي ئي ڪونہ ٿو. تہ چيائين: پوءِ تہ پڪ اھو برائيءَ ۾ وڃي پوندو. وڌيڪ مطالعي لاءِ:

(1) الطبقات الكبري (ابن سعد)

(2) تاريخ الامم والملوك: (طبري)

(3) البدايہ والنهايہ (ابن كثير)

(4) الاستيعاب في معرفة الاصحاب (ابن عبدالبر)

(5) ازالة الخفاعن خلافة الخلفاء (شاهہ ولي الله محدث دهلوي)

(6) الفاروق: عمر (محمد حسين هيكل)

اردو دائرہ معارف الاسلاميہ (مقالہ: ڈاکٹر محمد حميد الله)

Marfat.com

# عمر بن خطاب رضي الله عنه

## خليفہ ثاني فاروقِ اعظم

ڪيڊٽ سلطان بليدي/ ڪلاس: ٻارھون

ابتداءِ آفرينش کان، بني نوع انسان لاءِ خالقِ ڪائنات جيڪو بهترين طرز زندگي پسند فرمايو تنهن کي اسلام سڏيو وڃي ٿو. منڍ کان وٺي انبيائ ڪرام پنهنجي پنهنجي دور ۾ مختلف علائقن ۽ قومن ڏانهن جيڪو پيغام کڻي آيا، سو انهيءَ دينِ حق جو ئي پيغام هو. انهيءَ حقيقت جي توثيق ۽ تصديق قرآن ڪريم جي هن آيت مان ملي ٿي:

"ان الدين عند الله الاسلام".

يعني، خدا جي آڏو دين تہ بس آهي ئي اسلام- انهيءَ دين کي سندس جملي مقتضيات ۽ جزيات سان انسانيت جي آڏو پيش ڪرڻ جو شرف اسان جي پياري رسول، سرور ڪائنات محمد ﷺ جن کي حاصل ٿيو. پاڻ دين جي تڪميل ڪيائون، جنهن بعد انسانيت لاءِ مزيد ڪنهن پيغام موڪلڻ جي ضرورت نہ رهي، لهذا، پاڻ ڪريم ﷺ جن کي خاتم نبوت جي حيثيت حاصل ٿي.

انهيءَ پيغام، يعني انسانن جي ڇوٽڪاري جي انهيءَ يقيني وات جا رند ۽ پنڌ ٻڌائڻ لاءِ نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ جيڪا ستہ هئي، انهن ۾ مسلمہ طور ٻيو نمبر حيثيت حضرت عمر رضي الله عنه کي حاصل ٿي، جيتوڻيڪ مسندِ احمد ۾ عقبہ بن عامر کان اها پڻ راويت آهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو:

"مون کان بعد جيڪڏهن ڪنهن کي نبوت ملي ها تہ عمر بن خطاب کي ملي ها".

پاڻ ڪريم ﷺ جن کان اها پڻ روايت آهي، جنهن موجب صحابہ رضي الله تعاليٰ عنهم کي خطاب ڪندي فرمايائون:

Marfat.com

”توهان کان اڳ وارين امتن ۾ ڪي ماڻهو صاحبِ الهام هوندا هئا، منهنجي امت ۾ جيڪڏهن اهڙو ماڻهو ٿيو ته اهو عمر آهي“.

انهيءَ مانَ مرتبي واري هستي، حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي قبل از اسلام زندگيءَ تي سرسري نگاه وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته هو جتي جاٺو جوان، سخت ڪوش ۽ ملهه جي ميدان جو هيرو هو اتي عيش و طرب سان به خاصو لڳاءُ رکندو هو. تند مزاجي، هٺ ۽ هوڏ سندس فطرت ۾ شامل هئا.

حبشه ڏانهن جڏهن مسلمانن جي پهرين پيرو هجرت پئي ٿي ته حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه. جنهن ان وقت تائين اڃان اسلام نه قبوليو هو ام عبدالله بنت ابي حتامه وٽ آيو جيڪا پڻ پنهنجي مڙس سان گڏ هجرت لاءِ تيار هئي. ڪين هجرت لاءِ تيار ڏسي حضرت عمر رضي الله عنه تي ڪي قدر رقت طاري ٿي، جنهن جو پنهنجي مڙس سان ذڪر ڪندي ام عبدالله چوڻ لڳي ته: ”آءٌ ڀانيان ٿي ته عمر مسلمان ٿي ويندو.“ پر حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي هٺيلي مزاج ۽ تندخوئيءَ کان واقف ام عبدالله جي مڙس وراڻيو: ”ايمان آڻي ته آڻي پر هن شخص (عمر) مان اميد...“

پر ربِ ارض و سماوات، عمر رضي الله عنه جي تقدير سنوارڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو. عمر رضي الله عنه ڪي اسلام ۾ آڻڻ لاءِ سرور ڪائنات ﷺ جي دعا مقبول ٿي چڪي هئي ۽ اهوئي شخص جيڪو نبي ڪريم ﷺ جن جي جان جو ويري هو جنهن جي خيال ۾ اسلام هڪ فتنو ۽ سندن قبيلن ۾ ڏڦيڙ وجهڻ وارو نظام هو جڏهن مسلمان ٿيو ته خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيو. ايتري قدر جو ڏس ملڻ تي، مڪي جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍورچيءَ معمر الجُمحي وٽ ويو ۽ کيس چئڻ لڳو:

”ڇا توکي خبر آهي ته مان پنهنجو پراڻو مذهب ڇڏي چڪو آهيان؟“ ڍنڍورچيءَ لاءِ ان کان وڏي ٻي کهڙي خبر ٿي پئي سگهي. گهڙي پل ۾ سڄي مڪي جي ڪافرن کي اهائي وائي وات هئي ته ابنِ خطاب بي دين ٿي ويو آهي“.

اهو شخص جيڪو ان وقت ڪفارِ مڪه آڏو ”بي دين“ ٿي ويو هو سو حقيقت ۾ اسلام جي دشمنن لاءِ اگهاڙي تلوار ثابت ٿيو.

عبدالله رضي الله عنه بن مسعود جي قول موجب، ”عمر رضي الله تعاليٰ عنه اسلام جي لاءِ هڪ محفوظ قلعو هو. اسلام ان قلعي ۾ داخل ٿيندو هو منجهانئس نه

Marfat.com

# آڱرين جا نشان
# قرآن ۽ سائنس جي نظر ۾

عبدالحفيظ سومرو/ ڪلاس ڏهون

اَيَحۡسَبُ الۡاِنۡسَانُ اَلَّنۡ نَّجۡمَعَ عِظَامَهٗ ؕ ۞ بَلٰی قٰدِرِیۡنَ عَلٰۤی اَنۡ نُّسَوِّیَ بَنَانَهٗ ۞

*(سورت القيامت آيت 3_4)*

ترجمو: "ڇا انسان اهو سمجهي ٿو ته اسان هڏا گڏ ڪري نه سگهنداسين؟ ڇو نه؟ اسان ته سندس آڱرين جي ڏوڏڙين ڪي به نيڪ ناهڻ تي قادر آهيون".

ڪافر اعتراض ڪندا آهن ته جڏهن ڪو شخص مرڻ ڪان پوءِ مٽيءَ سان ملي مٽي ٿي پوي ٿو ايتري قدر جو سندس هڏا به مٽيءَ ۾ هڪ ٿي وڃن تا ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته قيامت جي ڏينهن ان جي جسم جو هڪ هڪ حصو وري گڏ ٿي زنده حالت ۾ واپس ايندو؟ جي ائين ٿيو به ته قيامت جي ڏينهن اهڙي شخص جي اصلي سڃاڻپ ڪيئن ڪري سگهبي؟

رب ذوالجلال، مٿين آيت ۾ان اعتراض جو واضع جواب ڏنو آهي ته: الله تعاليٰ نه رڳو ان ڳالهه تي قدرت رکي ٿو ته ذريون پرزيون ٿيل هڏن کي وري يڪجاءِ ڪري، پر ان تي به قادر آهي ته: اسان جي آڱرين جي نشانين کي به وري ساڳئي حالت ۾ آڻي. سوال اهو آهي ته جڏهن قرآن پاڪ انسانن جي انفرادي سڃاڻپ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي ته آڱرين جي پورن جو خاص طور تي ذڪر ڇو ڪري رهيو آهي؟

سر فرانس گالٽ جي تحقيق ڪان پوءِ 1880ع ۾ آڱرين جي نشانن جي

Marfat.com

سڃاڻپ کي سائنسي طريقي جو درجو مليو. اڄ اسان کي خبر آهي تہ هن دنيا ۾ ڪن بہ ٻن فردن جي آڱرين جا نشان هڪ جهڙائيپ نہ ٿا رکن. هم شڪل جاڙن ڀائرن جا بہ نہ. اهوئي سبب آهي جو اڄ سڄيءَ دنيا ۾ ڏوهارين جي سڃاڻپ لاءِ انهن جي آڱرين جا نشان ئي استعمال ڪيا وڃن ٿا. ڇا ڪير اهو ٻڌائي سگهي ٿو تہ اڄ کان پندرنهن سئو سال اڳ ڪنهن کي، آڱرين جي نشانين جي انفراديت جي خبر هئي؟ يقيناً اهو علم رکندڙ ذات، الله تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪا ٿي ئي نٿي سگهي.

***

Marfat.com

# اميرالمؤمنين حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه

ڪيڊٽ منصور علي سومرو/ڪلاس: ٻارهون

الله سبحانه و تعاليٰ انسانن جي ذهني، روحاني، معاشرتي ۽ اخلاقي بهتريءَ لاءِ پنهنجي طرفان نبين سڳورن کي موڪليو ته جيئن اهي انسانن کي الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ پسند ناپسند کان آگاهه ڪن ۽ کين سڌي راهه تي هلائين. نبين، خلفاء، اصحاب ڪرام، بزرگانِ دين ۽ نيڪ ٻانهن ڏيئي مان ڏيئو ٻاريو ۽ پوري عالم ۾ اسلام جي روشني کي پکيڙيو. انهن عظيم شخصيتن مان حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جو نالو سرِفهرست آهي.

حضرت علي ڪرم الله وجهه جي ولادت 13 رجب، ڪعبة الله شريف يعني رب ڪريم جن جي پاڪ گهر ۾ ٿي. سندن والد بزرگوار جو نالو حضرت ابوطالب ۽ والده جو نالو حضرت فاطمه بنت اسد هو. حضرت علي رضي الله عنه جن جي ڪنيت ابوالحسن ۽ سندس القاب اميرالمؤمنين، امام المسلمين، مرتضيٰ، اسدالله ۽ ولي الله آهن.

جڏهن لفظ علي اسان جي ذهن تي اچي ٿو ته هشمت، دليري، سپه سالاري، ايمانداري، سادگي ۽ عدل جا خيال ازخود دماغ ۾ سهيڙجي اچن ٿا.

حضرت علي ڪرم الله وجهه سخاوت، شجاعت، عدالت، علم ۽ ڏاهپ جا سردار ۽ پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

هڪ ڏينهن کين هڪ ڪافر نماز کي دير ڪرائڻ لاءِ ڪانئن هڪ سوال پڇيو: "ڪهڙا جانور آنا لاهيندا آهن ۽ ڪهڙا ٻچا ڄڻيندا آهن؟" ڪافر سوچيو ته هاڻي حضرت علي ڪرم الله وجهه جانورن جانالا ٻڌائڻ

Marfat.com

شروع ڪندا ۽ نماز قضا ٿي ويندي، پر اميرالمومنين پنهنجي علم ۽ ڏاهپ سان هن کي صرف هڪ ٿي جملي ۾ جواب ڏنو ته: "اهي جانور جن جا ڪن اندر لڪل آهن، سي آنا لاهيندا آهن ۽ جن جانورن جا ڪن ظاهر آهن، سي ٻچا ڄڻيندا آهن".

حضرت علي ڪرم الله وجهه جو عدل مشهور هو جو سندن سموري حياتي عدل جي مثالن سان ڀريل آهي. مثلاً هڪ ڀيري وٽن هڪ ماڻهو آيو ۽ پنهنجو گناه قبوليائين، جيڪو ان ماڻهوءَ کان ٿي ويو هو. پاڻ پنهنجي غلام قمبر کي حڪم ڏنائون ته: "هن کي اسي ڪوڙا هڻ". جڏهن قمبر ڏوهيءَ کي سزا ڏني ته پاڻ ان ماڻهوءَ کان پڇيائون ته "قمبر توکي گهٽا ڪوڙا هنيا؟" هن وراڻيو ته "اسيءَ کان ٽي وڌيڪ" پاڻ ان تي فرمايائون ته "ٽي ڪوڙا قمبر کي هڻ." ان کان پوءِ پاڻ قمبر کي گهرايائون ۽ هدايت ڪيائون ته ڪڏهن به ڪنهن کي گناه کان وڌيڪ سزا نه ڏني وڃي، اهو سندن عدل هو.

پاڻ خلافتِ اسلاميه جا چوٿون نمبر خليفا هئا ۽ سندن حڪومت جو عرصو چار سال ۽ نَو مهينا رهيو.

حضرت علي ڪرم الله وجهه کي وڌيڪ علم هئڻ ڪري، حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عثمان غني ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنهم جن جڏهن به ڪو فيصلو ڪندا هئا ته حضرت علي ﷛ کان مشورو ضرور ڪندا هئا. تڏهن ته حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو: "آءُ علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي".

اڻويهه رمضان المبارڪ سن 40 هجري جمعي جي ڏينهن فجر ويل حضرت علي ﷛ جن نماز لاءِ آيا، پاڻ نماز شروع ڪيائون ۽ سندن سِر سجدي ۾ ۽ دل نياز الاهيءَ ۾ مصروف هئي ته ابنِ ملجم تلوار جو ڪارو وار ڪيو. تلوار چاليهه ڏينهن قاتل زهر ۾ ٻڏل هئي. جنهن سان نهايت زوردار ضرب ڪين آئي ۽ ان ڏينهن کان ٽن ڏينهن بعد يعني 21 رمضان المبارڪ سن 40 هجري تي اهو فضل و ڪرم ۽ هدايت جو سج پنهنجي مالڪ سان وڃي مليو.

Marfat.com

ضرب واري حالت ۾ پاڻ روزي سان هئا ۽ زخمي ٿيڻ وقت پنهنجي فرزندن کي هدايت ڪيائون ته ابن مجلم کي شربت پيئاريو سنا طعام کارايو ۽ سٺي بستري تي آرام ڪرايو. آءٌ زخم کان بچي ويس ته سندس فيصلو پاڻ ڪندس، ٻي صورت ۾ اوهان اگر ڪيس معاف ڪندا ته اوهان لاءِ بهتر ٿيندو جيڪڏهن قصاص وٺو ته رڳو ڪيس هڪ وار ڪجو ڇاڪاڻ ته هن پڻ مون مٿان هڪ وار ڪيو آهي ڪڏهن به زيادتي نه ڪجو ڇاڪاڻ ته زيادتيءَ جو حساب توهان کي ڏيڻو پوندو".

❊❊❊

Marfat.com

# عربن جي دور جا ڪجھ سنڌي عالم

ڪيڊٽ نور مصطفيٰ کهڙو

سنڌ جي تاريخ ۾ عربن جو دور سونهري دور ليکيو وڃي ٿو سنڌن دور نہ فقط سنڌ جي تاريخ جا نوان باب کوليا، پر علم و ادب جون شمعون ٻاريون جن جي روشني اڄ ڏينهن تائين اجهامي ناهي، عربن پنهنجي دور ۾ سنڌ جي ثقافت، صنعت ۽ ادب کي ترقي ڏياري، ان ترقي ۾ عربن ۽ سنڌي عالمن گڏجي حصو ورتو انهن مان ڪجھ سنڌي عالمن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

## 1. مولاءِ اسلام ديبلي:

محمد بن قاسم رحمة الله عليہ 93 هہ ۾ سنڌو جي ڪناري تي لٿو ۽ هن سان ملاقات بعد ڪيترن ئي ماڻهن اسلام قبول ڪيو انهن مان مولاءِ اسلام بہ هڪ هو جنهن کي تاريخ ۾ مولاءِ اسلامي، مولاءِ ديبلي ۽ مولاءِ اسلام ديبلي جي نالن سان ياد ڪيو وڃي ٿو. پاڻ محمد بن قاسم رحمة الله عليہ جي سرپرستي ۾ اسلام جي روشني ڪان منور ٿيو. پاڻ نهايت رحمدل ۽ نرم طبيعت جوهئو ۽ وڏو پڙهيل لکيل هو. پهريان راجه ڏهر جي دربار ۾ ڪم ڪندو هو. مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ جلد ئي هن اسلامي تعليم حاصل ڪئي. محمد بن قاسم رحمة الله عليہ جي ويجهن ۽ اعتماد وارن ماڻهن مان هڪ ٿي ويو هن عربي زبان تي عبور حاصل ڪيو محمد بن قاسم رحمة الله عليہ کيس خاص قاصد بڻائي راجہ ڏهر ڏانهن موڪليوهو. جيئن تہ راجہ ڏهر جي دربار ۾ پهريان قاصد رهي چڪو هو راجہ ڏاهر انهي ڳالهہ کان نا واقف هو تہ ڪو هو مسلمان ٿي ويو آهي، ان ڪري راجہ ڏاهر هن کي پنهنجي دربار جو قاصد ئي سمجهيو! جڏهن راجہ جي دربار ۾ سلام ۽ جهڪڻ جي روايت کي پورو نہ ڪيائين بلڪ روايت جي برعڪس هليو جنهن جو سبب پڇڻ کان پوءِ مولاءِ اسلا م وراڻيو تہ اوهان جي اطلاع لاءِ عرض آهي تہ آءُ اسلام جي

Marfat.com

دولت سان مالا مال ٿي چڪو آهيان ۽ اسلام ۾ الله ڪانسواءِ ٻئي جي آڏو جهڪڻ شرڪ آهي. ڏاهر اهو ٻڌي ڪاوڙ مان چيو " جيڪڏهن تون هن وقت منهنجي دربار ۾ قاصد جي حيثيت سان نه آيو هجين ها ته مان تو کي عبرتناڪ موت جي سزا ڏيان ها"تنهن تي مولاءِ اسلام کيس جواب ڏنو ته " "تون جيڪڏهن مونکي ماري به ڇڏين ته اهو ڄاڻي وٺ ته منهنجي پويان ايتري طاقت وارا منهنجا ساٿي موجود آهن جيڪي توکان منهنجي موت جو بدلو ضرور وٺندا"

## 2 . موسيٰ سيلاني:

موسيٰ سيلاني تابعي هو سندس تعلق سنڌ سان هو. موسيٰ سيلاني حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه سان ملاقات ڪئي هئي. موسيٰ سيلاني فرمائي ٿو ته " مان انس رضي الله تعاليٰ عنه بن مالڪ سان مليس ۽ ان کان پڇيم ته ڇا توهان ڪانسواءِ اصحاب رسول ﷺ مان ٻيو به ڪو باقي زنده آهي؟ فرمايائون چند ٻيا آهن جن حضور ﷺ کي ڏٺو آهي, پر پاڻ ڪريم ﷺ جن سان صحبت جو شرف حاصل نه هئن"

## 3 . عبدالرحيم بن حماد ثقفي ديبلي:

عبدالرحيم سنڌي هو ۽ تبع تابعين مان هو ۽ هن تابعين کان حديث جو علم حاصل ڪيو هو. معلوم ٿئي ٿو ته سندس ابن ڏاڏن مان ڪو بزرگ محمد بن قاسم رحمة الله عليه سان گڏ سنڌ آيو هو جيڪو قبيلي " ثقيف" مان هو. پوءِ هو سنڌ جي شهر ديبل ۾ رهائش پذير ٿيو. عبدالرحيم به ديبل ۾ پيدا ٿيو جڏهن کيس علم ۽ فضيلت لاءِ سنڌ ۾ خاص ادارا نه مليا ته هو انهي تنگي جي ڪري بصره ويو ۽ پنهنجي تعليم جاري رکيائين. عبدالرحيم جي تبع تابعين ۽حديث جو عالم هجڻ جي ڪري سنڌ کي نمايان حيثيت ملي.

## 4 . محمد بن زيد عبدي:

محمد بن زيد عبدي تبع تابعين مان هو ۽ محمد بن قاسم رحمه الله عليه سان گڏ سنڌ ۾ آيو ۽ سنڌ جي فتح جي سلسلي ۾ تمام وڏيون خدمات سرانجام ڏنائين. اڪثريت جو خيال آهي ته سندس نالو محمد بن زيد عبدي نه پر محمد بن زياد عبدي هو.

## 5 . يزيد بن عبدالله قريشي بسري سنڌي:

يزيد بن عبدالله سنڌي، تابع تابعين مان هو سندس ڪنيت ابو خالد

Marfat.com

هئي جنهن ڪري ڪيس ابو خالد بسري بہ چيو ويندو هو. هڪ حديث جي سند ۾ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت ڪيائين تہ حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو " پنهنجي ران ظاهر نہ ڪر ۽ نہ ڪنهن زنده يا مرده ماڻهوءَ جي ران ڏانهن ڏس"

### 6. فتح بن عبدالله سنڌي:

فتح بن عبدالله سنڌي جي ڪنيت ابو نصر هئي، پاڻ سنڌي هو فقہ ۽ ڪلام جي تعليم، ابو علي بن عبدالوهاب ثقفيءَ کان حاصل ڪيائين ۽ حسن بن سفيان وغيره کان حديث جي روايت ڪئي اٿس. سمعانيءَ ان سلسلي ۾ ابو العلا احمد بن محمد بن فضل جي ذريعي هڪ عجيب و غريب روايت بيان ڪئي آهي. جنهن مان واضح ٿئي ٿو تہ ابو نصر وڏي درجي جو صاف گو عالم ۽ فاضل هو اها روايت هي آهي " هڪ دفعي اسان ابو نصر سنڌيءَ سان گڏ ڊوڙ ۽ گپ واري زمين مان گذري رهيا هئاسين تہ گڏ ان جا مريد ۽ چاهيندڙ بہ هئا اسان ڏٺو تہ هڪ شهزادو مدهوشي جي حالت ۾ ليٽيو پيو هو ان اسان ڏانهن نظر کڻي نهاريو تہ ابو نصر شهزادي جي ويجهو ويو ۽ سندس منهن کي سنگهيو ۽ سندس وات مان شراب جي بوءِ اچي رهي هئي. شهزادي ابو نصر کي چيو "اي غلام! مان جنهن حالت ۾ پيو آهيان اها تون ڏسي رهيو آهين ۽ پوءِ بہ اطمينان سان وچي رهيو آهين ۽ ايترا ماڻهو تنهنجي پويان وچي رهيا آهن!" ابو نصر جواب ڏنو "شهزادا! توکي خبر آهي تہ ان فرق جو سبب ڇا آهي؟ ڳالهہ هي آهي تہ مان تنهنجي ابن ڏاڏن جي پيروي شروع ڪري ڏني آهي ۽ تون منهنجي ابن ڏاڏن جي نقش قدم تي هلي رهيو آهين." ابو نصر ٻي صدي هجريءَ ۾ برصغير جي انهن خوشنصيبن مان هو جن کي تابعين ڪرام جو زمانو مليو ۽ انهن کان حديث ۽ فقہ جي تعليم جي سعادت حاصل ڪيائين.

### سنڌ جو هڪ نا معلوم عالم ۽ مفسر:

قريش قبيلي جي هڪ شاخ بنو اسد جي نالي سان مشهور هئي. ان جي هڪ شخص جو نالو" هبار بن اسود" هو. جيڪو 8 هجري ۾ مسلمان ٿيو پوءِ هڪ وقت آيو جو انهيءَ قبيلي جو هڪ شخص منظر بن زبير سنڌ جي والي حڪم بن عوان سان گڏجي سنڌ آيو ۽ اتي ئي رهائش اختيار ڪيائين بنو

Marfat.com

اميہ ۽ عباسي دور ۾ هن خاندان کي حکومت ۾ ڪجهہ حصو مليو پوءِ 240 هہ ۾ سنڌ جي حڪومت هن خاندان کي ملي ۽ هن خاندان جو پهريون والي منظر بن زبير جو پوٽو عمر بن عبدالعزيز مقرر ٿيو هي خاندان عباسي خاندان جي ماتحت رهيو هن خاندان جا تمام واليانِ سنڌ، نيڪ، همدرد ۽ اخلاق وارا ۽ حديث،فقہ جا عالم هئا، انهن جي زماني جو هڪ واقعو عجائب الهند ۾ درج آهي جيڪو ذڪر جوڳو آهي. ابو محمد حسن بن حميہ بن حرام بن حمويہ نجدي چيو تہ آئون 288 هہ ۾ سنڌ جي مشهور شهر منصوره ۾ رهائش پذير هيس، اتي ڪجهہ ماڻهن مون کي ٻڌايو تہ 280 هہ ۾ سنڌ جو والي عبدالله بن عمر مقرر ٿيو 280 هہ ۾ سنڌ جي مشهور شهر اروڙ جي هندو راجہ جنهنجو نالو مهروڪ بن رائڪ هو منصوره جي حاڪم عبدالله بن عمر کي درخواست ڪئي تہ ان کي سنڌي ٻوليءَ ۾ مذهب اسلام جي بنيادي تعليم جي باري ۾ معلومات قلم بند ڪري موڪلي وڃي. عبدالله بن عمر هڪ شخص جيڪو اصل ۾ عراق جو هو پر سندس تربيت ۽ تعليم منصوره ۾ ٿي هئي. جيڪو نهايت ذهين ۽ عقلمند هو ۽ ملڪ ۾ ڳالهايون ويندڙ ڪيترين ئي ٻولين جو ڄاڻو هو عبدالله ان جي سامهون راجہ جي خواهش ظاهر ڪئي، جنهن تي ان شخص هڪ قصيدو تيار ڪيو ۽ ان ۾ تمام اسلامي تعليم بيان ڪيائين عبدالله اهو قصيدو راجہ مهروڪ ڏي ڏياري موڪليو راجہ اهو قصيدو ٻڌو تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ عبدالله کي چورائي موڪليو تہ اهو شاعر ۽ عالم منهنجي دربار ۾ پيش ڪيو وڃي. عبدالله ان کي اروڙ موڪليو ۽ اهو اتي ٽي سال رهيو راجہ ان جي تعليم، تربيت، کان ڏاڍو متاثر ۽ خوش ٿيو.

سنڌ جو هي نا معلوم عالم ۽ مفسر هو ۽ جيتري حد تائين معلوم ٿيو آهي تہ هي پهريون اجنبي آهي جنهن غير عربي زبان يعني سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون قرآن مجيد جو ترجمو ۽ تفسير ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو

❊❊❊

Marfat.com

# حجة الله البالغہ تي هڪ نظر

سڪندرعلي چنا/ليڪچرار اسلاميات

حجة الله البالغہ_18 صدي عيسوي جي پهرين ڏهاڪي جي عالم شاهہ ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه جي مشهور تصنيف آهي.

## نالو ۽ نسب

حجة الاسلام شاهہ ولي الله_ قطب الدين احمد عظيم الدين بن شيخ عبدالرحيم دهلوي رحمة الله عليه جي ولادت 4 شوال 1114 هجري بہ مطابق 21 فيبروري 1703ع ۾ دهليءَ ويجهو هندستان جي اتر پرديش صوبي جي ضلعي مظفر نگر جي هڪ ڳوٺ "قلت" ۾ ٿي. سندن سلسلئہ نسب والد جي طرفان حضرت عمر فاروق رضي الله عنه ۽ والده جي طرفان امام موسيٰ ڪاظم رحمة الله عليه تائين پهچي ٿو. سندن خاندان نسل در نسل علمي گهراڻو رهيو آهي. سندس والد شيخ عبدالرحيم رحمة الله عليہ پنهنجي دور جو وڏو فقيهہ ۽ صاحب طرز صوفي هو. اورنگزيب عالمگير رحمة الله عليہ کيس "فتاويٰ عالمگيريءَ" تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ منتخب ڪيو هو. شاهہ ولي الله 15 سالن جي عمر ۾ مروج علوم ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي هئي ۽ پنهنجي والد جي مدرسي ۾ بطور استاد جي پڙهائڻ شروع ڪيائين. 1731ع ۾ حجاز ويو ۽ 14 مهينن جي قيام دوران مختلف استادن کان وڌيڪ ديني تعليم حاصل ڪيائين. جن ۾ (1) ابو طاهر محمد بن ابراهيم الڪردي (2) وفد الله المڪي ۽ (3) تاج الدين القلعي جهڙن جيد عالمن جي صحبت ۾ عميق مطالعو ڪيائين.

شاهہ ولي الله. گهري ڄاڻ ۽ عميق فهم ۽ فراست جي بنياد تي "مجدد"، "وصي" "قائم الزمان"، "ناطق"، "حڪيم"، "قائد و زعيم" ۽ "فاڪِ ڪُل نظام" جهڙن دعوائن ڪيون ۽ پنهنجي طريقي کي صرف پنهنجو ئي مخصوص ۽ منفرد انداز قائم رکڻ لاءِ پاڻ کي "اويسي" سڏايو.

Marfat.com

شاهہ ولي الله 1733ع ۾ هندستان واپس آيو ۽ پنهنجو گهڻو وقت تصنيف ۽ تاليف ۾ صرف ڪيو. اهڙيءَ طرح ١١٧٦ هجري مطابق 10_ آگسٽ 1762ع تي مختصر علالت کان پوءِ وفات ڪيائين.

## شاهہ ولي الله جي فڪر جي وسعت:

برصغير هند و پاڪ ۾ مڙني اسلامي احيائي تحريڪن جو محرڪ ۽ مرڪز شاهہ ولي الله جو فلسفو ئي رهيو آهي. شاهہ ولي الله جي فڪر ۾ ايتري تہ وسعت آهي جو قديم سان گڏ جديد طبقو بہ سندس شيدائي آهي. **حجة الله البالغ:** (عربي) فقہ اسرار شريعت ۽ تصوف کان سواءِ عقائد و عبادات، معاملات و مناڪحات، تدبير منزل و مملڪت، اخلاق ۽ معاشرت ۽ تمدن و معيشيت جي موضوعات تي مشتمل سندس مشهور ڪتاب آهي. جنهن ڪيس شهرت جي بلندين تي پهچايو. اردو ۾ ڪافي ماڻهن ترجمو ڪيو آهي پر جيڪا حلاوت ۽ چاشني ۽ برڪت مولانا محمد اسماعيل گوڌروي رحمة الله عليہ جي ترجمي ۾ آهي سا ٻئي ڪنهن ۾ بہ ڪونهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ راقم جي استاد مرحوم ڊاڪٽر ڪليم الله ساريو صاحب ﷫ جن ترجمو ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم فل جي ڊگري حاصل ڪئي هئي.

حجتہ الله البالغہ جو مختصر جائزو:

**صفاتِ الاهي:** شاهہ ولي الله پنهنجي هن مشهور تصنيف جي شروعات الله تعاليٰ جي ٽن خاص صفتن جي سمجهاڻي ۽ شرح سان ڪئي آهي:

(1) ابداع (2) خلق ۽ (3) تدبير

(1) **ابداع:** يعني بنا ڪنهن مادي جي شين کي وجود ۾ آڻڻ يا عدم کان وجود ۾ آڻڻ

(2) **خلق:** عدم کان موجود ڪيل مادي مان مختلف شيون تخليق ڪرڻ ۽

(3) **تدبير:** مختلف تخليقات جو الله تعاليٰ جي حڪمت مطابق ڪم ڪرڻ.

**عالمِ مثال:** يوناني مفڪر، هن ڪائنات کانسواءِ هڪ ٻي ڪائنات جا بہ قائل هئا ۽ ان کي اصل ڪائنات سمجهندا هئا جنهن ۾ تمام شيون، مادي دنيا ۾ وجود پذير ٿيڻ کان اڳ ۾ هڪ مثالي جسم رکنديون آهن.

Marfat.com

افلاطون سڀ کان پهرين هن نظريي کي علمي بنياد ڏنو. شاهه صاحب ان افلاطوني فڪر جي اصلاح ڪري ان کي اسلامي رنگ ڏنو. اشراقي صوفي هن نظريي جا پڻ قائل رهيا آهن شاهه صاحب عالمِ مثال کي قرآني اصطلاح ملا الاعليٰ ۽ حظيرة القدس جا اصطلاح ڏنا.

**حقيقتِ روح:** شاهه صاحب قرآني آيت "يسئلونڪ عن الروح- قل الروح من امر ربي- وما اوتيتم من العلم الا قليلا" جي شرح ڪندي "حقيقتِ روح" جي باب ۾ چوي ٿو ته ان آيت جا مخاطب يهودي هئا جن کي چيو ويو ته "توهان کي روح جي باري ۾ گهٽ ڄاڻ آهي." شاهه صاحب ان آيت کي خاص ڪري ڇڏيو. جڏهن ته جمهور علماءَ ان آيت کي عام حڪم ۾ وٺندا آهن. شاهه صاحب روح جا ٻه قسم بيان ڪيا آهن: (1) روح حيواني ۽ (2) روح انساني- روح حيواني کي روح انسانيءَ جي سواري ٿو سڏي، جيڪا انتقال کان پوءِ ختم ٿي ويندي آهي. شاهه صاحب روح انسانيءَ کي "نسمه" جي اصطلاح طور به آندو آهي: يعني مثالي جسم يا روحاني جسم. شاهه صاحب جو چوڻ آهي ته مسلمان عالم، روح جي حقيقت تي بحث ڪندا رهيا آهن. جهڙوڪ حافظ ابن قيم پنهنجي "ڪتاب الروح" ۾ ڪيو آهي يا العزاليءَ "احياءَ العلوم الدين" ۾ ان تي بحث ڪيو آهي.

**جزا ۽ سزا انساني طبيعت جي تقاضا آهي:** شاهه صاحب ستين باب "انشقاق التڪليف من التقدير" (تڪليف جو تقدير مان ڦٽڻ) ۾ ان تي بحث ڪيو آهي ته "انساني طبيعت ۾ اها ڳالهه شامل آهي ته هو معاشرتي زندگي گذاري ۽ ان لاءِ اصول ۽ ضوابط ناهي ۽ انهن جي پيروي ڪري ۽ انهن جي ڀڃڪڙيءَ تي سزا جو مستحق ٿئي. ان جو مثال ڏيندي چئي ٿو ته جيئن هڪ ٻوٽي جي تقدير يا منزل ارتقائي درجا مڪمل ڪرڻ آهي. جيئن ٻج مان گونچ جو ڦٽڻ ۽ ان ۾ ڦل يا ميوي جو لڳڻ اهڙيءَ طرح انساني مزاج به معاشرتي احڪامات جي تقاضا ٿو ڪري- لهذا سندس تڪليف يعني ديني احڪامات جو مڪلف هجڻ قدرتي امر آهي ۽ سندس طبيعت مطابق آهي.

**انساني طبيعتن جو اختلاف ۽ انهن جا اسباب:** شاهه صاحب هن باب ۾ امام غزالي رحمة الله عليه ۽ ابن مسڪويه جي ڪتاب "تهذيب الاخلاق" جي حوالي سان پنهنجا ڪجهه اصطلاح وضع ڪيا آهن- اصل ۾

Marfat.com

شاهہ صاحب جو ان سلسلي ۾ ڪم تمام اهم آهي. شاهہ صاحب ابن مسڪويہ وانگر ماڻهن کي ٽن درجن ۾ ورهايو آهي (1) هڪڙا اُهي جن ۾ حيوانيت جو مادو وڌيڪ آهي (2) جن ۾ ملڪوتي صفات وڌيڪ آهن. شاهہ صاحب جي نظر ۾ اهي ٻئي لائق تحسين نہ آهن. بلڪ سندس چوڻ آهي تہ صحيح معنيٰ ۾ ڪامل انسان اهو آهي جنهن ۾ اهي ٻئي طاقتون هم آهنگ هجن. انهن ٻنهي قوتن جي هم آهنگيءَ کي هو "اصطلاح" ۾ تڪراءَ کي "تجاذب" ٿو سڏي. سندس چوڻ آهي تہ جنهن ۾ حيواني طاقت وڌيڪ هوندي اُهو ظالم هوندو ۽ جنهن م ملڪوتي صفتون وڌيڪ هونديون اُهو وري دنيا کان ڪٽيل، ساڌو ۽ گوشي نشينيءَ جو شڪار ٿي ويندو- جيڪي ٻئي انساني معاشري لاءِ هاڃيڪار آهن. اصل انسانيت اها آهي تہ اهي طاقتون برابر ۽ هم آهنگ هجن.

**ست اعليٰ خوبيون:** شاهہ صاحب جي عملي اخلاقيات جو هي اهم باب آهي ۽ جيڪو ئي جديد مفڪرين لاءِ مرغوب آهي. ڊاڪٽر عبدالواحد هاليپوٽو (رحمة الله عليہ) جن جي ٿيسز Ethical Philosophy of Shah Waliullah ان تي ئي آهي. جنهن ۾ شاهہ صاحب انساني سعادت ۽ ان جي ڪمال ۽ زوال تي بحث ڪيو آهي. اهي ست خوبيون هيٺ ڏجن ٿيون: (1) شجاعت (2) حڪمت (3) ديانت (4) سماحت (5) عفت (6) سمت الصالحہ ۽ (7) فصاحت. شجاعت، حڪمت ۽ ديانت عام فهم آهن. سماحت مان مراد معيار زندگيءَ جي بلندي ۽ ان ۾ نفاست ۽ اعليٰ تهذيب جو پيدا ڪرڻ آهي. عفت، پاڪيزه خيالات ۽ پاڪيزه زندگي گذارڻ آهي- سمتُ الصالحہ مان مراد واضح لائحہ عمل يا (Line of action) جو اختيار ڪرڻ آهي.

**ارتفاقات:**

شاهہ صاحب هن باب ۾ معاشرتي فلاح ۽ بهبود خاطر چار منزلون ضروري قرار ڏنيون آهن جن کي هو "ارتفاقات" جي اصطلاح سان سڏي ٿو. ارتفاق= رفق مان نڪتل آهي ۽ ان مان ئي دوست کي رفيق چئبو آهي يعني اُهي ڪم جنهن سان معاشرو باهم مربوط ۽ مضبوط ٿئي. شاهہ صاحب جو هي باب نهايت ئي اهم آهي ۽ سماجيات جي شاگردن لاءِ لائق توجهہ ان

Marfat.com

موضوع تي سڀ کان پهرين شمس الرحمن حسنيءَ "شاهه ولي الله کي عمراني نظريات" تي ڪم ڪيو.

### ارتفاقِ اول:

آدابِ معاش: هن ۾ معاشي زندگيءَ جي اصلاح ۽ ان ۾ بگاڙ جي اسباب تي بحث ڪيل آهي جنهن کي اسان جا ڪجهه نادان دوست اشتراڪيت جي معاشي نظريي سان ملائن ٿا. مولانا عبيدالله سنڌي ﷫ ان ئي ارتفاق کي سوشلزم جي نظريي سان مطابقت ڏيندو هو پر فرق خاطر هن ۾ الله جي تصور کي اهميت ڏيندو هو. شاهه ولي الله چوي ٿو ته "هڪ انگ اگهاڙي ۽ پيٽ بکيي ماڻهوءَ مان معاشرتي احڪامات جي پابندي ۽ اعليٰ عملي اخلاق جي توقع ڪرڻ ٻيرن کان ٻير گهُرڻ مثل آهي. لهذا هڪ ته محنت ڪش طبقي کي سندس محنت جو پورو معاوضو ڏنو وڃي ۽ ان کان ايترو ئي ڪم ورتو وڃي جو هو باقي وقت پنهنجي اصلاح ۽ تفريح طبع ۾ صرف ڪري سگهي.

### ارتفاق دوم:

تدبير منزل: يعني شهري زندگيءَ کي بهتر کان بهتر بنائڻ. ان کي اسان اڄ جي شهري حڪومت (City Government) سان ڀيٽ ڏئي سگهون ٿا. هن ۾ اُهي طريقا بيان ڪيا ويا آهن جن سان هڪ شهر جي رهاڪن لاءِ دلچسپي ۽ فائديمند شيون مهيا ڪري سگهجن ۽ انهن کي تمام بنيادي سهولتون بهم مهيا ڪجن ۽ باهمي شهري تعلقات جا طريقا بيان ڪيل آهن.

### ارتفاق سوم:

ملڪي سياست: هن اصول ۾ شاهه صاحب سيّاس جون صفات ۽ بادشاهن، وزيرن ۽ اميرن لاءِ اصول ۽ عوام سان سندن تعلق جا طريقا ۽ سندن محبت حاصل ڪرڻ جا ڳڻ بيان ڪيا آهن. جن سان ملڪي ۽ بين الاقوامي ڪاروبار سهٽي نموني هلائي سگهجي.

### ارتفاق چهارم:

معاشرتي رسم و رواج: هن ارتفاق ۾ شاهه صاحب معاشرتي رسمن ۽ ماڻهن جي باهمي اتفاق ته مٿيان ٽئي ارتفاق انساني سماج جي بهتريءَ لاءِ

Marfat.com

لازم آهن تي بحث ڪيو آهي. تنهن ڪانسواءِ حجته الله البالغہ ۾ شاهہ صاحب عبادات ۽ عقائد ۽ انهن ۾ پوشيده رموز و اسرار تي پڙ دل کولي بحث ڪيو آهي.

هن مختصر مقالي ۾ حجة الله البالغہ جو مڪمل جائزو ناممڪن آهي پر شاهہ صاحب جو بنيادي فڪر ۽ فلسفو اڃي ويو آهي. شيخ محمد اڪرام مصنف رودِ ڪوثر شاهہ ولي الله رح کي ٺي حڪيم الامت جي لقب جو صحيح مصداق تسليم ڪيو آهي. لهذا ايڏي وڏي ڏاهي جي فڪر ۽ فلسفي جو تفصيلي جائزو تفصيل جو متقاضي آهي ۽ ڪاليج مئگزين ان جو متحمل نٿو ٿي سگهي.

Marfat.com

# شاهہ ولي الله ﷫ جا معاشي نظريا

فرمان علي ملاح/ليڪچرر مطالعہ پاڪستان

ارڙهين صدي اها انقلابي ۽هنگامي واري صدي آهي جنهن ۾ مغل ملوڪيت جو سج آهستي آهستي لهندو تي نظر آيو جڏهن تہ يورپي ملوڪيت جو هندستان جي اوڀر ۾ صبح طلوع ٿيندي ٿي نظر آيو. اورنگزيب عالمگير جي شاهي عظمت سان هن صديءَ جي شروعات ٿي، جڏهن تہ ان جو خاتمو هڪ اهڙي مجاهد جي شهادت سان ٿيو جنهن کي تاريخ جا ڄاڻو "ٽيپو سلطان" جي نالي سان سڃاڻن ٿا. جنهن جي شهادت واري منظر کي ڏسندي هڪ انگريز جي وات مان اوچتو هي لفظ نڪتا تہ "اڄ هندستان اسان جو آهي."

مرڪزي حڪومت جي ميمبرن ۾ باهمي ڪشمڪش، صوبائي گورنر جي خود مختياري، مرهٽن، روهيلن، ڄاٽن، ۽ سکن جي وڌندڙ طاقت ۽ ان طاقت جي تصادم سان هندستان جو چپو چپو جنگ جو ميدان بڻيو. بار بار انهن جو زور دهلي تائين محسوس ڪيو ويو ۽ تي سو سالہ شهنشاهيت جي احترام ۽ وقار کي ڪاپاري ڌڪ رسيو. انهن جنگجو طاقتن بار بار هڪ ٻئي کي نيچو ڏيکارڻ لاءِ هڪٻئي خلاف طاقت جو استعمال ڪيو. هڪ گروهہ نادر شاهہ کي گهرايو تہ ٻئي وري احمد شاهہ ابداليءَ کي دعوت ڏني. معاملي جي نوعيت ۾ ڪنهن حد تائين فرق رهيو پر ملڪ ۽ قوم کي نقصان پهچائڻ ۾ ٻئي هڪ ٻئي کان گوءِ کڻي ويا.

هي حال انهن طاقتن جو هو جن جا مراڪز هندستان، ايران ۽ افغانستان هئا. اهي طاقتون گاديءَ واري شهر دهليءَ سان ڪافي حد تائين ويجهو هيون. باقي رهيون يورپي گورن جون طاقتون انگريز، فرانسيسي ۽

Marfat.com

پورچوگيز وغيره جيڪي هندستان جي ساموندي علائقن ۾ پنهنجا پير ڄمائي چڪيون هيون، اهي جيتوڻيڪ هڪ ٻئي خلاف به ٿي چڪيون هيون، پر هندستان جي اندروني گهرو ويڙهه مان فائدو وٺڻ لاءِ سڀ شريڪ هيون. خصوصا برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ذميوارن. ان گهرو ويڙهه مان سڀ کان گهڻو فائدو ورتو ۽ اڳتي وڌي ويا. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ بنگال ۾ پنهنجي فوجي طاقت وڌائڻ شروع ڪري ڏني. هڪ طرف احمد شاهه ابداليءَ جون فوجون پاڻي پت جي ميدان ۾ مرهٽن کي شڪست ڏئي رهيون هيون ته وري ٻئي طرف انگريزي فوج بنگال ۾ سراج الدوله کي موت جي ننڊ سمهاري پنهنجي سامراجيت جو جهنڊو ڦڙڪائي رهي هئي. هي سڀ جا سڀ تماشا شاهه ولي الله جي نظرن اڳيان ٿي رهيا هئا. هڪ طرف سندس دل ۾ پنهنجي ملڪ جي تباهي ۽ بربادي‌ءَ جو سور هو ته ٻئي طرف سندس بيدار ذهن مرض جي تشخيص ۽ علاج ۾ مشغول هو. انهيءَ بيچينيءَ واري دور ۾ پاڻ اصلاحي تحريڪ شروع ڪيائين. جنهن جي شدت مان دشمن خوف کائي ويو. هڪ ڀيري جڏهن شاهه ولي الله فتح پوري مسجد مان ٻاهر نڪري رهيو هيو ته سندس مٿان قاتلاڻو حملو ڪيو ويو. حجاز شريف جو سفر ڪيائين، جتي قيام دوران روحاني ۽ علمي رهنمائن سان گڏ ڪم ڪرڻ جو کيس موقعو مليو ان سان گڏوگڏ يورپ ۽ ايشيا جي چڱن ماڻهن سان مليو، انهن جي ملڪن بابت تفصيلي واقفيت حاصل ڪري ورتائين.

خلافت عثمانيه کي جيئن ته معاشرتي براين جو زنگ لڳي چڪو هو پر تنهن هوندي به ايشيا جي سڀ کان وڏي حڪومت هئي. سڄي وچ اوڀر ۾ عثماني حڪومت جو جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو عربي سمنڊ کان وٺي عدن تائين ان جو قبضو هو يورپ ۽ آفريڪا جا به ڪجهه علائقا هن جو حصو هئا. انهن سڀني ملڪن جو تجزيو ڪرڻ کان پوءِ شاهه وليءَ الله انتهائي غور، فڪر ۽ اعليٰ ذهانت سان فيصلو ڪيو ته جيتريون به معاشرتي ۽ معاشي برايون ان وقت موجود هيون. انهن جو اصل سبب دولت ۽ بادشاهت آهي.

شاهه ولي الله آخرڪار ان نتيجي تي پهتو ته انهن سڀني براين ۽ تباهه ڪارين جو علاج ان ۾ آهي جو هڪ اهڙو مڪمل ۽ هڪ اهڙو انقلاب.

Marfat.com

جيڪو سماج جي مروجہ معاشي، معاشرتي ۽ سياسي نظام کي پوريءَ ريت بدلائي وجهي. جو تہ ان وقت جو مڪمل نظام بادشاهت ۽ ملوڪيت جي ور چڙهيل هو ۽ اهي مرض جيڪي شهنشاهيت سان گڏ لازم هوندا آهن، پوري نظام جي هڪ هڪ شعبي ۾ گهر ڪري چڪا هئا. ڪا بہ اصلاح ان ڪانسواءِ ممڪن نہ هئي، تہ پوري سماج جي ڍانچي کي منهدم ڪري ان جي جاءِ تي نئون نظام آندو وڃي يعني پوري نظام کي بهتر بنائڻ ۾ ئي واحد حل هو.

شاهہ صاحب فوجي انقلاب جو حامي هو پر اهو فوجي نظام جيڪو جهاد جي اصول تي ٻڌل هجي، يعني جنهن جو نصب العين سڀ کان بهتر ۽ برتر هجي ۽ جنهن جو هر هڪ مجاهد پنهنجي ذاتي غرض کان ان حد تائين متاهون هجي جو خود پنهنجي شخصيت کي فنا ڪري چڪو هجي، ايتريقدر جو فنا کي پنهنجي بقا ۽ نصب العين جي لاءِ قربان ٿي وڃڻ کي آخري زندگي تصور ڪري. شاهہ وليءُ الله جي اصطلاح ۾ ان جو نالو "للاهيت" آهي. اهڙي قسم جو انقلاب پيشاورانہ سپاهين جي مدد سان ممڪن نہ آهي، پر اهڙن رضاڪارن جي ذريعي ممڪن آهي، جن جي خاص طور تي تربيت ڪئي وئي هجي. جيڪي پنهنجي نصب العين کي سمجهڻ جي صلاحيت رکندا هجن ۽ اصلاح ۽ تبديل جي نظرين تي سڀ کان پهرين پنهنجو پاڻ هموار ڪندا هجن، بعد ۾ اهڙن نظرين کي ڪامياب بنائڻ جي لاءِ جان جي قرباني ڏيڻ کي پنهنجي زندگي جو مقصد بنائڻ.

## معاشي انقلاب

فرانس واريٰ انقلاب 1789ع ۾ اڃا اڌ صدي جي دير هئي، ڪارل مارڪس اڃا دير سان پيدا ٿيڻو هو يورپ ۾ صنعتي انقلاب جا اڃا آثار ئي نظر ڪو نہ ٿي آيا، تہ هندستان جي مومن مرد ۽ مسلم انڊيا جي هڪ بهادر مفڪر، هندستان جي سيني معاشي ۽ سياسي مرضن جو ڪيميائي نسخو "معاشي انقلاب" جي صورت ۾ ڏئي ڇڏيو هو. ان نسخي جي خاص خاص اصولن کي "مولانا سيد محمد ميان" پنهنجي ڪتاب "علماءِ هند کا شاندار ماضي" ۾ هيٺين ترتيب سان ڳڻايو آهي:

1۔ دولت جو اصل بنياد "محنت" آهي. مزدور ۽ ڪڙمي ئي اصل ۾ بنيادي

Marfat.com

قوت آهن، جي هڪ ٻئي جي تعاون سان شهريت Citizenship جو روح آهن. جيستائين ملڪ جو ڪو به فرد ملڪ ۽ قوم لاءِ محنت نٿو ڪري، ان وقت تائين ان جو ملڪي دولت مٿان ڪو به حق واجب نه آهي.

2ـ جوا، شراب ۽ نشي ۽ عيش پرستيءَ وارا سڀ اڏا جلدي ختم ڪيا وڃن، ڇاڪاڻ ته جيستائين معاشري ۾ اهڙي قسم جا موذي مرض هوندا، تيستائين دولت جي ورهاست ٺيڪ طريقي سان ممڪن ناهي. انهن اڏن جي هجڻ سان قومي دولت گهٽن ماڻهن جي کيسن مان نڪري، هڪڙي ماڻهوءَ جي هٿ چڙهي وڃي ٿي.

3ـ مزدور هاري، ڪڙمي ۽ ٻيا اهي سڀ ماڻهو جيڪي ملڪ ۽ قوم جي لاءِ دماغي ڪم ڪن ٿا، اهي ئي حقيقت ۾ ملڪيت جا اصل مستحق آهن. انهن جي ترقي ۽ خوشحالي ملڪ ۽ قوم جي ترقي ۽ خوشحالي آهي، جيڪو نظام محنت ڪندڙن کي دٻائي رکي ٿو اهو ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ خطرو ثابت ٿيندو آهي.اهڙي نظام جون پاڙون پٽڻ گهرجن.

4ـ جيڪو سماجي نظام محنت جي صحيح قيمت ادا نٿو ڪري، اهو قابل اعتبار نٿو ٿي سگهي، جيستائين ماڻهوءَ کي ان جي مزدوري پوريءَ طرح سان نٿي ادا ڪئي وڃي.

5ـ ان سان گڏوگڏ ضرورتمند ۽ مجبور مزدور جي خاموشيءَ تي پڻ اعتبار نه ڪرڻ گهرجي، جيستائين ان کي پوري پوري مزدوري نٿي ڏني وڃي.

6ـ جيڪا پيداوار ۽ آمدني گڏيل امداد ۽ تعاون جي اصول تي نه هجي ان کي قانون جي خلاف سمجهيو وڃي.

7ـ ڪم جو وقت محدود ڪيو وڃي، مزدورن ۽ هارين کي ايترو وقت ضرور ملڻ گهرجي جو هو پنهنجي روحاني ۽ اخلاقي اصلاح ڪري سگهن ۽ انهن جي اندر پنهنجي مستقبل جي لاءِ غور ۽ فڪر ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿي سگهي.

8ـ گڏيل تعاون جو بهتر ۽ اعليٰ ذريعو وڻج واپار ۽ ڪاروبار آهي. لهذا ان کي تعاون جي ئي اصول تي جاري رکڻ گهرجي. بس جهڙيءَ طرح

Marfat.com

واپاري ۽ ڪاروباري ماڻهن جي لاءِ جائز نہ آهي تہ هو بليڪ مارڪيٽ ۽ ذخيرو يا غلط قسم جي ٻين طريقن سان تعاون ۽ گڏيل امداد واري روح کي ڪاپاري نقصان پهچائين. اهڙي طرح حڪومت جي لاءِ بہ مناسب نہ آهي تہ طرح طرح جا ڳرا ٽيڪس لڳائي واپار جي واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ رڪاوٽون پيدا ڪري.

9ـ اهڙو واپار يا ڪاروبار جيڪو دولت جي هلچل کي ڪنهن خاص طبقي لاءِ محدود ڪري، ملڪ ۽ قوم جي ترقيءَ جي لاءِ تباهہ ڪن ثابت ٿيندو آهي.

10ـ اهڙو سياسي ۽ سماجي نظام، جنهن ۾ ڪن خاص ماڻهن يا خاندانن کي عيش و عشرت جي سبب، دولت جي صحيح ورهاست ۾ خلل پيدا ٿئي، ان ڳالهہ جو مستحق آهي تہ جلد کان جلد کيس مٿان کان هيٺ تائين ختم ڪري، عوام جون مصيبتون ختم ڪيون وڃن ۽ ان کي مساواتي نظام زندگي جو موقعو فراهم ڪيو وڃي.

11ـ زمين جو حقيقي مالڪ رب پاڪ آهي، جڏهن تہ ظاهري نظام جي لحاظ کان رياست آهي. ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهن جي حيثيت اها آهي، جيئن ڪنهن مسافرخاني ۾ رهندڙ مسافرن جي. ملڪيت جو مطلب هي آهي تہ ان جي حق ۾ ٻئي جو عمل دخل قانوناً منع ڪيل هجي.

12ـ سڀ انسان برابر آهن، ڪنهن کي بہ اهو حق نہ آهي تہ هو پنهنجو پاڻ کي مالڪ الملڪ، مالڪ الناس، مالڪ قوم يا انسانن جي زندگيءَ جو مالڪ تصور ڪري ۽ نہ ئي وري ڪنهن جي لاءِ اهو جائز آهي تہ هو ڪنهن بہ صاحب اقتدار جي لاءِ اهڙي قسم جا لفظ ڪتب آڻي.

13ـ رياست جي اڳواڻ (صدر) جي حيثيت متوليءَ برابر آهي. وقت جو متولي جيڪڏهن ضرورتمند هجي تہ هو ايترو وظيفو کڻي سگهي ٿو تہ جيئن هو عام ماڻهوءَ جهڙي زندگي بسر ڪري سگهي.

14ـ پيٽ ڀرڻ لاءِ ماني، جسم ڍڪڻ لاءِ ڪپڙا، رهڻ لاءِ گهر ۽ ٻيون اهڙيون بنيادي ضرورتون. جو انسان نڪاح ڪري سگهي ۽ پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت جو صحيح بندوبست ڪري سگهي. مذهب، نسل ۽

Marfat.com

زبان هر هڪ انسان جو بنيادي حق آهن. جيڪي ان کي ڏيڻ گهرجن.

15۔ اهڙيءَ طرح مذهب، نسل، رنگ يا زبان جي ڪنهن بہ فرق ۽ تفاوت کان بغير، عام ماڻهن جي معاملن ۾ برابري ۽ مساوات جي بنياد تي عدل ۽ انصاف قائم ڪيو وڃي. ان کان علاوه ان جي جان، مال جي حفاظت ان جي عزت ۽ غيرت جي حفاظت، ملڪيت واري حق ۾ آزادي، اظهار جي حق ۾ آزادي ۽ شهريت واري حق ۾ يڪسانيت ۽ برابري انسان جو بنيادي حق آهي.

16۔ بين القوامي تحفظ ۽ حق حاصل ڪرڻ جي صورت هي آهي تہ خودمختار علائقا ٺاهيا وڃن. اهي خودمختيار علائقا پنهنجن پنهنجن معاملن ۾ آزاد هجن. هر هڪ علائقي ۾ ايتري طاقت ۽ قوت ضرور هئڻ گهرجي جو پاڻ جهڙن بين علائقن يا رياستن سان طاقت ۽ جارحاڻي قوت ذريعي منهن ڏئي سگهي. هي سڀ علائقا يا رياستون هڪ اهڙي بين القوامي نظام ۾ منسلڪ هجن. جو فوجي طاقت جي لحاظ کان اعليٰ اقتدار جون مالڪ هجن. پر ان نظام کي اهو حق هرگز نہ هوندو جو ڪنهن خاص مذهب يا تهذيب کي ان علائقي يا رياست ۾ آڻي سگهي، البتہ انهن جو هي فرض ضرور هوندو تہ ڪنهن قوم يا رياست يا يونٽ کي هرگز ان ڳالهہ جي اجازت نہ ڏين. تہ هو ڪنهن ٻيءَ قوم يا رياست جي مذهب يا تهذيب تي حملو ڪري سگهي.

17۔ مذهبي معاملن تي هميشہ هيٺين ڇئن ڳالهين جو خيال رکڻ گهرجي:

1۔ دين ۽ سچائي جو بنياد ساڳيو آهي. ان کي پيش ڪرڻ وارا سڀ پيغمبر هڪ ئي سلسلي جي ڪڙي آهن.

2۔ دين ۽ سچائي (حق ۽ سچ) جا بنيادي اصول سيني فرقن ۾ تقريبا برابر، ساڳيا ۽ تسليم شده رهيا آهن. مثلاً پنهنجي پالڻهار جي عبادت. ان جي لاءِ نذر و نياز صدقو ۽ خيرات، روزو وغيره. هي سڀ ڪم سيني جي وٽ تمام سنا آهن. البتہ عملي اظهار جي صورتن ۾ ٿورو گهڻو اختلاف آهي.

3۔ سڄي مهذب دنيا جا سماجي اصول ۽ مقصد مڙئي هڪ آهن. مثال جي

Marfat.com

طور تي مذهب ۾ هر فرقي ۾ جنسي لاڳاپن کي ناپسند ۽ اخلاقي جرم قرار ڏنو ويجي ٿو. جنسي تعلق جي لاءِ مرد ۽ عورت ۾ هڪ معاشرتي معاهدو هر مذهب ۾ هر فرقي ۾ ضروري آهي. البت معاهدي جون صورتون مختلف ضرور آهن. اهڙيءَ طرح هر مذهب ۾ هر فرقي ۾ پنهنجي ميّت کي نظرن اڳيان غائب ڪرڻ کي اهم سمجهيو ويندو آهي. اختلاف صرف ان ۾ آهي ته زمين ۾ دفن ڪري اوجهل (غائب) ڪيو ويجي يا وري ساڙي رک ڪيو ويجي.

شاه وليءُ الله پنهنجي وسيع ۽ بي بها انقلابي ۽ اصلاحي تحريڪ جي معاشي شعبي ۾ انهن اصولن جي پاسداري ڪندي، خدمت انجام ڏني. ان جي عظيم الشان لکت "حجت الله البالغ" جو هڪ باب شاه وليءُ الله جي معاشي نظرين جي تشريح ڪندي نظر اچي ٿو. پاڻ انهن اصولن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ، نه صرف نظريه واضح ڪيا، پر عملي پروگرام ڏيڻ جي لاءِ رضاڪارن جي تربيت لاءِ مرڪز قائم ڪيا پاڻ 1762ع ڌاري هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيائين.

***

Marfat.com

# تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا

سڪندرعلي چنا/اسسٽنٽ پروفيسر اسلاميات

اڄ بہ جڏهن اسين عابده پروين جي آواز ۾ ڳايل ڪافي "تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا، زندان هزارين مان نہ رڳو تنهنجي شاهي دستر خوان مٿي، مهمان هزارين مان نہ رڳو." ٻڌون ٿا تہ هڪ سرور ۽ خمار جي ڪيفيت ۾ رڳجي وڃون ٿا ۽ روحاني/ ذهني طمانيت جي سمونڊ جي هنج ۾ سمهي پئون ٿا ۽ ان سان گڏ ان خوبصورت ڪافيءَ جي سرجيندڙ جي ساراهہ ۾ رطب اللسان ٿي وڃون ٿا. پر حيرت ان وقت ٿئي ٿي تہ ان خوبصورت ۽ نرم و نازڪ خيالن جي خالق جي باري ۾ معلومات جي ڪيڏي نہ ڪميَ آهي! ان ڪميءَ کي محسوس ڪندي راقم ڪتابن جا ورق ورائڻ شروع ڪيا ۽ جيڪي ڪجهہ مواد مليو ان کي بنا ڪنهن ذاتي راءِ يا تعصب يا علمي چنڊ ڇاڻ جي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿو.

حيرت آهي تہ ايڏن نرم، نرمل ۽ ڪومل خيالن جو خالق هڪ خوبصورت شاعر هجڻ سان گڏ اسلامي علمن جو ماهر ۽ خاص ڪري فن فتوي نگاري ۾ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مشهور هو. جنهن فتوي نگاريءَ جي فن لاءِ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي رحمة الله عليہ جن فرمائين ٿا تہ "جيئن اسلام پهريون هن خطي (سنڌ) ۾ پهتو تہ اهڙيءَ طرح فتوي نويسي جو بنياد بہ هتي پيو" (1)

**نسب:** مفتي عبدالغفور ولد خليفہ محمد يعقوب. ابڙن جي لڙ "پيچوها" پاڙي مان هو ۽ اصل بلوچستان جي رياست قلات جي علائقي ياڳناڙي جي هڪ ڳوٺ "ڇٽ" جو رهاڪو هو. والي قلات مير نصير خان جي دور ۾ خليفو محمد يعقوب پنهنجي استاد مولانا عبدالحليم ڪندويءَ سان گڏجي ڇٽ مان لڏي اچي جيڪبآباد جي هڪ ڳوٺ "آباد" ۾ رهيو

Marfat.com

جتان ڪجهه وقت ڪان پوءِ ضلعي شڪارپور جي هڪ ڳوٺ "همايون" جي ٻن وڏيرن هر هڪ غازي خان سومرو ۽ مسو خان سڏايو جي دعوت تي همايون لڏي آيو ۽ اتي هڪ مدرسو کوليائين. ڪجهه وقت ڪان پوءِ مولانا عبدالحليم ڪنڊوي روهڙي وڃي رهيو ۽ همايون جو مدرسو خليفي محمد يعقوب جي حوالي ڪيائين (2)

مفتي عبدالغفور همايوني ﷫، ڳوٺ همايون ۾ سن 1261هجري/1845ع ۾ ڄائو ۽ 11 رمضان 1336 هجري/21 جون 1918ع ۾ وفات ڪيائين ۽ همايون ۾ مدفون ٿيو.

**تعليم:** والد جي وفات کان پوءِ باقي تعليم پنهنجي والد جي ٻن شاگردن (1) مولانا محمد يعقوب عرف عبدالله سومراٽيءَ وارو ۽ (2) مولانا سلطان محمد سيتپوري پنجابيءَ کان حاصل ڪيائين. (3)

**علمي حيثيت جو اعتراف:** جڳ مشهور اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ "مولانا عبدالغفور ولد محمد يعقوب ابڙن جي پيچوها پاڙي مان هو. ڳوٺ همايون ۾ سن 1261هہ/1845ع ۾ ڄائو. ميان محمد يعقوب ڳوٺ همايون ۾ مدرسو جاري ڪيو هو جيڪو ديني تعليم لاءِ پري پري تائين مشهور هو. پيءُ جي وفات کان پوءِ مولانا عبدالغفور سندس مسند تي ويٺو ۽ درس تدريس سان گڏ مريديءَ جو سلسلو پڻ جاري ڪيائين. سندس مدرسي جا شاگرد پنهنجي وقت جا وڏا عالم ٿيا. مولانا عبدالغفور ديني تصنيفات سان گڏ سنڌي، هندي، سرائيڪي ۽ فارسيءَ ۾ پڻ شاعري ڪئي. تاريخ 11 رمضان 1336هہ/1918ع ۾ وفات ڪيائين. "ديوان مفتون" ۾ سندس 116 سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافيون ڇپيل آهن پر 1907ع ڌاري هريسنگ جي ڇپايل ڪافين جي ڪتاب ۾ 10 کان وڌيڪ اهڙيون ڪافيون شامل آهن جيڪي ديوان مفتون ۾ نہ آهن." (4)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو: "مولوي عبدالغفور همايوني مفتون (1844ـ1919ع) جي ديوان ۾ رنگين بيان ۽ مصرع ڪلام موجود آهي. سندس مشهور موزون نعتيہ ڪافي "تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا" ڪيترن شاعرن کي ريس ڏياري پر اهڙو لفظن جو جڙاءُ بيو ڪو بہ شاعر رکي

Marfat.com

نہ سگهيو آهي. مولوي صاحب جي قابليت جو زندهہ ثبوت سندس موزون ڪافيون ۽ غزل آهن." (5)

پير علي محمد راشدي لکي ٿو تہ "حضرت مولانا امروٽي ﷫ جو همعصر، وڏو عالم، پير ۽ شاعر هو پر سياست کان مولانا عبدالغفور همايوني هميشہ متنفر ۽ ڪناره ڪش رهيو. سندس خدمت خلق جو طريقو بيو هو. شرع شريف جي خدمت، درس تدريس، فقہ جي تشريح ۽ پيري مريدي. پنهنجي زماني جو وڏو فقيهہ تسليم ڪيو ويندو هو ۽ سندس ڪتاب "فتاويٰ همايوني" کي اڄ تائين مستند سمجهيو پيو وڃي. سندس شعر خاص طرح ڪافين جو ڏاڍو شهرو هوندو هو۔ هيئين ڪافيءَ جي تہ ڌم لڳي پئي هوندي هئي، جهنگ جهر ۾ ننڍي وڏي جي وات تي هوندي هئي "تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا، زندان هزارين مان نہ رڳو" سندس ٻي ڪافي جا عوام ۾ سخت مقبول هوندي هئي سا هئي جيڪا نرينه اولاد نہ هجڻ جي ذڪ ۾ چئي هئائين "هو تا چوڻ چڳن، منهنجا نيڻ سڪن" سندس تخلص هوندا هئا "مفتون" ۽ "غفور". سندس ديوان جو نالو آهي "ديوان مفتون". تصوير مطابق سندن چهرو گول، سونهاري چاپئين سفيد، ۽ مٿي تي بروچڪي نموني جي وڏي سفيد دستار رکندو هو." (6)

مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو: "مولانا همايونيءَ جي سڄي ڄمار درس تدريس ۽ فتويٰ ڏيڻ ۾ گذري. بلوچستان ۽ اتر سنڌ جو پنهنجي وقت جو مرجع فتاويٰ ۽ مرجع عالم هو. ڪا بہ فتويٰ يا تحرير تيستائين قبوليت جي نظرن سان نہ ڏٺي ويندي هئي جيستائين هن بزرگ جا مٿس دستخط نہ هوندا هئا. پنهنجي هم عصرن مان مولانا حاجي حسن الله صديقي پاٽائي، مولانا ارشاد حسين رامپوري ۽ مولانا پير سيد رشد الله جهنڊي وارن سان سندس وڏا وڏا تحريري مناظرا ٿي گذريا. هن بزرگ جي تحريرن جو مجموعو "فتاويٰ همايوني" جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي جو عوام ۽ علماءِ وٽ قبوليت جو درجو رکي ٿو. حضرت همايوني صاحب تصوف، طب ۽ تاريخ جو بہ ماهر هو. شمالي سنڌ جو امير طبقو سندس معتقد ۽ مريد رهيو. گوشہ نشين رهندو هو درٽي دربان بيٺل هوندو هوس. واري سان اجازت موجب ماٺهو زيارت يا

Marfat.com

ملاقات لاءِ اندر ويندا هئا. ڪڏهن بہ ڪنهن کي هٿ نہ ڏيندو هو. قلم يا ڪتاب کي بہ چادر اندران هٿ ۾ جهلي پوءِ ڏسندو هو. تمام گهٽ ڳالهائيندو هو ۽ سواءِ پڇڻ جي ڪنهن بہ شيءِ جو جواب ڪو نہ ڏيندو هو. نماز جو ايترو گهڻو پابند ڪو نہ هو ۽ نہ وري ڪنهن ماڻهوءَ کي ازخود نيڪ يا بد ڪم کان روڪيندو هو. جنهن ڪري ئي سندس حياتيءَ ۾ همايون جي شهر ۾ بي ديني تمام گهڻي وڌيل هئي. چوندا هئا تہ مولانا همايونيءَ کي حضور ﷺ جن خواب ۾ هٿ ملايو آهي تنهنڪري ٻئي ڪنهن کي بہ ڪيس هٿ ڏيڻ روا نہ آهي. مگر اها ڳالهہ غلط آهي. حڪيم مولوي عبدالرزاق ترائيءَ واري بيان ڪيو تہ مولانا همايوني کان مون پاڻ پڇيو تہ اوهان جو هٿ حضرت رسول الله ﷺ سان مليل آهي ڇا؟ جو هاڻي ٻين کي هٿ ئي نٿا ڏيو؟ يا ڪنهن شيءِ کي ڇهو بہ نٿا؟ جواب ۾ فرمايائون تہ مون کي حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه ۽ عڪرمہ رضي الله عنه صحابيءَ جو خواب ۾ ديدار ڪيل آهي ۽ بس. ڪيترا اهڙا واقعا ٻيا بہ ٿيا جو ڪن حالتن ۾ ڪنهن بيمار جي نبض ڏنائون ٿي تہ برابر هڪ سو گهڙن پاڻيءَ سان هٿ ڌوئاريندا هئا تڏهن ئي هٿ جي صفائي جو يقين ايندو هئن.

مولانا همايوني سماع موتيٰ ۽ قبر وارن کان امداد وٺڻ جو قائل هو ۽ ان سلسلي ۾ عربي زبان جو هڪ رسالو "الدرالمنثور في استمداد من اهل القبور" بہ لکيو هئائون. حضرت مولانا همايونيءَ جي رهڻي اهڙي يڪ سوئي، خلوت نشينيءَ جي رنگ ۾ هئي جو وقت جا وڏا وڏا سجاده نشين بزرگ بہ سندس فيض جا محتاج هئا. جيئن تہ پير سيد ابو محمد صالح شاهہ راڻيپوري بہ سندس مريد ۽ معتقد هو ۽ سال بہ سال مولانا کي دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرائيندو هو ۽ جيئن خدمت جا حق ٿيندا آهن تيئن ادا ڪندو هو.

مولانا درمياني قد جو ڪڻڪ رنگو ۽ سفيد ريش بزرگ هو. گهڻي ناس ڏيڻ ڪري سندس هيٺين چپ جي ڏاڙهيءَ وارو حصو ميرو ٿيل هو. ڪاڏو هميشہ پرهيز جو هڪ نمونو کائيندو هو. ٻن پهرن جو حلواڻ جي گوشت جو ٻوڙ ۽ خشڪ ماني ۽ رات جو ڳائو کير ۽ جوار جي ماني. باقي ميون ۽ مٺائين کي ڪڏهن چڱي بہ ڪو نہ ڏٺو هئائين. سفر ۽ حضر ۾ اهو ئي سندس ڪاڏو هوندو هو" (7)

Marfat.com

فقير محمد قاسم ٻگڙهي ياسيني لکي ٿو: "بلوچستان جا حاڪم شرعي فيصلن لاءِ شاهي جرڳن جي موقعن تي، ڪيس گهرائي ڪانئس وڏا وڏا معاملا فيصل ڪرائيندا هئا. مولانا جو مستجاب الدعوات هجڻ ايتري قدر مشهور هو جو هر طبقي ۽ فرقي جا ماڻهو عالم، پير، مشائخ، زميندار، ڪامورا، امير، وزير، هندو، مسلمان، پارسي، جوڳي، عوام ۽ خواص دعا طلبي لاءِ وٽس ايندا هئا. هر وقت سندس دروازي تي مخلوقِ خدا جو ميڙ لڳو پيو هوندو هو.

مولانا جو فارسي مجموعہ ڪلام، جنهن ۾ سندس 80_90 غزل هئا سندس هڪ معتقد سيد ابو محمد صالح شاهہ خليفي جلال الدين کان ورتي ويو هو. پير صاحب جي وفات کان پوءِ معلوم نہ آهي تہ اهو ڪلام ڪنهن جي هٿ آيو(8)

ڊاڪٽر خان محمد پنهور لکي ٿو تہ: "مولانا عبدالغفور همايوني رحمة الله عليه جي ياد ۾ 1342هہ/1923ع ۾ سلطان ڪوٽ شڪارپور مان مفتي محمد صاحبداد جي ايڊيٽري ۽ سرپرستيءَ ۾ ماهوار ادبي ۽ مذهبي رسالو "الهمايون" جاري ٿيو جيڪو ٿي چار مهينا نڪري بند ٿي ويو." (9)

## شاعري:

مولانا همايونيءَ جي شاعريءَ ۾ گهڻي ڀاڱي نعتيہ ۽ مداحيہ ڪلام شامل آهن. جنهن ۾ سلاست بيان ۽ دريا جي رواني آهي. هيئين ڪافي ۾ ان جو زور ڏسڻ وٽان آهي جنهن ۾ انساني ڪيفيتن جي عڪاسي ٿيل آهي:

ڏسـي ديـدار دلبـر جـو چـڏي سـڄي ملـڪ جـي چـالي
پيـالو پـي ڪـري تياسـي، خـوديءَ جـي خيـال ڪئـون خـالي
ڪڏهن منجهہ جهنگ جي آهيون ڪڏهن منجهہ رنگ جي آهيون
ڪڏهن منجهہ جنگ جي آهيون، ڪڏهن هون صلح جا سوالي
ڪـڏهن منجهـہ عقـل آگـاهي، ڪـڏهن هـون مسـت سـودائي
ڪـڏهن هـون صـاف سـيباهي، ڪڏهن هـون ملـڪ جـا والـي
ڪـڏهن مخـدوم ۽ خـادم، ڪـڏهن هـون حڪـم جـا حـاڪم
ڪـڏهن هـون علـم جـا عـالم، ڪـڏهن هـون مسـت مـوالي
تـڏهن مفتـون خـوش ٿينـدو محمـد ﷺ ميـر جـڏهن اينـدو
اچـي مـون کـي دلئـون ڏينـدو فنـا جـو فـيض فـي الحـالي

زلف جي بند ڪمند وڏا" شيخ اياز بہ هن زمين ۾ هڪ غزل چيو جيڪو سندس ڪتاب "وڄون وسڻ آيون" ۾ موجود آهي:

بي موت مئا، تولاءِ ڪئا، انسان هزارين مان نہ رڳو!
هن دنيا ۾ اي ديس هيا، نادان هزارين مان نہ رڳو!

اصل ۾ مفتون جو اهو غزل نعتيہ آهي جنهن ۾ حضور ﷺ جن سان روحاني رهاڻ جو ذڪر ڪيل آهي، پورو غزل هيٺ ڏجي ٿو:

تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا - زندان هزارين مان نہ رڳو
تنهنجي شاهي دستر خوان مٿي - مهمان هزارين مان نہ رڳو
1 - ڪيئي گهايلَ تنهنجي گهُور سندا - مخمورَ غفورَ سرُورَ سندا
تنهنجي نُورَ ظهورَ حضورَ سندا - نگران هزارين مان نہ رڳو
2 - ڪيئي ابرو - تيغ شهيدَ ڪيا - ڪيئي ناز مزيد مُريدَ ڪيا
ري نائي ديدَ خريدَ ڪيا - قربان هزارين مان نہ رڳو
3 - تنهنجي جلوه جمال جي عشوه گري - ڪيا مُلڪ مطيعُ وسيعُ وري
چا جن ملائڪ حورُ پري - حيران هزارين مان نہ رڳو
4 - ڪيئي نوڪر چاڪر جمع اڪبر، - ڪيئي خادم آهن خاقان نوڪر
سوين در تنهنجي تي دارا سڪندر - دربان هزارين مان نہ رڳو
5 - اي ماهہ لقا محبوب مٺا - تنهنجي ناز ادا تان جان فدا
تيا دامن گير اميرَ گدا - سلطانَ هزارين مان نہ رڳو
6 - دلبر پيارا ڪر نُورَ نظرَ - تون تہ سرورِ عالم جن و بشر،
تو تان قربان تارا شمس و قمر - "مفتان" هزارين مان نہ رڳو

## تصانيف

(1) "فتاويٰ همايوني" فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ ٻہ ٻہ جلد شايع ٿيل آهن.
(2) "ديوان مفتون" سنڌي- سرائيڪي شاعريءَ جو مجموعو. عربي، فارسي ۽ هندي ديوان گم ٿيل آهي.
(3) "فرهنگ همايوني" طبي لغت شايع ٿيل آهي.
(4) "خراج بابت رسالو" شايع ٿيل آهي جيڪو ان موضوع تي آهي تہ سنڌ

Marfat.com

جي زمين خراجي آهي. اهو سڄو رسالو ڪراچي واري مفتي رشيد احمد پنهنجي مجموعي فتاويٰ "احسن الفتاويٰ" ۾ سڄي جو سڄو نقل ڪيو آهي. تنهن ڪانسواءِ نياز همايوني پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي طبي تاريخ" ۾ مولانا همايوني جي هڪ ڪتاب "مجربات همايوني" جو بہ ذڪر ڪيو آهي. "تذڪره شعراءِ سکر" ۾ همايوني جي ٻن رسالن " ڪتاب الحساب والهندسه" ۽ "بهارِ عشق" پارسيءَ جو بہ ذڪر ڪيل آهي، تنهن ڪانسواءِ ڪن رسالن جو ذڪر ڪيو ويجي ٿو جي يا تہ ناپيد آهن يا چوري ٿي ويا آهن (11)

## فتاويٰ همايوني جو تجزيو

اصل ۾ مولانا ديني حلقن ۾ پنهنجي مجموعہ "فتاويٰ همايوني" سان سڃاتو ويجي ٿو ۽ اڄ بہ سندس فتاويٰ اتر سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مقبول ۽ مروج آهن. همايونيءَ جي دور ۾ "سنڌ جي عالمن کي ٻن نالن سان ياد ڪيو ويندو هو: همايوني ۽ امروٽي، باقي ديوبندي ۽ بريلويءَ جا لفظ گهٽ استعمال ٿيندا هئا" (12)

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي رحمة الله عليہ مولانا مفتي عبدالغفور همايوني ﷫ جي فن تحرير نويسي يعني فتويٰ نگاريءَ لاءِ چوي ٿو تہ: "هن دور کان پوءِ فتويٰ نويسيءَ جي مسند استاد العلماءِ خليفي محمد يعقوب جي صاحبزادي خليفي عبدالغفور همايونيءَ کي نصيب ٿي. سندس والد ساري سنڌ کي علم دينيءَ سان سيراب ڪري ڇڏيو تہ هن وري سنڌ ۾ فنِ تحرير (فتويٰ) نويسيءَ کي نئين سر جياريو ۽ زور ورتايو. ڪيس، سنڌ بلوچستان جو مفتي سڏيو ويندو هو هندستان جي مفتين مان مولانا اشرف علي ٿانوي ﷫ ۽ ٻين پنهنجي ڪيترين فتوائن ۾ مولانا مفتي همايونيءَ جي فتويٰ ڏانهن رجوع ڪيو" (13)

مولانا عبيدالله سنڌي ﷫ امروٽ شريف ۾ رهڻ دوران هڪ ڪتاب لکيو هو "ازالة الشبهة عن فرضية الجمعه" جنهن جي رد ۾ مولانا همايونيءَ هڪ رسالو "الفوائد الملهمة في رد ازالة الشبهة" جيڪو 31 صفحن تي مشتمل ڪتابچو هو لکيو هو. (14)

Marfat.com

هيٺ مولانا همايونيءَ جا ڪجهه اهم فتاوي نقل ڪجن ٿا:

(1) قرآن شريف حفظ ڪرڻ فرض ڪفايه آهي پر ضروري فقهي مسئلا سکڻ فرض عين آهي-قرآن صرف ايترو پڙهجي جو نماز ۾ قرآت ڪري سگهجي اهو فرض آهي.

(2) نقهي مسئلن ۾ مفتي به قول کي ڳولجي، چاهي ڪهڙي بہ ڪتاب ۾ ملي- ڪن خاص ڪتابن تائين محدود نہ رهجي. ڪو بہ غير مجتهد پوءِ چاهي ان کي ڪنهن ديني مدرسي جي سند هجي يا نہ جيڪڏهن ايتري علمي استطاعت رکي تو جو ڪنهن معتبر ڪتاب مان ڪنهن مجتهد جو قول نقل ڪري سگهي تہ ان کي فتوي ڏيڻ جو حق آهي ۽ فقہ جو علم بہ پڙهائي سگهي ٿو(15)

(3) هاربي تي زمين پوکائڻ، پگهار تي امام يا موذن مقرر ڪرڻ ديني علم اجرت تي پڙهائڻ ۽ مسجدن ۾ نقش و نگار ڪرڻ جائز آهي(16)

(4) مسجد ۾ عيد نماز پڙهڻ مڪروهہ تنزيهي آهي ڇاڪاڻ تہ سنت جي خلاف آهي. جيتوڻيڪ جامع مسجد سيني جماعتين لاءِ پوري ٿي سگهي(17)

(5) خطبو عربيءَ کانسواءِ ٻي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ مڪروه تحريمي آهي ڇاڪاڻ تہ سنت جي خلاف آهي(18)

(6) مماتيءَ وارا جيئرن جا سڏ ٻڌن ٿا، انهن کان دعا جي طلب ڪرڻ يا انهن جو وسيلو وٺڻ جائز آهي(19)

(7) ميت تي چاڙ وجهڻ بدعت آهہ ۽ اهو ناجائز آهي(20)

(8) ميت جي گهر وارن جيڪڏهن پهرين ٽن ڏينهن تائين ويلي ڏيڻ جي نيت سان ڪجهہ تيار ڪيو آهي تہ اهو ناجائز آهي باقي جيڪڏهن غريبن ۽ فقيرن کي خيرات جي نيت سان ڪجهہ کارائين ٿا تہ اهو جائز آهي(21)

(9) جيڪڏهن ڪنهن مرد پنهنجي عورت سان ڪنهن غير مرد کي بڇڙائيءَ واري حالت ۾ ڏٺو ۽ ٻنهي کي ماري ڇڏيو. جيڪڏهن ان جا شاهد موجود نہ آهن تہ ٻئي (ڪارو ۽ ڪاري) شهيد ٿيا(22)

Marfat.com

(10) زڪوات جو مال مسجد ۾ ڏيڻ جائز نہ آهي (23)

(11) جيڪڏهن رشوت نہ ڏيڻ سبب دين جي ڪنهن ڪم ۾ رخنو پوي تہ رشوت ڏيڻ جائز آهي (24)

(12) "زن طلاق" چوڻ سان طلاق پوي ٿي. هڪ ئي وقت ٽئي طلاقون ڏيڻ سان بہ طلاق پئجي ويندي. جيڪڏهن ڪنهن ڪم ڪرڻ سان طلاق جي پوڻ کي مشروط ڪيو ويو تہ ان ڪم ڪرڻ سان طلاق پئجي ويندي (26)

(13) مکي ٻيلي جا ڌاڙيل، ڇاڪاڻ تہ چور ۽ رهزن آهن ۽ عام رعيت کي بہ آزارن ٿا. تنهنڪري انگريز سرڪار جي مسلمان ملازمن کي انهن سان وڙهڻ جائز آهي. هن لڙائيءَ ۾ جيڪو مسلمان ملازم مري ويو تہ شهيد سڏبو پر ڌاڙيلن مان مئلن کي شهيد نہ چئبو. ان سلسلي ۾ جيڪي مسلمان ملازم انگريزن طرفان ڪنهن ڪافر سان وڙهندا اهي بہ گناهگار نہ ٿيندا (27)

(14) مسجد ۾ سمهڻ لاءِ کٽ وڇڻ اعتڪاف واري ۽ غير اتڪاف واري ٻنهي لاءِ مباح آهي. مسجد جي ڀتين تي ڪلمو يا آيتون لکي ٽنگڻ جائز نہ آهي ڇو تہ ڪري پوڻ ۾ بي حرمتي ٿيڻ جو ڊپ آهي (28)

(15) سواءِ سوئر جي ٻين درندن جو وڪرو جائز آهي (29)

(16) نصارن جي بينڪ ۾ يعني انگريزن جي حڪومت ۾، پيسا رکڻ ۽ ان مان مليل وياج مان خيرات ڪرڻ ۽ مسجدون جوڙائڻ جائز آهي. نصارن کان مسلمانن کي وياج وٺڻ بہ جائز آهي پر هندن کان وٺڻ جائز نہ آهي. (30)

(17) هن ملڪ جي آبادين ۽ گهرن ۾ جو ڪانو/ڪانگ پکي نظر اچي ٿو سو حرام آهي ڇاڪاڻ تہ اهو پليدي کائي ٿو ۽ چنبي سان شڪار ڪري ٿو. امام ابو حنيفه ؒ جنهن ڪانوَ کي حلال لکيو آهي سو "عق عق" آهي جنهن جي لفظي معنيٰ چانهن پکي يا بياباني ڪانو آهي، عام ڪانو کي عق عق چوڻ جو ڪو بہ ثبوت يا دليل ڪونهي (31)

(18) منهن ڪولڻ زال جو اوگهڙ ۾ شامل نہ آهي پر فساد جي ڊپ کان مردن ۾،

Marfat.com

زالن کي منهن کولڻ جي شرع موجب منع آهي، بي پرده رشتيدارن سان ماٺتي چنڻ جائز نہ آهي چاڪاڻ تہ اهي تہ فقط گنهگار آهن پر حضور ﷺ جن تہ پنهنجن ڪافر رشتيدارن سان بہ ماٺتي ڪا نہ چني هئي(32)

(19) زالن لاءِ سينڌ ۾ سندور جو ليڪو ڪيڻ جائز آهي(33)

(20) پنهنجي جان، مال ۽ دين تان ظلم ٽارڻ لاءِ رشوت ڏيڻ جائز آهي، حضور ﷺ جن زبان دراز شاعرن ۽ جن مان گلا جو خطرو هوندو هئن انهن کي ڪجهہ مال ڏيئي شر جو دفع ڪرڻ فرمائيندا هئا (34)

(21) ميت جي ثواب لاءِ اجوري تي قرآن شريف پڙهڻ مان ميت ۽ پڙهندڙ ٻنهي کي ثواب نہ ٿيندو. انهن ٻنهي کي منع ڪرڻ ضروري آهي، پر جيڪڏهن پڙهندڙ کي ڪا بہ طمع نہ آهي ۽ هن کي خدا واسطي ڪجهہ مليو تہ اهو جائز آهي. (35)

(22) خنزير جي چربي بطور دوا جي جسم تي ملڻ ۽ پوءِ پاڻيءَ سان ڌوئڻ سان مسلمانيءَ ۾ ڪو شڪ پيدا نٿو ٿئي. (36)

(23) ڪافر کي قرآن شريف يا فقهہ جو علم پگهار تي يا بنا پگهار تي پڙهائڻ جائز آهي پر ان کي بنا پاڪائيءَ جي قرآن شريف کي هٿ لائڻ جي اجازت نہ ڏيڻ گهرجي. غسل ڪرڻ کان پوءِ قرآن شريف کي هٿ لائي سگهي ٿو. ڪافرن جو طعام کائڻ جائز آهي پر انهن سان خوشين جي موقعن ۾ شريڪ ٿيڻ جائز نہ آهي.(37)

(24) نئين وياڻل جانور جو ٻِس/ڪَڙُ باهہ تي رکڻ کان پوءِ جيڪڏهن اڇي رنگ جو ٿيو تہ کائڻ جائز آهي، ڳاڙهي رنگ جو کائڻ حرام ۽ انهن ٻنهي رنگن جي وچوارو رنگ مڪروهہ تنزيهي آهي(38)

(25) لڏندڙ ڏند کي جيڪڏهن چانديءَ جي تند ٻڌائڻ سان بدبو پيدا ٿئي تہ سون جي تند ٻڌائڻ جائز آهي. (39)

(26) ڪو شخص پنهنجي زال، پيڻ يا ڌيءَ کي زنا ڪرائيندي ڏسي ۽ ٻنهي کي يا ڪنهن هڪ کي ماري وجهي تہ سواءِ شاهدن جي قصاص کان نہ ڇٽندو(40)

(27) قرض تي پئسا وٺي خيرات ڪرڻ ۽ ان جي عوض حرام جا پئسا قرض ۾ ڏيڻ جو حيلو شريعت ۾ جائز آهي(41)

Marfat.com

(28) هندن جي گذارش تي جيڪڏهن ڪو مسلمان حاڪم ڳئون کي پردي ۾ ذبح ڪرڻ جو حڪم ڪري ته جائز آهي ڇو جو ڳئون کهڻ اسلامي شعار مان ناهي جو انهيءَ کي ظاهر ڪرڻ ضروري هجي، جهڙوڪ بانگ ڏيڻ يا نمازون ادا ڪرڻ وغيره (42)

## سياست کان لاتعلقي

مولانا همايوني ﷫ برصغير هند جي ڪنهن به سياسي يا مذهبي تحريڪ ۾ حصو نه ورتو بلڪ هو هڪ بي رياءَ ۽ بهادر عالم هو. مولانا همايوني ﷫ فتويٰ نويسيءَ ۾ ايترو ته غير جانبدار هو جو فتويٰ وٺڻ لاءِ آيل ماڻهن کي لنگر جي ماني مان نه کارايو ويندو هو جڏهن ته تڏهن وقت سندس لنگر عام هوندو هو.

"مولانا همايوني ﷫ اخير عمر ۾ وهمي تي پيا هئا.نماز لاءِ به باهر ڪو نه نڪرندا هئا. هڪ ڀيري حضرت امروٽي ﷫ سان شڪارپور يا رڪ اسٽيشن تي مليا. گهڙو ڪري عصر نماز جو وقت هو حضرت امروٽي رحمة الله عليه فرمايس ته تنهنجا مريد چوندا آهن ته سائين مديني وڃي نماز پڙهندو آهي، نماز پڙهاءِ ته مريدن جا غلط خيال ختم ٿين. مولانا گهڻائي عذر ڪيا پر انت امامت ڪرائي نماز پڙهايائون" (43) 77 سالن جي عمر ۾ جمعي جي رات 11 وڳي رمضان المبارڪ 1336هه ۾ وفات ڪيائين ۽ پنهنجي والد جي پهلوءَ ۾ دفن ٿيو.

رحمت الله عليه رحمة واسعة

Marfat.com

# حوالاءِ ماخذ


(1) "سنڌ ۾ فتوي جو فن" بحوالا "الفتاوي الشرعيہ" جلد اول مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ, شريعت پبليڪيشن سکر / روهڙي ڇاپو ٻيو آگسٽ 1997ع ص_4

(2) ماهنامہ شريعت سکر "سوانح حيات نمبر" سنڌي ساهت سال آڪٽوبر 1981ع ايڊيٽر عبدالوهاب چاچڙ ص 144, در مضمون "مولانا عبدالغفور همايوني ﷫."

(3) "سنڌيءَ ۾ فقهي تحقيق جو ارتقا" ڊاڪٽر قاضي يار محمد, سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد آڪٽوبر 1992ع ص 180_181

(4) "ڪافيون" (جلد ٻيو) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ, سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1987ع, ص_816.

(5) "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" عبدالجبار جوڻيجو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1994ع ص 216

(6) "اهي ڏينهن اهي شينهن" (جلد اول) پير علي محمد راشدي, سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1987ع ص196.

(7) "تذڪره مشاهير سنڌ" (ڀاڱو ٽيون) مولانا دين محمد وفائي, سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1985ع ص35_229

(8) "مهراڻ سوانح نمبر" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1990ع ص 86.

(9) "الوحيد جو سنڌ جي صحافت, سياست ۽ علم و ادب ۾ حصو" ڊاڪٽر خان محمد پنهور, صفدر مهدي انڊس پبليڪيشنز ڪراچي 1996ع ص 48

(10) "ديوان مفتون" مرتب نياز حسن قائم الدين همايوني, سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1973ع مختلف صفحا.

(11) ماهوار شريعت "سوانح نمبر" ص176

(12) مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي, ماهوار شريعت "فتاوي نمبر", ص8

(13) شريعت فتاوي نمبر ص 7

(14) شريعت سوانح نمبر ص 147

(15) فتاوي همايوني جلد اول ص 2_5

(16) ايضاً ـ ص_8

(17) ايضاً ـ ص_22

(18) ايضاً ـ ص_27


Marfat.com

(19) ایضاً—ص_30
(20) ایضاً—ص_31
(21) ایضاً—ص_32
(22) ایضاً—ص_33
(23) ایضاً—ص_36
(24) ایضاً—ص_45
(25) ایضاً—ص_46
(26) ایضاً—ص_35
(27) ایضاً—ص_61
(28) ایضاً—ص_64
(29) فتاویٰ ہمایونی جلد بیو—ص_10
(30) فتاویٰ ہمایونی جلد پیو—ص_13
(31) ایضاً—ص_70
(32) ایضاً—ص_72
(33) ایضاً—ص_74
(34) ایضاً—ص_73
(35) ایضاً—ص_77
(36) ایضاً—ص_78
(37) ایضاً—ص_79
(38) ایضاً—ص_81
(39) ایضاً—ص_82
(40) ایضاً—ص_85
(41) ایضاً—ص_93
(42) ایضاً—ص_94
(43) ماہوار شریعت "سوانح نمبر" ص 148

***

Marfat.com

# عبادت جي تقاضا

حافظ عبدالوهاب مگريو/ ليڪچرار اسلاميات

**(الف) لفظ عبادت جي لغوي تحقيق:** عبادت لفظ جو مادو " عبد, يعبد عبداً عبادة" آهي. ان کان سواءِ عبوده, عبوديہ ۽ عبديہ بہ ايندو آهي ۽ انهن جون ڪيترئون ئي معنائون آهن:

1. الخضوع والتذلل: يعني تابع هئڻ.
2. العبد المملوڪ خلاف الحر: عبد اهو آهي جيڪو ڪنهن جي ملڪيت هجي, آزاد جو ضد آهي.
3. العبادة الطاعة مع الخضوع: عبادت ان اطاعت کي چئجي جيڪا پوري فرمانبرداريءَ سان هجي.
4. التعبد التنسڪ. تعبد مان مراد آهي ڪنهن جو پرستار ۽ پوڄاري ٿي وڃڻ.
5. عبده وعبد ته لزمہ فلم مفارقه. ان جو مطلب آهي تہ هو ان سان لازم ٿي ويو ۽ جدا نہ ٿيو.
6. ما عبدڪ عني اي مامنعڪ؟ ڪهڙي شيءِ توکي مون وٽ اچڻ کان روڪيو.

قال شيخ الاسلام في تعريف العبادة: اسم جامع لكل مايحب الله ويرضاه من الاقوال والاعمال الظاهرة والباطنة.

خلاصو: تذلل, تعظيم, شعور, حضور, ترڪِ اختيار, زجرِ نفس, اطاعت, اتباع

**(ب) عبد جو مفهوم:** پاڻ کي معبود جي حوالي ڪري ڇڏڻ ۽ ڪا بہ مزاحمت نہ ڪرڻ. انحراف ۽ سرتابي نہ هجي ۽ هو پنهنجي مرضي مطابق جهڙي طرح چاهي خدمت وٺي.

Marfat.com

(ج) عبديت جو مفهوم :

1. تڪويني مفهوم: ڪائنات جو هر ذري ۽ هر شيءِ الله تعاليٰ جا عبد آهن نيڪو ڪار هجن يا بدڪار مومن هجن يا ڪافر متقي هجن يا فاجر اهل جنت هجن يا اهل جهنم سڀ برابر "عبد" آهن.
2. تشريعي مفهوم: عبد جو ٻيو مطلب "عابد" هئڻ آهي. يعني اهڙو ٻانهو جيڪو رڳو الله تعاليٰ جي عبادت ڪري، ڪنهن ٻئي جي آڏو پنهنجي پيشاني نہ جهڪائي. الله تعاليٰ کي تسليم ڪرڻ سان گڏوگڏ سندس عبادت ۽ اطاعت بہ ڪري.

(د) عبادت جو مفهوم قرآن جي روشني ۾ : قرآن مجيد ۾ عبادت جو مفهوم ٽن قسمن جو ڏنو ويو آهي:

1. غلامي و اطاعت. انسان اصل ۾ ٻانهو ئي پيدا ٿيو آهي تنهنڪري ڪيس گهرجي تہ پنهنجي فطرت مطابق يڪسوئيءَ سان ٻانهپ ڪري.
2. اطاعت: هن ۾ اطاعت جا سڀ اصول ڪيس مڃڻا پوندا يعني مڪمل فرمانبرداري ڪرڻ ۽ بغير ڪنهن ڏوڪي بازي يا چالبازيءَ جي.
3. پرستش: هن ۾ بہ شيون آهن:

(الف) ڪنهن جي لاءِ سجدو رڪوع، قيام طواف، نذر و نياز ۽ قرباني وغيره جون رسمون ادا ڪرڻ (پرستش سمجهي ڪري)

(ب) ڪنهن کي عالم اسباب تي ذي اقتدار سمجهندي پنهنجي حاجت لاءِ ان کان دعا، گهري وڃي، تڪليف ۽ مصيبت ۾ ان کي سڏيو وڃي، خطرن ۽ نقصانن ۾ ان کان پناه گهري وڃي.

(ج) عبادت بابت مختلف نظريا:

1. جاهليت جو تصور: عبادت رڳو پوڄا جو نالو آهي. جاهل ماڻهو پنهنجي معبودن کي انسان وانگر تصور ڪن ٿا. جهڙي ريت وڏا ماڻهو سردار بادشاه ، رئيس خوش آمد يا نياز ۽ نوڙت سان پيش اچڻ سان گڏ ذلت و عاجزي سان هٿ ٻڌڻ تي خوش ٿيندا آهن. سندن خيال ۾ ساڳيءَ ريت معبود بہ انهيءَ جو طالب آهي.
2. جوڳيانہ تصور: عبادت رڳو اها آهي تہ مراقبو رهبانيت ۽ مجاهدو ڪجي ۽ دنيا جي ذميوارين کان پري رهي نجات حاصل ڪجي.

Marfat.com

3. اسلامي تصور: پري رهي آخرت جي نجات حاصل ڪجي. تصور عبادت طبعي قانون جو نالو نہ آهي بلڪ شرعي قانون جو نالو آهي، ان ڪري انسان الله تعاليٰ جو ئي بندو آهي. سندس خالق، مالڪ، رازق ۽ حاڪم صرف اهو ئي آهي. هو زمين تي خليفي جي حيثيت سان مامور آهي. کيس ڪجھ اختيار ۽ ذميواريون عطا ڪيل آهن. سندس ڪم پنهنجي مالڪ جي مقصد کي پورو ڪرڻ آهي.

## (و) ڇا عبادت جي خدا کي ضرورت آهي؟

(الف) انسان ڪمزور ۽ محتاج آهي لهذا استعانت گهرجيس. انبياء بہ اهو عمل ڪيو " اياڪ نعبد واياڪ نستعين " (ب) عبادت کان سواءِ دل ويران آهي. ( ج) اسلام جي نظام ۾ بنيادي ٽي شيون يعني عقائد، عبادات ۽ معاملات انسان کي عابد بنائڻ لاءِ تيار ڪن ٿيون.

(د) انسان جو مقام عبديت: انسان عمل ڪري ان مقام تي پهچي وڃي ٿو. الله تعاليٰ انهي لفظ سان کيس مخاطب ڪندو آهي:

1. " عينا يشرب بها عباد الله"
2. "عبادالرحمان الذين يمشون علي الارض هونا "
3. " سبحان الذي اسري بعبده"
4. حديث: انما انا عبدالله فقولوا عبدالله ورسولہ"

## (ز) عبديت جي تقاضا:

1. الله تعاليٰ جي عباد ت: انسان کي گهرجي تہ رڳو الله تعاليٰ جي ئي عبادت ڪري چو تہ کيس انهيءَ مقصد لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. " وما خلقت الجن والانس الاليعبدون"
2. الله جي محبت : عبادت الله تعاليٰ جي ڪامل محبت ۽ انتهائي تذلل ٻنهي جو مجموعو آهي.
3. الله تعاليٰ کان سوال ڪري
4. الله جي مرضي تي هلڻ.
5. ذڪر وفڪر.

Marfat.com

6. عبادت ۾ اگرائي
7. لڳاتار عبادت جو سفر: عبادت جو مطلب تارڪ الدنيا ٿيڻ، زاهد بڻجڻ يا رهبانيت اختيار ڪرڻ نہ آهي ۽ نہ ئي رڳو پنج وقتي نماز پڙهڻ آهي، بلڪ اهو لڳاتار الله تعاليٰ تائين پهچڻ جو سفر آهي. باطني ۽ ظاهري اعمال سڀ ان ۾ شامل آهن.
8. انسان جي زندگيءَ ۾ تبديلي: عبادت جي اها بہ تقاضا آهي تہ ان سان انسان جي زندگيءَ ۾ تبديلي اچي.
9. عبديت جو صورتون: (الف) الوفا بالعهود (ب) الرضا بالموعود (ج) الحفظ الحدود (د) الصبر بالمفقود

(ط) عبديت جا مراتب 1. عبادت اجر و ثواب جي اميد ۽ عتاب جي خوف کان ڪجي. 2. ثواب لاءِ هجي پر اخلاص ضرور هجي. 3. عبديت جو مقام حاصل ڪرڻ لاءِ هجي. 4. ڪا طلب يا لالچ نہ هجي. 5. عبادت جو وڏو مقام آهي ان ڪري رضا بالرب ضروري آهي.

(ظ) عبادت جون حدون: عبادت هڪ جامع لفظ آهي ان ۾ اهي سڀ ظاهري ۽ باطني اعمال و اقوال شآمل آهن، جيڪي الله تعاليٰ کي پسند آهن ۽ جيڪي سندس رضا ۽ خوشنوديءَ جو سبب بڻجن مثلا عبادات، اخلاقيات، معاملات.

(ل) پاڻ سڳورن ﷺ جي عبادت: مڪي کان مديني انهيءَ عبادت خاطر هجرت ڪيائون. بدر، احد، تبوڪ، خندق جهڙا معرڪا انهيءَ ڪري سهڻا پيون. ڏينهن جو اهو حال هو جو دنياداريءَ جا فرائِض بہ پورا ڪندا هئا تہ وري رات جو عبادت ۾ ايترا تہ مصروف ٿي ويندا هئا جو ائين لڳندو هو تہ جڻ ان کان سواءِ ڪين ڪو ٻيو ڪم ئي ناهي. هڪ رات ٽي ڀيرا اٿي نماز پڙهيائون. انفرادي نماز ۾ ڊگهيون سورتون پڙهندا هئا . رمضان شريف جي آخري ڏهاڪي ۾ ساري رات عبادت ڪندا هئا.

(م) صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جي عبادت: ڪنهن صحابيءَ کان غلطي ٿي ويندي هئي تہ اهو پاڻ کي پاڪ و صاف ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيشي ڪندا هئا. پنهنجي جرم جي ڪري پاڻ گهر جي ٿلهن (ستونن) ۾ ٻڌي ڇڏيندا هئا. پاڻ کي زنجيرن ۾ بند ڪندا هئا.

Marfat.com

پاڻ سڳورن ﷺ جي سامهون سندن آواز ڪجهه وڌي ويندو هو ته گهرن ۾ اچي زار و قطار روئندا هئا. انهي ڪري ته ڪٿي سندن سڀ عمل چٽ ٿي برباد نه ٿي وڃن.

(س) انعامِ بندگي: انسان سان الله تعاليٰ جي محبت آهي هو عمل جي ذريعي سندس انعام حاصل ڪري سگهي ٿو.

(ع) حقوقِ بندگي: جيئن والدين کي پنهنجي اولاد جي نافرماني نا پسند آهي ائين ئي الله تعاليٰ کي به ٻانهي جي نافرماني نا پسند آهي، پر هو تڏهن به کيس مهلت ڏيندو آهي.

***

Marfat.com

# اسلام ۾ عورت جي حيثيت

حافظ عبدالوهاب مگريو/ ليڪچرار اسلاميات

اسلام ۾ عورت جي حيثيت بيان ڪرڻ کان پهرين ضروري آهي ته مختلف قومن، مذهبن ۽ ملڪن ۾ ان جي حيثيت پر ڪجهه ڏسجي ته جيئن انهن جي ڀيٽ ۾ "اسلام ۾ عورت جي صحيح حيثيت ۽ مقام" معلوم ٿي وڃي.

**(الف) عربن جي دور جاهليت ۾ عورت جي حيثيت:**

- **نياڻيءَ جي ڄمڻ جو پيءُ تي اثر:** (الف) "وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِيْمٌ ۝ يَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ۭ اَيُمْسِكُهٗ عَلٰي هُوْنٍ اَمْ يَدُسُّهٗ فِي التُّرَابِ ۭ" ترجمو "۽ جڏهن انهن مان ڪنهن کي ڌيءُ جي ڄمڻ جي خبر ڏني وڃي ٿي تڏهن (رنج و غم کان) سندس منهن ڪارو ٿي وڃي ٿو ۽ ڏک ۾ پرجي وڃي ٿو جنهن جي ڳالهه جي ڪيس خبر ڏني ويئي آهي سا (سندس نظر ۾) اهڙي ته بڇڙائي جي ڳالهه آهي جو (شرم ۾ ٻڏي) ماڻهن کان لڪندو رهي ٿو (۽ سوچيندو رهي ٿو ته) سر تي خواري کڻي ڌي کي ايئن ڇڏي پاڻ وٽ رکان يا مٽي ۾ پوري ڇڏيانس (ته مري وڃي) *(سورت النحل 58,59.)*
- **نياڻيءَ جو بي رحميءَ سان قتل:** (الف) "وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ مِّنْ اِمْلَاقٍ ۭ نَحْنُ نَرْزُقُكُمْ وَاِيَّاهُمْ ۚ" ترجمو "۽ پنهنجي اولاد کي سڃائيءَ جي خوف کان قتل نه ڪريو اسان ئي توهان کي روزي ڏيون ٿا ۽ انهن کي به اسان ئي ڏينداسين (الانعام 152) (ب) " واذا الموودت سئلت باى ذنب قتلت" ترجمو "۽ جڏهن جيئري پوريل نياڻي پڇي ويندي ته ڪهڙي گناه ڪري ماري ويئي هئي؟" *(التڪوير 8,9)*
- **عورت جي مظلوميت:** هر جڳهه عورتون مردن جي ظلم ۽ ڏاڍ هيٺيان

Marfat.com

ڏبيل هيون، مرد هڪ جهنگلي جانور وانگر هو جانورن ۽ گهر جي ٻي سامان وانگر عورتن جو واپار ڪيو ويندو هو. مرد پنهنجي نفساني خواهشن ۾ ايترو تہ وڌي ويو جو عورتن کي بدڪاريءَ جي پيشي اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيائين، پڻ عورت کي انسان ۽ حيوان جي درميان هڪ مخلوق سمجهيو ويندو هو جنهن جو مقصد انساني نسل جي ترقي ۽ مرد جي خدمت ڪرڻ هو.

- **عورت جي عفت و عصمت جي بربادي:** (الف) "وَلَا تُكْرِهُوْا فَتَيٰتِكُمْ عَلَى الْبِغَآءِ اِنْ اَرَدْنَ تَحَصُّنًا لِّتَبْتَغُوْا عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" ۽ پنهنجي ٻانهين کي دنيوي زندگي جي فائدن حاصل ڪرڻ لاءِ زناڪاري ڪرڻ تي مجبور نہ ڪريو جڏهن تہ هو پاڪدامن رهڻ چاهين ٿيون" (النور33) ( ب) عورتن ٻہ رکيون وينديون هيون. محمد بن مسلمہ رضي الله تعاليٰ عنہ جو چوڻ آهي تہ مان جڏهن ڪعب بن الاشرف وٽ ويس ۽ اناج اڌاري ڏيڻ جو عرض ڪيو تہ هن چيو " ارهوني نساءِ کم قالوا ڪيف نرهنڪ نساءَ وانت اجمل العرب" ترجمو " اوهان پنهنجون عورتون مون وٽ گروي ڪريو انهن چيو تو وٽ اسان پنهنجون عورتون ڪيئن گروي رکي سگهون ٿا. جڏهن تہ تون عربن ۾ وڌيڪ خوبصورت آهين (بخاري).
- **نڪاح جا طريقا:** جاهليت ۾ نڪاح جا چار طريقا هئا. جن مان گهڻن جو طريقو زنا وارو هو. (الف) موجوده طريقو (ب) جڏهن عورت حيض (ماهواري) کان پاڪ ٿيندي هئي تہ هوءِ مڙس جي رضا خوشي سان ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان تعلق رکندي هئي جيئن تہ ٻار بهادر، خوبصورت ۽ قداور پيدا ٿئي (ج) عورت جي حيض (ماهواري) بند ٿيڻ کان پوءِ ڏهن ماڻهن جو هڪ ٽولو ايندو هو ۽ ان عورت سان صحبت ڪندا هئا. پوءِ ٻار ڄمڻ کان بعد اهي سمورا مرد ايندا هئا. اها عورت ان ٻار کي جنهن جي نالي ڪندي هئي اهو ان جو پٽ سڏبو هو ۽ ان مرد کي قبول ڪرڻو پوندو هو. (د) عورت وٽ ڪيئن ماڻهو ايندا هئا ۽ هو نشاني طور جهنڊو يا نشان لڳائي ڇڏيندي هئي، ٻار پيدا ٿيڻ کان پوءِ ماهر جنهن مرد جي نطفي ڏانهن ٻار کي منسوب ڪندا هئا، هو ان جو پٽ سڏبو هو. حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها فرمايو " فلما بعث محمد صلى الله عليه وسلم بالحق هدم نكاح الجاهلية كله الا نكاح الناس اليوم"

Marfat.com

ترجمو " پوءِ جڏهن محمد ﷺ کي حق ڏيئي موڪليو ويو تہ جاهليت جا سمورا نڪاح متايائين سواءِ ماڻهن جي اڄ جي نڪاح جي "(بخاري)

## (ب) غير مسلم قومن ۾ عورتن جي حيثيت:

1. **يوناني عورت جي حيثيت:** ان بابت هڪ مشهور غيرمسلم ڊاڪٽر گستائو لي بان چوي ٿو (الف) يوناني عام ڪري عورتن کي هڪ گهٽ درجي جي مخلوق سمجهندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن عورت جو ٻار فطرت جي خلاف پيدا ٿيندو هو تہ ان کي ماري ڇڏيندا هئا (تمدن عرب 372) (ب) ان بد نصيب عورت کي ماري ڇڏيندا هئا جنهن مان ڪنهن قومي سپاهيءَ جي پيدا ٿيڻ جي اميد نہ هوندي هئي. جڏهن ڪنهن عورت کي ٻار پيدا ٿي چڪو هوندو هو تہ ان عورت کي سندس مڙس کان اڌاري طور ملڪي فائدي لاءِ ٻي ماڻهو جي نسل وٺندا هئا (تمدن عرب 373) (ج) عهد نامه قديم جي باب واعظ ۾ لکيل آهي: "جيڪو خدا جو پيارو آهي اهو پاڻ کي عورت کان بچائيندو هزار ماڻهن مان مون هڪ پيارو ڏٺو آهي، پر سڄي دنيا جي عورتن مان هڪ بہ عورت اهڙي نہ ڏٺي آهي جيڪا خدا جي پياري هجي".

- **روم ۾ عورت جي حيثيت:** مرد جي حڪومت پنهنجي زال تي ظلم ۾ ڏاڍ سان هئي جنهن جو معاشري ۾ ڪو بہ حصو نہ هو پڻ مڙس کي مٿس جان تي بہ پورو حق هو قتل ڪرڻ جا بہ مالڪ هئا. جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن لحاظ سان عورت جي اهميت هئي سا بہ ڪجھ مخصوص عورتن جي هئي، جيڪي پنهنجي ذاتي خوبين جي ڪري معاشرتي تقريبات جي رونق هيون. اهڙين عورتن جي اهميت جو دارو مدار ان شرط تي هو تہ هو مرد جي لاءِ ڪيترو عيش و عشرت ۽ آرام و سڪون جو ذريعو بڻجي سگهن ٿيون.
- **قديم يورپ ۾ عورت جي حيثيت:** قديم يورپ ۾ عورت جو ڪو بہ قدر نہ هو. قديم علماءِ ۽ فلاسفہ وڏي عرصي کان ان بابت وڏي جاکوڙ کان پوءِ بہ اهو چوڻ لڳا تہ " چا عورت ۾ بہ روح هوندو آهي؟ جيڪڏهن منجهس روح آهي تہ اُهو انساني روح آهي يا حيواني؟ جيڪڏهن انساني روح آهي تہ مرد جي مقابلي ۾ ان جو صحيح معاشرتي مقام ڇا آهي؟ ڇا

Marfat.com

عورت پيدائشي طور تي ئي مرد جي غلام آهي يا غلام کان ان جو مقام ڪجهه متاهون آهي.

- **جديد يورپ ۾ عورت جي حيثيت:** جديد يورپ ۾ عورت جي حقوق ۽ حيثيت ڏانهن ارڙهين صديءَ ۾ توجه ڏنو ويو پر ان سان عورت چڙواڳ ٿي ويئي. جديد مغربي معاشرت جا تي بنياد رکيا ويا:

(الف) عورت ۽ مرد جي برابري. اها رڳو اخلاقي مرتبي ۽ حقوق ۾ هئي

(ب) عورت ۽ مرد جي معاشي آزادي. يعني مرد ۽ عورت ٻئي ڪمائين.

(ج) ٻنهي جنسن جي ميلاپ جي آزادي ان سان فحاشي وڌي

- **يهودي قانون ۾ عورت جي حيثيت:** توريت استشناءُ باب 25 نمبر 5 تا 10 ۾ آهي " جيڪڏهن ٻه ڀائر گڏ رهندا هجن ۽ انهن مان هڪ بي اولاد مري وڃي ته ان فوت ٿيل جي زال جي شادي ڪنهن اجنبي سان ڪئي وڃي، بلڪ ان جي مڙس جو ڀاءُ ان سان خلوت (همبستري) ڪري ۽ ان کي پنهنجي زال ناهي ۽ ان کي ڀاجائي جو حق ادا ڪري ۽ ائين ٿيندو ته جيڪو ٻار پيدا ٿيندو ته اهو انجي فوت ٿيل ڀاءُ جي نالي شمار ٿيندو تان جو ان جو نالو اسرائيل مان نه متجي وڃي، جيڪڏهن هو مڙس ٿيڻ کان انڪار ڪري ته ان جي ڀاءُ جي زال ججن جي آڏو ان جي ويجهو پنهنجي پيرن جي جتي لاهي ۽ ان جي منهن تي ٿڪي ڇڏي ۽ جواب ڏي ۽ چوي ته ان شخص سان جيڪو پنهنجي ڀاءُ جو گهر نه ناهيندو ائين ئي ڪيو ويندو ۽ اسرائيل ۾ان جو نالو هي رکيو وڃي ته هي ان ماڻهوءَ جو گهر آهي جنهن جي جتي ڪڍي ويئي ( حاشيو اسلام ڪي سياسي نظريي ج 1 ص 218)

- **مسيحي قانون ۾ عورت جي اهميت:** هنن جا ڪيئي نظريا ۽ قانون هئا. (الف) عورت گناه جي ماءُ ۽ بدڪاري جي پاڙ آهي (ب) مرد کي گناه تي ايارڻ ڪارڻ جهنم جو دروازو آهي. (ج) سيني مصيبتن جي شروعات انهيءَ کان ئي ٿي آهي. (د) ان جو عورت هجڻ ئي سندس شرم و حيا لاءِ ڪافي آهي. (هـ) هن کي پنهنجي حسن جمال تي شرمائڻ گهرجي ڇو ته هو شيطان جو وڏو هٿيار آهي، هن کي هميشه لاءِ ڪفارو ادا ڪرڻ گهرجي ڇو ته هن دنيا ۾ دنيا وارن لاءِ لعنت ۽ مصيبت آندي آهي. (

Marfat.com

پردو مولانا مودودي رح) ان سلسلي ۾ مسيحيت جي ابتدائي دور جي امام ترتوليان (Tirtullian) جي تصور کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي " هو شيطان جي اچڻ جو دروازو آهي، هو منع ڪيل وڻ ڏانهن وٺي وڃڻ واري، خدا جي قانون کي ٽوڙڻ واري، خدا جي تصوير ۽ مرد کي غارت ڪرڻ واري آهي."

اهڙي ريت هڪ ٻيو مسيحي امام ڪرائي سوستم (Chrysostum) عورت بابت چوي ٿو ته " هڪ اڻ ٽرندڙ برائي، هڪ پيدائشي وسوسو هڪ مرغوب آفت هڪ گهريلو خطرو هڪ غارت گر دلربائي ۽ هڪ آراسته مصيبت آهي."( پردو مولانا مودودي ﷫ )

- **هندو قانون ۾ عورت جي حيثيت:** (الف) عورت جي ذا ت متعلق 1_هندن جو قانون چوي ٿو ته " تقدير، طوفان، موت، جهنم، زهر، زهريلوناڳ انهن مان ڪو به خراب نه آهي جيتري عورت"(ستيارٿ پرڪاش 152، 153) 2 _ هندن جي قانون جو اهو به چوڻ آهي ته " عورت ننڍپڻ ۾ پيءُ جي پوئلڳ آهي، جوانيءَ ۾ مڙس جيءَ مڙس کان پوءِ پٽن جي ۽ جيڪڏهن پٽ نه هجن ته پنهنجي مائٽن جي چو ته ڪا به عورت بلڪل ان لائق نه آهي ته خود مختيار زندگي گذاري سگهي (ستيارٿ پرڪاش 152، 153)

**(ب) عورت جي شادي ۽ تعلقات جي متعلق:**

خاندان يا ڪجهه ڀائرن جي گڏيل زال جو رواج قديم هندوستان جو هڪ مشهور ومعروف رواج آهي . _ ( تمدن عرب ص 368) . ان سلسلي ۾ ڪتاب . "ستيارٿ پرڪاش " مصنف سوامي ديانند سرسوتي جي مهاراج جا مختلف اقتباسات ڏجن ٿا:

- جڏهن مڙس اولاد پيدا ڪرڻ جي نا قابل هجي ته پنهنجي عورت کي اجازت ڏئي ته " اي نيڪ بخت اولاد جي خواهش ڪندڙ عورت! تون مون کان علاوه ٻي مڙس جي خواهش ڪر، چو ته هاڻي مون منجهان اولاد نه ٿي سگهندئي، تڏهن عورت ٻئي مرد سان نيوگ ڪري اولاد پيدا ڪري، پر ان اهڙي وڏي حوصلي واري گهوٽ جي خدمت ۾ حاضر رهي. هونئن به جڏهن عورت بيماري وغيره ۾ ڦاسي اولاد ڄڻڻ جي قابل نه

Marfat.com

هجي تڏهن پنهنجي مڙس کي اجازت ڏي تہ ڪنهن ٻي رنڙ عورت سان نيوگ ڪري اولاد پيدا ڪري( ص 152، 153).

- ان ڪتاب ۾ شادي جا اٺ قسم بيان ڪيا ويا آهن، جن جو خلاصو هي آهي تہ عورت ۽ مرد کي پاڻ ۾ تعلقات رکڻ جي ڪا بہ منع نہ آهي.

## ج) مختلف ملڪن ۾ عورت بابت رائج ٿيل فقرا ۽ چوڻيون:

- روسي مثال آهي: ڏهن عورتن ۾ هڪ روح هوندو آهي.
- اطالين جو قول آهي: گهوڙو ڀلو هجي يا برو ان کي قابو ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي، عورت ڀلي هجي يا بري ان کي مار جي ضرورت هوندي آهي.

3. اسپيني مثال آهي: بري عورت کان بچڻ گهرجي، پر سٺي عورت تي ڪڏهن بہ ڀروسو نہ ڪرڻ گهرجي. *( تمدن عرب 373)*

## (د) اسلام ۾ عورت جي حيثيت:

اڄ تائين عورت جي حقوق متعلق جيڪو بحث ٿيو آهي، ان مان ٻن قسمن جا رايا معلوم ٿين ٿا:

1ـ ڪجھ ماڻهو شرارت طور چون ٿا تہ اسلام هر لحاظ کان مردن ۽ عورتن ۾ ڪامل مساوات رکي آهي.

2ـ ٻيا وري جهالت يا گهٽ سمجھ جي ڪري چون ٿا تہ اسلام عورت جو دشمن آهي، جو تہ ان کي حقير سمجهي ٿو ۽ معاشري ۾ ان کي ادنيٰ درجو ڏئي ٿو جنهن کان پوءِ ان ۾ ۽ جانورن ۾ ڪو بہ فرق نہ ٿو رهي، عورت مرد جي حيواني خواهشات جي تسڪين جو ذريعو آهي ۽ ٻار پيدا ڪرڻ جي مشين.

انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ اسلام جي نگاهہ ۾ عورت جو معاشرتي مقام مرد کان تمام هيٺاهون آهي ۽ مرد عورت جو حاڪم بڻجي ويهي ٿو بهرحال انهيءَ ٻنهي قسمن جا ماڻهو يا تہ اسلام کان بي خبر ۽ اڻ ڄاڻ آهن يا وري ڄاڻي ڪري ٻين کي ڏوکو ڏيئي حق کي باطل سان ملائڻ چاهين ٿا، تانتہ معاشري ۾ ڏڦيڙ هجي ۽ پنهجا بيهوده ۽ مذموم مقصد پورا ڪن.

اسلام تہ اهڙو نظام حيات پيش ڪري ٿو جنهن ۾ عورت کي ساڳيو ئي

Marfat.com

درجو ۽ مقام مليل آهي جھڙو مرد کي ۽ ان ۾ اهڙي روح جو وجود ميجي ٿو جھڙو مردن ۾ آهي.

هاڻي ڏسجي تہ اسلام عورت کي ڪهڙي حيثيت ڏني آهي ۽ ان کي معاشري ۾ ڪيترو مرتبو ۽ مقام ڏئي ٿو.

1_ اسلام ۾ عورت کي ڏنل حق:

(الف) انساني مساوات (1) يَاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوا رَبَّكُمُ الَّذِىْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّخَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَبَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيْرًا وَّنِسَآءً *(النساء1_2)* ترجمو" اي انسانو! پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو جنهن توهان کي پيدا ڪيو ۽ پيدا ڪيائين ان منجهان سندس جوڙو ۽ پکيڙيندڙ انهن منجهان گهڻا مرد ۽ عورتون" *(النساء آيت 1)*.

(2) يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَلَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ *(حجرات آيت 11)* ترجمو" اي ايمان وارو! ڪو بہ ماڻهو ڪنهن ماڻهو تي مسخري نہ ڪري شايد اهي انهن کان بهتر هجن ۽ نہ عورتون عورتن تي شايد اهي انهن کان بهتر هجن."

(ب) علم پرائڻ: اسلام هڪ اهڙي دور ۾ ساري انسانيت جي لاءِ علم پرائڻ جي اهميت تي زور ڏنو جڏهن دنيا ۾ هر پاسي جهالت جي اونداهي هئي، پڻ عورت جي آزاد حيثيت قائم ڪري ٻڌايو تہ علم کان بنا هن جي شخصيت جي تڪميل نا ممڪن آهي، ان ڪري علم پرائڻ مرد توڙي عورت ٻنهي تي فرض ڪيو. جيئن پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو " طلب العلم فريضة علىٰ ڪل مسلم و مسلمہ " ترجمو " علم پرائڻ هر مسلمان مرد توڙي عورت تي فرض آهي".

اسلام عورت جي جسماني صلاحيتن سان گڏوگڏ ان جي عقل و روح کي ترقي ڏيارڻ ۽ علم جي نور سان روشن ڪرڻ چاهي ٿو. ان جي مقابلي ۾ يورپ شروع ۾ تہ عورت لاءِ اهڙو ڪو بہ حق تسليم نہ ڪيو البتہ بعد ۾ بہ ڪجهہ تڏهن سوچيو جڏهن معاشي مسئلن ان کي بلڪل مجبور ڪري وڌو ۽ ان جي لاءِ ڪا بہ واٽ بچڻ لاءِ نہ هئي.

(ج) عورت جي عفت ۽ عصمت: (1) ولا تقربوا الزنا انہ کان فاحشتہ "ترجمو " ۽ زنا جي ويجهو نہ وڃو ڇاڪاڻ تہ اها بي حيائي آهي".

زنا جو اثر نسب جي اختلاط، ميراث، مسائل حرمت، حقوق ۽ اخلاق تي

Marfat.com

پوي ٿو. امام فخرالدين رازي رح فرمائي ٿو تہ زنا جا مفاسد هي آهن: (1) زنا سان نسب جو اختلاط ٿئي ٿو ٻار جي پرورش کو بہ کونہ ڪندو ۽ ٻار ضآيع ٿي ويندو. (2) قانون ۾ اهو نڪاح نہ آهي ان ڪري هڪ عورت جي عشق تي جهڳڙا ۽ لڙايون ٿينديون (3) زنا ڪار عورت سان ڪو بہ سليم الفطرت ماڻهو شادي ڪرڻ نہ چاهيندو (4) ڪو بہ ماڻهو ڪنهن خاص عورت سان محبت نہ ڪندو بلڪ هر ڪوئي حيوانن وانگر هوندو (5) صحبت ۽ همبستري پردي جي ڳالهہ آهي ان ڪري اها حلال طريقي سان ئي ٿي سگهي ٿي ( 6) نڪاح جو مقصد هي آهي تہ ٻئي هڪ ٻئي جا ساٿي رهن گهر جا معاملا, ڪاٺ پيئڻ, ٻارن جي تعليم و تربيت, غمي, خوشي ۽ ٻيون ضرورتون پاڻ ۾ ملي ڪري حل ڪن. (تفسير ڪبير ج ص394)

***

Marfat.com

# اسلام ۾ وقت جي اهميت

حافظ عبدالوهاب مگريو/ليڪچرار اسلاميات

وقت عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. ان جي لاءِ ٻيا لفظ زمان، دهر ۽ حين به استعمال ٿيا آهن. تاريخي لحاظ کان وقت جي تعريف هيءَ آهي تہ جيڪو تاريخ ادوار ۾ وقت جو تعين ڪري، عالم ارواح جي تخليق ۽ دنيا جي نظام جي ترتيب کان پوءِ ڪائنات جي حرڪت سان گڏوگڏ وقت جي شروعات ٿي.

وقت جي اهميت بابت الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ قسم کنيو آهي:

وَالْعَصْرِ ۙ ﴿۱﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ ۙ ﴿۲﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ۬ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ﴿۳﴾

ترجمو: "زماني جو قسم آهي بيشڪ انسان خساري ۾ آهي سواءِ انهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱايون ڪيون ۽ هڪ ٻئي کي حق جي تلقين ڪندا رهيا ۽ پاڻ ۾ صبر جي وصيت ڪندا رهيا."

مٿين سورت ۾ وقت جي اهميت ٻڌائيندي الله تعاليٰ ڪامياب ۽ ناڪام ماڻهن کي پڌرو ڪيو آهي تہ حقيقي ڪاميابي انهن ايمان وارن جي آهي جيڪي پنهنجون زندگيون چڱاين ۽ نيڪين ۾ گذارين ٿا باقي ان جي ابتڙ هلندڙ انسان خساري، نقصان ۽ ٽوٽ ۾ آهن.

سورت المؤمنون ۾ الله تعاليٰ وقت جي صحيح استعمال ڪندڙ مومنن جي اها صفت ۽ خوبي بيان ڪئي آهي ۽ ڪاميابي سڏي آهي جيڪي لغو ۽ بيڪار ڳالهين کان پري رهن ٿا جيئن فرمايائين:

وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ﴿۳﴾

ترجمو: "۽ جيڪي لغو (ڳالهين) کان منهن ڦيرائين ٿا".

اهڙي ريت وقت جي اهميت بابت نبي اڪرم ﷺ بہ خاص توجهه ڏياريو آهي جيئن حديث آهي پاڻ فرمائين ٿا:

Marfat.com

نعمتان مغبون فيهما كثير من الناس: الصحت والفراغ

ترجمو: ”ٻہ نعمتون اهڙيون آهن جن جي باري ۾ گھڻا ماڻهو نقصان ۾ وڃن ٿا: تندرستي ۽ واندڪائي“ هن حديث شريف ۾ واندڪائي ۽ فراغت جي صحيح ۽ نيڪ استعمال نہ ڪرڻ وارن ماڻهن کي خساري ۽ نقصان وارا چيو ويو آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ وڏيڪ اهميت ڏيندي فرمايو تہ قيامت ڏينهن حشر جي ميدان مان ابن آدم کي تيستائين هٽڻ جي اجازت نہ ملندي جيستائين کانئس پنج سوال نہ ڪيا وڃن . انهن مان ٻہ سوال هي هوندا تہ عمر ڪٿي گذاريائين ۽ جواني ڪٿي گذاريائين؟

وقت جيئن تہ هڪ نعمت آهي ان ڪري نعمت جو قدر ڪرڻ نهايت ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ قيامت ڏينهن هر هڪ نعمت بابت پڇا ڳاڇا ٿيندي جيئن الله تعاليٰ سورت التڪاثر ۾ فرمايو:

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيمِ ۝

ترجمو: ”پوءِ ان ڏينهن اوهان کان هر نعمت بابت ضرور پڇاڻو ٿيندو“.

تفسير ابن ڪثير ۾ آهي تہ حضرت لقمان عليہ السلام کان سندس دوست پڇيو تہ اوهان کي ايڏو وڏو مقام ڪيئن مليو؟ پاڻ فرمايائين تہ ”سون امانت جو خيال رکيو ۽ وقت جو صحيح استعمال ڪيو ۽ برين ۽ لغو ڳالهين کان پري رهيس“.

قرآن مجيد، احاديث ڪريمہ ۽ بين دليلن مان پڌرو ٿيو تہ ٽن شين جي حفاظت ڪرڻ ضروري آهي:

1۔ ايمان 2۔ صحت 3۔ وقت

وقت جي اهميت سامهون رکندي ان جو شعور پيدا ڪيو وڃي. هڪ ٿي مهل بہ ڪم سامهون هجن تہ نبيرو ٿيندو ۽ وقت بچي پوندو.

در حقيقت وقت ايترو تہ تيزيءَ سان هلي رهيو آهي جو هو ڪنهن جو بہ انتظار نہ ڪندو آهي.

دنيا ۾ جيڪي ماڻهو ترقي ڪري ويا انهن وقت جو صحيح ۽ نيڪ استعمال ڪيو. انهن جي زندگين بابت پڙهي تعجب ٿئي ٿو تہ نيٺ انهن ايڏي عظمت ڪيئن حاصل ڪري ورتي؟

Marfat.com

وقت جي صحيح ۽ نيڪ استعمال لاءِ ضروري آهي تہ سڀ کان پهرين پنهنجي روزمره جي مصروفيات جو وقت مقرر ڪجي ۽ هر ڪم کي باقاعده ضرورت جيترو وقت ڏجي. پوءِ ان مطابق ڪم ڪرڻ جي عادت بہ ناهجي ورنہ ان مان ڪو بہ فائدو نہ نڪرندو.

ڪجهہ ڏينهن تائين پابندي ڪرڻ سان ڏکيائي ۽ تڪليف تہ ضرور ٿيندي پر آهستي آهستي عادت پڪي ٿي ويندي ۽ ان کان پوءِ تيستائين مزو نہ ايندو جيستائين ڪنهن قانون سوچ ۽ سمجهہ مطابق ڪو ڪم نہ ڪيو وڃي.

هر ڪم لاءِ وقت مقرر ڪرڻ سان گڏوگڏ اهو بہ هر روز ڏسڻ کپي تہ ان تي ڪيترو عمل ٿي رهيو آهي جيڪڏهن ڪا ڪوتاهي يا گهٽتائي محسوس ٿئي تہ پوءِ آئيندي اها دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.

وقت هر طبقي جو ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ مصروفيات جي لحاظ کان ئي مقرر ڪري پر مجموعي طور تي ان ۾ ذاتي ڪم، اجتماعي ڪم ۽ اصلاحي ڪم ضرور مدنظر رکيا وڃن تہ جيئن معاشري جو هر حق ادا ڪري سگهجي.

وقت جي نيڪ استعمال لاءِ اهو پڻ ضروري آهي تہ ٻين کي بہ ان جي صحيح استعمال ڏانهن ڌيان ڏياريو وڃي تہ جيئن رڪاوٽ نہ بڻجي سگهن پر پاڻ بہ ڪنهن جي وقت يا مصروفيت ۾ رڪاوٽ نہ بڻجي. اهو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو. جڏهن هر لمحي. هر گهڙي، هر ساعت هر ڪم جي ترتيب ۽ شعور هجي.

***

Marfat.com

# عيد الفطر ڪيئن ملهائجي؟

حافظ عبدالوهاب مگريو/ليڪچرار اسلاميات

**عيد جي اهميت:** هي لفظ عربي ٻوليءَ جو آهي ۽ عُود لفظ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ "موٽڻ" آهي. هيءَ ڏينهن هر سال موٽي ايندو آهي، ان ڪري ان کي عيد چئبو آهي. سڄي دنيا ۾ ماڻهو پنهنجي پنهنجي رسمن ۽ مذهبن مطابق خوشيءَ جا ڏهاڙا ملهائيندا آهن ۽ هيءَ ڏنهن خاص مسلمانن جي خوشيءَ جو ڏينهن هوندو آهي. جيڪو رمضان شريف جهڙي پلاري مهيني جي روزن رکڻ کان پوءِ الله تعاليٰ پاران قبوليت ۽ خوشيءَ جو ڏينهن مليل آهي. پاڻ سڳورن ﷺ سن 2 هجري ۾ عيد ادا ڪئي ۽ ڪڏهن به ڪين ڇڏيائون. ان ڪري اها سنت مؤڪده آهي. مختلف حديثن مطابق اها ڳاڻ ملي ٿي ته الله تعاليٰ عيد ڏهاڙي جنت ڏاهي، حضرت جبرئيل عليه السلام کي وحيءَ لاءِ چونڊيو ۽ فرعون جي جادوگرن جي توبه قبول ٿي.

**ڏوهارين جي بخشش:** حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول ﷺ فرمايو: "رمضان جي پڇاڙي واري رات پاڻ سڳورن ﷺ جي امت کي بخشڻ جو فيصلو ڪيو ويندو آهي. پڇيو ويو ته ڇا اها قدر واري رات هوندي ته پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو اها قدر واري رات ته نه هوندي پر ڳالهه اها آهي ته جڏهن عمل ڪندڙ پنهنجو عمل پورو ڪري ته انکي پوري اجرت ڏني ويندي آهي." حضرت وهب بن منبه ﷺ کان روايت آهي ته شيطان هر عيد جي رات تي پٽيندو آهي ۽ سندس ساٿي وٽس گڏ ٿيندا آهن ۽ کانئس پڇندا آهن ته سائين اوهين اهو ڇو ڪري رهيا آهيو؟ هو چوندو اٿن، "الله تعاليٰ اڄ جي ڏينهن محمد (ﷺ) جي امت کي بخشي ڇڏيو پر اوهان کين شهوتن ۽ لذتن ۾ ڦاسائي هر ديني ڪم کان کين غافل ڪريو."

Marfat.com

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "جڏهن عيد جو صبح ٿيندو آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي فرشتن کي هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ روانو ڪندو آهي. فرشتا زمين تي اچي هر گهٽي ۽ هر چؤواٽي تي بيهي رهندا آهن ۽ سڏيندا آهن. سندن سڏ انسانن ۽ جنن کانسواءِ هر مخلوق ٻڌندي آهي، هو سڏيندا آهن. "اي محمد ﷺ جا امتيو! نڪرو پنهنجي گهرن مان ۽ هلو پنهنجي پالڻهار ڏانهن. اوهان جو پالڻهار تمام گهڻو ڏيندڙ ۽ وڏا وڏا قصور معاف ڪندڙ آهي. جڏهن مسلمان عيد گاهہ ڏانهن وڃڻ لڳندا آهن تہ الله تعاليٰ پنهنجي فرشتن کان پڇندو آهي. "منهنجا فرشتئو! ان مزدور جو صلو ڇا هجي جنهن پنهنجي رب جو ڪم پورو ڪيو؟ فرشتا وراڻيندا آهن. "اي اسان جا معبود! اي اسان جا مالڪ! اهڙي مزدور جو صلو اهو هجڻ گهرجي تہ کيس پوري پوري ڏهاڙي (مزدوري) ڏني وڃي." ان تي الله تعاليٰ جو حڪم ٿيندو آهي، "فرشتئو! اوهين سڀ شاهد رهو تہ مون پنهنجي انهن ٻانهن کي جن رمضان جا روزا بہ رکيا ۽ تراويح بہ پڙهندا رهيا ان جي صلي ۾ پنهنجي رضا سان نوازي ڇڏيو ۽ کين بخشي ڇڏيو." وري اللهﷻ تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کي فرمائيندو آهي، "منهنجا پيارا ٻانهؤ! گهرو مون کان جيڪو ڪجهہ گهرڻو اٿو مون کي پنهنجي عزت جو قسم! مون کي پنهنجي بزرگي جو قسم! اڄ عيد جي هن ميڙاڪي ۾ توهين پنهنجي آخرت سنوارڻ لاءِ مون کان جيڪو ڪجهہ گهرندئو ڏيئي ڇڏيندس ۽ پنهنجي دنيا ناهڻ لاءِ جيڪو گهرندؤ ان ۾ بہ اوهان جي ڀلائيءَ لاءِ ڏسندس. جيستائين اوهان مون ڏانهن ڌيان ڪندؤ آءٌ اوهان جي ڏوهن کي لڪائيندس. مون کي پنهنجي عزت جو قسم! مون کي پنهنجي بزرگيءَ جو قسم! آءٌ اوهان کي مجرمن آڏو بنهہ ذليل ۽ خوار نہ ڪندس. هلي اچو پنهنجي گهرن ڏانهن."

**عيد جي رات جي اهميت:** فقهاءَ حضرات عيد جي رات جاڳڻ کي مستحب ڪوٺيو آهي. ان ڪري آخري رات يعني عيد واري رات جاڳڻ گهرجي پر ان ۾ وڌيڪ الله تعاليٰ جي قرب حاصل ڪرڻ جا ڪم ڪرڻ گهرجن. ائين نہ ٿئي جو انسان اهڙا بي حيائيءَ جا ڪم ڪري جن جي ڪري ڪيل عمل بہ چٽ ٿي وڃن.

امام شافعي رحمه الله ڪتاب "مشات من الله" ۾ لکي ٿو تہ پنج راتيون دعا

Marfat.com

قبول پوڻ جون آهن. (1) جمعي جي رات (2)۔(3) ٻنهي عيدن جون راتيون. (4) 27 رجب جي رات (5) شعبان جي پندرهين رات. هڪ حديث شريف ۾ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو "جيڪو ماڻهو عيد الفطر جي رات ۽ عيد الاضحيٰ جي رات جاڳيو ان جي دل ان ڏينهن مرده نه ٿيندي جنهن ڏينهن دليون مرده ٿينديون يعني قيامت ڏينهن هر پريشاني کان محفوظ هوندا. جنهن ڏهاڙي ماڻهو پريشان هوندا.

**پاڻ سڳورن ﷺ واري زماني ۾ عيد:** پاڻ سڳورا ﷺ معاشري جي هر فرد کي عيد جي خوشي ڪرڻ جي نه رڳو جائز اجازت ڏيندا هئا پر انهن جو پورو پورو خيال به رکندا هئا. 1۔ عورتن کي ماهواريءَ جي حالت ۾ به عيد گاهه اچڻ جي اجازت ڏيندا هئا. فرمائيندا هئا ته گهٽ ۾ گهٽ دعا ۾ ته شريڪ ٿي سگهن ٿيون. 2۔ امير ماڻهو گهوڙن تي چڙهي عيد گاهه ڏانهن ايندا هئا پر غريب ماڻهن جي ڪري پاڻ سڳورن ﷺ پنڌ اچڻ کي مستحب ڪيو. 3۔ نوجوانن کي ثقافتي شغل ڪرڻ جي پڻ اجازت ڏيندا هئا. پر ان ۾ بيحيائي وارن ڪمن کان روڪيندا هئا. 4۔ فطرو واجب ڪري غريبن جي مدد جو طريقو پڻ ٻڌايائون.

**عيد جي ڏينهن وارا مستحب (پسند ڪيل) ڪم:** 1۔ وار ڪترائڻ 2 ننهن ڪترڻ 3۔ وهنجڻ 4۔ ڏندڻ ڏيڻ 5۔ سنا ۽ صاف ڪپڙا پائڻ (نوان ڪپڙا هجڻ ضروري نه آهي). 6۔ فطرو عيد کان اڳ ۾ ادا ڪرڻ 7۔ عيدگاهه ڏانهن پنڌ وڃڻ 8۔ عيد گاهه ڏانهن هڪ رستي کان وڃڻ ۽ ٻي رستي کان موٽڻ 9۔ نماز کان اڳ ۾ ڪجهه کجور کائڻ يا ڪا به مٺي شئي کائڻ 10 خوشي جو اظهار ڪرڻ 11۔ خيرات گهڻي ڪرڻ 12۔ عيد گاهه ڏانهن ادب ۽ احترام سان وڃڻ ۽ نظر جهڪائي هلڻ 13۔ هڪٻئي کي مبارڪ ڏيڻ (پاڪر پائي عيد گاهه ۾ ملڻ کي پابند بنائڻ غلط آهي). 14 تڪبيرون پڙهڻ 15۔ خوشبو لڳائڻ وغيره.

**عيد جون غلط ريتون ۽ رسمون:** سين جي پچائڻ کي ضروري سمجهڻ. 2۔ فضول خرچ ڪرڻ 3۔ مٺن مائٽن کي خرچي ڏيڻ کي ضروري سمجهڻ (جڏهن ته غريبن کي خيرات طور ڏجي) 4۔ هڪ ٻئي جي گهر ڪاڌي پيتي جي شين جي مٺاسٽا کي ضروري سمجهڻ 5۔ نوان ڪپڙا بنا طاقت جي به

Marfat.com

خريد ڪرڻ اهي ڪم هڪبئي جي لاءِ پابند ۽ ضروري نہ بڻائجن ورنہ بدعت تي ويندا. ڪڏهن ڪڏهن بنا پابنديءَ جي وس آهر ڪجن تہ ڪو بہ حرج نہ آهي. نوان ڪپڙا خريد ڪرڻ ضروري نہ آهي پر پنهنجن ڪپڙن مان صاف ۽ سٺا پائڻ مستحب آهن. هڪ ڀيري حضرت عمر ﷺ پاڻ سڳورن ﷺ لاءِ عيد جو وڳو خريد ڪيو ۽ چيائين تہ اوهان عيد ڏهاڙي يا مختلف ملڪن جي وفدن سان ملاقات وقت پائيندا ڪريو. تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ ڪين سختيءَ سان روڪيو ۽ فرمايائون تہ "مسلمان کي اهو نٿو جڳائي تہ اهڙو ملهائتو لباس پائي."

**عيد الفطر جا احڪام ۽ مسئلا:** 1ـ نماز عيد کان پهرين جيستائين ماڻهو گڏ ٿين، تيستائين خطيب يا امام کي گهرجي تہ عيد جا ضروري احڪام ۽ مسئلا بيان ڪري. 2ـ نماز کان پوءِ بہ اهڙا احڪام ٻڌائي سگهجن ٿا. 3ـ نماز شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ صفون نيڪ ڪجن ۽ نماز پڙهڻ جو پورو طريقو بيان ڪيو وڃي. 4ـ نماز کان پوءِ عربيءَ ۾ خطبو پڙهڻ ضروري آهي. 6ـ عيد الفطر جو روزو رکڻ حرام آهي ڇو تہ اهو کائڻ پيئڻ ۽ خوشيءَ جو ڏينهن آهي.

**عيد جي نماز پڙهڻ جو وقت:** 1ـ عيد الفطر ڪجهہ دير سان پڙهڻ گهرجي. پاڻ سڳورن ﷺ نجران ۾ عمر بن حزم کي لکيو تہ نماز عيدالاضحيٰ جلدي پڙهو ۽ نماز عيدالفطر دير سان پڙهو ۽ ماڻهن کي نصيحت ڪريو. 2ـ عيد الفطر جو وقت هڪ نيزي جي برابر سج مٿي چڙهڻ کان وٺي اڌ ڏينهن تائين آهي. پر زوال کان اڳ ۾.

**فطري جا احڪام ۽ مسئلا:** حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما کان روايت آهي تہ رسول ﷺ روزن کي فضول ۽ اجاين ڳالهين کان پاڪ ڪرڻ لاءِ مسڪينن کي کاڌي کارائڻ جي بندوبست لاءِ فطرو واجب ڪيو. (ابو دائود) 2ـ فطرو هر مسلمان مرد ۽ عورت تي ادا ڪرڻ واجب آهي، جنهن وٽ چاندي يا سون جي نصاب يا ايترا اسباب (سامان، ملڪيت وغيره) ضروري حاجت کان وڌيڪ هجن ۽ اهي واپار جا نہ هجن. 3ـ جنهن روزا نہ رکيا هجن پر اهو صبح صادق کان ٿورو پهر نصاب جو مالڪ ٿي ويو ۽ اهو عيد جو ڏينهن هجي تڏهن بہ فطرو ڪڍڻ واجب آهي. 4ـ نابالغ اولاد

Marfat.com

جو ۽ مجنون (چريو) جي پاران بہ فطرو ڪڍڻ پيءُ تي واجب آهي. جيڪڏهن اولاد نصاب جو مالڪ نہ هجي تہ پاڻ سندس مال مان ادا ڪري. 5۔ جيڪو ٻار صبح صادق کان پوءِ پيدا ٿيو ان جو فطرو نہ آهي. 6۔ جيڪو ماڻهو صبح صادق کان پهريائين فوت ٿيو ان جو بہ فطرو نہ ٿيندو. 7۔ عيد گاهہ وڃڻ کان پهريائين فطرو ادا ڪرڻ مستحب آهي. پر بعد ۾ بہ جائز آهي. 8۔ فطرو هڪ محتاج کي بہ ڏيئي سگهجي ٿو. 9۔ جنهن کي زڪوات ڏيئي سگهجي، ان کي بہ فطرو ڏيئي سگهجي ٿو. 10۔ فقہ حنفيءَ مطابق ڪڻڪ فطري ۾ نصاب طور صاع (اڌ ٽويو) ڏجي، جنهن جي تور اٽڪل پوڻا بہ سير ٿيندي آهي. 11۔ فطري ۾ انُ يا ان جي جاءِ تي پئسا بہ ڏيئي سگهجن ٿا.

**جمعي جي عيد بابت غلط فهميون:** ڪجهہ ماڻهو سمجهندا آهن تہ هڪ ڏينهن بہ خطبا نہ ڏيڻ گهرجن ڇو تہ اهي ڳرا ٿيندا آهن. پر جڏهن تہ پاڻ سڳورن ﷺ ۽ خلفاءِ راشدين جي دور ۾ بہ جمعي جون عيدون ٿينديون رهيون ۽ بہ خطبا پڙهيا ويا. يعني عيد ۽ جمعي جي خطبي ۾ ڪا بہ وهم جي ڳالهہ ڪا نہ هئي. سيني فقهاءَ حضرات جو اتفاق آهي تہ جيڪڏهن هڪ ئي ڏينهن بہ تقريبون گڏ ٿين تہ اها وڏي برڪت ۽ سعادت جي ڳالهہ آهي. ڇو تہ ماڻهو الله وٽ جڻ وڌيڪ حاضر ٿيو.

❊❊❊

Marfat.com

# عيدالاضحيٰ ۽ قرباني

حافظ عبدالوهاب مگريو/ليڪچرار اسلاميات

## عيد االاضحيٰ جو مفهوم:

اضحية معنيٰ ٻڪري جيڪا عيد تي ڪُٺي وڃي. مسلمانن جي هيءَ عيد ڏهين ذي الحجة تي ملهائي ويندي آهي.

بقره عيد: (ڍڳيءَ جي عيد) بکرا عيد (ٻڪر واري عيد).

وڏي عيد: هن کي وڏي عيد ٻـ چيو ويندو آهي، ڇاڪاڻ تـ حضرت اسماعيل عليہ السلام وڏي قرباني ڏني هئي.

## عيد الاضحيٰ جي اهميت:

پاڪستان ۾ عيدالفطر جي ڀيٽ ۾ عيد الاضحيٰ کي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آهي. ان ڪري ان کي وڏي عيد چيو ويندو آهي. جڏهن تـ ٻين اسلامي ملڪن ۾ عيدالفطر کي وڌيڪ اهميت ڏني ويندي آهي. پاڻ سڳورا ﷺ هن عيد جو ڪو خاص اهتمام نـ ڪندا هئا. قرآن مجيد ۾ پڻ ان کي ملهائڻ جو ڪو حڪم ڪين ڏنو ويو آهي. البتہ ان جو ثبوت احاديث نبويہ مان ملي ٿو. پر انهيءَ عيد تي خاص قربانيءَ جي گوشت جا احڪام قرآن مجيد ۾ وڌيڪ ٻڌايا ويا آهن.

## عشره ذي الحجة جي اهميت:

عن ابن عباس رضی الله تعالیٰ عنهما قال قال رسول الله ﷺ مامن ايام العمل الصالح فيهن احب الی الله من هذه الايام العشر قالوايا رسول الله ﷺ ولا الجهاد فی سبيل الله قال ولا الجهاد فی سبيل الله قالوا ولا الجهاد فی سبيل الله (الا رجل خرج بنفسه وماله فلم يرجع) من عشر ذی الحجة (بخاري)

عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنهم جو بيان آهي تـ تي پيرا ماڻهن

Marfat.com

سوال ڪيو تہ "اي الله جا رسول ﷺ! ذي الحج جي پهرين ڏهن ڏينهن ۾ اُهو کهڙو نيڪ عمل آهي جيڪو الله کي سيني کان وڌيڪ محبوب آهي؟ تہ الله جي راهہ ۾ پنهنجي جان ۽ مال سان جهاد ڪرڻ ۽ شهيد ٿيڻ." پاڻ ﷺ ٽئي ڀيرا اهو ئي جواب ڏنائون.

الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليہ السلام سان ٽيهہ راتين جو وعدو ڪيو ۽ ڏه راتيون اجان وڌايائين. مفسرين چون ٿا تہ اهي ذي الحجة جون پهريون ڏهہ راتيون هيون.

## عيدالاضحيٰ جا احڪام ۽ مسائل:

* نمازِ عيد کان پوءِ ڪائڻ سنت آهي، ڪي ماڻهو عيد کان اڳ ۾ نہ ڪائڻ کي روزو سمجهندا آهن جڏهن تہ اهو سمجهڻ غلط آهي.
* جانور جي قرباني عيد جي نماز کان پوءِ ڪئي وڃي ٿي ۽ اها روايت پوري اسلامي دنيا ۾ هلندڙ آهي.
* عورتون عيد جي نماز گهرن ۾ نہ پڙهن. البتہ چاشت جا نفل پڙهي سگهن ٿيون.
* نمازِ عيد کان پوءِ دعا گهرجي. خطبي کان پوءِ نہ گهرجي.
* عيد الاضحيٰ جي نماز ۾ جلدي ڪرڻ گهرجي.
* جيڪڏهن ڪنهن جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي نماز ختم ٿي وئي تہ اڪيلي سر نماز نہ ٿيندي، ڪنهن ٻئي جڳهہ تي وڃي پڙهي يا چار ماڻهو هجن تہ ڪنهن ٻئي جاءِ تي جماعت ڪن. (باقي احڪام عيدالافطر وارا آهن).

## حرام روزا:

ڏهين ذي الحجة کان تيرهن ذي الحجة تائين روزا رکڻ حرام آهن

## تڪبيرون:

ڇهہ تڪبيرون اضافي لڳايون ويندڀون آهن.

## قرباني تاريخ جي آئيني ۾:

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي دعا ۽ حضرت اسماعيل عليہ السلام جي پيدائش ۽ قرباني:

Marfat.com

(الف) رَبِّ هَبْ لِيْ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ۝ (ترجمو منهنجا پالڻهارا مون کي نيڪن منجهان (اولاد) عطا فرما)

(ب) فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ ۝ ترجمو: پوءِ اسان کيس بردبار نينگر جي خوشخبري ڏني سين.

(ج) فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ قَالَ يٰبُنَيَّ اِنِّيْۤ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْۤ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى ترجمو: پوءِ جڏهن ساڻس هو جوانيءَ کي پهتو تہ پڻس چيو تہ اي منهنجا پٽ! مون خواب ۾ توکي ڪهندي ڏٺو آهي. سو تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟

(د) قَالَ يٰۤاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ ؗ سَتَجِدُنِيْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ ۝ ترجمو: چيائين اي منهنجا پيءُ! توکي جيڪو حڪم مليو آهي سو ڪر. جيڪڏهن الله چاهيو تہ عن قريب مون کي صبر ڪندڙن مان لهندين.

وَ فَدَيْنٰهُ بِذِبْحٍ عَظِيْمٍ ۝ ترجمو: "۽ اسان ان جي بدلي طور هڪ وڏو ذبيحو ڏنو سين". پاڻ سڳورن ﷺ انهيءَ يادگار کي ملهائڻ لاءِ جانورن جي قربانيءَ جو طريقو سيکاريو. سمورين عبادتن ۾ رڳو حج جي موقعي تي قرباني واجب آهي ۽ جيڪي حج تي نہ تا وڃي سگهن. سي حج جي ياد ۾ قرباني ڪن. حج نائين هجري ذي الحج جي مهيني ۾ فرض ٿيو. اهو ڏينهن الله تعاليٰ جي خوشنودي ۽ سنت ابراهيم عليہ السلام جي پيرويءَ جو ڏينهن آهي.

## قربانيءَ جا طريقا / نظريا:

اسلام کان اڳ عرب ۾ جاهليت واري دور ۾ بہ انساني ۽ حيواني قرباني ڪري الله جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جو طريقو اڪثر مذهبن ۾ رائج هو خصوصاً عربن ۾ قربانيءَ جو طريقو اهو هو تہ ماڻهو جانور کي ذبح ڪري بتن جي پيرن ۾ اڇلائيندا هئا. ڪڏهن مئل جي قبر تي جانور ٻڌي ڇڏيندا هئا ۽ ان کي گاهہ نہ وجهندا هئا. جيڪو اٽين ئي اُڃ ۽ بک ۾ تڙپي تڙپي مري ويندو هو. اهل عرب اهو پڻ سمجهندا هئا تہ خدا رت جي نذراني سان خوش ٿيندو آهي. ان ڪري قرباني ڪري عبادت خاني جي پٽ تي رت جا نشان ٺاهي ڇڏيندا هئا.

يهودين ۾ وري قربانيءَ جو اهو رواج هو تہ جانور جو گوشت ساڙي ڇڏيندا هئا. سندن اهو پڻ عقيدو هو تہ اها قرباني الله جي غذا آهي.

Marfat.com

ڪجھ مذهبن ۾ اهو عقيدو هو تہ قربانيءَ جو گوشت ڳجھن ۽ ڪانوَن کي کارايو وڃي.

پاڻ سڳورن ﷺ جي دين انهن سمورين غلط رسمن کي متائي ڇڏيو. ان ڪري قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو:

لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَلَا دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ

ترجمو: الله کي هرگز جانورن جو گوشت ۽ خون نہ ٿو رسي، بلڪ ڪيس اوهان جي تقويٰ رسي ٿي. (الحج_37)

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ چئو تہ منهنجي نماز ۽ منهنجي قرباني ۽ منهنجو مرڻ ۽ جيئڻ الله جي لاءِ آهي. جيڪو سمورن جهانن جو پالڻهار آهي. (الانعام:162)

## قربانيءَ جو وجوب ۽ طريقا:

حضرت ابو رافع ﷺ چوي ٿو تہ جڏهن رسول ﷺ قرباني جو ارادو ڪيو تہ پاڻ ان مقصد لاءِ ٻہ ٿلها، تازا ۽ تندرست دُنبا خريد ڪيا. عيد الاضحيٰ جي ڏينهن سڀ کان پهريائين نماز ادا ڪيائون پوءِ ماڻهن کي خطبو ڏنائون. پاڻ ﷺ سدائين عيدگاهہ ۾ جانور ذبح ڪندا هئا. پهرين دُنبي ڪهڻ وقت فرمايائون تہ هيءُ منهنجي اُمت جي طرفان آهي. ٻيو ذبح ڪيائون تہ فرمايائون هيءُ منهنجي پارن ۽ منهنجي خاندان پارن آهي"

(راوي علي بن حسين جنهن جو تعلق رسول الله ﷺ جي خاندان سان هو چوي ٿو تہ بني هاشم جو سمورو خاندان انهيءَ قرباني کي پنهنجي طرفان ڪافي سمجهندو هو ۽ ٻيو ڪو نہ ڪندو هو(نيل الاوطار).

حج جي موقعي تي پاڻ سڳورن ﷺ حاجين جي لاءِ هڪ سئو اٺ ڪُنا هئا.

صحابہ ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم عيد الاضحيٰ جي ڏينهن قرباني کي نفلي عبادت قرار ڏيندا هئا.

حج جي موقعي تي پاڻ سڳورن سان گڏ هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو گڏ هئا. پر انهن مان ڪجھ ماڻهن قرباني ڪئي هئي.

سعيد بن المسيب ۽ امام شعبي جيڪي تابعين جو درجو رکندڙ هئا

Marfat.com

سي قرباني جي بجاءِ ان جي قيمت خيرات طور ڏيڻ زياده فضيلت وارو ڪم چوندا هئا.

حضرت بلال رضي الله عنه قرباني جي ڏينهن هڪ ڪُڪڙ ڪُهيو. جڏهن ڪانئس ان بابت پڇيو ويو ته فرمايائين منهنجي نزديڪ قرباني جي قيمت سان ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪرڻ جانور ذبح ڪرڻ کان بهتر آهي. *(المحليٰ ابن حزم ج هفتم ص ـ 356).*

امام شافعي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "ڪتاب الام" ۾ لکي ٿو ته ابوبڪر رضي الله عنه ۽ عمر رضي الله عنه پوري زندگي قرباني ڪين ڪئي، ڇاڪاڻ ته متان ماڻهو ان کي ضروري سمجهن. علامه سرخسي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "مبسوط" ۾ لکي ٿو ته هڪ صحابي ابو مسعود رضي الله عنه انصاريءَ وٽ سدائين هزارين رڍون ۽ ٻڪريون هيون، پر ان ڪڏهن به عيدالاضحيٰ جي موقعي تي جانور ذبح نه ڪيو ته متان ماڻهو قرباني کي عام سمجهن.

ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنهما جنهن قرآن مجيد جو پهريون تفسير لکيو پاڻ به قرباني ڪين ڪندو هو. هڪ ڀيري تمام گهڻا ماڻهو عيد جي ڏينهن سندس گهر آيا. پاڻ پنهنجي خادم عڪرمه کي ٻه درهم ڏيئي بازار مان گوشت گهرايائون. پاڻ انهيءَ گوشت ڏانهن اشارو ڪندي فرمايائون ته هيءَ ابن عباس جي قرباني آهي (بداية ابن رشد).

## مختلف مذاهب و مسالڪ ۾ قرباني:

فرقه ظواهر جي نزديڪ: ظاهري مذهب جي امام حضرت بلال رضي الله عنه جي عمل مان استدلال وٺندي ڪُڪڙ جي قرباني جائز سڏي آهي. فرقه اهل حديث جي نزديڪ اهل حديث جي هڪ گروه اهلِ حديث (غربآء) جو به حضرت بلال رضي الله عنه جي عمل تي استد لال آهي. *(فتا ويٰ ستاريه)*

فقهاء ڪرام: رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم ۽ صحابه ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم جي عمل کي سامهون رکندي امت مسلمه جي فهقاء جي اڪثريت جي فتويٰ آهي ته قرباني سنت رسول آهي. جيڪو قرباني ڪندو سو ثواب ڪٽندو. جيڪڏهن ڪو نه ڪندو ته شريعت ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪين ڪندي *(الفقه عليٰ مذاهب الاربعه ج1 صفحه 593.)*

Marfat.com

ڪجھ فقهاء جو چوڻ آهي تہ پوري خاندان جي لاءِ صرف هڪ قرباني ڪرڻ سنت آهي.

ڪجھ علماء جو استدلال آهي تہ جيئن پاڻ سڳورن ﷺ هڪ ڀيرو حج ڪيو. اهڙيءَ ريت قرباني بہ هڪ ڀيرو ڪرڻي هوندي آهي. ابو رملہ مخنف بن سليم کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ عرفات جي ميدان ۾ فرمايو تہ هر گهر وارن تي هر سال هڪ قرباني آهي. *(المحليٰ لابن حزم ج هفتم صف 357).*

*(امام ابن هزم چوي ٿو تہ اها حديث ڪوڙي آهي)*

## عرب ملڪن ۾ قرباني:

ڪنهن بہ محلي ۾ هڪ قرباني ٿيندي آهي.

ڪو بہ زندگي ۾ هڪ ڀيرو قرباني ڪندو آهي.

ڪنهن بہ خاندان ۾ هڪ قرباني ٿيندي آهي.

## برصغير ۾ قرباني:

برصغير ۾ ڪي ماڻهو قرباني کي فرض سمجهن ٿا. پڻ حج جو رڪن سمجهن ٿا. جڏهن تہ قرباني حج جي موقعي تي بہ رڳو "حج تمتع" جي قسم ۾ آهي، جيڪا تلافي آهي، پر اها پڻ رعايت آهي تہ جيڪڏهن ان جي بجاءِ حاجي ڏهہ ڏينهن روزا رکي تڏهن بہ نيڪ آهي (بقره 194).

## قرباني جا احڪام ۽ مسائل:

هر مرد و عورت، مقيم، صاحبِ نصاب هجي ۽ سندس اسباب روزمره ضرورت کان وڌيڪ هجن تہ قرباني ڪري.

قرباني عيد نماز کان وٺي ٻارهين ذي الحجة جي سج لهڻ تائين ڪري سگهجي ٿي.

قرباني ڪرڻ سنت ۽ نماز عيد ادا ڪرڻ واجب آهي.

قربانيءَ جي گوشت جا ٽي حصا ڪيا ويندا. هڪ حصو پنهنجي لاءِ، ٻيو مٽن مائٽن لاءِ ۽ ٽيون حصو مسڪينن ۽ غريبن لاءِ. ان ڪانسواءِ قربانيءَ جي جانور واري رسي پڻ صدقي ۾ ڏني وڃي. قربانيءَ جي ڪا بہ شيءِ مزوريءَ ۾ ڪاسائيءَ کي نہ ڏني وڃي. هڪ اهم ڳالهہ تہ قرباني ڪندڙ ماڻهو قربانيءَ تائين پنهنجا وار ۽ نهن نہ لاهي.

Marfat.com

## قربانيءَ جا جانور:

اٺ، ٻڪرو/ٻڪري هڪ سال جا. دنبو ڇهن مهينن جو رڍ هڪ سال جي، ڳئون ۽ مينهن ٻن سالن جون.

اٺ، ڳئون ۽ مينهن ۾ ست ماڻهو ڀائيوار ٿي سگهن ٿا. خصي جانور ۽ جنهن جا سڱ نه نڪتا هجن، قربانيءَ واسطي نيڪ آهن. البت قرباني وارو جانور بي عيب هجي. منڊو، ڪاڻو انڌو يا ڪو حصو ٽئين حصي کان وڌيڪ ڪٽيل هجي ته عيبدار چئبو ۽ عيبدار جانور قربان ڪرڻ درست نه آهي.

قرباني جي جانورن جي کلن واسطي امام مالڪ ﷬ فرمائي ٿو ته جيڪي صحابه قرباني ڪندا هئا سي انهن مان مشڪيزه (کليون، پکالون) ناهيندا هئا. (موطا امام ملڪ ج ا صف 321)

امام ابو حنيفه ﷬ جي نزديڪ رڳو ضرورت جي سامان جي عوض کلن جو وڪرو جائز آهي.

امام عطا جي نزديڪ کلون نقد رقم جي عوض به وڪڻي سگهجن ٿيون. (بوات المجته 120 صف 355) ء

امام شعبي ﷬ کان پڇيو ويو ته قرآن جي هيءَ آيت پڙهيائون....

لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَلَا دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ ؕ

ترجمو: الله کي هرگز جانورن جو گوشت ۽ خون نه ٿو رسي بلڪ ڪيس اوهان جي تقويٰ رسي ٿي.(الحج_37)

يعني جيڪڏهن چاهي ته کل وڪڻي، چاهي ته ذاتي استعمال لاءِ پاڻ وٽ رکي. (المحلي لابن حزم جلد هفتم صف 385)

قربانيءَ جي دعا:

جانور ذبح ڪرڻ کان اڳ ۾ هي آيتون پڙهجن: اِنِّىْ وَجَّهْتُ وَجْهِىَ لِلَّذِىْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۚ﴿﴾ (الانعام:79) مون پنهنجو چهرو بڪنسو ان (الله) ذاتهن ڪيو جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ مان مشرڪن منجهان نه آهيان. ۽ هي ملائي پڙهي اِنَّ صَلَاتِىْ وَنُسُكِىْ وَمَحْيَاىَ وَمَمَاتِىْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿﴾ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿﴾ (الانعام_163)

بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجي قرباني ۽ منهنجو مرڻ ۽ جيئڻ الله جي لاءِ آهي، جيڪو سمورن جهانن جو پالڻهار آهي.

Marfat.com

پوءِ بسم الله الله اڪبر چئي ذبح ڪري.

وري ذبح کان پوءِ هيءَ دعا پڙهي.

اللهم تقبل منی- يا الله مون کان قبول فرما (ان جاءِ تي قرباني واري جو نالو ونجي).

هي لفظ بہ آيل آهن... اللهم تقبله منی کما تقبلت من حبيبك محمد وخليلك ابراهيم عليهما الصلواة والسلام.

يا الله اها قرباني مون کان قبول ڪر. جيئن تو پنهنجي پياري حضرت محمد ﷺ ۽ پنهنجي دوست حضرت ابراهيم عليه السلام (ٻنهي تي درود سلام هجن) کان قبول ڪئي.

❊❊❊

Marfat.com

ڪلمو پاڪ بہ اهڙي ڳالھ تي دارومدار رکي ٿو. فقط ڪجھ لفظن چوڻ سان ڪو بہ فرق نٿو ٿئي جو هڪ ماڻهو ڪافر مان مسلمان، دوزخي مان بهشتي، مردود مان محبوب، ناپاڪ مان پاڪ ٿئي. پر اهو فرق تڏهن ئي ٿئي ٿو جڏهن انهن لفظن جو مطلب چڱي طرح سمجهيو وڃي ۽ اهو دل سان لڳي ۽ اهو چڱي طرح احساس هجي تہ اوهين پنهنجي خدا جي سامهون ۽ سچي دنيا جي اڳيان ڪيڏي نہ وڏي ڳالھ ڪري رهيا آهيو. ان سان توهان ڪيڏي نہ وڏي ذميواري ڪنئي آهي. ايتري سمجهڻ کان پوءِ اهڙي ڪنهن بہ ڳالھ کي دل ۽ دماغ ۾ جڳھ والارڻ نہ گهرجي جيڪا ان ڪلمي جي خلاف هجي ۽ زندگي جي هر موڙ تي اهو ڪلمو ئي توهان جو رهبر هجي ۽ انهي جو ئي پابند هئڻ گهرجي. اهڙي طرح هڪ ڪلمي پڙهندڙ انسان ۽ ڪلمي جي انڪاري انسان ۾ ايڏو وڏو فرق ٿئي ٿو.

ڪلمي پاڪ ۾ اثبات ۽ نفي جو ذڪر آهي. يعني ان ڪلمي جي پهرين حصي ۾ ڪوڙن خدائن جو انڪار ڪيو ويو آهي ۽ ٻئي حصي ۾ الله جو اقرار شامل آهي تہ فقط اها ئي پاڪ ذات آهي جيڪا اعليٰ ۽ عبادت جي مستحق آهي، ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ عبادت جي لائق ڪونهي ۽ حضور ﷺ الله جو سچو رسول آهي. پوءِ جڏهن ماڻهو ان ڳالھ کي سمجهي ٿو ۽ پنهنجي ايمان و عمل ۽ سچي نيت سان ان جو اقرار ڪري ٿو تہ پوءِ اهو سچو مسلمان آهي.

ڪلمي ۾ جيڪو لفظ "الله" استعمال ٿيو آهي، ان جو مطلب آهي خدا. ۽ خدا ان کي چئبو آهي، جيڪو مالڪ، حاڪم ۽ خالق هجي. پالڻ ۽ نپائڻ وارو، دعائن ٻڌڻ وارو ۽ انهن کي قبول ڪندڙ ۽ ڏکئي وقت ۾ ڪم ايندڙ هجي. هاڻي اهو مڃون ٿا تہ هي دنيا بغير خدا جي نہ آهي. پر هن ڪائنات کي ڪا ذات هلائيندڙ آهي ۽ اهو الله تعاليٰ ئي آهي. جيڪو پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ هيڪلو آهي، ان جو ڪو بہ شريڪ ڪونهي ۽ نہ ئي ٿيندو. اهو ئي هن ڪائنات جو خالق آهي، هر شيءِ ان جي حڪم هيٺ ۽ تابع آهي. مصيبت ۽ راحت ان جي طرفان آهي، ڊڄڻ گهرجي تہ ان کان ئي ڊڄڻ گهرجي، سر جهڪائڻ گهرجي تہ ان جي سامهون. ٻانهپ ڪئي وڃي تہ صرف ان جي ۽ اهو انجام ۽ واعدو اسين "لااله الا الله" چئي ڪري ڪيون ٿا. اگر ان جي پيچڪڙي ڪئي ويندي تہ توهان جي جسم جو هر عضوو اوهان

Marfat.com

جي ڪوڙي انجام جي گواهي ڏيندو چو تہ ان ڪان ڪا بہ ڳالهہ لڪي نٿي سگهي، ايستائين جو اسين ساهہ کڻون ٿا تہ ان پاڪ ذات جي مرضيءَ سان.

پوءِ "محمد رسول الله" چئون ٿا، ۽ ان جو مطلب آهي تہ اوهان قبول ڪري چڪا آهيو تہ الله هڪ آهي، ان جو ڪو بہ شريڪ ڪو نہ آهي، هو قادر مطلق ۽ هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي. ۽ پوءِ اهو مڃيو ٿا تہ محمد ﷺ الله جو پيارو ۽ سچو رسول آهي ۽ ان جي وسيلي ئي الله پنهنجا قانون موڪليا آهن.

الله تعاليٰ صرف ايترو فرمايو تہ "نماز قائم ڪريو" پر اهو نہ فرمايائين تہ ڪهڙي ريت قائم ڪجي پوءِ ان جا طور طريقا اسان کي حضور ﷺ جي پاڪ عمل ۽ ڪردار مان مليا ۽ اهڙي ريت ٻين عملن جو حال آهي. هاڻي جيڪڏهن اوهين ڪلمي جي معنيٰ ڄاڻو ٿا ۽ سوچي سمجهي ان جو اقرار ڪريو ٿا، تہ پوءِ اوهان کي هر حال ۾ الله ۽ ان جي رسول جي رستي جي پيروي ڪرڻي پوندي، جيڪا انسان کي سڌو جنت ڏانهن وٺي وڃي ٿي. اوهين اهو بہ اقرار ڪريو ٿا تہ هيءُ سڀ شيون الله جون آهن ۽ پوءِ ان کي وري پنهنجو سمجهڻ اها هڪ اڻنگي ڳالهہ آهي. اسان جي دل ۾ صرف اهو عقيدو هئڻ کپي تہ اهو ئي پاڪ پروردگار آهي ۽ هر شيءِ تي قدرت ۽ طاقت رکندڙ آهي. هڪ پن بہ ان جي اجازت کانسواءِ چري نٿو سگهي ۽ هي جان ۽ مال بہ ان جي ملڪيت آهي، جيڪڏهن هو ان ۾ راضي آهي تہ هيءَ جان ڪنهن مصيبت ۾ قاتل جي ڪم اچي تہ اها ان جي ملڪيت آهي. اسان جان ڏئي ڪنهن ٻئي تي ڪو ٿورو يا احسان نٿا ڪريون. اهو هڪ مسلمان جي شان وٽان ڪونهي تہ هو ڪنهن تي احسان ڪري ۽ پوءِ تعريف ٻڌي خوش ٿئي پر ان جي بدلي اسان کي خاڪساري اختيار ڪرڻ گهرجي. قرآن مجيد ۾ آهي تہ:

"ان الله اشتريٰ من المؤمنين انفسهم واموالهم بان لهم"

ترجمو: الله ايمان وارن کان انهن جون جانيون ۽ انهن جا مال خريد ڪيا آهن ۽ انهن جي عيوض انهن لاءِ جنت آهي.

***

Marfat.com

# رمضان اسانجو دوست

*ڪيپت: سعيد احمد ڪهڙو/ ڪلاس ڏهون*

لفظ رمضان جي لغوي معنيٰ آهي ساڙڻ. رمضان جو پيارو مهينو اسان لاءِ ٿڌڙي هير بڻجي اچي ٿو ۽ ان جي عظمت ۽ برڪت جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. ٻنهي جهانن جي سردار حضور اڪرم ﷺ رمضان کي "شهر عظيم۔عظيم مهينو " ۽ " شهر مبارڪ۔ مبارڪ مهينو" ڪوٺيو آهي. وڏي مان، مرتبي ۽ برڪت وارو مهينو. انهيءَ مهيني جي بلنديءَ ۽ عظمتن جوشان ۽ مرتبو تمام اوچو آهي. هر عاقل ۽ بالغ، تندرست ۽ ايمان واري (مرد ۽ عورت) لاءِ الله تعاليٰ جوحڪم آهي تہ " پوءِ جنهن شخص کي اهو مهينو حاصل ٿئي سو سموري مهيني جا روزا رکي". رمضان هڪ پيارو مهينو ۽ سلامتي وارو مهينو آهي ۽ هن مهيني ۾ سڀ کان وڏي ۾ وڏو فائدو روزو آهي جنهن بابت هڪ حديث شريف ۾ آهي تہ " جنهن رمضان جا روزا فقط الله تعاليٰ جو ثواب سمجهي رکيا تنهن جا اڳيان سيئي گناه معاف ڪيا ويا." هڪ حديث قدسي ۾ آهي تہ الله فرمائي ٿو تہ: "انسان جو هر عمل پنهنجو ٿيندو آهي پر روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ مان ئي ان جو بدلو ڏيندس"

رمضان جي روزي سان اسان کي عبادت ڪرڻ ۽ تقويٰ ماڻڻ جو موقعو ملي وڃي ٿو جيئن الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ " يا ايها الذين امنوا ڪتب عليڪم الصيام ڪما ڪتب علي الذين من قبلڪم لعلڪم تتقون" يعني " اي مومنو توهان تي رروزا فرض ڪيا ويا جيئن توهان کان اڳين امتن تي فرض ڪيا ويا تہ جيئن توهين متقي بڻجو." رمضان جومهينو الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن لاءِ نيڪيءَ جومهينو آهي. رمضان جو مهينو الله تعاليٰ جي نعمتن جي نزول جو مهينو آهي. هن مهيني لاءِ خود خدا چوي ٿو اچو جنهن جي دل چوي نيڪيءَ سان جهول ڀريو ان هڪ مهيني جو موقعو ضايع نہ

Marfat.com

ڪريو سڄي سال کان پوءِ الائي ڪنهن کي نصيب ٿئي، سحريءَ کان افطار تائين نہ کائو نہ پيو ۽ نہ ئي ڪا برائي ڪريو رمضان جي سڄي مهيني ۾ روزي رکڻ ڪري انسان الاهي قانون جو پابند ٿي پنهنجي ان بندگي جو عملي نمونو پيش ڪري ٿو جنهن لاءِ کيس الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي. ان ريت انسان ڌڻي تعاليٰ جي رضا جو حقدار بڻجي پوندو آهي، رمضان جي مهيني ۾ سڄو ڏينهن بک ۽ اڃ کي سهڻ سان هڪ طرف افطار کانپوءِ مادي لذتن جو لطف وٺڻ جو موقعو ملي ٿو تہ ٻئي طرف جسم کي آرام ملي ٿو جنهنڪري معدو صاف ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي وڃايل طاقت موٽيو اچي ان کانپوءِ تازو توانو ٿي چڱي طرح سان ڪم ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي. رمضان جي مهيني ۾ روزي رکڻ ڪري جسم ۽ روح لاءِ خاص پرهيز پيدا ٿئي ٿو جنهن ڪري نفساني خواهش جوغلبو نہ ٿو ٿئي. شيطان جو حملو نہ ٿو ٿئي ۽ انسان نفس تي صبر ۽ استقلال، محنت ۽ جفاڪشي جوعادي ٿيو وڃي. رمضان المبارڪ سموري دنيا لا ءِ رحمت ۽ بخشش جو مهينو آهي پر اسان پاڪستاني مسلمانن لاءِ هن مهيني جي خاص اهميت ان ڪري بہ آهي جو ان مهيني جي 27 تاريخ تي پاڪستان قائم ٿيو هو. هن مهيني ۾ اها قيمتي رات بہ آهي جيڪا برڪت جا خزانا کوليندي آهي. ان رات ۾ الله تعاليٰ جو پاڪ ڪلام قرآن مجيد نازل ٿيو.

سچ پچ تہ رمضان مهيني جو هر هڪ ڏينهن انسان ذات لاءِ سياڳو ڏينهن آهي ۽ ان جي هر هڪ رات انسانن لاءِ پلاري آهي. هر نئين سج اڀرڻ سان بيشمار ٻانها مالڪ جي اطاعت ۽ راضپي خاطر پنهنجي جائز خواهش ۽ مطالبن کان پاسي ٿي شاهدي ڏين ٿا تہ الله ئي سندن مطلوب ۽ مقصود آهي. سندس اطاعت ۽ ٻانهپ ۾ ئي زندگي جو راز سمايل آهي. جي هو راضي آهي تہ سمورو جڳ راضي ۽ دل شاداب آهي. ان جي راضپي سان ئي رڳن ۾ ساهہ پئجي وڃي ٿو. رات جي ٻاٽ اونداهي ۾ جڏهن بي شمار ٻانها الله تعاليٰ آڏو سسيون نوائن ٿا، سندس ڪلام ۽ ذڪر جي برڪت سان مالا مال ٿين ٿا تہ انهن جون دليون شيشي جيان چمڪي جرڪڻ لڳن ٿيون چڻڪ آسمان تي تارا. سڄوري مهيني ۾ هر وقت فيض جاري رهي ٿو جيڪو صرف ۽ صرف انسان ذات لاءِ ئي آهي. انهي فيض جا خزانا ايڏا تہ وڏا آهن جو نفل

Marfat.com

ٻه فرض جي درجي تي پهچي وڃن ٿا ۽ فرض ستر ڀيرا وڌيڪ وزني ۽ بلند ٿي ويندا آهن. رمضان شروع ٿيڻ شرط آسمان جا دروازا کوليا وڃن ٿا ۽ الله تعاليٰ جي طرفان انسان ذات لاءِ رحمتن جا مينهن وسن ٿا. نيڪي جي رستي تي سهولت ۽ توفيق عام ٿيو وڃي. جهنم جا دروازا بند ٿي ويندا آهن ۽ بدي جي رستن جي آڏو رنڊڪ ٻڌجو وڃي. شيطان جيڪو انسان ذات سان يارهن ئي مهينا گڏ هوندو آهي کيس هر وقت برغلائيندو رهندو آهي ۽ برائي طرف ڇڪيندو آهي. الله تعاليٰ جي حڪم سان اهو رمضان جو ئي مهينو هوندو آهي جنهن ۾ شيطان کي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويندو آهي. جنهن ڪارڻ برائي ڦهلائڻ جا موقعا گهٽجيو وڃن ۽ انسان انهي مان گهڻو فائدو حاصل ڪري الله جو راضپو هٿ ڪندو آهي. ان انسان لاءِ خاص خوشخبري آهي جنهن رمضان مبارڪ جا روزا رکيا سندس اڳيان ۽ پويان گناه بخشيا ويندا. اهو ماڻهو جيڪو رمضان جي راتين ۾ نماز لاءِ بيٺو ان جا ٻه گناه بخشيا ويندا ۽ جيڪو ماڻهو شب قدر ۾ جاڳي عبادت ڪندو ان جا ٻه گناه بخشيا ويندا.

***

Marfat.com

# خوابن جي حقيقت ۽ نظريہ تعبير

کيڊٽ زوهيب علي گوپانگ/ ڪلاس يارهون

خواب ننڊ جي ان ڪيفيت جو نالو آهي، جنهن ۾ موت وانگر ننڊ ۾ ساهہ جي آمد رفت ڪانسواءِ انساني جسم جون مادي سرگرميون بيهجي وڃن ٿيون.

خوابن جو اچڻ ذهن جي صحتمنديءَ جي نشاني آهي. صحتمند ۽ بيمار وجود جو فرق بہ سمهڻ ۽ خواب ڏسڻ سان ئي واضح ٿيل آهي. بيمار اهي ماڻهو هوندا آهن، جيڪي سمهي نہ سگهندا آهن. يعني انهن جي ذهني ڪيفيت ۾ سڪون نالي ڪا بہ شيءِ نہ هوندي آهي ۽ صحتمند ماڻهوءَ جي نشاني، سڪون جي ننڊ ۽ ان ننڊ ۾ ان جي روح جو پڻ متحرڪ رهڻ هوندو آهي.

خواب جي لغوي معنيٰ بہ ننڊ ۽ سمهڻ آهي. حقيقت ۾ خواب روح جي صلاحيتن مان هڪ صلاحيت آهي.

جديد سائنسي تحقيق مطابق روح جي هڪ صلاحيت (OBE) آهي، جيڪو Out of body experience يعني مادي جسم کان ٻاهرين دنيا جو مشاهدو آهي. جنهن ۾ انسان خواب جي وقت پنهنجي مادي وجود بدران، جسمِ مثالي جي ذريعي متحرڪ ۽ سرگرم هجي ٿو. ننڊ کي موت سان پيٽ ڏني ويندي آهي ۽ ٻنهي ۾ فرق صرف ايترو آهي تہ ننڊ ۾ روح جو رابطو عارضي طور تي ٽٽي پوي ٿو ۽ موت جي صورت ۾ مستقل طور تي ٽُٽي وڃي ٿو. علم نفسيات موجب خواب جو مطلب اهي تجربا آهن، جيڪي اسان ننڊ ۾ ان وقت محسوس ڪيون ٿا جڏهن شعوري قوتون تقريبا ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏين ٿيون.

اسان سڀني جي مشاهدي ۾ اها ڳالهہ اچي ٿي تہ خواب ۾ اسين مختلف جڳهن جو سير ڪندا آهيون. جڏهن تہ اسان جو جسم ننڊ جي حالت ۾

Marfat.com

بستري تي بي حس پيل هوندو آهي، تہ پوءِ خواب ۾ اسين ڪهڙي جسم سان گڏ مختلف ڪمن ۾ مصروف هوندا آهيون؟

روحاني سائنس مطابق اسان جي جسم اندر هڪ ٻيو جسم بہ آهي جيڪو جسم جي مشيني حصي ۾ موجود هوندو آهي، ان جسم کي جسمِ مثالي چئجي ٿو. هي جسم روشنين جو ٺهيل آهي ۽ بي حد نازڪ هئڻ ڪري، انسان جي عام اک کان اوجهل آهي. مادي جسم کي روح حيواني ۽ جسمِ مثالي کي روح انساني چئجي ٿو. مادي جسم جو تعلق اسان جي شعور سان ۽ جسمِ مثالي جو تعلق اسان جي لاشعور سان هوندو آهي.

اسين جڏهن سمهندا آهيون تہ روح انساني بيدار ٿي ويندو آهي. روح انساني لاءِ وقت ۽ جڳهہ رڪاوٽ نہ ٿي سگهندا آهن، تنهن ڪري چند گهڙين م هڪ ملڪ کان ٻي ملڪ وڃڻ، ڪوهين فاصلي تي ڪنهن کي ڏسڻ ۽ مئلن جي روحن سان ملاقاتون ڪرڻ ممڪن ٿي وڃي ٿو.

**خوابن جا ٽي قسم ٿين ٿا، جن ۾ :**

(1) پروردگار طرفان بشارت يا الهام جو اچڻ.

(2) شيطان جو ڊيڄارڻ.

(3) پريشان خيالات جو نظر اچڻ.

خواب جي پهرين قسم ۾ خاص بزرگن کي اشارا ملندا آهن، جنهن جو ڪنهن ڪم ڏانهن اشارو هوندو آهي يا وري ڪنهن ٿيڻ واري واقعي جي نشاندهي هوندي آهي.

ٻيو وڃي ٿو تہ هن قسم جي خوابن کانسواءِ سڀ خواب ڪوڙا آهن. جيڪي رات جي پهرين حصي ۾ نظر ايندا آهن، تنهن ڪري انهن کي ڪوڙو سمجهيو وڃي ٿو. خوابن بابت مشهور مفڪرن ۽ فيلسوفن مختلف نظريا ڏنا آهن، جن سان خوابن جي ماهيت کي سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي:

**بقراط جو خواب وارو نظريو:**

بقراط چئي ٿو تہ جڏهن انساني جسم سمهي ٿو تہ ان جو روح جاڳي ٿو ۽ هرجاءِ تي وڃي سگهي ٿو اهو هر هڪ شئي کي ڇهي، ڏسي ۽ سڃاڻي سگهي ٿو جيئن سجاڳي جي حالت ۾ ڇهي، ڏسي ۽ سڃاڻي سگهي ٿو.

**فرائڊ جو نظريو:** فرائڊ کي نفسيات جو ابو ڇيو وڃي ٿو. هن پنهنجو

Marfat.com

**خوابن جي تعبير:**

جن ماڻهن کي علم روياءَ تي عبور حاصل آهي، اهي خوابن جي صحيح حقيقت کي تورو گهڻو ظاهر ڪن ٿا.

اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ هر شخص پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ سچو خواب ضرور ڏسندو آهي.

تسلسل سان خواب ڏسڻ جو رجحان تمام گهٽ آهي، جنهن جو سبب خوابن جو شعور کان لاشعور تائين جو سفر آهي. مادي جسم سان تعلق رکندڙ شعور محدود هجي ٿو جڏهن تہ لاشعور اعليٰ يا لامحدود شعور جو نالو آهي.

عام طور اهڙا ماڻهو جن جي واقفيت، خيال ۽ دلچسپيون پنهنجي ذات تائين محدود هجن ٿيون، اهي الهامي خواب ڏسڻ جي لائق ٿي سگهن ٿا. جن جو شعور وسيع ۽ لاشعور سان تعلق مضبوط هوندو آهي. نہ تہ فهم و عقل جي محدود هئڻ جي صورت ۾ خواب ڏنڌلو ۽ منجهيل نظر اچي ٿو يا اچي سگهن ٿا، جن کي صحيح سمجهڻ مشڪل ٿيندو آهي.

منزلت رکندڙ ماڻهو الهامي خوابن کي نہ فقط سمجهن ٿا، پر انهن وٽ خوابن جي اچڻ جو رجحان تسلسل سان جاري رهندو آهي.

❊❊❊

Marfat.com

# تصوف رومي رحمة الله عليه، لطيف رحمة الله عليه ۽ اقبال رحمة الله عليه جي نظر ۾

ڪيپٽن فدا جتوئي

تصوف نفس جي پاڪيزگي، دل جي پاڪيزگي، احسان، اخلاق ۽ عشق الاهي يعني حق سان لنئن لڳائڻ جو نالو آهي. اگر اسين لفظ تصوف جي مادي تي غور ڪريون ٿا ته اسان کي مختلف محققن، عالمن ۽ دانشورن جي راءِ مطابق ڪيئي مادا نظر اچن ٿا. جيئن: صوف، صف، صفا، صفه، صوفه، صوفيا، سوفوس وغيره. محقق ۽ دانشور ان ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته "تصوف" جو مادو "صوف" کي ئي قرار ڏنو وڃي. ان ڪري جو تارڪ الدنيا عيسائي راهب اڳي اُنَ جي لباس "صوف" کي پائيندا هئا، جن کي ڏسي انهن جي پيروي ڪندي مسلمان صوفين ۽ درويشن به گيڙو ان جو لباس "صوف" پهرڻ شروع ڪيو. انهيءَ لباس جي ڪري ماڻهو کين صوفي سڏڻ لڳا.

منهنجي خيال مطابق لفظ تصوف جيڪو عربي ٻولي مان ورتل آهي، ان جو بنياد "صفا" لفظ تي سگهي ٿو. جنهن جي وصف ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي ڪتاب "جامع سنڌي لغات" ۾ ڪجهه هن طرح بيان ڪئي آهي: تصوف (ع): صفا= صاف ٿيڻ، خالص ٿيڻ، پوتر، شفاف، نرمل، اوجل.

۽ اصطلاحي لحاظ کان لفظ تصوف جي معنيٰ صاف ٿيڻ، نفساني خواهشن کان پاڪائي، دل جي صفائي، دل جو آئينو صاف ڪرڻ، رياضت ڪرڻ، وغيره. مطلب ته تصوف جي اصطلاحي معنيٰ يا مفهوم اهو آهي ته ماڻهو پنهنجو پاڻ کي سڌاري ۽ خدا جي مخلوق سان محبت ۽ پيار ڪري ۽ ان جي اصل حقيقت کي سمجهي. تصوف بابت مسٽر هچنس پنهنجي مختصر انسائيڪلو پيڊيا ۾ لکيو آهي ته "تصوف مذهبي عقيدي جو هڪ

Marfat.com

اهڙو طريقو آهي جنهن جو بنياد رب تعاليٰ جي ذات خداوندي جي حق هجڻ بابت انسان جي ذاتي ۽ روحاني تجربي ۽ مشاهدي تي آهي."

اصل حقيقت اها آهي تہ هڪ انسان جي ناتي ان کي خدا سان عشق ۽ ان جي عاجزي ڪرڻ لازم آهي. جو تہ عشق هڪ اهڙو جذبو آهي جيڪو داخلي ۽ خارجي شين کان ڊڄندو ناهي ۽ اها بہ مڃيل حقيقت آهي تہ عشق هڪ اهڙي سچائي آهي، جنهن کي ڪا بہ احتياجي طاقت فنا نہ ٿي ڪري سگهي. اهو ئي سبب آهي جو صوفين عشق کي مٿانهون درجو ڏنو آهي. صوفين جو چوڻ آهي تہ انسان صرف مادي جانور نہ هجي پر سندس مول مقصد الله تعاليٰ جو ذڪر و فڪر هجي ۽ الله کي ئي پنهنجو خالق ۽ مالڪ سمجهي، ايتري قدر جو ان جي ذڪر ۽ فڪر کان وار بہ واندو نہ ويهي. انهيءَ ڪري چوندا آهن تہ "جو دم غافل،سو دم ڪافر".

هڪ صوفيءَ کي صوفيانہ مقام ۽ منزل حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ روحاني منزلون طئي ڪرڻيون پونديون آهن. شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جهڙين منزلن مان پاڻ کي پار ڪرڻ لاءِ صوفي، نہ صرف پنهنجي اماره نفس جي برخلاف تئي تو پر هو هر انهيءَ خواهش کي ڏڪاري ٿو ڇڏي جيڪا هن جي راهہ ۾ رنڊڪ جو باعث ٿي بڻجي.

لطيف سرڪار پڻ انهن چئن منزلن جو راز جاڻائيندي فرمائي ٿو تہ:

ڪــر طريقــت تڪيــو شــريعت ســـجاڻ،
هنيون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت جاڻ،
هـوءِ ثـابوتي سـاڻ، تـہ پسـڻ کـان پـالهو رهـين.

نظرياتي لحاظ کان صوفي ٻن خاص نظرين جا حامي آهن:

1۔ وجوديہ
2۔ شهوديہ

1۔ **وجوديہ:** هي اُهي صوفي آهن، جيڪي وحدت الوجود کي مڃين ٿا. هن نظريي کي مڃڻ وارن صوفين جو اهو عقيدو آهي تہ "ڪائنات ۾ سواءِ خدا جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي، خالق ۽ مخلوق جو جوهر هڪ آهي."

هي نظريو حضرت شيخ اڪبر محي الدين ابن عربيءَ فلسفيانہ رنگ ۾

Marfat.com

پيش ڪيو. جنهن جو مطلب اهو آهي تہ هر نظر ايندڙ شئي خدا آهي ان ڪري ان جا پيروڪار "همہ اوست" (سڀ ڪجهہ هو آهي) جا پڪا مڃيندڙ آهن. سندن نعرو "هوالڪل" آهي. مطلب تہ انسان سان خدا جي نسبت ايئن ئي آهي جيئن سمنڊ جي پاڻيءَ جي قطرن سان يعني سمنڊ وحدت آهي ۽ پاڻيءَ جا قطرا ڪثرت. جيئن سج وحدت آ ۽ ڪرڻا ڪثرت تيئن خدا وحدت آ ۽ خلق ڪثرت. مرزا غالب ان ڳالهہ کي صاف ۽ واضع لفظن ۾ بيان ڪندي چئي ٿو تہ:

عشرتِ قطرہ ہے، دریا میں فنا ہو جانا.

2_ شهودي: هن نظريي کي مڃيندڙ صوفي "وحدت الشّهود" جا پيروڪار آهن. هن نظريي جي مڃيندڙن جو اهو خيال آهي تہ "هيءَ ڪائنات پاڻ خدا نہ آهي بلڪه خدا جي خلقيل آهي آهي."

هي نظريو يارهين صدي هجريءَ ۾ حضرت مجدد الفِ ثاني ﷫ پيش ڪيو. دراصل هن نظريي جو اصل مطلب اهو آهي تہ هن دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ آهي هڪ آئيني مثل آهي جنهن ۾ الاهي صفات جو عڪس نظر اچي ٿو.

اگر آءٌ انهن ٻنهي نظرين کي وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪندس تہ اُهي ڪنهن مقالي جي صورت اختيار ڪري سگهن ٿا. تنهن ڪري هتي مون ٻنهي نظرين جو صرف تت پيش ڪيو آهي. ۽ وڌيڪ مطمئن ڪرڻ لاءِ هيٺ واضع خاڪو ڏجي ٿو.

| | |
|---|---|
| وحدت الوجود : هوالڪل | وحدت الشهود: هوالهادي |
| نظريو: همہ اوست | نظريو : همہ از اوست |
| تصوف جو لاڙو: سڪون جي طرف مائل (مان ۽ هو جدا نہ آهيون) وصل | تصوف جو لاڙو : جوش جي طرف مائل (مان هن سان گڏ ۽ هو مون سان گڏ آهي) |
| اعتقاد مان ڪير؟ : اَنَاالحَقُ | اعتقاد مان ڪير؟ : اناعبدہ (آءٌ ٻانهو) |

ٻي صدي هجريءَ جي شروعات ۾ عباسين جي حڪومت جي زوال وقت اسلامي دنيا ۾ ڪجهہ اهڙا مسئلا پيدا ٿي چڪا هئا جن جي ڪري ماڻهن ۾ گمراهي ڦهلجي رهي هئي. مسلمانن جي ذاتي ۽ مذهبي زندگيءَ تي خراب اثرات پئجي رهيا هئا.

Marfat.com

ان وقت جي نهايت پيچيده ۽ نازڪ حالتن جي نتيجي ۾ پرهيزگار ۽ متقي ماڻهن جو هڪ اهڙو گروهه پيدا ٿيو جن دنيا جي طبقاتي ۽ بري ماحول کان الڳ ٿي صرف ۽ صرف خدا جي عبادت ۽ ان جي بندگي ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀلو سمجهيو. يعني انهن ان زماني جو رنگ ڏسي هڪ الڳ زندگي اختيار ڪئي. ڪجهه وقت گذرڻ بعد انهن الله لوڪ ماڻهن جي گروهه کي "صوفي" لقب سان ياد ڪيو ويو.

اسلام جي تاريخ ۾ سڀ کان اول جيڪو شخص "صوفي" لقب سان مشهور ٿيو. سو ابو هاشم ڪوفي هو. ان ڪانسواءِ اسان کي ان دور جي ٻن وڏن صوفين جابر بن حيان ۽ ذوالنون مصري جا نالا به مليا آهن. هنن ٻنهي صوفين جو ذڪر ابن نديم پنهنجي ڪتاب "الفهرست" ۾ ڪيو آهي. مطلب ته تصوف جي باقاعده شروعات ٻي صدي هجريءَ کان ٿئي ٿي. اهڙي طرح تصوف جو اهو سلسلو وقت جي رفتار سان مقابلو ڪندي اڄ دنيا جي تقريبا هر مذهب ۾ پنهنجو وجود پختو ڪري چڪو آهي.

تصوف جي وسيع تاريخ ۾ بي بي رابعه بصري، حسن بصري، معروف ڪرخي، جنيد بغدادي، منصور حلاج، امام غزالي، عبدالقادر جيلاني، فريد الدين عطار، جلال الدين رومي، خواجه نظام الدين اولياءَ، خواجه باقي باالله ۽ مجدد الفِ ثاني سرهنديءَ جهڙيون شخصيتون قابل ذڪر آهن. جيڪڏهن تاريخ تي گهري نظر وڌي وڃي ته مولانا رومي ستين صدي هجريءَ جي صوفين ۾ هڪ نمايان حيثيت رکي ٿو. مولانا رومي جي مثنوي کي جڏهن چڱي طرح پرکي ڏسون ٿا ته اسان کي سندس شاعريءَ مان تصوف، وحدانيت ۽ يگانگت جي جهلڪ نظر اچي ٿي. رومي پنهنجي مثنوي ۾ عشق الاهي کي گهڻي اهميت ڏني آهي، سندس اهو عقيدو هو ته "عشق ئي انسان جي عبادتن ۽ نيڪين جو سرچشمو آهي."

علتِ عاشق زعلت ها جدا است.
عشق اصطرلاب اسرار خدا است.

يعني عشق ڪائنات جي اها قوت آهي جنهن جي ڪري ئي ڪائنات ۾ خدا جي هر خلقيل شيءِ پنهنجي وجود حقيقي طرف مائل آهي. هڪ ٻئي هنڌ رومي ان ڳالهه کي وڌيڪ اهميت ڏيندي فرمائي ٿو ته:

Marfat.com

لاابالی عشق باشد نے خرد عقل جوید گران سودے برد

نے خدا را امتحانے می کند نے در سود زیانے می زند

رومي عشق الاهيءَ جي ڀرپور پنيرائي ڪندي چوي ٿو تہ هيءُ هڪ اهڙو جذبو آهي جيڪو دليل کان بلڪل الڳ حيثيت رکي ٿو ۽ ان کي سمجهڻ لاءِ بهترين طريقو تجربو ۽ مشاهدو ئي ٿي سگهي ٿو. ڇو تہ عشق هڪ اهڙي روحاني ڪيفيت آهي جنهن جي حاوي ٿيڻ بعد انسان پنهنجي عقلي ۽ فڪري سوچ وچائي ويهندو آهي. مطلب تہ سندس شاعريءَ ۾ روحانيت، آفاقيت ۽ وحدانيت جو هڪ نمايان سبق سمايل آهي.

رومي جي مثنويءَ مان اها ڳالهہ واضع آهي تہ سندس ذڪر ۽ فڪر جو بُڻ بنياد قرآن ڪريم آهي. سندس مثنويءَ جي باري ۾ هي شعر پوري عڪاسي ٿو ڪري:

مثنـــــوي و معنـــــوي و مولـــــوي،

هســـت قـــرآن در زبـــان پهلـــوي

اهڙيءَ طرح جڏهن لطيف جي شاعريءَ تي نظر وجهون ٿا تہ اسان کي روايت جي پابنديءَ سان گڏوگڏ جدت ۽ انفراديت پڻ محسوس ٿئي ٿي. شاهہ جي شعر جو تاجي پيٽو تصوف آهي جنهن ۾ شاهہ انسانيت ۽ عشق الاهيءَ جو پيغام ڏنو آهي. شاهہ صاحب جي شاعريءَ جي پيڙهہ قرآن شريف، مثنوي مولانا رومؒ ۽ شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي رسالي تي ٻڌل آهي. شاهہ صاحب هڪ مسلمان هجڻ جي ناتي قرآن شريف کي پنهنجي سوچ ۽ فڪر جو بنياد بڻايو آهي:

جـــي توبيـــت ڀانئيـــا ســـي آيتـــون آهـــين،

نئـــو مـــن لائـــين پريـــان ســـندي پـــار ڏي

ان مان اهو واضع آهي تہ نہ صرف رومي قرآن ڪريم کي پنهنجو رهنما بڻايو آهي پر لطيف بہ ساڳي راهہ اختيار ڪئي آهي. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ روميءَ وانگر لطيف تي بہ تصوف جي انهن ٽنهي حالتن (1۔ خوف خدا 2۔ عشق الاهي 3۔ فنا و وصال) جو گهرو اثر نظر اچي ٿو.

Marfat.com

شاهہ صاحب جي نظر ۾ حقيقي وجود فقط هڪ آهي ۽ هر پيدا ڪيل شيءِ سندس مظهر آهي. يعني وجودي تصوف موجب ڪائنات ۾ ڪنهن بہ شئي کي حقيقي وجود ڪونهي ۽ هر ڪنهن شئي جو وجود انهيءَ هڪ ئي حقيقي وجود مان ورتل آهي. شاهہ بہ ساڳي ڳالهہ آسان ڪري پيش ڪئي آهي:

پـڙاڏو سـوئي سـڏ، ورُ وائـي جـو جـي لهـين
هـئـا اڳهـين گــڏ، پــڏڻ ۾ بــــ تيـــا.

شاهہ جو مطلب آهي تہ هي سارو جهان پيدا ڪرڻ مان الله تعاليٰ جو مول مقصد اهو آهي تہ انسان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي! ان مان اها ڳالهہ واضع آهي تہ انهيءَ مقصد جي پورائي لاءِ هڪ سڃاڻيندڙ ضروري آهي.

روميءَ کان ڇهہ صديون بعد ۾ اقبال سندس سوچ ۽ فڪر کي اپنايو. ايتري قدر جو اقبال روميءَ کي پنهنجو مرشد مڃي ورتو. اقبال ان ڳالهہ جو اقرار ڪندي چوي ٿو تہ:

مرشــــدِ رومـــي حڪـــيم پـــاڪ زاد.
ســـر مـــرگ و زنـــدگي برمـــا ڪشـــاد

اقبال هن شعر ۾ اهو ٻڌائڻ ٿو چاهي تہ اهو رومي ئي آهي جنهن جي رهنمائيءَ ۾ مان پنهنجي ذات کي چڱيءَ طرح ڄاتو ۽ سڃاتو آهي ۽ هو اڳ ئي منهنجي مرڻ ۽ جيئڻ جو راز بيان ڪري چڪو آهي.

منهنجي خيال مطابق اقبال، روميءَ کي پنهنجو رهبر ڪجهہ قاعدن، اصولن ۽ اهم ڳالهين جي ڪري ئي مڃيو آهي:

1۔ روميءَ جو خدا سان عشق ۽ محبت، سوچ ۽ فڪر ۽ مقدس قرآن ڏانهن ڀرپور لاڙو هئڻ.

2۔ هن جي مقدس شخصيت هڪ عالم هئڻ.

3۔ هن جي انفراديت هڪ وجودي شاعر جيان هئڻ.

شاعرِ مشرق علامہ اقبال تصوف جي موضوع کي قرآني نقطہ نگاهہ ۽ پنهنجي روحاني مرشد جي مثنويءَ جي رهنمائيءَ ۾ شاندار نموني سان بيان ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ "مثنوي" پڙهڻ سان جيڪڏهن گرميءَ شوق

Marfat.com

پيدا ٿي وڃي ته، باقي ڇا کپي؟ شوق پاڻ مرشد آهي، مان ڪجھ وقت کان ڪتابن جو مطالعو ختم ڪري چڪو آهيان، جيڪڏهن پڙهندو آهيان ته صرف قرآن يا مثنويءِ رومي“.

مٿئين قول ۾ اقبال ”گرميءِ شوق“ جي حاوي ٿيڻ جو اقرار ڪري ٿو. جنهن مان اهو واضح آهي ته هن کي حقيقي ذات سان جذبءِ عشق و محبت جو ناتو هئڻ جي شديد خواهش آهي. پاڻ فرمائي ٿو ته:

خودی کو کر بلند اتنا کہ ہر تقدیر سے پہلے

خدا بندے سے خود پوچھے، بتا تیری رضا کیا ہے۔

اقبال جي هن شعر مان صاف ظاهر آهي ته هو هڪ وجودي شاعر هو ۽ سندس شاعريءَ ۾ وحدانيت. هيڪڙائپ ۽ پاڻ سڃاڻڻ جو درس ڏنل آهي. اقبال وجوديه نظريي کي مجيندي بيان ڪيو آهي ته:

حسن ازل کی پیدا، ہر چیز میں جھلک ہے- انسان میں وہ دمک ہے، غنچے میں وہ چٹک ہے

کثرت میں ہو گیا ہے، وحدت کا راز مخفی- جگنو میں جو چمک ہے، وہ پھول میں مہک ہے

مطلب ته تصوف رومي، لطيف ۽ اقبال جي نظر ۾ هڪ اهڙو ذريعو آهي جنهن وسيلي انسان پنهنجي خدا سان پاڪ ۽ پوتر روحاني ناتو جوڙي ٿو.

***

Marfat.com

# تبليغي جماعت

سڪندر علي چنا/اسسٽنٽ پروفيسر اسلاميات

**تعارف:**

اسان مان شايد ئي ڪو اهڙو دوست هجي جنهن اهو منظر نہ ڏٺو هجي جنهن ۾ قديم وضع جي لباس ۾ ملبوس، پٺن تي بسترا ۽ عام استعمال جو سامان، پائنچا پنين کان مٿي، ڪنڌ هيٺ ڪيو ڪجهہ ماڻهن جو ٽولو هلندي نظر ايندو آهي. شايد ئي دنيا جو ڪو اهڙو ملڪ هجي، جتي انهن قافلن پنهنجا قدم نہ گهمايا هجن. عام طور تي ماڻهو انهن کي تبليغي جماعت سڏيندا آهن.

**پس منظر:**

برِ صغير هند-پاڪستان جي تاريخ ۾ 1921ع جو سال انتهائي اهميت جو حامل آهي. هن سال تحريڪ خلافت تي سال هلڻ کان پوءِ اختتام تي پهتي ۽ مسلمانن جي اتحاد جو آخري آسرو بہ ختم ٿي ويو. ان تحريڪ ۾ لکين ماڻهو بي گهر ٿيا ۽ هزارين گمنام رستن ۾ هلاڪ ٿيا. جن ۾ خاص طور لاڙڪاڻي مان بيرسٽر جان محمد جوڻيجو جو نالو تاريخ جو هڪ سدا چمڪندڙ ستارو آهي. انهيءَ دور ۾ هندستان جي انتها پسند هندن طرفان، هندن مان مسلمان ٿيلن کي ٻيهر هندو بنائڻ لاءِ شڌي ۽ سنگهٽن Consolidation ۽ Purification جهڙن بہ تحريڪون شروع ڪيون ويون. انهن تحريڪن جو نشانو گهڻو ڪري اهي مسلمان هئا جيڪي فقط نالي ماتر مسلمان هئا. نتيجي ۾ هر طرف ارتداد جي هوا ڦهلجڻ لڳي. دهليءَ جي پسگردائيءَ وارا علائقا جن ۾ راجپوت قومن جي گهڻائي هئي مثلاً: الور، ڀرت پور ۽ گوڙگانوان وغيره. انهن علائقن ۾ راجپوت (جن جي آبادي 36 لک هئي) نسل جي هڪ قبيلي "ميو" جي گهڻائي هئي. تنهنڪري ان سموري علائقي

Marfat.com

## تحريڪ جو باني:

تبليغي تحريڪ جي باني مولانا محمد الياس رحمه الله (1944_1886ع) جو تعلق دهليءَ جي بستي نظام الدين جي صديقي خاندان سان هو. سندس شجرو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جن سان وڃي ملي ٿو. سندس والد حضرت مولانا محمد اسماعيل رحمه الله (وفات 1898ع) هڪ مستجاب الدعوات بزرگ هو جنهن جو بستي نظام الدين ۾ "بنگلہ والي مسجد" سان گڏ هڪ مدرسو بہ هو. هن جو روز جو معمول اهو هو تہ جيڪي ماڻهو ان علائقي مان لنگهندي سندس مدرسي وٽ پهچندا هئا تہ هي انهن جي خدمت ڪندو ۽ کوهہ مان پاڻي ڪڍي پياريندو هو ۽ پوءِ بہ رڪعتون نفل شڪراني جا پڙهندو هو تہ الله تعاليٰ کيس اها توفيق عطا فرمائي. مولانا ابو الحسن علي ندوي رحمه الله پنهنجي ڪتاب "سوانح حضرت شيخ الحديث مولانا محمد زڪريا رحمه الله" جي صفحي 36 ۽ "حضرت مولانا محمد الياس رحمه الله اور اُن کي ديني دعوت" جي صفحي 66_67 تي مولانا محمد اسماعيل رحمه الله جو هڪ واقعو بيان ڪري ٿو تہ "هڪ دفعي پاڻ هن تلاش ۽ فڪر ۾ باهر نڪتو تہ ڪو واٽهڙو مسلمان ملي تہ هن کي مسجد ۾ وٺي اچي ۽ ان سان باجماعت نماز ادا ڪري ڪجهہ مسلمان نظر آيس تن کان پڇيائين تہ ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ انهن چيو تہ مزدوريءَ لاءِ. چيائين تہ ڪيتري مزدوري ملندو؟ انهن مزدوري ٻڌائي. چيائين تہ جيڪڏهن ايتري مزدوري هتي ئي مليوَ تہ ڪندؤ؟ انهن ها ڪئي. مولانا اسماعيل رحمه الله انهن کي مسجد ۾ وٺي آيو ۽ انهن کي نماز سيکارڻ ۽ قرآن پڙهائڻ لڳو. روز جي مزدوري انهن کي ڏيندو هو ۽ انهن کي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ مشغول رکندو هو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ انهن کي نماز جي عادت ٿي وئي ۽ مزدوري ختم ٿي وئي. اهو بنگلہ واري مسجد جي مدرسي جو بنياد هو ۽ اهي پهريان شاگرد هئا. ان کان پوءِ 10 12 ميواتي طالب علم هميشہ مدرسي ۾ رهندا هئا ۽ انهن جو کاڌو پيتو مرزا الاهي بخش جي گهران ايندو هو." (بروايت مولانا احتشام الحسن ڪانڌلوي رحمه الله مرزا الاهي بخش، بهادر شاهہ ظفر جو سيڻ هو ۽ مولانا اسماعيل رحمه الله ان جي ٻارن کي بہ مدرسي ۾ پڙهائيندو هو. سندن گهر پرسان ئي مولانا اسماعيل جي مسجد هئي).

Marfat.com

مولانا محمد الياس رحمه الله 1303هه (1886ع) ۾ هن بزرگ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. 10 سالن جي عمر ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪيائين. مولانا محمد الياس رحمه الله مذهبي طور ديوبندي مسلڪ جو هو ۽ ان مسلڪ جي استادن کان تعليم حاصل ڪيائين. جن ۾ سندس وڏو ڀاءُ مولانا محمد يحيٰ رحمه الله، مولانا رشيد احمد گنگوهي رحمه الله، مولانا خليل احمد سهارنپوري رحمه الله، ديوبند جي مدرسي قاسم العلوم مان شيخ الهند حضرت مولانا محمود الحسن رحمه الله جن کان به تعليم حاصل ڪيائون. جن جي هٿ تي جهاد جي بيعت به ڪئي هئائون. تصوف ۾ نقشبندي طريقي تحت پهرين حضرت مولانا رشيد احمد گنگوهي رحمه الله جي هٿ تي بيعت ڪيائون ۽ ان جي وفات کان پوءِ ساڳي سلسلءِ نقشبنديه ۾ حضرت مولانا خليل احمد سهارنپوري رحمه الله جن جي هٿ تي بيعت ڪئي هئائون. تنهن کانسواءِ شيخ الهند حضرت مولانا محمود الحسن رحه. حضرت مولانا عبدالرحيم راءِ پوري ۽ حضرت مولانا اشرف علي ٿانوي رحمه الله جن کان به مستفيض ٿيا.

تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه وقت حضرت مولانا محمد الياس رحمه الله استاد جي حيثيت سان پنهنجي استاد ۽ مرشد حضرت مولانا خليل احمد سهارنپوري رحمه الله جي قائم ڪيل مدرسه مظاهر العلوم سهارنپور ۾ مدرس طور ڪم ڪيو.

1333هه ۾ شيخ الهند حضرت مولانا محمود الحسن رحمه الله جن سان گڏجي حج ڪيائون ۽ 1334هه ۾ پنهنجي مرشد حضرت مولانا خليل احمد سهارنپوري رحمه الله جي معيت ۾ ٻيو حج ڪيائون ۽ مديني پاڪ ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جي، خواب ۾ کين زيارت نصيب ٿي ۽ کين امر ٿيو ته تبليغ جو ڪم شروع ڪن. 1336هه ۾ سندن ڀاءُ مولانا محمد رحمه الله جي وفات کان پوءِ دهليءَ جي "بستي نظام الدين" ۾ سندس والد مولانا محمد اسماعيل رحمه الله جو مدرسو خالي پيو هو مولانا محمد الياس رحمه الله سهارنپور مان اچي پنهنجي مدرسي کي سنڀالڻ شروع ڪيو.

مولانا محمد الياس رحمه الله کي به ڀائر هئا. مولانا محمد يحيٰ رحمه الله جنهن جو دهليءَ ۾ هڪ ڪتب خانو هو ٻيو ڀاءُ مولانا محمد رحمه الله پنهنجو اباڻو مدرسو سنڀاليندو هو. کين ڪا به پيڙ نه هئي. مولانا محمد رحمه الله جو انتقال وتر نماز جي سجدي ۾ ٿيو هو.

Marfat.com

1351هہ ۾ ٽيون حج ڪيائون 1356هہ ۾ آخري حج ڪيائون. هن حج کان پوءِ متحده هندستان جي ٻين صوبن ڏانهن زور شور سان جماعتون موڪلڻ شروع ڪيائون. فيبروري 1943ع ۾ پهرين ۽ اپريل 1943ع ۾ ٻي جماعت سنڌ ڏانهن رواني ڪيائون ۽ اپريل 1944ع ۾ پنهنجي خاص معاون (جنهن لاءِ اهو چيو ويندو هو تہ جيڪڏهن مولانا محمد يوسف ﷫ کي جماعت جو امير مقرر نہ ڪيو وڃي ها، تہ حافظ مقبول حسن صاحب ﷫ جن کي امير مقرر ڪيو وڃي ها)، جي امارت ۾ 60_70 ماڻهن تي مشتمل جماعت سنڌ ڏانهن رواني ڪيائون. سنڌ ڏانهن جماعتن جي روانگي سنڌ جي هڪ بزرگ حضرت حافظ هاشم جان مجددي ﷫ جن جي استدعا ۽ دعوت تي ڪئي هيائون، جيڪو بزرگ اڪثر مولانا محمد الياس ﷫ جن وٽ ايندو رهندو هو.

نومبر 1943ع ۾ مولانا محمد الياس ﷫ کي پيچش شروع ٿي جيڪا آخري وقت تائين ٺيڪ نہ ٿي سگهي ۽ اهڙي طرح جمعي جي رات، فجر جي آذان کان اڳ 21 رجب 1363هہ، 13 جولاءِ 1944ع تي وفات ڪيائون. سندن جنازي نماز شيخ الحديث ۽ سندن ڀائٽي حضرت مولانا محمد زڪريا ﷫ جن پڙهائي ۽ کين پنهنجي ٿي بنگلي واري مسجد جي ڏکڻ اوڀارئين پاڱي ۾ پنهنجي ڀاءُ مولانا محمد رح ۽ پنهنجي والد مرلانا محمد اسماعيل ﷫ جن جي پير ۾ دفن ڪيو ويو.

پاڪستان ۾ جماعت جو اهتمام مولانا عبدالوهاب صاحب جي حوالي آهي، جنهن کي جماعتي، "ڀائي عبدالوهاب" ڪري سڏيندا آهن.

## جماعت جي تعليم جا بنيادي ڇهہ نڪتا:

مولانا محمد الياس ﷫ تبليغي جماعتن لاءِ ڇهہ نڪتا مرتب ڪيا هئا تہ جڏهن بہ جماعت ڪٿي پهچي تہ اهي ڇهہ نڪتا بيان ڪري جيڪي هيٺينءَ ريت آهن:

1_ ڪلمءِ طيبہ کي دليں ۾ ويهارڻ: الله سبحانہ و تعاليٰ کان سڀ ڪجهہ هجڻ ۽ الله جي حڪمن جي تعميل ڪرڻ ۽ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي طريقي تي هلڻ.

Marfat.com

2_ نماز کي ان جي حقيقي شڪل ۾ قائم ڪرڻ: هن ۾ نماز جا فضائل ۽ نماز نہ پڙهڻ تي وعيد بيان ڪيا ويندا آهن.

3_ علم ۽ ذڪر يا دين جو علم سکڻ: هن ۾ دين جي تعليم حاصل ڪرڻ جا فضائل بيان ڪيا ويندا آهن ۽ ذڪر ڪيو ويندو آهي، تلاوت، درود شريف ۽ ٽئين ڪلمي جو ذڪر خاص آهي.

4_ اڪرامِ مسلم: هن ۾ مسلمانن جي باهمي تعلقات ۽ حقوق جو ذڪر آهي.

5_ اخلاصِ نيت ۾ ترڪ لا: جيڪو بہ ڪم ڪجي الله جي رضا لاءِ ڪجي ۽ برن ڪمن کان پاسو ڪجي.

6_ تفريغِ وقت و دعوت ۽ تبليغ: دنياوي ڪمن مان ڪجهہ وقت ڪڍي جماعت جي شڪل ۾ باهر نڪرڻ ۽ پنهنجي اصلاح ۽ دين جو علم سکڻ سان گڏ ٻين مسلمانن جو بہ فڪر ڪرڻ ۽ انهن کي دعوت ڏيڻ.

## ڪم جو طريقو:

جيڪي دوست، چار مهينا لڳائي واپس ايندا آهن، انهہ جو هي نصاب هوندو آهي.

1_ مسجد آباد ڪرڻ لاءِ مقامي ماڻهو پنهنجي محلي جي مسجد کي روزانو اڍائي ڪلاڪ ڏيندا. ان ۾ مسجد اندر فضائلِ اعمال ۽ فضائلِ صدقات مان 20_20 منٽ جي تعليم ڏيندا. يعني انهن ڪتابن مان حديثون پڙهي مختصر شرح سان بيان ڪندا. جيڪڏهن ڪنهن کي قرآن سيکارڻو آهي تہ اهو ڪندا، تبليغي دوستن سان گڏجي وڏيڪ دوستن کي جماعت لاءِ د وت ڏيندا. جيڪڏهن مسجد جو ڪم ڪار آهي تہ اهو ڪندا ۽ بيمار جي عيادت لاءِ ويندا وغيره.

2_ فجر يا عشاءَ نماز کان پوءِ ڪيل ڪم تي غور ۽ فڪر ۽ ترتيب ڪئي ويندي آهي.

3_ گهر ۾ سيني گهر ڀاتين کي گڏ ڪري فضائلِ اعمال ۽ فضائلِ صدقات مان 20_20 منٽ تعليم ڏبي آهي.

4_ هفتي ۾ ٻہ گشت: ظهر يا عام طور عصر نماز کان پوءِ پنهنجي پاڙي ۾

Marfat.com

اندروني يا مقامي گشت ڪيو ويندو آهي ۽ ہيوپر واري پاڙي ۾ يا بازار ۾ گشت ڪبو آهي ۽ در در تي وڃي تبليغ ڪبي آهي ۽ جماعت لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي.

5_ مهيني ۾ ٽي ڏينهن: هن ڪي سہ روزه يا هجرت بہ چوندا آهن. اهو پنهنجي شهر کان ٻاهر ۽ پسگردائيءَ جي علائقن ۾ جيڪي اٽان پنج ميل پريِ هجن تبليغ ڪرڻي هوندي آهي ۽ انهن کي ترغيب ڏئي جماعت لاءِ نقد ڪڍڻو هوندو آهي.

6_ سال ۾ چاليهہ ڏينهن يا چلو: پنهنجي علائقي مان جماعت تشڪيل ٿي رستي ۾ 10 ڏينهن ڪم ڪندي رائونڊ پهچندي جتان مرڪز مان جيڏانهن تقاضا هوندي اوڏانهن موڪليو ويندو آهي.

7_ زندگيءَ ۾ چار مهينا: مڪمل تعليم ۽ تربيت لاءِ اهو بہ رائونڊ مان تشڪيل ٿيندو آهي.

8_ ساڍا چار مهينا يا ست مهينا يا سال اندروني ۽ بيروني تبليغ لاءِ: جن دوستن ترتيب سان مسلسل بہ سال ڪم ڪيو هوندو آهي. انهن کي بيرون ملڪ تبليغ لاءِ موڪليو ويندو ۽ ڪن کي اندرونِ ملڪ روانو ڪبو آهي. جيڪي ساڍا چار، ست ۽ 12 مهينا دعوت ڪندا آهن. ان جي تشڪيل بہ رائونڊ مان ٿيندي آهي.

جماعتن جي تشڪيل جو طريقو: مشائخ تبليغ، جماعتن جي تشڪيل جو هڪ طريقو جوڙيو آهي. جنهن تحت ساٿين کي جوڙي، جماعت بنائڻ ۽ ان جماعت کي ڪم ڪرڻ لاءِ روانو ڪرڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو عرصو ۽ جاءِ يا مقام مقرر ڪيو ويندو آهي.

الله جي راهہ ۾ نڪري، تعليم جي اهتمام سان، الله جي واعدي تي يقين ۽ علم ۽ عمل ۾ هم آهنگي ۽ جوڙ پيدا ٿيندو آهي. ان عمل جا ٽي جز هوندا آهن. سڀ کان پهرين تہ عمل جي آدابن جي ترغيب ڏني ويندي آهي. جن مان ڪجهہ آداب هي آهن:

**پهريون جز:**

1_ وضو ڪري بہ رڪعتون نفل نماز پڙهي، خوشبو لڳائي. گوڏا پيچي پنهنجو پاڻ کي محتاج سمجهي ويهڻ.

Marfat.com

2_ جڏهن الله جو نالو اچي تہ ان سان سبحانہ و تعاليٰ چئجي ۽ جڏهن محمد جو نالو اچي تہ صلي الله عليہ وآلہ وسلم پڙهجي. صحابي يا صحابيہ جو نالو اچي تہ بالترتيب رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ رضي الله تعاليٰ عنها پڙهجي. ڪنهن بزرگ جو نالو اچي تہ رحمت الله عليہ پڙهجي.

3_ ان کان پوءِ فضائلِ قرآن مان ڪا هڪ يا ٻہ حديثون ۽ انهن جي سمجهاڻي پڙهي ويندي آهي.

4_ ان کان پوءِ سڀ ساٿي ٻہ ٻہ يا ٽي ٽي ٽي ويهندا آهن ۽ پهرين سورت فاتحہ ۽ سورت فيل کان وٺي سورت والناس تائين سورتون ياد ٻڌائيندا آهن. ان مان مقصد اهو هوندو آهي تہ قرآن پڙهڻ ۾ ڪا ڪمي بيشي يا ڪوتاهي سامهون اچي تہ اها درست ٿئي ۽ ان کي دور ڪرڻ جو احساس پيدا ٿئي تہ جيئن نماز ۾ قرات صحيح ٿئي. جيڪڏهن جماعت ۾ صحيح قرآن پڙهڻ وارا هوندا آهن تہ انهن کي اها ذميواري ڏني ويندي آهي تہ ٻين دوستن جي غلطين جي اصلاح ڪن.

ٻيو جز:

فضائلِ اعمال ۽ فضائلِ صدقات ڪتابن مان، انهن جي هر هڪ باب مان ڪجهہ حديثون، انهن جي تشريح ۽ انهن جا فائدا پڙهيا آهن.

ٽيون ۽ آخري جز:

هن جز ۾ هر هڪ ساٿي ڇهہ نمبر يا ڇهہ نڪتا وضاحت سان بيان ڪندو آهي، جيڪي هي آهن:

1_ ڪلمہ 2_ نماز 3_ علم ۽ ذڪر 4_ اڪرامِ مسلم 5_ تصحيح نيت ۽ 6_ دعوت و تبليغ.

تعليم کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ عام طور تي ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ جو مذاڪرو ڪيو ويندو آهي. ڪڏهن خصوصي گشت جو، ڪڏهن بيان جو ۽ ڪڏهن اعلان جو ۽ ڪڏهن آداب جو ذڪر ٿيندو آهي. ان کان پوءِ منجهند جي ماني کاڌي ويندي آهي. کاڌي پيتي جي شين خريد ڪرڻ ۽ رڌ پچاءَ لاءِ ٻن ساٿين کي مقرر ڪيو ويندو آهي ۽ جماعت جا سڀ ساٿي پنهنجا پنهنجا پئسا گڏ ڪري، جماعت جي ڪن ٻہ ٻن ساٿين وٽ گڏ ڪرائيندا آهن ۽

Marfat.com

خدمت وارا ساٿي ضرورت مطابق انهن کان پئسا وٺندا رهندا آهن. خدمت وارا ٻه ساٿي جماعت جي سيني ساٿين لاءِ کاڌي پيتي جو بندوبست ڪندا آهن ۽ ان دوران الله جي ذڪر ۾ به مشغول هوندا آهن. خدمت وارا ساٿي واري واري سان مٽبا آهن. منجهند جي ماني کائڻ کان پوءِ سنت جي پيرويءَ ۾ قيلولہ ڪيو ويندو آهي. ظهر جي آذان کان ڪجهه دير اڳ ساٿي بيدار ٿيندا آهن ۽ وضو ڪري ظهر جون سنتون پڙهي صفن ۾ ويهي رهندا آهن ۽ پنهنجي پير ۾ ويٺل، نماز لاءِ آيل دوستن سان مصافحہ ڪري، انهن کي ظهر نماز کان پوءِ مسجد ۾ ڪجهه دير ويهڻ جي درخواست ڪندا آهن ته جيئن نماز کان پوءِ تعليم ۾ ويهن. ظهر نماز کان پوءِ 15_20 منٽ تعليم ٿيندي آهي. تعليم کان فارغ ٿيڻ بعد مقامي ساٿين سان گڏجي خصوصي گشت ڪيو ويندو آهي ۽ جماعت جا ڪجهه ساٿي مسجد ۾ پنهنجو وقت، مذاڪري ڪرڻ يا تعليم ۾ گذاريندا آهن. ان کانپوءِ نمازِ عصر جي تياري ٿيندي آهي.

ان کان پوءِ مقامي ساٿين مان ڪنهن کي رهبر بڻائي پنج يا ست ساٿي گشت تي نڪرندا آهن ۽ هڪ ساٿي مسجد ۾ بيان جاري رکندو آهي. جيڪو مغرب نماز جي آذان تائين جاري رهندو آهي.

مغرب نماز کان 15 منٽ پهرين، واپس مسجد پهچڻو هوندو آهي. ڪن جاين تي مغرب نماز کان پوءِ به گشت ٿيندو آهي. جيڪڏهن عصر نماز کان پوءِ گشت ٿئي ته مغرب نماز بعد ۽ جيڪڏهن مغرب نماز بعد گشت ٿئي ته عشاءَ نماز بعد بيان ٿيندو آهي.

بيان کان پوءِ موجوده ساٿين کان وقت وصول ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي آهي، ان عمل کي تشڪيل چوندا آهن. ان کان پوءِ دعا ٿيندي آهي ۽ مجمع کي ڇڏيو ويندو آهي. دعا کان پوءِ تعليم ۾ فضائل اعمال ڪتاب مان ڪنهن صحابي رضي الله تعاليٰ عنہ جو واقعو پڙهيو ويندو آهي ته جيئن صحابہ جي قربانين کي ڏسي دين لاءِ قربانيءَ جو جذبو بيدار ٿئي ۽ عزم سان دين جي محنت ۾ لڳجي. عشاءَ نماز کان پوءِ، مقامي ساٿين سان اختلاط ملڻ ٿيندو آهي جنهن ۾ جماعت جا ساٿي مقامي ماڻهن کي فرداً فرداً الله جي راهہ ۾ نڪرڻ جي ترغيب ڏيندا آهن.

**رائونڊ پهچڻ:**

رستي ۾ ڏهہ ڏينهن لڳائڻ کان پوءِ جڏهن جماعت رائونڊ پهچندي

Marfat.com

آهي تہ اتي شعبۂ استقباليہ جا ساٿي انهن جو استقبال ڪندا آهن ۽ ڪين رائونڊ ۾ رهڻ جا معمولات ۽ انهن جي پابندي ڪرڻ، انهن جي رهائش ۽ نمازن ۽ کاڌي جا وقت ٻڌائيندا آهن. پوءِ جماعت جو ذميدار پوري جماعت سميت، پنهنجي پورن ڏهن ڏينهن جي ڪار گذاري رائونڊ جي ذمہ دارن کي ٻڌائيندو آهي. رائونڊ جا ذمہ دار جماعت جي هر فرد کان 24 ڪلاڪن جي معمولات يا روٽين جي باري ۾ سوال و جواب ڪندا تہ تعليم جا ڇا آداب آهن؟ ۽ مشورو ڪيئن ڪبو آهي؟ ڇهہ نمبر ڇا کي چوندا آهن يا بيان ڪيئن ڪبو آهي؟ جماعت جي تشڪيل ڪيئن ڪبي آهي؟ وغيره.

جيڪي دوست چلہ لاءِ 10 ڏينهن لڳائي اتي پهچندا آهن، انهن جي باقي ڏينهن لاءِ جماعت تشڪيل ڏني ويندي آهي. آخر ۾ تي ڏينهن ۽ 10 ڏينهن وارن جي تشڪيل ٿيندي آهي. عام طور تي روزانو 150 جماعتون راءِ ونڊ مان نڪرنديون آهن. ناشتي کان پوءِ ٻہ ڪلاڪ تعليم ٿيندي آهي ۽ عصر نماز کان پوءِ هر ملڪ کان آيل دين جي محنت سکڻ وارن جو انهن جي پنهنجي ٻوليءَ ۾ بيان ٿيندو آهي. جيڪي چار مهينا لڳائي چڪا هوندا آهن انهن جو بيان الڳ ٿيندو آهي ۽ جيڪي ٽئن مهينن ۾ هلندا هجن انهن جو بيان الڳ ٿيندو آهي. مغرب جي نماز کان پوءِ ٻاهرين ملڪن ۾ وقت لڳائي واپس ايندڙ جماعتن جي ڪارگذاري ٻڌي ويندي آهي.

علماءَ لاءِ الڳ پروگرام ترتيب ڏنو ويندو آهي ۽ گهٽ کري جماعتن جو ذمہ دار انهن کي بڻايو ويندو آهي.

## بيرونِ ملڪ تبليغ لاءِ جماعتن جي تشڪيل

بيرونِ ملڪ لاءِ ٽن قسمن جون جماعتون تشڪيل ٿينديون آهن:

1_ هڪ سال لاءِ.

2_ ستن مهينن لاءِ

3_ ساڍن ٽئن مهينن لاءِ.

انهن جماعتن کي بيرونِ ملڪ موڪلڻ کان اڳ، اهو ڏنو ويندو آهي تہ ستن يا اٺن ساٿين جي جماعت ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڄڻو انگريزي ۽ عربي ضرور ڄاڻندو هجي ۽ انهن جماعتن کان چاليهہ ڏينهن پاڪستان جي

Marfat.com

مختلف شھرن ۾ ڪم ڪرايو ويندو آھي، جنھن ۾ روزانو ھڪ علائقي ڪان ٻئي علائقي تائين ڏھ ميل پنڌ ھلڻ شامل آھي. انھن کي ھر قسم جي تعليم ۽ ھدايتون ڏنيون وينديون آھن. جن ملڪن ڏانھن ويندا اتي جي مقيم ساٿين جون ائڊريسون ۽ انھن ملڪن ۽ علائقن جا نقشا پڻ ڏنا ويندا آھن.

ٻيرونِ ملڪ سفر خشڪيءَ جي رستي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آھي پر ڪي ڪي جماعتون ھوائي سفر ذريعي بہ روانيون ٿينديون آھن.

ٻاھرين ملڪن ۾ جماعتون پيادل سفر ڪرڻ کي اھميت ڏينديون آھن تہ جيئن اتان جا مقامي ماڻھو انھن کي ڏسي متاثر ٿين ۽ اسلام جي تعليم ۽ دين جي باري ۾ سکن.

ٻيرونِ ملڪ سفر دوران، ھر جماعت ھر 15 ڏينھن بعد پنھنجي ڪار گذاري لکت ۾ رائي ونڊ مرڪز کي موڪليندي رھندي آھي. واپس اچڻ کان پوءِ وري کين ھڪ چلو لڳائڻو پوندو آھي، جيڪو ان سال ۾ شامل ھوندو آھي. ساڍن ڇئن مھينن وارين جماعتن کي 20 ڏينھن لڳائڻا پوندا آھن ۽ خاص طور تي انھن جماعتن کي، انھن علائقن ڏانھن موڪليو ويندو آھي، جتان سال لاءِ جماعتون تيار ڪيون وينديون آھن.

## تحريڪ جو مقصد

مولانا الياس رحمه الله فرمايو تہ "ھي تحريڪ ڇا آھي؟ مشغول ماڻھن لاءِ مشغول رھنديءَ پنھنجي خدا سان رشتو جوڙڻ جو طريقو ۽ ڦھر کان بچڻ جو رستو. حضور اڪرم ﷺ جن جي ڳالھ کي بلند ڪرڻ، ڦھر کان محفوظ رھنديءَ مھر کي حاصل ڪرڻ لاءِ سکيا حاصل ڪرڻ".

*(بحواله ارشادات ومڪتوبات مولانا الياس رحمه الله، افتخار احمد فريدي ص 509)*

ھڪ دفعي فرمايائون تہ "اسان جي تبليغ جو اصل مقصد طاغوت کان ھٽڻ ۽ الله ڏانھن رجوع ڪرڻ آھي ۽ اھو بنا قربانيءَ جي نہ ٿيندو"

*(ص 339 ملفوظات شاھ محمد الياس رحمه الله، نعماني)*

ھڪ دفعي مولانا الياس رحمه الله چيو تہ "اسان جي ھن تحريڪ جو اصل آھي مسلمانن کي ھر اھا ڳالھ سيکارڻ جيڪا نبي ڪريم ﷺ جن آندي"

*(ص 333، ملفوظات شاھ محمد الياس رحمه الله، نعماني)*

Marfat.com

## تبليغي نصاب

مولانا الياس ﷫ فرمايو تہ "فضائل جو درجو مسائل کان اڳ ۾ آهي، فضائل سان اعمال جي اجر تي يقين ٿيندو آهي، جيڪو ايمان جو مقام آهي ۽ ان سان انسان عمل لاءِ آماده ٿيندو آهي. مسائل معلوم ڪرڻ جي ضرورت جو احساس تڏهن ئي ٿيندو جڏهن ڪو عمل لاءِ تيار ٿيندو. ان لاءِ اسان وٽ فضائل جي اهميت وڌيڪ آهي."

*(مولانا الياس ﷫ اور ان کي دعوت، دعوت ص 252).*

ان ڪري مولانا محمد الياس ﷫ پنهنجي ڀائٽي شيخ الحديث مولانا محمد زڪريا ﷫ کي فرمائش ڪئي تہ فضائل تي ڪتاب لکي، جنهن فضائلِ نماز، فضائلِ قرآن، فضائل صدقات، فضائلِ حج، فضائلِ رمضان، فضائلِ تبليغ، فضائلِ ذڪر ۽ فضائل درود شريف نالي ڪتاب لکيا. جن جي مجموعي کي فضائلِ اعمال ۽ فضائلِ صدقات يا ٻنهي کي ملائي تبليغي نصاب چيو ويندو آهي، جن کي تبليغي جماعتن جي تعليم جي حلقي ۾ درس طور پڙهيو ويندو آهي. تنهن کانسواءِ مولانا محمد زڪريا ﷫ جو ڪتاب "حڪاياتِ صحابہ رضي الله تعاليٰ عنهم" بہ پڙهيو ويندو آهي.

## مرڪزي اجتماع گاهہ

هونئن تہ دنيا جي مڙني ملڪن ۾ تبليغي جماعت جا ننڍا وڏا مرڪز قائم آهن ۽ پاڪستان جي تقريباً هر ننڍي وڏي شهر ۾ ڪو نہ ڪو تبليغي مرڪز موجود آهي، جيڪو عام طور تي ديوبندي مسلڪ رکندڙ حلقن جي مسجد ۾ هوندو آهي پر ٽي مرڪزي اجتماع گاهہ آهن:

1. بنگلہ والي مسجد، بستي نظام الدين دهلي ڀارت.
2. ڪاڪ ريل مسجد، ڍاڪا بنگلاديش.
3. راءِ ونڊ ضلع لاهور پاڪستان.

موجوده دور ۾ ڪاڪ ريل مسجد ڍاڪا ۽ رائونڊ لاهور ۾ دنيا جا سڀ کان وڏا تبليغي اجتماع ٿيندا آهن جن ۾ لکين ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن. انهن مان سڀ کان وڏو اجتماع راءِ ونڊ لاهور ۾ هر سال نومبر جي مهيني ۾ ٽن ڏينهن لاءِ ٿيندو آهي. جنهن لاءِ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ حج کان پوءِ ٻئي نمبر

Marfat.com

تي مسلمانن جو دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو اجتماع هوندو آهي. جنهن ۾ خاص طور تي آخري ڏينهن دعا ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ لکين ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن. حيرت آهي تہ پوري دنيا ۾ ڦهليل هن جماعت جي ڪا تاريخ لکيل ڪونهي. ڪو رڪارڊ روم ڪونهي. ڪا اخبار ڪو رسالو ڪونهي، ڪو چندو ڪونهي، ڪوجهنڊو ڪونهي، ڪو نعرو ڪونهي، سواءِ امير جي اطاعت جي. ڪو آئين ڪو منشور ڪونهي سواءِ ڇهن نڪتن جي. نہ ئي اجتماع جا فوٽو اخبارن يا رسالن ۾ ڪڍي موڪليا ويندا آهن. ان تي پابندي آهي.

❊❊❊

Marfat.com

# عيسائيت جي علمبردارن جي علم دشمني تاريخ جي آئيني ۾

*عبدالرزاق مليح آبادي ـ اياز لاکير*/استاد سنڌي ادب

اسلام کان اڳ چين، هندستان، مصر، بابل، سيريا (شام)، يونان ۽ روم علم جا مرڪز سمجهيا ويندا هئا، پر هيءَ هڪ مڃيل حقيقت آهي ته يونان کان سواءِ باقي ملڪن جي علمن کي علم چوڻ، علم سان ناانصافيءَ برابر آهي.

بابل، سيريا (شام) ۽ مصر جا علم گهڻو ڪري فضول ڳالهين، وهمن ۽جادوءَ جا مجموعا هئا. چين ۽ هندستان به جادو ۽ طلسم جي فضا ۾ ساهه کڻي رهيا هئا، وڌ ۾ وڌ اهو چيو ويندو آهي ته چين اخلاقيات ۾ ۽ هندستان مذهبي تعليم ۽ طب ۾ ڪجهه قدم اڳتي وڌايا هئا.

يونان جو تعلق علم سان هو پر رومن قوم جو مزاج علمي نه هو علم سان سندن رشتو رڳو نالي ماتر هو اُهي ماده پرست هئا. سڄي ملڪ ۾ شهنشاهي، قرڻ لٽڻ ۽ قومن کي غلام بنائڻ سندن محبوب مشغلو هو. يونان ۾ بيشڪ وڏي حيثيت جا عالم، ڏاها ۽ فلاسافر پيدا ٿيا،جن انساني سوچ جي ترقيءَ ۾ نهايت ئي قيمتي مواد مهيا ڪيو. اصل ۾ يونان سيني اڳواڻ تهذيبن جي علم جو لائق وارث رهيو خاص طور مصر، بابل ۽ سيريا (شام) جا علم انهيءَ ڏانهن منتقل ٿيا هئا، انهيءَ ڪري قديم علمي دنيا ۾ يونان سج وانگر پئي چمڪيو. توڙي جو مسلمانن جي عقلي علم جو سرچشمو به يونان ئي بڻيو پر يونان ۾ به علم جو دائرو عرصي کان ٿورڙن ماڻهن تائين محدود رهيو ۽ جڏهن ان ۾ وسعت پيدا ٿي ته علم جي جاءِ هڪ قسم جي ذهني عياشيءَ ورتي.

يونان جا حاڪم، فلاسافر ۽ ڏاها، تعظيم جي قابل ته هئا، پر ان ڳالهه کان ڪير انڪار ڪري سگهندو ته ٻين ملڪن وانگر يونان ۾ به علم نه ڪڏهن عام ٿيو ۽ نه روزمره جي زندگيءَ ۾ انسان جو ڪڏهن رهنما بڻيو.

Marfat.com

آڳاٽي زماني ۾ علم جي عام نہ ٿيڻ جو هڪ وڏو سبب اهو بہ هو تہ لکڻ ۽ پڙهڻ کي هر ملڪ ۾ هڪ خاص جماعت پنهنجي لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو هو ۽ عوام جي لاءِ ان جو دروازو بند هو علم سينہ بہ سينہ هلندو هو ڪتاب لکيا تہ ويندا هئا پر ياد ڪيا ۽ ياد ڪرايا ويندا هئا. نتيجو اهو نڪتو تہ جيڪو بہ علم هو سو چند ماڻهن وٽ ئي قيد ٿي رهجي ويو ۽ هڪ قسم جو طلسمي راز بڻجي ويو.

دنيا جون قديم تهذيبون، دين ۽ مذهب جي بنيادن تي بيٺل هيون. اسلام کان سواءِ ڪنهن بہ دين پنهنجي دعوت جو بنياد علم ۽ عقل تي نہ رکيو بلڪ سيني مذهبن پنهنجي پيغام ۾ عقل ۽ دليل کي ڇڏي، صرف معجزن ۽ ڪرامتن کان ڪم ورتو. نہ پاڻ عقل ۽ ڏاهپ کان ڪم ورتائون ۽ نہ عقل ۽ ڏاهپ کان ڪم وٺڻ جو حڪم ڏنائون. ان ڪري پراڻي زماني ۾ علم جي اهميت کي تسليم نہ ڪيو ويو ۽ مذهبي پيروڪار انڌي تقليد، وهمن ۽ وسوسن جي ڌٻڻ ۾ ڦاسندا ويا. يونان بہ اهڙن عالمن کي پسند نہ ڪندو هو جيڪي انهن جي مذهبي وهمي روايتن ۾ ساٿ نہ ڏين.

اهي يوناني ئي تہ هئا جن سقراط جهڙي زبردست قسم جي ڏاهي ماڻهوءَ کي زهر جو پيالو پياريو اهو يونان ئي تہ هو جتي افلاطون پنهنجي مخصوص شاگردن کان سواءِ ٻين جي سامهون پنهنجا خيال ظاهر نہ ڪندو هو اهو يونان ئي تہ هو جتان فلسفي ارسطو کي رڳو انهيءَ ڪري ڀڄڻو پيو جو ان جو علم، ان جي ديس واسين جي وهمن ۽ فضول ڳالهين جو ساٿ نٿي ڏئي سگهيو.

جڏهن يورپ ارڙهين ۽ اڻويهين صديءَ ۾ حيرت انگيز ترقي ڪئي تہ دنيا کي ڏنڊين آڱريون اچي ويون. اهو زمانو مسلمانن لاءِ سياسي ۽ علمي زوال جو زمانو هو. اهو سڀ ڪجهہ ڏسي، دنيا انهيءَ ڌوکي ۾ اچي وئي تہ يورپ جي ترقي عيسائيت جي ڪري ئي آهي ۽ مسلمانن جو زوال اسلام جي ڪري. توڙي جو اها دنيا جي سڀ کان وڏي غلطي هئي، اهڙي غلطي جنهن جو تاريخ ۽ حقيقت سان پري جو بہ ڪو واسطو نہ هو.

يورپ، ايشيا ۽ آفريڪا ٽنهي وڏن کنڊن تي روم جي بادشاهت هئي، بلڪ اجا بہ ائين چوڻ گهرجي تہ چين، هندستان، ايران ۽ عرب ملڪن کي ڇڏي باقي سموري دنيا روم جي شهنشاهہ جي غلام هئي. مسيحت رومي

Marfat.com

شهنشاهہ تي اثرانداز ٿيندي ئي، آپي کان نڪري وئي، ان هر غير مسيحي شين کي، چاهي اهو دين يا مذهب هجي، بهترين يادگار هجن يا خوبصورت فن جا وٽندڙ نمونا هجن، سڀني کي هڪ ئي ڌڪ ۾ متائڻ پنهنجو فرض سمجهيو پراڻين خوبصورت عمارتن کي مسمار ڪيو ويو علم ۽ فن جا سمورا خزانا تباهہ ڪيا ويا. قديم مصر جا بي مثال تخت گاهہ: ممفس، ٿيبا ۽ عين التمش جا کنڊرات اڄ بہ عيسائيت جي مذهبي جنون تي واويلا ڪري رهيا آهن.

اهڙو رويو رکو بت پرستن سان نہ پر يهودين سان بہ هو. يهودي هڪ سڌريل قوم هئي. ڪيترين ئي تهذيبن جو وارث حضرت عيسيٰ عليه السلام بہ يهودين ۾ ئي پيدا ٿيو ۽ يهودين کي صحيح رستو ڏيکارڻ ئي سندس مقصد هو حضرت عيسيٰ عليه السلام جي نظر ۾ يهودي گمراهہ تہ هئا، پر کين قتل ڪرڻ مناسب نہ هو. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي نالي ونڻ وارن عيسائين، يهودين کي دنيا جي تختيءَ تان نيست نابود ڪرڻ جي ذميواري کنئي ۽ يهودي علمن کي بي اثر ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا.

نالي وارو يهودي تاريخ نويس جوزيفس، هڪ بي مثال تاريخ دنيا جي لاءِ ڇڏي ويو اها تاريخ مسيحت جي شروعات کان پهريائين يونان ۽ رومي سلطنتن ۾ ڦهلجي مقبول ٿي وئي هئي. مصر ان وقت چئني طرفن کان ان بي رحم دشمن جي اڳيان لاچار ۽ بيوس هو ڇاڪاڻ تہ مصر ان وقت روم جو غلام هو ۽ مسيجت روم جو سرڪاري مذهب بڻجي چڪي هئي. ان بي وسيءَ ۾ بہ مصر جي تخت گاهہ اسڪندريہ ۾ علم جي لاٽ ٻري رهي هئي. علم جي اها جهيڻي روشني فقط هڪ عورت "هائي پشيا" جي ڪري ئي هئي. هائي پشيا پنهنجي وقت جي وڏي عالم هئي، سندس گهر جي ڏيڍيءَ تي اميرن ۽ پرچارڪن جو هجوم رهندو هو ۽ اسڪندريہ جا ننڍن عهدن کان وٺي وڏن عهدن وارا سڀئي عهديدار سندس شاگرديءَ جي هام هڻندا هئا. مسيحت ان ڏاهي عورت جو وجود بہ برداشت نہ ڪري سگهي.

هڪ ڏينهن "هائي پشيا" کي پادري ۽ ان جا چاڙتا بازار ۾ وڪوڙي ويا ۽ سندس ڪپڙا ڦاڙي ننگو ڪري گهليندا گرجاگهر ۾ وٺي ويا. جتي "پطرس" جي مقدس لٺ سان مسلسل وار ڪري، سندس متو ڦاڙي وڌائون، ان

Marfat.com

کان پوءِ لاش کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري گوشت ۽ هڏن کي ڌار ڪري هڏن کي ساڙي خاڪ ڪيو ويو. اهڙي لڱ ڪانداريندڙ واقعي کان پوءِ اسڪندريہ ۾ يوناني ڏاهپ جو نالو ئي ختم ٿي ويو.

## تفتيش ۽ احتساب مجلسون:

پوري مسيحي دنيا تي جهالت ۽ ڏاڍ جو انڌ چانيل هو ته اسپين ۽ سسليءَ تي عرب تمدن جو سورج چمڪيو ۽ يورپ ۾ به ڪٿي ڪٿي ان جو اجالو ٿيڻ لڳو. مسلمان عالمن جهڙوڪ: ابنِ سينا, ابنِ رشد, فارابي وغيره جا ڪتاب لاطيني زبان ۾ ترجمو ٿيا ۽ بيشمار ذهن انهن کان متاثر ٿيڻ لڳا. مسيحت ان علمي عقلي سجاڳيءَ کي ڪٿي پئي برداشت ڪري سگهي؟ هو علم ۽ عالمن کي مٽائڻ خاطر فوراً سندرو ٻڌي ويهي رهيا. مختصر طور تي ائين سمجهو ته يورپ 1478ع ۾ احتساب عدالت ۽ تفتيشي مجلس قائم ڪئي. انهن مجلسن ۽ عدالتن جو ڪم جلادن کان به وڌيڪ بي رحم ۽ سفاڪانہ هو. جنهن به ماڻهوءَ تي ڪين شڪ ٿيندو هو ته فلاڻو ماڻهو علم ۽ ڏاهپ رکي ٿو ته ترت کيس گرفتار ڪيو ويندو هو ۽ ڏنڊ کان وٺي عمر قيد, قتل ۽ زنده ساڙڻ تائين کيس سزائون ڏنيون وينديون هيون. ان ڪاتي جي پڪڙ وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ پوپ اهو فرمان جاري ڪيو ته هر عيسائي پنهنجي حلقي/ پاڙي/ جماعت جي پادريءَ جي سامهون هر روز پنهنجن گناهن, ٻرن خيالن ۽ مذهب جي خلاف معلومات جو اعتراف ڪري ۽ جيڪو اعتراف ۾ پوري سچائيءَ کان ڪم نہ وٺندو اهو عيسيٰ عليه السلام جي برڪتن کان مڪمل طور تي محروم ۽ هميشه جهنم جو مستحق بڻجي ويندو. ان حڪم جو نتيجو اهو نڪتو جو زال مڙس جي, مڙس زال جو پٽ پيءُ جو, پيءُ پٽ جو ۽ ڀاءُ ڀاءُ جو مخالف ۽ جاسوس بڻجي ويو.

محڪمہ احتساب جي ڏاڍ ۽ ظلم جو اندازو ان مان ئي ڪري سگهجي ٿو ته 1841ع کان وٺي 1808ع تائين انهن ٽي لک چاليهہ هزار ماڻهن کي مختلف سزائون ڏنيون. انهن بدنصيبن ۾ ٻٽيهہ هزار ماڻهو اهي بہ هئا جن کي جيئري ئي باهہ ۾ ساڙيو ويو هو. اسپين جي ان احتساب ڪاتي پنهنجي پهرين سالگره انهيءَ ڪارنامي سان ملهائي تہ ٻارنهن مهينن ۾ ٻہ هزار ماڻهن

Marfat.com

کي جيئري ساڙيو ويو ۽ ستر هزارن کي ڳري ڏنڊ ۽ عمر قيد جون سزائون ڏنيون ويون.

پادري "تارڪوئي ميڊا"، "ليسنتيل" ۽ "ليان" جو محتسب اعليٰ هو ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي دين، امن ۽ محبت جو داعي هو. حضرت عيسيٰ عليه السلام جو هيءُ پوئلڳ امن ۽ محبت جو اهڙو تہ شيدائي هو جو ان نہ رڳو زنده ماڻهن کي سزائون ڏنيون، جو سندس خيال موجب ڪافر ۽ ملحد هئا، پر گذاري و يل لادين بہ ان جي ايمان جي گرميءَ کان بچي نہ سگهيا. اهو شخص ابنِ رشد جو خاص دشمن هو ۽ هر انهيءَ خيال کي، جنهن کي هو ڪفر سمجهندو هو ابنِ رشد سان منسوب ڪري ڇڏيندو هو. رڳو اهو هڪڙو نہ، پر پوري ڪليسا، ابن رشد کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۽ گاريون ڏيڻ کي پنهنجي دين جي وڏي خدمت سمجهندي هئي. بار بار دين تي ڪائونسلون منعقد ٿينديون هيون ۽ ابنِ رشد جي ڪتابن جي ترجمن پڙهڻ کي بدترين ڪفر قرار ڏينديون هيون.

عيسائين جي چڱن مڙسن جا لڱ ڪانڊاريندڙ ظلم جاري رهيا، پر اهي علم جي روشنيءَ کي اجهائي نہ سگهيا. اها وڌندي ئي رهي، اهو ڏسي پوپ سوچيو تہ، ڪفر ان ڪري وڌي رهيو آهي، جو ڪتاب لکجن ٿا ۽ شايع ٿين ٿا، انهيءَ ڪري 1515ع ۾ حڪم ڏنائين تہ، ڪليسا جي منظوريءَ کان سواءِ ڪوبہ ڪتاب نہ ڇاپيو ويندو ۽ نہ ئي شايع ڪيو ويندو. جيڪڏهن ڪوبہ اهڙو ڪتاب ڇاپيندو، ڪپائيندو ۽ پڙهندو تہ ان جي سزا موت هوندي ان حڪم تي يورپ ۾ سختيءَ سان عمل ڪيو ويو.

سترهين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ مقورنس جي هڪ ڏاهي گليلو عربن جي علمن مان مستفيض ٿي دوربين ايجاد ڪئي ۽ زمين جي گول هجڻ جو اعلان ڪيو. ڪليسا اهو اعلان ڪيئن ٿي برداشت ڪري سگهي، گليلو کي گرفتار ڪيو ويو ۽ کيس خوفناڪ سزائن جي ڌمڪي ڏني وئي. گليلو ويچارو ڊڄي ويو ۽ کيس بچيل ٿورڙي زندگي علم جي مقابلي ۾ وڌيڪ پياري لڳي، سو سيني ڳالهين کان توبهہ ڪري، ڪنڌ وني ويهڻ ۾ ئي ڀلائي سمجهيائين، پر علم ۽ ڏاهپ جي اها تقاضا نہ هئي، سندس ضمير ماٺ ڪري ويهڻ نہ ڏنس، آخرڪار رهي نہ سگهيو ۽ سورنهن سالن جي

Marfat.com

خاموشيءَ کان پوءِ پنهنجو ڪتاب "مظالمِ عالم" شايع ڪرايائين. جنهن ۾ زمين جو گول هجڻ ثابت ڪيو ويو. ان ڪافرانہ گستاخيءَ تي مغرور ڪليسا ڏمرجي پئي. گليلوءَ کي ڪاٺ ۾ وڌائون. بار بار ڪانئس مطالبو ڪندا رهيا تہ گوڏن ڀر ويهي ڪفر ۽ الحاد جو اقرار ڪري، توبهہ جو اعلان ڪر، پر هن دفعي علم جو نشو اهڙو نہ هو جو سزا جي خوف جي ڪري لهي وڃي. پنهنجي وقت جو هي وڏو ڏاهو پنهنجي ڳالهہ تي اٽل بيٺو رهيو ۽ قيد جون پيڙاڪ تڪليفون سهندي سهندي فوت ٿي ويو.

اٽليءَ جي ڏاهي (فلڪيات جي ماهر) برونو کي انهيءَ ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويو تہ هو گهڻن جهانن جو قائل هو. احتساب جي عدالت فيصلو ڏنو تہ هن ماڻهوءَ کي انتهائي نرميءَ سان سزا ڏني وڃي ۽ خيال رکيو وڃي تہ ان جي رت جو هڪ ڦڙو بہ زمين تي نہ ڪري. ان رحمدلي ۽ خاص رعايت جو مقصد ڪهڙو هو؟ گهڻي سوچ جي باوجود بہ انهيءَ پاسي خيال نہ ويندو چو تہ انهيءَ رعايت جو مطلب هو تہ ان بي گناهہ عالم ۽ ڏاهي کي جيئري ئي ٻرندڙ باهہ ۾ وڌو وڃي.

پروٽسٽنٽ فرقو بہ علم دشمن هو هڪ طرف ڪليسا جي انتهائي تنگ نظري، رجعت پسندي، علم دشمني، ظلم ۽ ڏاڍ جاري هو ۽ ٻئي طرف روح کي ڇهندڙ علم ۽ فن جي روشني يورپ ۾ هر طرف ڦهلجي رهي هئي. علم ۽ جهالت جي ان ٽڪراءَ "مارٽن لوٿر" کي پيدا ڪيو. جيڪو پوپ جي خلاف پروٽسٽنٽ تحريڪ جو اڳواڻ هو ۽ مسلمانن جي ديني خيالن کان متاثر ٿيو هو. ان اهي نامناسب اصول مڃڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو تہ آسماني صحيفا سمجهڻ ۽ انهن جي معنيٰ ٻڌائڻ جو حق صرف پوپ کي آهي ۽ ٻيو تہ پوپ معصوم آهي، ان جي هر ڳالهہ اطاعت جي واجب آهي.

مسلمانن وانگر پروٽسٽنٽ بہ چيو پئي تہ الله جو ڪتاب سڀني انسانن جي رهنمائيءَ لاءِ آيو آهي ۽ هر گهٽ علم واري کي بہ الله جو ڪتاب پڙهڻ، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو پورو حق حاصل آهي. پروٽسٽنٽ اڳواڻ بہ تہ پادري ئي هيو جيڪو مسلمانن جي صرف مذهبي آزاديءَ کان متاثر ٿيو هيو پر علم دشمنيءَ ۾ پوپ ۽ ان جي مڃڻ وارن کان پوئتي نہ هو خود ان فرقي جو باني مارٽن لوٿر، ارسطوءَ جي باري ۾ جيڪو ڪجهہ چيو آهي. ان مان ئي اندازو ڪري سگهجي ٿو هو لکي ٿو تہ:

Marfat.com

"ان ۾ ذرو بہ شڪ نہ آهي تہ ارسطو وڏو شيطان آهي، ڪوڙا الزام لڳائڻ ۾ پنهنجو جواب نٿو رکي، بيهوده ۽ اجاين ڳالهين جو باني آهي، خبيثن جو اڳواڻ آهي، فلسفي جو هڪ حرف بہ نٿو ڄاڻي، هو ڪوڙو آ، فريبي آ، دغاباز آ، جنڙو آ، ڀڪرو آ، نفس پرست ۽ عياش آ".

علم دشمن هجڻ جي باوجود بہ ان فرقي جي ظاهر ٿيڻ تي ڪليسا اٿي کڙي ٿي. پوپ ۽ پروٽسٽنٽ وچ ۾ خوفناڪ لڙائيون لڳيون، پروٽسٽنٽ هجڻ جي ڏوهہ ۾ جن بيشمار ماڻهن کي موت جي ننڊ سمهاريو ويو انهن ۾ انگلستان جي آرچ بشپ "ڪرين مر" ۽ ان جي ٻن ساٿين جو واقعو قابل ذڪر آهي.

"ڪرين مر" کي 1555ع ۾ ٻن وڏن پادرين "لٽمير" ۽ "ريڊ لي" سان گڏ ڪفر جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو. "ڪرين مر" پهرين مرحلي ۾ ڪمزور ثابت ٿيو توبهہ ڪري جان بچايائين. پر ڪيس ضمير اندر ئي اندر ۾ ڇهنڊڙيون هڻندو رهيو آخرڪار توبهہ ٽوڙڻ جو اعلان ڪيائين ۽ چيائين تہ آءُ پروٽسٽنٽ آهيان ۽ پروٽسٽنٽ تي مرندس! ڪيس ٻيهر گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس جيئري ئي باهہ ۾ وجهڻ جي سزا تجويز ڪئي وئي. جڏهن ڪيس باهہ ۾ ساڙيو ٿي ويو تہ هن سڀ کان پهريان پنهنجو سڄو هٿ باهہ ۾ وجهندي، اهو چيو تہ هيءُ ئي اهو گنهگار هٿ آهي، جنهن سان مون غلط ۽ بزدلانہ توبهہ نامو لکيو هو. انهيءَ موقعي تي "ڪرين مر" سان گڏ "لٽمير" جيڪي لفظ پنهنجي ٻئي ساٿيءَ "ريڊلي" کي چيا، اهي فڪر جي آزاديءَ جي تاريخ ۾ هميشہ سونهري لفظن ۾ لکيا ويندا. ان چيو تہ:

> "ريڊ لي هي ڪم اسان کي مردانگيءَ سان ڪرڻ گهرجي، اڄ اسان خدا جي فضل سان انگلستان ۾ اها جوت جلائي رهيا آهيون، جيڪا هميشہ جلندي رهندي ۽ ڪڏهن بہ نہ وسامندي".

اخلاقي زوال جو اهو حال هو جو راهبن جون خانقاهون زهد ۽ تقوي جي ابتڙ ڏاڍ ۽ ظلم جو مرڪز بڻجي ويون. اميرن کي ڪليسا اجازت ڏئي ڇڏي تہ اوهان پوپ جو خزانو ڀريندا رهو پوءِ جيڪو بہ اوهان جي دل چاهي ڪندا رهو. ان وقت جي انگلستان جي حالت هڪ ليکڪ جي زباني هن طرح هئي تہ:

"ان قوم جا امير بداخلاق ۽ عياش هئا، ڪڏهن بہ گرجا ۾ نہ ويندا هئا،

Marfat.com

منگهٽن، جونئن ۽ جيتن سان پرل جسماني ۽ اخلاقي گندگيءَ جا ڍير. ان گندگيءَ جو نتيجو اهو هو جو هر پاسي موت جي بازار گرم هئي“.

1030ع جي ڏڪار ۾ انسانن جو گوشت وڪرو ڪري پچائي کاڌو ويو. 1285ع جي ڏڪار ۾ لنڊن جا پندرنهن هزار رهواسي بک ۾ مري ويا. 1348ع جي وبا ۾فرانس جو ٽيون حصو آبادي موت جي ور چڙهي وئي. ڪليسا جي علم دشمنيءَ يورپ کي جنهن دوزخ جي تري ۾ ڌڪي ڇڏيو هو اها انهيءَ جي ڏنڌلي تصوير آهي، پر ڪليسا جي اها علم دشمني انهيءَ زماني تائين ناهي رهي، جنهن کي يورپ جو اونداهو دور چيو ويندو آهي. جنهن ۾ پوپ کي دنيوي اقتدار ۽ اختيار حاصل هو پر علم جي روشني ڦهلجڻ ۽ پوپ جا اختيار ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪليسا جو علم جي پاڙ پٽڻ لاءِ سندرو ٻڌل رهيو. ان ڏِس ۾ 8 سيپٽمبر 1864ع ۾ پوپ جي طرفان هڪ ”مڪتوبِ عمومي“ شايع ڪيو ويو جنهن ۾ لکيو ويو تہ هيءَ عقيدو نهايت ئي خطرناڪ آهي، بلڪ چريائپ وارو آهي تہ ضمير ۽ عبادت جي آزاديءَ جو حق هر شخص کي حاصل آهي ۽ اهو تہ هر سڌريل سلطنت ۾ ان فرضي حق جو اعلان ۽ حفاظت جو ذميوار قانون هجڻ گهرجي.

❊❊❊

Marfat.com

# مسلمانن جي زوال جا اسباب

کيڊٽ الطاف حسين/ ڪلاس نائون

پاڻ سڳورن ﷺ جن پنهنجي زندگيءَ جا 63 سال مسلمانن جي ايڪي ۽ ڀڏيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ اسلامي معاشري کي هڪ فلاحي ۽ اصلاحي معاشرو ناهي ڏيکاريو. مدينه منوره کي مسلمانن جي هڪ ڪامل رياست بڻائي ڇڏيائون. جتي مسلمان ڀڏي ۽ ايڪي سان رهڻ لڳا. پاڻ ۾ پيائرن جيان. پر دشمنن لاءِ تلوار جيان هوندا هئا. هن رياست جي باهمت اتحادي ۽ باايمان تورن مسلمانن قيصر ۽ ڪسريٰ جي سلطنتن کي لوڏي ڇڏيو. روم ۽ ايران ان وقت سپر پاورز جي حيثيت رکندا هئا پر مسلمانن جي اتحاد جي اڳيان پير ڪوڙي نه سگهيا. اهو وقت آيو جو اسلام جو جهنڊو اسپين تائين ڦڙڪڻ لڳو ۽ مسلمان اجان به ڦهلبا ويا.

اسلام کان اڳ يمن جي بادشاهه جڏهن مڪي تي چڙهائي ڪئي ته ڪو به سندس مقابلي لاءِ تيار ڪو نه هو پر اسلام جي اچڻ سان يمن جي رياست مسلمانن اڳيان پاڻ گوڏا ڪوڙي ويهي رهي. جنگ احد هجي يا جنگ خندق مسلمانن جو تعداد تورو ۽ هٿيارن جي انتهائي قلت. هن زماني ۾ ته مقابلي جو تصور به نه تو ڪري سگهجي. پر مسلمانن جي همت، مردانگي، اتحاد، نظم و ضبط اهو سڀ ڪجهه ممڪن ڪري ڏيکاريو. اهو ئي سبب آهي جو مسلمانن ڪافرن تي شينهن جيان ڪڙڪي فتح حاصل ڪئي. پاڻ سڳورن هر وقت مسلمانن کي اڳرائي ڪرڻ کان منع ڪئي. اسلام جو مقصد امن ۽ سلامتي آهي نه کي اڳرائي ڪري ڪاهه ڪرڻ. ان ڳالهه کي سنڌ جي صوفي شاعر شاهه عبداللطيف ؒ به بيان ڪيو آهي ته:

هو چوندئي، تون م چئه، واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين کي.

Marfat.com

مطلب تہ مسلمانن جي ابتدائي تاريخ ۾ سندن نظم و ضبط، اتحاد، ايمان، وغيره نمايان نظر اچي ٿو. پاڻ سڳورن ﷺ جن جي وفات کان پوءِ اسلامي معاشري ۾ ترٽلو پئجي ويو. ڪيترائي اصحابي ۽ بيا مسلمان هوش و حواس گم ڪري ويٺا. ڪيترائي نوان قبيلا اسلام کان ڦري ويا، نازڪ وقت ۾ خلفاءِ راشدين مسلمانن کي وري ڪٺو ڪيو ۽ کين سمجهايو ۽ وري هڪ دفعو بيهر اسلامي معاشرو ٺهي ويو.

پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪڏهن بہ مسلمانن ۾ فرق نہ ڪيو پوءِ اهو امير هجي يا غريب، آزاد هجي يا غلام، سڀني کي هڪ نظر سان ڏسندا هئا. هڪ دفعي مخزوم قبيلي جي هڪ عورت نالي فاطمہ چوريءَ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪئي وئي، پاڻ سڳورن ﷺ سندس هٿ ڪٽڻ جو فيصلو ڏنو. ماڻهن حضرت اسامہ رضي الله تعاليٰ عنہ کي سفارش لاءِ موڪليو. سفارش ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪاوڙ کي ضابطي ۾ رکندي چيائون تہ "خدا جو قسم! جيڪڏهن محمد (ﷺ) جي نياڻي فاطمہ رضي الله تعاليٰ عنها بہ چوري ڪري ها تہ ان جو بہ هٿ ڪپيو وڃي ها!"

ان مان اسلامي معاشري ۾ مسلمانن جي هڪجهڙائي نمايان نظر اچي ٿي.

جيڪڏهن هڪ ٻئي خلاف ڪينو ساڙ ڪدورت بغض، غرور ۽ تڪبر نہ هوندو. هر ڪنهن کي هڪ ٻئي جي حقن جو احترام هوندو هرڪو امن ۽ سلامتي چاهيندو تہ پوءِ ان معاشري ۾ فتنو ۽ نفاق ڪڏهن بہ پنهنجيون زهريليون پاڙون نہ کوڙي سگهندو.

مطلب تہ پاڻ سڳورنؐ جو قائم ڪيل معاشرو تهذيب يافتہ ۽ متمدن هو. خلفاءِ راشدين جي دور خلافت کي اسين مسلمانن جي عروج وارو دور چئي سگهون ٿا. ڇاڪاڻ تہ هن دور ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي قائم ڪيل سماجي ۽ معاشرتي قانونن کي برقرار رکيو ويو. اڄ جا جديد مهذب نظريا بہ اها ڳالهہ دل و جان سان قبول ڪن ٿا. ڇاڪاڻ تہ ان وقت اسلامي معاشرو هڪ ڪامل معاشرو هو ۽ اهو ئي سبب آهي جو مسلمان هر ميدان ۾ اڳيرا هئا. جيئن سائنس، حڪومتي سرشتو ۽ فوج وغيره.

مسلمانن ۾ هڪ ٻئي تي ڪنهن کي بہ ڪا بہ فوقيت نہ آهي پوءِ ڪٺي اها سماجي دعوت هجي يا مذهبي. نماز ۾ شاهہ ۽ گدا، حاڪم ۽ محڪوم، آقا ۽ غلام سڀ هڪ قطار ۾ بيهي سگهن ٿا، يعني اخوت، مساوات ۽ برابري

Marfat.com

جو نمايان عملي نمونو مسلمانن ۾ آهي. پاڻ سڳورا ﷺ جن اگر نوڪر کي پٽ بڻائي سگهن ٿا، حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جيڪڏهن غلام کي آقا چئي سگهي ٿو ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه هيٺي کي پاڻ کان ڏاڍو چئي سگهن ٿا ته پوءِ ٻين مسلمانن کي ڪهڙي همت هئي جو غلام تي ظلم ڪن؟ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه خلافت جون واڳون سنڀاليندي اهو چيو ته "توهان مان جيڪو ماڻهو هيٺو آهي سو منهنجي اڳيان ڏاڍو آهي. جيستائين مان ڪيس حق وٺي نه ڏيان ۽ توهان مان جيڪو ڏاڍو آهي سو منهنجي اڳيان هيٺو آهي. جيستائين حقدار کي سندس حق هن کان وٺي نه ڏيان."

عورت کي جيڏو اسلام حق ۽ حصو وٺي ڏنو ايڏو ڪيس اڳ ڪنهن به معاشري ۾ حاصل نه هو. اڳ سندس حيثيت هڪ جانور واري هئي.

مطلب ته مسلمانن ۾ عدل ۽ انصاف، امن و امان، جذبءِ خير، ڀائپي ۽ برادري، جذبہ جهاد، وغيره جهڙا اعليٰ گڻ موجود هئا. پر خلفاءِ راشدين (حضرت عمر بن عبدالعزيز ﷺ بني اميہ جو دور خلافت به خلافت راشده ۾ ڳڻيو ويندو آهي) ان کان پوءِ جيڪي خليفا آيا انهن مان اڪثر عيش و عشرت پسند هئا. نازڪ وقت ۾ هر ڪو ڇڙو ڇڙ ٿي ويو. مسلمانن جوا تحاد ٽٽي ويو ۽ فوجي طاقت به پرزا پرزا ٿي وئي. مطلب ته مسلمانن جو جڻ زوال ظاهر ٿيڻ لڳو. ڌاڙا، قتل و غارت، جلوس و جلسا، بدامني، بدانتظامي، تڪبر، هوڏ، غرور، داداگيري، فتنو نعريبازي، فساد وغيره مسلمانن جو مقدر بڻجي ويا. مسمانن جي فوجي طاقت ڪمزور ٿيڻ لڳي. اسلام دشمنن کي وارو ملي ويو جن مسلمانن جي رهيل اتحاد ۽ تنظيم کي سُري جيان ڪائي کوکلو ڪري ڇڏيو ۽ اڄان ڪري رهيو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو غير مسلم قومون مسلمانن جي ڪيترن ئي ملڪن تي ناجائز قبضو ڄمايون ويٺيون آهن. ڪشمير، بوسنيا، فلسطين ۽ چيچنيا وغيره جتي مسلمانن تي ظلم و جبر ۽ قتل و غارت جا ٻهاڙ ڪيرايا ٿا وڃن، پر عالم اسلام جا مسلمان چپ ڪيو ويٺا تماشو ڏسن ٿا. اگر مسلمان پاڻ ۾ وري اتحاد ڪن ته دنيا ۾ ڪو ملڪ ڇا پر ڪا طاقت ئي پيدا ڪو نه ٿي آهي جو الله اڪبر جو نعرو هڻندڙن سان مقابلو ڪري سگهي. پر مسلمان پنهنجو پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن. ڪيترا مسلمان خود پاڻ گمراهہ ٿي

Marfat.com

ويا آهن. وڏين وڏين عمارتن ۾ عيش و عشرت جي زندگي گذارڻ، عورت کي بي دردي ءَ سان جانور جيان مارڻ يا استعمال ڪرڻ، غلامن تي ظلم ڪرڻ، نماز نہ پڙهڻ، زڪوات ۽ عشر ادا نہ ڪرڻ، پاڙيسرين جا حق ادا نہ ڪرڻ، رنگ و نسل جو ويڇو رکڻ، سود خوري، جوا، نشو اڄ جي مسلمان جو شيوو بڻجي چڪو آهي.

جتي برابري ۽ امن نہ هوندو اتي هڪ سني معاشري جي تشڪيل ڪيئن ٿي، ٿي سگهي؟ انهن معاشرتي براين جو سڀ کان اهم سبب اهو آهي تہ اڄ جو مسلمان ديني تعليم کان وانجهيل ۽ بي خبر آهي. جڏهن تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ:

تفقهوا في الدين

ترجمو: دين جي ڄاڻ حاصل ڪريو.

اسان مسلمان هڪ اهڙي نبي جي امت آهيون جيڪو الله تعاليٰ جو آخري ۽ جامع تعليم ڏيندڙ نبي هو پاڻ سڳورن زندگيءَ جي هر موڙ ۽ هر نڪتي لاءِ تعليم ڏني آهي.

مسلمانن ۾ وري اتحاد قائم ڪرڻ، اسلامي معاشرو قائم ڪرڻ ۽ وري مسلمانن کي عروج جي بلندين تي پهچائڻ تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن اسين الله ۽ رسول اڪرم ﷺ جن جي تعليم جي پيروي ڪنداسين. جڏهن اسين قرآن مجيد ۽ حديث تي عمل ڪرڻ لڳنداسين. ڇو تہ ان ۾ اسان جو ئي ڀلو آهي. هتي بہ زندگي نهي ٿي ۽ آخرت ۾ بہ ڇوٽڪارو ملي ٿو الله تعاليٰ واضح فرمايو آهي تہ: ”جنهن منهنجي ذڪر (قرآن) کان منهن ڦيريو تہ بيشڪ ان لاءِ تنگ زندگي آهي.“

يقيناً قرآن ۽ حديث جي تعليم تي عمل ڪري اسان پاڻ مان ۽ پنهنجي معاشري مان تمام برايون ختم ڪري سگهون ٿا ۽ امت مسلم سڪون ۽ آرام سان زندگي بسر ڪري سگهي ٿي، نہ صرف اهو پر اسين پنهنجي شخصيت سازي بہ ڪري سگهون ٿا. پاڻ سڳورن ﷺ جي حڪومتي سرشتي تي هلي اسين ملڪي ترقي بہ حاصل ڪري سگهون ٿا.

***

Marfat.com

# اسلامي رياست جي نوعيت

عشرت علي ميراڻي/ ليڪچرر مطالعہ پاڪستان

هڪ شخص، هڪ نظر ۾ انهن خصوصيتن کي ڏسي سمجهي سگهي ٿو تہ هي مغربي طرز جي لاديني جمهوريت Secular Democracy نہ آهي. اهو ان ڪري تہ فلسفي جي نقطءِ نظر سان جمهوريت تہ نالو ئي انهيءَ طرز حڪومت جو آهي، جنهن ۾ ملڪ جي عام ماڻهن کي حاڪميتِ اعليٰ ميسر هجي. انهن جي راءِ سان قانون ٺهن ۽ انهن جي ئي راءِ سان قانونن ۾ ڦيرقار ٿئي. جنهن قانون کي چاهين تہ نافذ ٿئي، جي نہ تہ آئيني ڪتاب مان ئي خارج ڪري ڇڏين. پر هي اسلام ۾ نہ آهي. هتي سڀ کان مٿانهون قانون خود خدا پنهنجي رسول جي ذريعي ڏنو آهي، جنهن جي اطاعت رياست ۽ قوم کي ڪرڻي پوندي آهي. انهيءَ ڪري ان معنيٰ ۾ ان کي جمهوريت نہ ٿو چئي سگهجي. انهيءَ جي لاءِ منهنجي خيال ۾ سڀ کان بهتر نالو Theocracy آهي. مگر يورپ جنهن ٿيو ڪريسي کان واقف آهي، اسلامي Theocracy ان کان بلڪل مختلف آهي. يوربي ٿيوڪريسي ۾ هڪ مخصوص طبقو Priest class خدا جي نالي سان خود پنهنجا قوانين نافذ ڪندو آهي ۽ عملاً پنهنجي وڏائپ ماڻهن مٿان مسلط ڪندو آهي، عجيب قسم جي حڪومت کي "الاهي حڪومت" تہ نہ ٿو چئجي سگهجي. بلڪ هن کي شيطاني حڪومت چوڻ موزون ٿيندو. ان جي برخلاف اسلام جنهن ٿيو ڪريسي کي پيش ڪري ٿو اها ڪنهن مخصوص مذهبي طبقي جي هٿ ۾ نہ هوندي آهي. پر ان جي برعڪس عام مسلمانن جي هٿ ۾ هوندي آهي ۽ اهي مسلمان ان کي خدا جي ڪتاب ۽ ان جي رسول ﷺ جي سنت مطابق هلائيندا آهن. جيڪڏهن مون کي هڪ نئين اصطلاح جي وضاحت ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي تہ ان طرز حڪومت کي Theo Democracy يعني "الاهي جمهوري حڪومت" جي نالي

Marfat.com

سان منسوب ڪندس. چو تہ ان ۾ خدا جي اقتدار اعليٰ جي تحت مسلمانن کي هڪ محدود عام حاڪميت Limited popular sovereignty عطا ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ انتظاميہ Executive ۽ قانون سازي مسلمانن جي راءِ سان ٿي نهندي مسلمانن کي ٿي ان کي معزول ڪرڻ جا اختيار هوندا. سڀ انتظامي معاملا ۽ اهي سڀ مسئلا جنهن جي متعلق خدا جي ڏنل حڪمن منجهان ڪو حڪم موجود نہ آهي، مسلمانن جي گڏيل راءِ سان حل ڪيا ويندا ۽ جت خدائي قانون تعبير طلب هوندا، ڪو بہ مخصوص طبقو يا نسل نہ بلڪ عام مسلمانن مان هر اهو شخص ان جي تعبير جو مستحق هوندو جيڪو اجتهاد جي قابليت رکندو هوندو. ان لحاظ کان، اها جمهوريت Democracy آهي. پر متي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ جتي خدا ۽ ان جي رسول جو حڪم موجود آهي، اتي مسلمانن جي ڪنهن امير (اڳواڻ) ڪنهن قانون ساز کي يا ڪنهن مجتهد يا عالم دين، بلڪ پوري دنيا جي مسلمانن کي بہ ان حڪم ۾ تورڙي ڦيرقار ڪرڻ جو حق حاصل نہ آهي. انهيءَ لحاظ کان اها Theocracy ٿيو ڪريسي آهي.

اڳتي وڌڻ کان اڳ ان ڳالهہ جي وضاحت ڪرڻ گهرندس تہ اسلام ۾ جمهوريت تي ايڏيون حدبنديون ڇو عائد ڪيون ويون ۽ انهن حدن جي نوعيت ڇا آهي. اعتراض ڪرڻ وارو اعتراض ڪري سگهي ٿو تہ اهڙيءَ طرح تہ خدا انساني عقل و شعور جي آزادي ختم ڪري ڇڏي، جڏهن تہ پهريائين تون اهو ثابت ڪري رهيو هئين تہ خدا جي آفاقيت انسان کي عقل و فڪر ۽ روح ۽ جسم جي آزادي عطا ڪري ٿي. انهيءَ جو جواب اهو ٿي آهي تہ قانون سازيءَ جا اختيار الله پنهنجي هٿ ۾ رکڻ جو جواز انسان جي فطري آزاديءَ کي ختم نہ بلڪ ان کي محفوظ ڪرڻ جي لاءِ ڪيو آهي. جنهن جو مقصد تہ انسان کي بي راهہ روي ۽ پنهنجي پيرن تي ڪهاڙي وهائڻ کان بچائڻ آهي. نالي ماتر مغربي جمهوريت جنهن جي لاءِ دعويٰ ڪئي ويندي آهي تہ ان ۾ عوامي حاڪميت هوندي آهي. تجزيو ڪجي تہ جن ماڻهن جي ميڙ سان رياست نهندي آهي، اهي نہ تہ قانون ناهيندا آهن نہ ئي وري نافذ ڪرڻ جو اختيار رکندا آهن. انهن کي پنهنجي حاڪميت چند ماڻهن جي حوالي ڪرڻي پوندي آهي تہ جيئن انهن بدران اهي قانون ناهن ۽ نافذ ڪرين. ان

Marfat.com

مقصد خاطر انتظامي نظام مقرر ڪيو ويندو آهي. جيئن تہ سماج اخلاق ۽ ديانتداريءَ جهڙين نعمتن کان محروم تي سگهن ٿا انڪري انهن تصورن کي ڪا اهميت نہ آهي، اهڙيءَ طرح انتخاب ۾ اهي ماڻهو ڪامياب ٿيندا آهن جيڪي پنهنجي دولت, علم ۽ حرفت ۽ ڪوڙن واعدن سان عوام کي بيوقوف بڻائي سگهندا آهن. پوءِ عوامي ووٽ جي ذريعي اهي عوام جا ئي حاڪم بڻجي ويندا آهن ۽ عوامي فائدي لاءِ نہ پر شخصي ۽ طبقاتي فائدن جي لاءِ قانون ناهيندا آهن ۽ انهن قانونن کي عوام تي نافذ ڪندا آهن. اهڙي قسم جي مصيبت آمريڪا ۽ انگلستان ۾ بہ آهي ۽ انهن سيني ملڪن ۾ بہ آهي جيڪي جمهوريت کي جنت جو باغ قرار ڏين ٿا. انهيءَ پهلو کي جيڪڏهن نظرانداز ڪري صحيح بہ مڃجي تہ بہ تجربي اهو ثابت ڪيو آهي تہ عام ماڻهو خود پنهنجي مفادن کي سمجهي نٿو سگهي. ڇو تہ اها انسان جي فطري ڪمزوري آهي تہ هو زندگيءَ جي اڪثر معاملن جي حقيقي پهلوئن کي ڏسندو آهي ۽ اڪثر کي نہ. ان جو فيصلو اڪثر ڪري هڪ طرفو ٿيندو آهي. ان تي جذبات ۽ خواهشات جو ايترو تہ سحر طاري هوندو آهي جو عقلي ۽ عملي راءِ گهٽ قائم ڪري سگهندو آهي, جيڪڏهن ڪنهن معاملي جي عقلي ۽ عملي حيثيت بہ نروار ٿئي, ان کي بہ پنهنجي جذبات ۽ خواهشات جي مقابلي ۾ رد ڪري ڇڏيندو آهي.

وڌيڪ ڊيگهہ کان بچندي صرف آمريڪا جي قانون منع شراب جو مثال پيش ڪندس. علم ۽ عقلي حيثيت سان اها ڳالهہ واضع ٿي چڪي آهي تہ شراب صحت جي لاءِ نقصان ڪار آهي. عقلي ۽ ذهني طاقت تي خراب اثر وجهي ٿو ۽ انساني تمدن ۾ فساد پيدا ڪري ٿو.

انهيءَ حيثيت کي تسليم ڪندي آمريڪي عوام ان ڳالهہ تي راضي ٿي ويو تہ منع شراب قانون پاس ڪيو وڃي. پر جڏهن اهو قانون نافذ ڪيو ويو تہ انهيءَ عوام جنهن جي ووٽن سان اهو قانون نافذ ڪيو ويو هو انهيءَ قانون جي خلاف بغاوت ڪئي. وڌ کان وڌ شراب غير قانوني طور ناهڻ ۽ اڳي کان وڌيڪ پيئڻ شروع ٿي ويو ۽ ڏوهن ۾ پڻ اڳي کان وڌيڪ اضافو ٿي ويو. آخرڪار اهو شراب جيڪو اڳ ۾ حرام قرار ڏنو ويو اهو حلال قرار ڏنو ويو. ان جو مقصد اهو نہ هو تہ شراب انهن لاءِ بهتر ثابت ٿي ويو بلڪ اهو هو تہ

Marfat.com

عوام پنهنجي جاهلاڻ خواهشن جا پوئلڳ ٿي چڪا هئا. انهن پنهنجي حاڪميت کي پنهنجي شيطاني نفس جي تابع ڪري ڇڏيو هو. انهن پنهنجين خواهشن کي هٿيار طور استعمال ڪيو ۽ انهيءَ قانون کي تبديل ڪرائڻ تي بضد هئا جنهن کي خود پاس ڪرائي چڪا هئا. انهيءَ مان واضح ٿي ويو ته انسان پنهنجي ٺاهيل قانون تي پاڻ قدرت نه ٿو رکي.

اهڙي طرح الله تعاليٰ پاران اهي پابنديون جن کي اسلام جي اصطلاح ۾ "حدود الله" Dinve limits چيو ويندو آهي. اهي حدون زندگيءَ جي هر شعبي تي ڪجهه اصول، ضابطن ۽ ڪجهه ڪل احڪام تي مشتمل آهن جيڪي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ توازن برقرار رکڻ لاءِ قائم ڪيا ويا آهن. انهن مان مراد اها آهي ته تنهنجي آزاديءَ جون هي حدون آهن، جن جي دائري ۾ رهندي پنهنجي رہڻ جا اصول مرتب ڪري سگهجن ٿا. پر انهن حدن کي اورانگهڻ جي اجازت نه آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڪوشش به ڪئي ته ان جي پنهنجي زندگيءَ جو نظام بي زار ٿي ويندو.

مثلاً انساني معاشي نظام کي وٺجي، ان ۾ الله تعاليٰ شخصي ملڪيت جي حق، زڪوات جي ادائيگي، وياج جهڙي لعنت، جوا تي پابندي، وراثت جو قانون ۽ دولت ڪمائڻ ۽ ان کي خرچ ڪرڻ ۽ بچائڻ تي حد بندين جا نشان لڳائي ڇڏيا آهن. جيڪڏهن انسان انهن نشانن تي برقرار رهي ته معاشري مان طبقاتي نظام واري جنگ جو مورڳو خاتمو اچي وڃي ۽ انسان جي شخصي آزادي به برقرار رهي ۽ سرمائيداري نظام جو پيدا ڪيل طبقاتي نظام به ختم ٿي وڃي.

اهڙي طرح خانداني زندگيءَ ۾ رائج پابندين تي جيڪڏهن انسان پوري طرح ڪاربند رهي ته انساني گهرو زندگي جنت مثل ٿي وڃي. اهڙي طرح انساني معاشرتي زندگيءَ جي حفاظت جي لاءِ الله تعاليٰ پاران مقرر ڪيل قانون، چوري جي سزا هٿ ڪٽڻ، شراب کي حرام قرار ڏيڻ ۽ اهڙا ٻيا مستقل قانون مقرر ڪري فساد کي پاڙئون پٽي ڇڏيو آهي. اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائڻ چاهيندس ته الله تعاليٰ اهڙي طريقي سان اهڙو ناقابل تبديل قانون ٺاهي انسان کي ڏنو آهي، جنهن سان انساني روحاني آزادي کي معطل يا ان جي عقل ۽ فڪر تي پابنديون نه پر ان کي هڪ سڌو ۽ مڪمل رستو

Marfat.com

مقرر ڪري ڏنو آهي تہ جيئن هو پنهنجي ڪمزورين ۽ جهالت سبب راهہ تان رلي نہ وڃي ۽ ان جون فطري صلاحيتون غلط ڪمن ۾ ضايع نہ ٿي وڃن.

بس اهو ئي مقصد انهن حدن جو آهي جيڪي خدا پنهنجي دستور ۾ مقرر ڪيون آهن. اهي حدون انساني زندگيءَ جو صحيح رخ مقرر ڪنديون آهن. خدا پاران مقرر ڪيل اهي حدون ناقابل تبديل آهن. جيڪي قيامت تائين اٽل آهن. جيستائين قرآن ۽ سنت رسول دنيا ۾ باقي آهن الاهي قانون جي هڪ ڪڙي کي بہ پنهنجي جاءِ تان هٽائي نہ ٿو سگهجي. (ترجمو)

***

Marfat.com

# اسلام ڏارين جي نظر ۾

ڪيڊٽ مهراڻ خان شيخ/ ڪلاس يارهون

آمريڪا جي مشهور ۽ معروف عالم ڊريپر جو قول آهي: "دنيا جي مذاهب جي تواريخ جي ورق گرداني ڪبي ته معلوم ٿيندو ته پيو ڪو به مذهب ٿوري ئي عرصي ۾ ايتري تيزيءَ سان نه ڦهليو جيتري قدر مذهب اسلام."

**سر وليم ميور لکي ٿو ته:**

"مذهب اسلام جي خاص خوبي آهي خدا جي مرضي ۾ ڪامل ڀروسو رکي سر نمائي توڪل جو ترهو ٻڌڻ. هن مذهب ۾ اها به هدايت ڪيل آهي ته سڀ مسلمان هڪ ٻئي سان برادرانه محبت رکن. يتيمن سان نيڪ سلوڪ ڪن. غلامن سان نهايت شفقت سان پيش اچن. نشي آور شين کان پرهيز ڪن. مذهب اسلام جا پيروڪار ان ڳالهه تي به فخر ڪري سگهن ٿا ته سندن مذهب ۾ پرهيزگاريءَ جو اهڙو نظام موجود آهي جو ٻئي ڪنهن به مذهب ۾ موجود ڪو نه آهي."

**"چيمبرز انسائيڪلو پيڊيا" ۾ هي الفاظ موجود آهن ته:**

"مذهب اسلام ۾ ناانصافي، ڪوڙ، غرور، انتقام، گلا، اجائي طمع، اسراف، عياشي ۽ بدگماني نهايت ئي ملامت جوڳا عمل ليکيا وڃن ٿا. نيڪ نيتي، فياضي، حيا، صبر، تحمل، بردباري، ڪفايت شعاري، سچائي، راست بازي، ادب صلح، سچي محبت ۽ سڀ کان وڏيڪ خدا تي ايمان آڻڻ ۽ سندس مرضيءَ مطابق هلڻ هڪ سچي مسلمان جون نشانيون ليکيون وڃن ٿيون."

**فرانس جو عالم گستاولي بان هن طرح لکي ٿو ته:**

" فتوحات عرب تي نظر ڏري سندن ڪاميابيءَ جي اسباب ۾

Marfat.com

گهرو ويجبو تہ معلوم ٿيندو تہ هن مذهب جي اشاعت ۾ تلوار کان بلڪل ڪم نہ ورتو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ مسلمان هميشہ مفتوح اقوام کي پنهنجي مذهب جي پابنديءَ ۾ آزاد ڇڏي ڏيندا هئا. جيڪڏهن مفتوحن فاتحن جو مذهب اختيار ڪيو تہ محض سندن منصف مزاجيءَ جي ڪري"

**ميشور بان پنهنجي ڪتاب "سفر مشرق" ۾ بيان ڪري ٿو تہ:**

"مذهبي رواداريءَ جو سبق عيسائي، مسلمانن کان سکيا. اهو بہ ثواب جو ڪم آهي تہ هڪ انسان ٻين جي مذاهب کي بہ عزت جي نگاهہ سان ڏسي."

**ڊاڪٽر سموئيل جانسن پڻ راءِ ڏئي ٿو تہ:**

"قرآن جي حڪمت ايتري تہ همہ گير آهي ۽ هر زماني لاءِ ايتري تہ موزون آهي جو زماني جون تقاضائون ڪيس بي اختيار قبول ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿيون. ان ڪري ئي اسلام جي گونج محلن، ريگستانن، شهرن ۽ سلطنتن ۾ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي."

***

Marfat.com

# منافقت

ڪيڊٽ ياسين سانگي/ڪلاس يارهون ميڊيڪل

لفظ منافقت جي لغوي معني آهي باطن جو ظاهر جي خلاف هجڻ، ظاهر ۾ دوستي ۽ اندر ۾ دشمني يا رياڪاري. منافقت ڪرڻ واري شخص کي منافق چئبو آهي. لسانيات مطابق منافق جي وصف هيئن بيان ٿي آهي: "اهو شخص جيڪو نفاق رکي، باطن ۾ دشمن ۽ ظاهر ۾ دوست"، جڏهن ته شرعي اصطلاح ۾ منافق اهو شخص آهي "جبڪو بظاهر ته مسلمان هجي پر باطن ۾ ڪافر هجي."

وسيع مفهوم ۾ منافق اهو شخص آهي جيڪو ڏسڻ ۾ نه ته اڇي " يعني ٻٽي (Policy) پاليسي رکندڙ شخص. اسان ان شخص کي به منافق چئي سگهون ٿا، جنهن جي قول ۽ فعل ۾ فرق هجي.

اسلام جي عالمن منافق جا ٻه قسم بيان ڪيا آهن: هڪڙو اهو منافق، جيڪو دل سان اسلام جي صداقت ۽ حقانيت جو قائل ناهي، پر ڪنهن مصلحت يا شرارت سببان اسلام جو ويس ڍڪي، مسلمانن ۽ اسلام ڀنهي کي نقصان پهچائڻ ٿو گهري، ان کي اعتقادي منافق چئبو آهي. ٻيو منافق اهو آهي، جيڪو جيتوڻيڪ سچيءَ دل سان اسلام قبول ڪري ٿو پر ڪن بشري ڪمزورين جي ڪري، اسلام جي عملي حڪمن تي هلڻ ۾ سستي يا ڪوتاهي ڪري ٿو ته ان کي عملي منافق چئبو آهي. پهرين قسم جو منافق ڪافرن کان به بدتر آهي، جڏهن ته ٻئي قسم جو منافق ايمان جو صاحب ضرور آهي، پر سندس تعليم ۽ سکيا اجان اڌوري ۽ ناقص آهي، جا ڪنهن استاد يا بزرگ جي فيض يا صحبت سان ڪيس حاصل ٿي سگهي ٿي.

منافق کي مذهب توڙي علم معاشرت ۾ خراب چيو ويو آهي ۽ منافقت کي انساني زندگي توڙي معاشري لاءِ سخت هاڃيڪار ڪوٺيو ويو آهي. ڇو

Marfat.com

تہ منافق جو ڪو بہ دين ۾ ايمان نہ هوندو آهي ۽ نہ ئي وري هو پنهنجي قوم جي ڀلائي لاءِ ڪو ڪم ڪندو آهي. پر هن کي تہ سڀ کان وڌيڪ پنهنجا مقاصد عزيز هوندا آهن ۽ انهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هو ڪنهن بہ مذهب يا ڪنهن بہ ڏر کي ڌوکو ڏيئي سگهي ٿو. انهي ڪري ئي منافق کي ظاهر ظهور دشمن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ سمجهيو ويندو آهي، ڇو تہ ظاهر ظهور دشمن اڳ ۾ ئي نظر ۾ هوندو آهي ۽ ان جي هر چال تي مکمل نظر هوندي آهي ۽ ان جي راءِ جو چڱي طرح سان جواب بہ ڏئي سگهجي ٿو پر ان دشمن جي حملي کان ڪهڙي طرح بچي سگهجي ٿو جيڪو هڪ لڪل دشمن هجي. اهڙي شخص جي حملي کان ڪهڙي طرح بہ نہ ٿو بچي سگهجي. ڇو تہ هو لڪي وار ڪندو آهي.

انهن ئي سببن جي ڪري الله تعاليٰ منافقن کي سخت عذاب جي خبر ڏني ٿو.

اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِى الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ (سورت النساء 145)

ترجمو: "بيشڪ منافق دوزخ جي سڀ کان هيٺين طبقي ۾ هوندا."

دوزخ جا ڪيترائي طبقا ٿيندا آهن ۽ گناهن جي قسم جي اعتبار سان انهن ۾ گنهگارن کي داخل ڪيو ويندو آهي جڏهن تہ منافق کي ان جي سڀ کان هيٺين درجي ۾ داخل ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ منافقت تمام وڏو گناهہ آهي.

مسلمانن جي خلاف منافقن جي سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ چال اها هوندي آهي، تہ هو دينداريءَ جي اوٽ ۾ مسلمانن کي پاڻ ۾ ويڙهائي وجن انهيءَ مقصد لاءِ هنن مديني ۾ مسجد نبوي جي مقابلي ۾ مسجد ضرار ٺاهي هئي، پر الله تعاليٰ جي حڪم سان اها مسجد ڊهرائي وئي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ:

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ۚ وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ

(سوره التحريم: 9)

ترجمو: "اي نبي ﷺ جنگ ڪر منڪرن سان ۽ دغا بازن سان ۽ سختي ڪر انهن تي ۽ انهن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي."

Marfat.com

منافقن کي ايذو تہ خراب چيو ويو آهي جو انهن لاءِ الله تعاليٰ خود فرمائي ٿو:

اِنۡ تَسۡتَغۡفِرۡ لَهُمۡ سَبۡعِيۡنَ مَرَّةً فَلَنۡ يَّغۡفِرَ اللّٰهُ لَهُمۡ (سورت توبہ80)

ترجمو: "اي نبي! اگر توهان ستر دفعا بہ انهن لاءِ دعاءِ مغفرت ڪيو تہ الله تعاليٰ انهن کي معاف نہ ڪندو."

منافقت هڪ تمام خراب عمل آهي، ان ڪري ئي ان جو عذاب سخت آهي. منافقت جي ايڏي وڏي سزا جا سبب آهن. جيڪي هيٺ بيان ڪجن ٿا:

1۔ منافقت سان هڪ اهڙو غير اعتباري معاشرو وجود ۾ اچي ٿو جتي خلوص جهڙن جذبن جي ڪا بہ اهميت نہ آهي. مفاد پرستي کي هٿي ملي ٿي ۽ هر شيءِ تان ويساه کڄي وڃي ٿو. ڇو تہ ڪنهن جو بہ ايمان سلامت نہ ٿو رهي، ان ڪري معاشري ۾ هڪ بي يقيني واري صورتحال جنم وٺي ٿي.

2۔ منافقت ڪرڻ معنيٰ ڪوڙ ڳالهائڻ آهي. منافق شخص ڪوڙو ٿيندو آهي ڇو تہ هن جو باطن هڪ ۽ ظاهر ٻيو هوندو آهي ۽ هو ڪوڙي ٻيوسي ظاهر ڪري، پنهنجي ناپاڪ ارادن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جڏهن تہ الله تعاليٰ ڪوڙ کي هڪ عظيم گناهہ ڪوٺيو آهي.

3۔ منافقت ڪرڻ جڻ ڪنهن کي ڌوکو ڏيڻ آهي. منافق هڪ شخص کي ڌوڪو ڏئي پنهنجون همدرديون ان سان ظاهر ڪندو آهي. جڏهن تہ حقيقت ان جي ابتڙ هوندي آهي ۽ هو انهيءَ شخص کي هميشہ انهي ڌوکي ۾ رکندو آهي تہ هو ئي ان جو سچو مددگار ۽ دوست آهي.

4۔ منافق ڪنهن جو بہ دوست نہ هوندو آهي.

منافق شخص ڪڏهن بہ اهو نہ چاهيندو تہ ڪنهن سان ڪا چڱائي ٿئي، ڇو تہ اها ڳالهہ هن جي فطرت ۾ شامل ئي نہ آهي تہ ڪنهن سان چڱائي ڪجي ۽ هو هميشہ ٻين جي تباهي و بربادي جا منصوبا ٺاهيندو رهندو آهي.

انهن سببن سان گڏ ٻين ڪيترن ئي سببن جي ڪري منافق کي هڪ روزني شخص ڪوٺيو ويو آهي. حضور ﷺ جن منافق جي باري ۾ فرمايو:

"تون قيامت جي ڏينهن بدترين شخص ان کي ڏسندين جو دنيا ۾ بہ

Marfat.com

ڇهرا رکندو هو ڪجهه ماڻهن سان هڪ ڇهري سان ملندو هو ته ڪجهه سان ٻئي ڇهري سان.“

قرآن مجيد جي سورت بقره ۾ يهودين سان گڏ منافقن جو به تمام گهڻو ذڪر آيو آهي ۽ تمام تفصيلي انداز ۾ انهن جي ارادن کان واقف ڪيو ويو آهي ته جڏهن هو ايمان وارن سان ملندا آهن. پاڻ کي انهن جو ساٿي چوندا آهن. وري جڏهن ڪافرن ۽ مشرڪن سان ويهندا آهن ته انهن کي اهو چئي مطمئن ڪندا آهن ته هو ته انهن (ڪافرن) سان گڏ آهن ۽ ايمان وارن سان ته رڳو مذاق (ٺٺوليون) پيا ڪن.

الله تعاليٰ انهن کي اسلام لاءِ سخت هاڃيڪار ۽ نقصان پهچائيندڙ ڪوٺيو آهي. انهيءَ ڪري ئي منافقت کي ڪفر کان وڌيڪ بدتر تسليم ڪيو ويندو آهي. جيترو اسلام کي منافقن نقصان پهچايو آهي، اوترو ڪنهن ٻئي اسلام کي نقصان نه پهچايو آهي، ڇو ته منافقت جي ڪم جي خبر مسلمانن کي تڏهن پوندي هئي جڏهن هو پنهنجو ڪم يا ته ختم ڪري چڪا هوندا هئا يا وري ختم ڪرڻ جي بلڪل آخري مرحلن ۾ هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته اڳواٽ خبر هوندي به مسلمان انهن کان بچڻ جو انتظام ڪري نه سگهندا هئا. ان جو سبب اهو آهي ته هو عام مسلمانن سان ايترو ته رلجي ملجي ويندا هئا جو انهن جي شناخت مشڪل ٿي پوندي هئي.

هڪ ڀيري نبي ڪريم ﷺ جن منافق جون نشانيون ٻڌائيندي فرمايو ته منافق جون چار نشانيون آهن:

1۔ جڏهن ڳالهائي ته ڪوڙ ڳالهائي.

2۔ جڏهن وعدو ڪري ته نه پاڙي

3۔ امانت ۾ خيانت ڪري

4۔ جڏهن جهيڙو ڪري ته گاريون ڏئي.

مسلمانن جي اتحاد واري طاقت به ختم ڪرڻ وارا اهي منافق آهن. انهن ظاهري طور تي دين اسلام ۾ داخل ٿي ڪري مسلمانن کي هڪ ٻئي خلاف ڀڙڪائي ۽ فرقه بندي جي شروعات ڪئي. اهڙي طرح مسلمان مسلمانن جو رت وهائڻ لڳا. مسلمان کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ڪمزور ڪرڻ لڳا. هو مسلمانن جي عسڪري صلاحيتن تي ايتري قدر قابض ٿي ويا

Marfat.com

جو بعض مرحلن تي انهن جي راءِ ورتي پئي. جنهن شخص جي منافقت اسلام کي سخت نقصان پهچايو اهو هو عبدالله بن سبا. هن اسلام صرف انهيءَ سبب جي ڪري قبول ڪيو ته جيئن مسلمانن جي وڌندڙ طاقت کي روڪي سگهي. هو بنيادي طور هڪ يهودي هو. هن اسلام جي خلاف تمام گهڻا ڪم ڪيا ۽ ڪنهن حد تائين ڪامياب به ويو ۽ مسلمانن جو الائي ڪيترو خون فقط هن جي چالاڪين جي ڪري ضايع ٿيو ۽ انهن جي اڀرندڙ طاقت کي هڪ ڪاپاري ڌڪ لڳو.

منافق جي مٿين سيني تشريحن سان گڏ ڪٿي قرآن يا حديث ۾ اهڙن مسلمانن کي پڻ منافق ڪوٺيو ويو آهي، جيڪي ڪن خاص برائين جا مرتڪب هجن. انهي جو مقصد هرگز اهو نه آهي ته اهي مسلمان نه آهن يا اسلام جي دائري مان خارج آهن پر ان جو مقصد اهو آهي ته اهي خصلتون منافق جون آهن. منافق جي باري ۾ حضور ﷺ جن فرمايو:

"دنيا ۾ جنهن جا ٻه رخ هوندا، قيامت جي ڏينهن ان جي وات ۾ باهه جون ٻه زبانون هونديون."

قرآن مجيد جي سورت بقره ۾ منافقت جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته:

وَ اِذَا لَقُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَالُوْٓا اٰمَنَّا ۚ وَ اِذَا خَلَوْا اِلٰى شَيٰطِيْنِهِمْ ۙ قَالُوْٓا اِنَّا مَعَكُمْ ۙ اِنَّمَا نَحْنُ مُسْتَهْزِءُوْنَ ۝ اَللّٰهُ يَسْتَهْزِئُ بِهِمْ وَ يَمُدُّهُمْ فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ۝

ترجمو: "۽ جڏهن ملن ٿا انهن شخصن سان جن ايمان آندو چون ٿا ته ايمان آندو آهي اسان به. ۽ جڏهن اڪيلا ٿين ٿا طرف شيطان پنهنجي، چون ٿا بيشڪ اسين گڏ آهيون اوهان سان. مسخريون ڪريون ٿا. الله تعاليٰ مسخريءَ جي سزا ڏي ٿو انهن کي ۽ وڌائي ٿو انهن منجهه سرڪشي اهي عقل جا انڌا آهن."

اسلام ۾ منافقن کي ايتري حد تائين خراب چيو ويو آهي جو انهن جي قبر تي دعا پڙهڻ به گناهه آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَ لَا تُصَلِّ عَلٰٓى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا وَّ لَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ وَ مَاتُوْا وَ هُمْ فٰسِقُوْنَ ۝

ترجمو: "اوهان مريل (منافقن) مان ڪنهن هڪ جي به ڪڏهن نماز (جنازه) نه پڙهو ۽ نه وري ان جي قبر تي بيهو. بيشڪ هي

Marfat.com

اهي ماڻهو آهن جن الله ۽ ان جي رسول جو انڪار ڪيو ۽ گناهگار ٿيا.“

انهن سڀني ڳالهين مان اسان کي خبر پئي ته منافقت کي اسلام ۾ تمام خراب تو سمجهيو ويو ۽ منافق سان سڀ نفرت ٿا ڪن ۽ هن کي معاشري ۾ خراب حيثيت سان ڏٺو ٿو وڃي. تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته منافقن کي قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪريون. اگر اسين سڀ ملي جلي اهو ڪم ڪنداسين ته اسان جو معاشرو منافقت جي ناسور کان بچي ويندو. جيئن ته اسان مسلمان آهيون ۽ اسان جو دين اسلام آهي ۽ اسلام اسان کي براين، ڪڌن ڪمن ۽ منافقت کان پڻ روڪي ٿو. اسان کي اهو به گهرجي ته حضور ﷺ جن جي ڏسيل طريقي تي عمل ڪريون اسان سچا مومن ۽ سچا مسلمان تڏهن ٿي ٿا سگهون جڏهن اسين قرآن شريف ۽ حضور ﷺ جن جي ٻڌايل رستي تي هلنداسين. اسان سڀني کي پاڻ ۾ پيار، محبت، امن، ڀائيچارو ۽ درگذر وارو هڪ اسلامي معاشرو قائم ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ نه حسد، نه بغض، نه ڪينو نه ڪدورت، نه نفاق ۽ نه ئي ساڙ هجي. جيڪڏهن اسان جي معاشري ۾ اهڙيون تباهه و برباد ڪندڙ خاميون نه هونديون ته اسين هڪ اتحاد ۽ ٻڌي وارو معاشرو ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين. (آمين)

## مددي ڪتاب


1_ سيرت النبي

2_ صحيح بخاري

3_ صحيح مسلم.


❊❊❊

Marfat.com

# اصلاح اعمال

ڪيڊٽ غلام عباس جوڻيجو/ ڪلاس ڏهون

زندگي ۾ عمل جي وڏي اهميت آهي، عمل کان سواءِ زندگي جو تصور ئي ناممڪن آهي. زندگي حرڪت ۽ عمل جو ٻيو نالو آهي. بي عملي ۽ سڪون جو ٻيو نالو آهي موت. عمل ئي اها شي آهي جنهن سان زندگي ٺهندي ۽ ڊهندي آهي. جنت بہ عمل سان ملندي آهي تہ جهنم بہ. عمل نہ هجي تہ زنده رهڻ اجايو ۽ فضول آهي. بي عملي انسان کي سست، ڪاهل ۽ بيڪار بنائي ٿي. جڏهن تہ عمل انسان کي مستعد، معتمد ۽ معزز بڻائي ٿو. اعمال ٻن قسمن جا ٿيندا آهن، سنا ۽ ٻيا خراب. اللهؑ تعاليٰ پنهنجي آخري آسماني ڪتاب جي ذريعي خير ۽ شر، نيڪ ۽ بد ۽ سنائي ۽ خرابي جا معيار قائم ڪيا آهن. ڀڇڙائي ۽ خير جي وچ ۾ تمام گهڻو فاصلو رکيو ويو آهي. اهي سڀ ڪم جيڪي ٻين انسان کي انسان بنائن ٿا ۽ سڀ ڪم جيڪي ٻين کي راحت ۽ آرام جو سامان پهچائين ٿا ۽ خالق و مخلوق جو رشتو مضبوط ڪن ٿا ۽ دنيا ۾ امن ۽ صلح ڦهلائن ٿا اهڙا سڀ عمل خير جا آهن.

ان جي ابتڙ اهي سڀ ڪم جيڪي دنيا جي امن کي ڇيهو رسائين ۽ خالق ۽ مخلوق جي رشتي کي ٽوڙين ۽ جيڪي معاشري ۾ فساد ڦهلائن اهڙا سڀ عمل ڀڇڙا آهن.

قران مجيد جيڪي خير ۽ شر، نيڪي ۽ بدي جا معيار ٻڌايا آهن، اهي سڀ حرف آخر آهن ۽ سڄي دنيا جي لاءِ قابل قبول آهن. اسلام جي تعليم ابدي ۽ دائمي آهي. اسلام جن شين کي خراب چيو آهي، اهي خراب آهن ۽ جن کي صحيح چيو آهي اهي صحيح آهي. حق جي راه تي هلڻ لاءِ قرآن هڪ اهڙو ڪتاب آهي جيڪو صحيح رستو ڏيکاري ٿو ۽ اهو اسان وٽ هر

Marfat.com

وقت موجود آهي. قرآن پاڪ اسان کي ٻڌائي ٿو ته اسان پنهنجي زندگي جو حساب پاڻ ڪريون ۽ اهو غور ڪريون ته اسين جيڪا زندگي گذاريون پيا ۽ جيڪي عمل ڪيون ٿا اهي صحيح آهن يا نه؛ نيڪ آهن يا بد. اسان جا اعمال اسان کي راه حق ۽ صراط مستقيم تي هلائي ٿا ڇڏن يا اسان غلط رستن تي هلي ويندا آهيون ۽ ڀٽڪي رهيا آهيون. الله تعاليٰ انسان کي عقل ڏنو آهي ۽ عقل ان لاءِ آهي ته اسان غلط ۽ صحيح کي سڃاڻون ۽ انهن مان ڪنهن هڪ کي پنهنجي لاءِ چونڊيون

هڪ حديث شريف آهي ته:

"الكيس من دان نفسه وعمل لما بعد الموت والعاجز من اتبع نفسه هوا ها وتمنىٰ على الله الاماني"

ترجمو " عقل مند ۽ داناءُ اهو آهي جيڪو پاڻ پنهنجي عملن جو حساب لڳائي ۽ جڏهن به ڪو عمل ڪري ته اهو ڏيان ۾ رکي ته موت کان پوءِ ڪو وقت اچڻو آهي. بيوقوف اهي آهن جيڪي نفس کي پنهنجي خواهشن جي پويان لڳائي ڇڏين ۽ الله کان ڪيتريون ئي اميدون رکي ويهن "

انسان جو نفس ۽ دل خواهشات جو مرڪز آهي انهن دلي آرزوئن تي فڪر ۽ عقل سان ضابطو آڻجي به عقل کي اهو فيصلو ڪرڻ گهرجي ته برائي ڇا آهي ۽ ڀلائي ڇا آهي. جيڪڏهن انسان اهو فرق نه ٿو ڪري سگهي ته پوءِ انسان ۽ حيوان جو فرق متجي وڃي ٿو. جيڪڏهن انسان سلامتي جي رستي کان هٽي ويو ۽ اهو نفس جو غلام ٿي پوندو ته نفس جي غلام کي انسان سڏائڻ جو ڪو حق ناهي.

اسان کي اهو عهد ڪرڻ گهرجي ته دنيا ۾ انسان ٿي رهنداسين ۽ سٺا اعمال ڪنداسين. دنيا کي امن جو مرڪز بڻا ئينداسين. الله تعاليٰ جي طرفان موڪليل هدايت يعني قرآني قانون نافذ ڪنداسين ۽ اسان پنهنجي رهنمائي حضرت محمد ﷺ جن جي تعليم مان وٺنداسين.

❊❊❊

Marfat.com

# علم جي روشني

ڪيڊٽ سنجي ڪمار/ڪلاس نائون

الله تعاليٰ انسان کي ان ڪري پيدا ڪيو آهي تہ هو هن ڌرتيءَ تي الله تعاليٰ جي عطا ڪيل نعمتن کي ڏسي انهن مان لاڀ پرائي سگهي ۽ انهن مان انهن جي خالق جي سونهن، قدرت ۽ حڪمت جو اندازو ڪري ۽ ان کي هڪ سمجهي . ان کي ڪنهن سان بہ شريڪ نہ ڪري ۽ ان جي سچي دل سان هيڪڙائيءَ کي ظاهر ڪري، ڇاڪاڻ تہ الله هڪ آهي ۽ اهو سڀ کان الڳ آهي ۽ جنهن بہ ان کي ٻئي ڪنهن سان شريڪ ڪيو اهو مشرڪ ٿي ويندو. معنيٰ تہ اهو رستي تان ڀٽڪي ويندو.

اسان جي زندگيءَ ۾ علم کي وڏي اهميت حاصل آهي ۽ علم کان سواءِ اسين ترقي نہ ٿا ڪري سگهون، نہ ئي پنهنجي ملڪ کي ڪو فائدو رسائي سگهون ٿا. اسان لاءِ علم حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي. سرورِڪائنات حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ "علم حاصل ڪرڻ مرد توڙي عورت تي فرض آهي" علم روشني آهي ۽ جهالت اونداهي. جهالت جي اونداهي کي ختم ڪرڻ لاءِ صرف علم حاصل ڪرڻ گهرجي.

حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ: "علم حاصل ڪريو پينگهي کان قبر تائين!" ۽ اهو بہ چيائون: "علم حاصل ڪريو پلي ان لاءِ توهان کي چين ڇو نہ وڃڻو پوي"

حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ: "آءٌ علم جو شهر آهيان ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه. ان جو دروازو آهي. اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن ﷺ سڄي زندگي علم سيکارڻ ۾ گذاري.

چيو ويندو آهي تہ علم انسان جي ٽين اک آهي. مطلب تہ جنهن کي

Marfat.com

علم ناهي، اهو انڌو آهي. علم انسان کي برن ڪمن کان روڪيندو آهي ۽ چڱن ڪمن ڏانهن ڇڪيندو آهي. علم انسان ۽ حيوان ۾ فرق پيدا ڪندو آهي. هي سائنسدان، ڊاڪٽر، انجنيئر اهي سڀ علم جي ڪري ان منزل تي پهتا ۽ انهن ترقي ڪئي. علم انسان جي زندگيءَ کي سنواريندڙ آهي ۽ انهن کي پنهنجي منزل تي پهچائيندو آهي.

علم انسان جي زندگيءَ کي ڏاهيندو آهي ۽ ان کي سڌي راهه ڏيکاريندو آهي. علم انسان کي ان منزل ياموڙ تي وٺي ويندو آهي، جنهن جي باري ۾ ان سوچيو به نه هو. علم واري ۽ جاهل جي ملڻ سان ئي خبر پئجي ويندي آهي ته ڪهڙو علم وارو آهي ۽ ڪهڙو جاهل. جن ماڻهن ۾ علم جو چراغ روشن ناهي هوندو. اتان جا ماڻهو حيوانن وانگر رهندا آهن ۽ انهن کي ڳالهائڻ، کائڻ ۽ پيئڻ جو طريقو ئي نه ايندو آهي. علم امن جو درس ڏئي ٿو ۽ انسانن جي وچ ۾ محبت ۽ همدرديءَ جو جذبو پيدا ڪندو آهي.

علم هڪ اهڙي روشني آهي، جنهن سان انسان پنهنجي زندگي سک سان گذاري ٿو. علم سان ئي انسان ترقي ڪئي آهي. علم سان ئي انسان چنڊ ۽ مشتري تي پهتو آهي. علم سان ئي انسان ۾ اخلاق آيو آهي ۽ انسان بُري ڀلي جي باري ۾ سوچڻ لڳو آهي. علم سان ئي انسان عزت حاصل ڪئي آهي ۽ آخر ۾ علم سان ئي انسان پنهنجي ڏکين ڪمن کي آسان ڪيو آهي.

علم انسان ۾ زندگيءَ جو شعور پيدا ڪري ٿو. جڏهن به ڪنهن انسان کي ڪا مشڪل ٿئي ٿي ته اهو پنهنجي سڀ کان وڏي هٿيار يعني علم جو استعمال ڪري ٿو. معنيٰ ته علم انسان جو هڪ وڏو هٿيار آهي.

جيڪڏهن ان مطابق علم کي حاصل ڪنداسين ته اها ڪڏهن به ختم نه ٿيندي اهائي طاقت جيڪا ترقي جون راهون منزلون ڏيکاري ٿي علم انسان جي ضمير ۾ سگهه ۽ جان پيدا ڪري ٿو. ان مان اهو ثابت ٿيو ته علم جي وڏي اهميت آهي. اسان سڀني کي علم حاصل ڪرڻ جي جاکوڙ ڪرڻ گهرجي ۽ پاڻ به علم سکجي ۽ ٻين کي به سيکارجي.

❊❊❊

Marfat.com

# اخلاق حسنہ

کيڊٽ محراب علي مهر/ ڪلاس نائون

اخلاق خُلق جو جمع آهي، هي عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جو تعبير لڇڻ، گڻ ۽ چڱيءَ عادت سان ڪري سگهجي ٿو. اڄڪلهه جي محاوري ۾ بداخلاق ان کي چئجي ٿو جيڪو شائستہ نہ هجي يا منجهس تهذيب نہ هجي.

دنيا جي هر مذهب، حسنِ اخلاق جو درس ڏنو آهي. انسان ۽ جانور ۾ فرق رڳو اهو ئي آهي تہ انسان باشعور، مهذ ب ۽ اخلاق حميده جو پيڪر آهي ۽ جانور ناشائستہ ۽ بي شعور. تنهن ڪري ئي انسان کي اشرف المخلوقات جو شرف بخشيل آهي.

اسلام ۾ اخلاقي تعليم تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي، حديث شريف ۾ وري وري تاڪيد ڪيل آهي تہ "سٺا اخلاق ئي ايمان جو جز آهن" يا "پنهنجي گهر جي ڀاتين سان سٺي اخلاق سان پيش اچڻ وارو رب العزت وٽ مقبول آهي" مطلب تہ هر هنڌ اخلاق حسنہ، محبت ۽ پيار جو درس ڏنل آهي.

سهڻي روش انسان کي نيڪ نام بڻائي ٿي. اهڙي قسم جو انسان نہ صرف پنهنجي عاقبت جو سڌارو ڪري ٿو پر هن دنيا ۾ سڀ ڪنهن وٽان عزت حاصل ڪري ٿو. اهي لڇڻ ئي هوندا آهن، جيڪي انسان کي اُس ۾ بہ ويهاريندا آهن تہ ڇانوَ ۾ بہ! تنهن ڪري انسان جو معراج انهيءَ ۾ آهي تہ هو اعليٰ اخلاق جو مجسم هجي. ڪوڙ، گِلا، غيبت، چوري، حرام مال کائڻ، فساد، جهيڙي، ٻئي جي حق تلفي، جوا، نشي ۽ ٻين برائين ۽ خراب عادتن کان پري هجي- ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ بدخصلتون، بداخلاق بڻائين ٿيون ۽ انسان جي اصلي مان مرتبي جي تباهيءَ ۽ زوال جو سبب بڻجن ٿيون.

Marfat.com

سيني سان ڏک سک ۾ ساڻ هجڻ ۽ همدردي ڪرڻ، سخا، مروت، ايثار، نندي وڏي، غريب توڙي امير سان سهڻو سلوڪ رکڻ سان انسان عظيم مرتبو ماڻي ٿو ۽ دين توڙي دنيا ۾ سوڀارو ۽ سرخرو ٿئي ٿو. اهڙا اعليٰ اوصاف انسان ئي حقيقت ۾ پيدائش آدم عليه السلام جو مول ۽ مقصد آهن. بهتر اخلاق جو مطلب آهي ته انسان بين انسانن سان سهڻو ورتاءُ ڪري ماءُ، پيءُ، عزيزن، مائٽن، محلي وارن ۽ عام ماڻهن جي عزت ۽ احترام ڪري، وڏن جي عزت ۽ احترام جو خيال ڪري، واعدو پاڙي ۽ ڪنهن کي به نقصان نه پهچائي. مطلب ته هر چڱو ڪم ڪري جنهن سان الله تعاليٰ ۽ رسول الله ﷺ جن جي خوشنودي حاصل ٿئي ۽ معاشري ۾ عزت ۽ مانُ ملي.

❊❊❊

Marfat.com

# مذهبي انتها پسنديءَ جا
# هاڃيڪار اثر

ڪيڊٽ امداد علي سومرو/ ڪلاس ٻارهون

انسان جي اها فطرت رهي آهي تہ هو هميشہ پاڻ کان وڌيڪ طاقتور اڳيان جهڪيو آهي. پوءِ ڪڏهن سج کي پاڻ کان وڌيڪ سگهارو ڏسي ان جي عبادت ڪيائين، تہ ڪڏهن چنڊ کي روشن ڏسي ان کي خدا مڃيائين. ڪڏهن ڪنهن جانور کي پاڻ کان طاقتور ڏسي ان جي اڳيان ڪنڌ جهڪايائين، تہ ڪڏهن وڻ کي پوڄيائين. ڪڏهن درياهہ جي اڳيان جهڪيو تہ ڪڏهن سمنڊ کي سجدا ڪيائين. مطلب تہ پاڻ کان وڏي طاقت کي خدا سمجهڻ جو رواج هلندو رهيو ۽ اهو ئي سبب آهي جو دنيا ۾ مختلف مذهبن جنم ورتو ۽ انسانن کي سڌو رستو ڏيکارڻ لاءِ الله پنهنجا پيارا ٻانها، پيغمبرن جي صورت ۾ موڪليا، جن اچي ماڻهن کي هڪ مالڪ جي عبادت ڪرڻ جو درس ڏنو ۽ ان هڪ الله تعاليٰ کي ڪُل ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ سڏڻ جو تاڪيد ڪيائون.

انسانن کي سڌارڻ جي سلسلي ۾ الله تعاليٰ هڪ لک چوويهہ هزار پيغمبر موڪليا ۽ انهن سڀني اهو ئي سبق ڏنو تہ الله هڪ آهي ۽ ان کانسواءِ ٻيو ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي. ڪيس سڄي ڪائنات جو اقتدار حاصل آهي ۽ اهو اڪيلو ۽ لاثاني آهي.

دنيا ۾ جيڪي بہ مذهب رواج ۾ آهن، سي سڀ محبت جو درس ڏين ٿا. پوءِ اهو ٻڌمت هجي يا هندو ڌرم، عيسائيت هجي يا يهوديت، مجوسيت هجي يا اسلام، سڀ انسان ذات سان سهٽي سلوڪ جو سبق ڏين ٿا ۽ خود پرستيءَ کان روڪين ٿا.

Marfat.com

اڄ جي دور ۾ انسان مذهبي رواداري ۽ محبتن کي ڇڏي، پاڻ چمڪائڻ ۽ مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ مذهب جي آڙ ۾ اهڙا تہ ڪڏا ڪم ڪري رهيا آهن، جيڪي نہ فقط سندن ذات کي، پر سندن واسطيدار مذهب کي بہ داغدار بڻائين ٿا ۽ اهي نوجوان پوئلڳن کي غلط تعليم ڏين ٿا.

اهڙن ماڻهن کي جيڪي مذهب جي دائري کي سوڙهو ڪن ٿا ۽ پاڻ کي دين جو ٺيڪيدار سمجهن ٿا، تن کي انتها پسند چئبو آهي.

اهي انتها پسند پنهنجي مذهب ۽ پنهنجي نالي ڪانسواءِ ٻين سيني انسانن ۽ مذهبن کي هيڻانهون سمجهن ٿا. ٻين کي هيڻانهون رکڻ جي سازش ۾ دين جو غلط استعمال ڪن ٿا. جنهن جي نتيجي ۾ قوم، ملڪ ۽ مذهب کي تمام گهڻا نقصان رسن ٿا.

***

Marfat.com

# عزم صميم

*آيت الله جعفر سبحاني*/ ترجمو: نذير احمد لنجواڻي

انسان وٽ بين حيوانات وانگر آزادي جي طاقت بہ ٿيندي آهي، بين حيوانات جو ارادو انهن جي حيواني جبلت جي هٿ هوندو آهي جڏهن تہ انساني ارادي کي عقل جي هٿ ۾ هجڻ گهرجي.

پختي ارادي تي گفتگو ڪرڻ مان مراد هرگز اها نہ آهي تہ اسين ارادي جون واڳون نفساني خواهشن جي هٿ ۾ ڏئي هر ڪم حيواني فطرت مطابق سرانجام ڏيون. ڇاڪاڻ تہ اهڙي صورتحال ۾ انسان جي حيثيت هڪ حيوان کان برتر نہ رهندي اهڙي صورت ۾ اسين پنهنجي منزلت وڃائي ويهنداسين. هٿ اسان جو مقصد هي آهي تہ فائدي ۽ نقصان تي مڪمل غور و فڪر ۽ تشخيص ڪرڻ بعد اگر عقل پسند ڪري تہ پوءِ ان مطابق ارادو ڪرڻ گهرجي ۽ ان تي پختگيءَ سان قائم رهڻ گهرجي. اسان کي اهو بہ ڄاڻڻ گهرجي تہ هر ڪم ۾ جنهن حد تائين مشڪل ۽ سختي ٿيندي آهي، تنهن حد تائين اسان کي پنهنجي ارادي ۾ پختگي ۽ طاقت جي ضرورت پوندي آهي، ڪاميابيءَ جو راز پختو ارادو آهي، جيڪو مشڪلاتن کي پنهنجي رستي تان هٽائي ڇڏيندو آهي.

مضبوط ارادي وارا ماڻهو هميشہ هر طبقي ۾ احترام جي نظر سان ڏٺا ويندا آهن ۽ ٻيو ڪو بہ سندن ڪجهہ بگاڙي نہ سگهندو، ڪمزور ارادي جا مالڪ هميشہ رولو ڪتن وانگر ڪاهل ٿيندا آهن. جنهن تي دشمن ترت غالب اچي ويجي ٿو. تردد ۽ تذبذب ڪاميابيءَ لاءِ هڪ بلا مثل آهن ۽ اخلاقي ڪمزوري جا واضح دليل آهن. تذبذب، هوش ۽ اعليٰ ذهانت تي ڪاري ضرب لڳائيندو آهي. سڪندر اعظم ڇيو هو تہ " منهنجي

Marfat.com

ڪاميابيءَ جو راز منهنجو پختو ارادو آهي، جو فيصلو ڪرڻ ڪان پوءِ ان تي سوچڻ مونکي پسند نہ آهي.

تيمور لنگ، نپولين ۽ نادر شاه، دنيا جا مڃيل فوجي اڳواڻ هئا. اهي شخص دير سان فيصلو ڪندا هئا، پر جڏهن فيصلو ڪري ڇڏيندا هئا تہ ان تان ڦرندا نہ هئا. پختو ارادو رکڻ وارو شخص ڊيوٽيءَ تي موجود ان فوجي مثل آهي، جنهن کي هميشہ تيار رهڻ جو حڪم صادر ٿيل هجي. اهڙو شخص حالات سان مهاڏو اٽڪائي ٿو ۽ مشڪلات ان جي رستي جي رڪاوٽ نہ ٿي بڻجي. منزل ڏانهن رسائي تائين سختيون ان جي نظر ۾ ممڪن شئي کي نا ممڪن نٿيون ڪري سگهن. گوئٽي چيو هو تہ:

" پختي ارادي رکڻ وارو شخص دنيا کي پنهنجي مرضي مطابق تبديل ڪري سگهي ٿو"

جنگ قادسيہ ۾ ايراني فوج جي سپہ سالار رستم فرخ زاد مسلمانن جي سپہ سالار کان مسلمانن جو هڪ نمائندو طلب ڪيو. مسلمانن جي سپہ سالار سعد بن ابي وقاص، ربيع بن عامر کي پنهنجو نمائندو بڻائي موڪليو. عرب جي صحرا نشين شخص جي پختي ارادي رستم کي مبهوت ۽ مرعوب ڪري ڇڏيو. جڏهن هو رستم جي دربار ۾ داخل ٿيو هن ڏٺو تہ رستم سوني تخت تي ويٺو آهي ۽ سندس دربار ۾ اعليٰ قالين وڇايل آهن، جنهن تي سون جي تندن سان پريل وهاڻا رکيل هئا.

جڏهن هو رستم جي دربار جي قريب پهتو تہ هو گهوڙي تي ئي ويٺو رهيو ۽ رستم جي اصطبل ۾ داخل ٿيو ملازمن کيس ان حالت ۾ وارد ٿيڻ کان روڪڻ چاهيو مگر هن چيو:

"توهان مسلمانن کان هڪ نمائندو طلب ڪيو هو. آءٌ مسلمانن جي نمائندي جي حيثيت سان آيو آهيان، اگر اوهان نہ ٿا چاهيو تہ آءٌ واپس موٽي ويندس". پوءِ انتهائي وقار ۽ اطمينان سان ننڍا قدم پريندو هو رستم جي تخت تائين پهتو قالين تان گهمندو اڳتي وڌيو، مٿيءَ تي ويجي ويٺو ۽ چيائين تہ:

"اسان کي انهن زيورن جي عادت نہ آهي"

رستم جي ترجمان کائنس پڇيو تہ "مسلمان فوج حملو ڇو ڪيو هو؟"

Marfat.com

هن جواب ۾ چيو تہ :

"خداوند تعاليٰ اسان تي اها ذميواري لازم ڪئي آهي تہ اسين خدا جي بندن کي دنيا جي ستم ۽ ٻين مذهبن جي خرابين کان نجات ڏياريون ۽ انهن کي اسلامي قوانين قبول ڪرڻ جي ترغيب ڏيون. جيڪڏهن انهن اسان جي ڳالهہ کي قبول ڪيو تہ انهن سان ڪنهن قسم جي دشمني نہ هوندي ٻي صورت ۾ اسين انهن سان جنگ ڪنداسين. خواه اسين قتل ڪيون يا قتل ٿي وڃون. هر صورت ۾ اسين بهشت ۾ ويندا سين" مسلمانن جي نمائندي جي پختي ارادي ۽ سختيءَ کي ڏسي رستم مبهوت ٿي ويو ۽ چيائين:

" اسان کي مهلت ڏيو تہ اسين پنهنجي بزرگن سان خط و ڪتابت ڪيون ۽ مشورو وٺون"

مسلمانن جي نمائندي چيو:

"اسين ٽن ڏينهن تائين مهلت ڏئي سگهون ٿا. ان کان وڌيڪ تاخير درست نہ آهي"

رستو وراڻيو " معلوم ٿو ٿئي تہ تون ئي سپهہ سالار آهين. جو اسان ساڻ معاهدي ڪرڻ جي جرئت رکين ٿو".

"هن چيو تہ نہ آءٌ مسلمانن مان هڪ فرد آهيان البتہ تمام مسلمان هڪ ئي جسم جي عضون وانگر آهن. اگر انهن مان هڪ امان ڏئي ٿو تہ ٻين تي لازم آهي تہ هوان امان کي تسليم ڪن"

*( تاريخ ڪامل ابن اثير، جلد2، صفحہ 220)*

حضرت علي عليہ السلام پنهنجي فرزند کي پختي ارادي جو حڪم ڏين ٿا.

جنگ جمل. جيڪا حضرت علي عليہ السلام ۽ معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪندڙن جي وچ ۾ ٿي، ان جنگ ۾ حملو ڪرڻ لاءِ حضرت علي عليہ السلام پرچم پنهنجي عزيز فرزند محمد حنفيہ کي ڏنو ۽ سندس ارادي کي قوي ڪرڻ خاطر چند جملا فرمايا. انهن فرمايو " اگرچہ بصره جي چوطرف پهاڙ پنهنجي جڳهہ کان هٽي وڃن پر تون پنهنجي جاءِ تان پسپا نہ ٿجانءِ. لشڪر جي آخري صفن تائين نظر رکجانءِ. پنهنجي اک هر قسم جي پريشاني کي ڏسڻ کان بند ڪري ڇڏجانءِ ۽ پنهنجي پختي ارادي جي

Marfat.com

ڪمزور ارادي وارو شخص نہ صرف مفيد فرحتن مان استفادو نہ تہ حاصل ڪري سگهي بلڪ اهڙو شخص هميشہ ٻين جي ڪم ۾ رڪاوٽ بڻجندو آهي ۽ پنهنجي باطني طاقت کي ڪم نہ ڪرڻ ۽ رڪاوٽون ايجاد ڪرڻ ۾ ضايع ڪري ڇڏي ٿو. ارادي کي مضبوط ڪرڻ جو هڪ باعث ڪم ۽ هدف سان عشق ۽ ڪم سان شوق آهي. سڀ کان پهريان تہ انسان کي اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ هو پنهنجي ڪم ۾ دلچسپي ۽ شوق پيدا ڪري نند هجي يا سجاڳي ، هر حال ۾ ڪم جوئي خواب ڏسي، ايسيتائين جو ان جو فڪر خود بخود هر وقت ڪم جي طرف مائل ٿيڻ لڳي. اهرام مصر، ڪسري جو محل، شاندار عمارتون ۽ ڪيترن ئي جلدن تي مشتمل ڪتاب مضبوط ارادن رکڻ وارن جا ئي آثار آهن.

روس ۽ آمريڪا جي ماڻهن جي خلابازي انهنجي مضبوط ارادن جي ڪري اوج تي آهي. بي ارادي شخص ان ڪاغذ جي مثل آهي، جيڪو سمنڊ جي سطح تي تري رهيو هجي ۽ ان کي پنهنجي ڪا طاقت نہ هجي پر پختي ارادي رکڻ وارا ماڻهو انهن ماهر ٻوڙين مثل هوندا آهن جيڪي پنهنجي ارادي ۽ بدن جي حرڪت جنهن طرف چاهين پاڻي کي چيريندا اڳتي وڌندي ويندا آهن.

نيپولين چوندو هو تہ " نہ ٿي سگهندو" جو لفظ پنهنجي زندگيءَ جي لغت مان خارج ڪرڻ گهرجي " نہ ٿي سگهندو " ۽ "مان نہ ڪري سگهندس" ۽ " مان نہ ٿو ڄاڻان " جهڙيون ڳالهيون ٻڌندي هو ڏاڍو ناراض ٿيندو هو ۽ چوندو هو: "اوهان چاهيو تہ ٿي ويندو" اڄڪلهہ ڪيترين ئي بيمارين جو علاج ارادي کي تقويت ڏئي ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪيتريون ئي مشڪلاتون ارادي جي طاقت اڳيان بي وس ٿيو پون. بقول حافظ شيرازي:

در ره منزل ليليٰ ڪہ خطر هاست بسي،
شرطِ اول قدم آنست ڪہ مجنون باشي ،

( ليليٰ جي گهر ڏانهن رستي ۾ ڪيترائي خطرا آهن پهريون قدم اڳتي وڌائڻ لاءِ شرط هي آهي تہ توکي مجنون ٿيڻ گهرجي )

***

Marfat.com

Marfat.com



8293

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

Marfat.com